# ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار

سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو



سنڌي ادبي بورڊ

# ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار


مصنف:

ڊاڪٽر احمد حسن داني

سنڌيڪار:

عطا محمد ڀنڀرو



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2004ع

چاپو پهريون آڪٽوبر 2004ع تعداد 1000

[هن ڪتاب جا جملي حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

قيمت: ٻه سؤ سٺ روپيا
[Price: Rs. 260-00]
US $: 20

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 0221-633679)
Email Address: sindhiab@yahoo.com

Title Cover by: Mr. Abdul Hafeez Uqailee Qurshi

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

**هوئنئن** ته سنڌ جي هر ڪُنڊ ۾ ڪُڙڇ لازوال يادگارن، داستانن، آثارن ۾ اُهڃاڻن سان ڀريل آهي، پر نئين ۾ خاص ڪري مڪليءَ کي سيني ۾ هڪ امتيازي حيثيت حاصل آهي. چوڏنهن چورس ميلن تي پکڙيل هيءُ عظيم تاريخي ماڳ بظاهر ته مقبرن ۾ مدفن جو مجموعو نظر اچي ٿو، پر اصل ۾ اهو مقام آزاد سنڌ جي اقتدارِ اعليٰ، فن و هنر، شاندار مهمن ۾ عظيم حاصلات جو هڪ اهڙو اُهڃاڻ آهي، جيڪو ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، اڪابرن، محققن ۾ جاڪوڙين کي حيرتن جا جزيرا آڇيندي نظر اچي ٿو. مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي موجود هر سرَ، هر پٿر، هر نقش ۾ هر محراب ڏسندڙ کي پاڻ ڏي متوجه ڪري، ماضيءَ جي شاندار سنڌ جي فرياد سُڻائيندي، ڪيس دعوت ڏئي ٿو ته موجوده سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪهڙي "عهدِوفا" جي تجديد جي ضرورت آهي ۾ مستقبل جي سنڌ بابت ڪهڙي قسم جا خواب اُٿي سگهجن ٿا.

مُلڪ جي مشهور دانشور ۾ محقق ڊاڪٽر احمد حسين داني صاحب جو اصل انگريزيءَ ۾ لکيل هيءُ ڪتاب Islamic Architecture of Thatta انهيءَ ڏس ۾ هڪ اهڙي علامت آهي، جنهن کي پڙهندي مڪليءَ تي موجود فن ۾ حقيقتن جي حُسن کي نهايت تفصيل ۾ آسانيءَ سان پسي سگهجي ٿو. لائق مصنف قديم آثارن جي سائنس ۾ وضع ڪيل اصولن مطابق تقريبن هر مقبري ۾ جاءِ جي تاريخي، سياسي، فني ۾ سماجي حوالن سان اهميت واضح ڪندي، اُن جي ذري پُرزي جي پيمائش ڪري پڙهندڙن لاءِ هڪ ڪتاب ۾ جاڻ جو ايترو ته وسيع ۾ شاندار خزانو ڪنو ڪيو آهي، جو مڪليءَ جي ماڳ کان هزارين ميل پري هوندي به وڏي حدتائين اُن جي اهميت جو اندازو ٿي وڃي ٿو.

داني صاحب پنهنجي هن محنت طلب شاهڪار ۾ مڪليءَ جي آثارن جو تذڪرو ڪندي هڪ طرف ڪئين صدين تي ڦهليل ننڍي کنڊ جي قديم آثارن جو مختصر جائزو ورتو آهي، ته ٻئي پاسي انهيءَ کنڊ ۾ موجود مختلف قومن جي ورثن، ثقافتن ۾ فني عظمتن جو ضمني ذڪر ڪندي، مڪليءَ جي آثارن کي مڙني ۾ ممتاز ڄڻائي، ان کي دنيا جي مڙني قومن لاءِ "فخر جوڳي ورثي" جو درجو ڏياري ڇڏيو آهي. ڪتاب پڙهندي محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ته عزتمآب مصنف جي اندر ۾ هڪ داستان گو، دانشور، جاڪوڙي، نقاد ۾ ذميوار سماجي سائنسدان سميت ڪئين آتمائون وجود رکن ٿيون. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته هيءَ ڪشت ڪندي ڊاڪٽر داني صاحب سنڌ سان محبت ۾ اُڪير جو هڪ قدر جوڳو ثبوت فراهم ڪري ڇڏيو آهي.

مهربان مصنف جي انهيءَ عرق ريزيءَ جو انتهائي عقيدت سان قدر ڪندي، سائين عطا محمد ڀنڀري صاحب پڻ پنهنجي پتيءَ جو پورهيو ڪرڻ ۾ پير پوئتي ناهي وڌو. هُن صاحب هڪ سمجهدار سنڌيڪار طور نه رڳو ليکڪ جي بنيادي خيال، مشاهدي ۾ تجزيي کي چڱي طرح پروڙيندي ترجمي جو اصل روح بگاڙڻ کان پرهيز ڪئي آهي، پر ڪتاب منجهه موجود لفظن، اصطلاحن، جملن ۾ حوالن کي سنڌي ٻوليءَ جي سانچي ۾ نهايت ئي سلوڻائپ سان سمائي هڪ قسم جي ڪرشماتي ڪشش کي جنم ڏنو آهي. پڙهندڙ ڀنڀري صاحب جي سولي سهنجي پر سحر ڀري ٻوليءَ جي سونهن ۾ گرفتار ٿي، تحقيق جي خشڪيءَ کي آسانيءَ سان لسانياتي لطافتن ۾ تَر ڪري سگهي ٿو. بيشڪ اهو سنڌيڪار جي فن جو اعجاز آهي، جو هُن صاحب متروڪ لفظن، ٺُز سنڌي محاورن ۾ قديم سنڌ جي ڪاريگرن/هُنرمندن جي استعمال هيٺ رهندڙ خاص ٻوليءَ جو ڀرپور ادراڪ رکندي، احساس ڏياريو آهي ته هڪ معياري ترجمو پنهنجي جوهر ۾ ڪنهن شاندار تخليقي عمل کان هرگز به گهٽ ناهي. هوئنئن به سنڌ واسين کي ڀليءَ ڀت

پروڙ هوندي، تہ عطا محمد ڀنڀري صاحب ڳچ عرصي کان ترجمہ نگاريءَ جي فن کي محض "دلچسپي" يا "ڪرت" ڪري نہ ورتو آهي، پر هُن تہ انهيءَ پورهيي کي زندگيءَ جو اڻٽوٽ حصو بڻائي ڇڏيو آهي. لائق سنڌيڪار سان لاڳاپيل حلقي کي سُڌ آهي، تہ هڪ عوام دوست آرٽسٽ وانگر، سنڌس هر ابتدا ۽ انتها هُن جو وطن آهي.... ۽ اُنهيءَ وطن جي محبت ۾ پاڻ نهايت سرمستيءَ ۽ سرفروشيءَ واري جذبي سان پنهنجو وقت، آرام ۽ آئيندو ارپي ڇڏيو اٿائين. اهوئي سبب آهي جو مڪليءَ جي ڏَرو ديوار جو ذڪر ڪندي، هو صاحب خواب نگر جي مسافري ڪندي نظر اچي ٿو.

ڀنڀري صاحب جي طرفان انتهائي خلوص سان ٿيل انهيءَ محنت ۾ پنهنجو حصو ڳنڍڻ وارن ۾ سنڌس دل گهريو دوست ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب بہ آهي، جنهن ڪتاب تي نظرثاني ڪندي پنهنجو قيمتي وقت سيڙايو ۽ مسودي کي سُڌاري سنواري بورڊ جي حوالي ڪيو. "شوق" صاحب جي ڪم کي اڳتي وڌائيندي بورڊ جي انچارج پبليڪيشن جناب عبدالحفيظ قريشيءَ ۽ پروف پڙهندڙ دين محمد ڪلهوڙي صاحب نهايت ئي احتياط ۽ سنڀال سان سٽ سٽ تي بار بار نظر وڌي، جڏهن تہ انجنيئر محمد هاشم جوکيي صاحب آخر ۾ ماهراڻي نظر وجهندي گهربل سُڌارا ڪَيا. ان کان علاوه هن ڪتاب کي شايع ڪندڙ اداري پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن اسلام آباد جي تڏهوڪي ڊائريڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي بہ مُبارڪون ڏيڻ کپن، جنهن صاحب سنڌ جي هڪ ڄاڻي واڻي نظرانداز ڪيل ماڳ کي تمام سهڻي نموني سان مُلڪي ثقافت جي هڪ اهم ورثي طور تسليمي ڏياري.

راقم الحروف هڪ منتظم جي حيثيت ۾ هر مرحلي تي مٿين مڙني صاحبن سان مسلسل واسطي ۾ رهيو ۽ ڪتاب کي جلد از جلد مارڪيٽ ۾ آڻڻ لاءِ هر قسم جي انتظامي سهولت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هتي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ بيجا نہ ٿيندو تہ هن ڪتاب سان منهنجي دلچسپيءَ جا ڪجهہ ٻيا ڪارڻ بہ هئا. مثال طور: سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ "ٺٽي جا اسلامي يادگار" اهو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو منهنجي نگرانيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. ان کان علاوه هن ڪتاب کي وقت سرِ شايع ڪرڻ جو واعدو مون "هيريٽيج سوسائٽي ٺٽہ" طرفان "ٺٽہ سيمينار" منعقد ڪرائڻ جو عزم رکندڙ اڳوڻي ڊي. سي. او ٺٽہ جناب محمد اسحاق لاشاريءَ سان ئي نہ ڪيو هو، پر پنهنجن مهربان دوستن/محسنن جناب عبدالغفار سومري صاحب، جناب ڪليم الله لاشاري صاحب ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ سان پڻ اهڙوئي انجام ٿيل هئم. مون کي خوشي ٿي آهي جو الله سائينءَ اهڙي واعده وفائيءَ لاءِ نہ رڳو مهلت ڏني، پر مڙني مشڪلاتن کي بہ آسان بڻايو.

اُميد آهي تہ هيءُ ڪتاب بورڊ جي رٿابنديءَ جي حوالي سان مندائتي مينهن جي اها ابتدائي ڪڻي ثابت ٿيندو، جنهن جي پالوٽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي ماحول کي خوشگوار بڻائڻ ۾ بيحد مدد ڏيندي. آس اها بہ اٿئون تہ پڙهندڙن جي علمي اُڃ اُجهائڻ لاءِ پڻ هيءُ ڪتاب ڇانوري ۾ رکيل مَٽَ مان اندر ۾ اوتيل آب وارو اثر ڏيکاريندو، جيڪو رڳو جسم کي ئي نہ پر روح کي ٺارڻ جو بہ سبب بڻبو آهي.

"سؤ ڪوهہ ڪري سَيَڪا، تُون کُهي ڪٽج وِڪ،
تاٽج منجهان تـڪِ، تـہ پنڌ پاسي پَر نبري."

**ڄامشورو، سنڌ**
7 رمضان المبارڪ 1425هجري
بمطابق
22-آڪٽوبر 2004ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

**اسلامي** تاريخ ۽ ثقافت جي حدود اندر، انهن عنوانن سان لاڳاپيل پنج ڪتاب هيٺ ڏنل موضوعن تي لکڻ لاءِ هن اداري جي رٿا ۾ شامل آهن:

**(i) پاڪستان ۾ عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: هڪ تعارف**

**(ii) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: لاهور جا يادگار**

**(iii) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: ملتان جا يادگار**

**(iv) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: اُچَ جا يادگار**

**(v) پاڪستان جي عمارت سازيءَ جي فن جو اسلامي دور: ٺٽي جا يادگار**

هن خاص موضوع تي لاڳاپيل ڪتابن جو هيءُ سلسلو، هن موضوع تي مَنَ هڪ ابتدائي تصوير پيش ڪري ۽ ڏکڻ ايشيا جي مطالعي واسطي هڪ نئون باب کولي وجهي.

انهن پنجن ڪتابن مان چوٿون نمبر ڪتاب (1400هه/1980ع)، ”اُچَ: تاريخ ۽ عمارت سازي“ جي عنوان سان اڳ ۾ ئي ڇاپجي چڪو آهي. ڪتاب نمبر پنجون جنهن جو عنوان ٺٽو ۽ اسلامي عمارت سازيءَ جو فن آهي، هاڻي شايع ٿي رهيو آهي.

موجوده ڪتاب، منهنجي دعوت تي، پروفيسر احمد حسن دانيءَ لکڻ جو واعدو ڪيو هو. مان سندس ٿورائتو آهيان جو هن صاحب منهنجي نيند تي تڪڙي وراڻي ڏني ۽ ٻين ادبي سرگرمين مان وقت ڪڍي، ڏاڍي ڏانوَ سان، هن ڳوڙهي اڀياسي ڪتاب کي ڏنل وقت کان اڳي پورو ڪيو. پروفيسر دانيءَ هن موضوع تي گهرو مطالعو ڪيو آهي ۽ آثار قديمه جي ماهر جي حيثيت سان يا هڪ لائق تاريخدان ۽ هند-مسلم فن عمارت سازيءَ جي شاگرد هجڻ جي حوالي سان، هن موضوع تي گهڻ- پاسائين نظر وڌي آهي. سندس ٺٽي جي آثارن جي مطالعي، مقامي جاگرافي ۽ تاريخ جي ترتيب جي حوالي سان، مڪليءَ جي يادگارن ۽ ٻنهي جي اڏاوتي فن جي خوبين کي اهميت ڏئي ڏاڍو چٽو ڪري بيهاريو آهي. هيءُ هڪ اهڙي صورتحال آهي، جنهن ڊاڪٽر دانيءَ کي، روايتي خام خيالن ۽ غلط نظرين کي صحيح ڪرڻ ۽ سنڌ جي عمارت سازيءَ جي فن جي بي مثال تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ڏنو آهي، جيڪو پاڪستان جي تعميراتي فن جي تاريخ ۾ هڪ اهم باب جي حيثيت رکي ٿو.

پروفيسر دانيءَ جي ماهر ۽ عالم هئڻ واري حيثيت، اصلي لکيل ذريعن تائين سندس اهميت جوڳي پهچ ۽ اصلي ماڳن تي وڃي مطالعاتي جاکوڙ ڪرڻ، انهن سڀني ڳالهين يقيني طور، هن ڪتاب کي مذڪوره موضوع تي حوالن سان پريل هڪ اهم ڪتاب بڻائي وڌو آهي، اهڙيءَ ريت هيءُ ڪتاب هڪ وڏي دور تائين بي مثال رهندو.

اسلام آباد
12 , 07 , 1982

**ڊاڪٽر اين-اي-بلوچ**
ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري
ڪلچر ائنڊ سولائيزيشن
اسلام آباد

## سنڌيڪار جا ٻه اکر

”ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار“ ڪتاب سنڌ جي اڏاوتي فن جي تاريخ ڪي يڪجا ڪندڙ سنڌي ادبي بورڊ پاران هڪ اهڙي سوکڙي آهي. جنهن جو قدر ۽ ملهه جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن وڌ کان وڌ ٿيندو ويندو.

پنج هزار سال قديم شهر موئن جو دڙو، سنڌ جي سپورنج ۽ سڄيت لوڪن جي هڪ اهڙي وسندي آهي جن پڪ - سري اڏاوتي فن ڪي عروج تي پهچايو. پڪسراوان گهر، پڪسريون گهٽيون، آڙماڙ کوهه، وهنجڻ جو تلاءُ، ڍڪيل نيڪاسيءَ وارو نظام، ڇِـتيل نڪر جا ٿانوَ، سرجان مارشل چواڻي: لنڊن جي بانڊ اسٽريٽ جهڙا گهڙيل سونا ڳهـه، ۽ مختلف جانورن جي شڪلين وارِيون اُڪيريل مهرون، اڏاوت ۽ چٽساليءَ واري فن ۽ ڪلاڪارن جي مهانتا جي شاهدي ڏين ٿيون. ساڳيءَ ريت مڪليءَ جي ٽڪريءَ واري مدرسن، مسجدن، يادگارن، مقبرن ۾ پڪسري ۽ پٿر جي تعمير، پنهنجي فني اوج تي پهتل نظر اچي ٿي. خاص طرح سان ڇهه - ٿنڀي، اٺَ - ٿنڀي ۽ ٻين آڙماڙ ۽ گهڻ - ڪنڊائن مقبرن جي اڏاوت هن تعميرات جا چٽساليءَ سان اُڪيريل نُـلهه، محرابي ونگون، نڪرون، چوڪانن وارا در، انهن مٿان رکيل سردر، ڏيڏيون، قُبن جون ڍيڍيون، جارا، جاريون، هُريون، محرابي خانا، ڇَڄا ۽ وڏاوڙا، عاليشان اُڪير واري فن جا شاهڪار جهروڪا، در، دريون، وانگاڙا، وهڪڙا ۽ لانيرا قبا، انهن منجهه اُڪير واري سنجٽ، ڪاشيءَ جا نت نوان نمونا ۽ طرزن جي نت نون ورن واري چٽسالي گلڪاريءَ سان پريل چونئا، بهترين ڪتابت وارا ڪتبا، آڙ ماڙ چٽيل پٿراوان لوڙهٽ جيڪي ڪوڪي طرز، اوپڙ طرز جي نقش نگاريءَ ۽ بهترين عربي، فارسي خطاطيءَ وارن نمونن سان جهنجهيل آهن. نت نوان ونگن جا نمونا، ڇڄي دار ونگ، وڏاوڙي ونگ، حقيقي ونگ، چارنَوڪي ونگ، ورن واري ونگ، جهالر واري ونگ، سينڌ ونگ ۽ سنڌ جي قديم ترين ونگ يعني آڪڙي يا بيضوي ونگ (جيڪا اسپين جي حاڪمن عبدالرحمان I ۽ II جي جوڙايل قرطبه جي جامع مسجد، الحمرا محل، ويندي اوپر يورپ جي ڪليسائن جي عظيم اڏاوتن ۾ نظر اچي ٿي سا اصل ۾ سنڌي ونگ آهي ۽ سڄي دنيا جي اڏاوتي تاريخ ۾ پهريون پيرو رڳو سنڌ ۾ پنج هزار سال اڳ واري سنڌ جي شهر موئن جي دڙي ۾ نظر اچي ٿي) ۽ اڏاوتي تاريخ ۾ محراب ۽ محرابي ونگن کان ويندي مينار ڪي اصل سنڌ جي ايجاد هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿي. جيتوڻيڪ اڏاوتي تاريخ ۾ مينار، قُبا، محراب ۽ محرابي ونگون اسلامي اڏاوتي فن جو حصو ڪونجن ٿيون، پر سنڌ ۾ اهو تعميراتي فن پنهنجي اصل روح ساڻ هتي جي زمين سان گهَرو ناتو رکندڙ ۽ ان مان ڦٽندي نظر اچي ٿو. ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي سنڌ تي اثر رکندڙ قديم مذهبن هتي جي تعميراتي حسن کي وڌايو، (جهڙوڪ: جين مذهب جي اڏاوتي فن جي اثر جو مثال پوڏيسر ۾ گجرات جي حاڪم محمود شاهه بيگڙي جي جوڙايل مسجد ۽ اتي جي جين عبادتگاهن ۾ فني ۽ اڏاوتي هڪجهڙاين ۾ پسي سگهجي ٿو) ڇو ته لاهوت لامڪان واري جڳهه تي جين مذهب جي سمورن فرقن جوڳين، سامين، سنياسين، ڪنوٽين، ڪاپڙين (جن کي لطيف سائين سرامڪلي ۾ خوب ڳايو آهي) جي سڄي نندي ڪنڌ ۾ وڏي ۾ وڏي تيرٿ ياترا سنڌ ۾ ٿي هئي. ان ريت ٻئي ڌتڙيل ڌرم يعني ٻڌ مت کي سنڌ ۾ نه رڳو پناهه ملي پر اهو هت وڌيو ۽ ويجهيو ۽ ٻڌ مت جا وڏا قديم آثار سنڌو ماتريءَ ۾ ئي موجود رهيا آهن. ساڳيءَ ريت چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي اڏاوتي فن ۾ اسلامي دور جي شروعات کي واڌارا ۽ سُڌارا آندا. جن جو بلاشڪ بنياد وچ ايشيا جي شهرن بدخشان، هرات ۽ ايران سان پڻ رهيو. پر سنڌ جي اڏاوتي فن ۾ چٽسالي ۽ پٿر تي اڪير وارو ڪم سڌو سنئون هتي سنڌ مان ئي اُسريو ۽ اُپريو آهي ۽ جين مذهب جي اڏاوتن جي ڪلا ۽ ڪلاونت واري نفيس چٽساليءَ تي هن جو ۽ هن تي ان جو اثر چٽو نظر اچي ٿو. خاص طرح لڳي ٿو ته ان دور ۾ گجرات کان ڪي انهيءَ پٿر تي ورن واري گلڪاري چٽڻ وارا ڪاريگر سنڌ ڏانهن آيا يا سنڌ جا ڪاريگر اوڏانهين ويا ۽ اهي هڪ ٻئي کان فني طرح سان متاثر ٿيل ڏسجن ٿا. مڪلي ٽڪريءَ تي، سنڌ تي اٽڪل اڌ صديءَ تائين انصاف واري حڪومت ڪندڙ ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو مقبرو انهيءَ پٿرانهين اڏاوت ۽ انهن تي

ٽيل امليڪي ۽ اليڪي ڇٽسالي ۽ گلڪاريءَ جو هڪ اهڙو شاهڪار آهي، جيڪو سنڌ جي خودمختيار دور جي شاهوڪار ۽ عاليشان ثقافت جي عروج جو داستان ٻڌائي ٿو. سنڌ جي ماڻهن ڪي وَر وَر ڏئي انهيءَ عظيم، باوقار، محبت جي لازوال مثال ڪي ڏسڻ گهرجي، جنهن ڪي سنڌ جي هنر مندن، اڏاوتي ڪاريگرن پنهنجي ڇيڻيءَ ۽ هٿوڙي وسيلي ڇٽساليءَ ۽ گلڪاريءَ وارين نت نين طرزن سان اُڪيري پنهنجي انصاف پسند ۽ الله لوڪ سلطان سان پيار، پاڀوهه ۽ گهري سنٻند جو جيڪو اظهار ڪيو آهي اهو لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

هن اڏاوتي فني تاريخ تي اڃا به ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌي ادبي بورڊ جي باعمل سيڪريٽري انعام شيخ ۽ هن جي ساٿي انچارج پبليڪيشن عبدالحفيظ قريشي جيڪا دلچسپي هن ڪتاب ڪي پڌرو ڪرڻ ۾ ورتي سا نهايت ساراهه جوڳي آهي. اها ڳالهه هن ادبي اداري جي زندهه ۽ امر هئڻ جو ثبوت فراهم ڪري ٿي. آئون اها ڳالهه ڇئي سگهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان ته س.ا.ب سيڪريٽري انعام شيخ ۽ عبدالحفيظ قريشي ڪيترائي ڀيرا روبرو ۽ فون وسيلي رابطو ڪيو ۽ گرميءَ ۾ به در ڪڙڪائي مون ڪي هڪ پراڻي ۽ وساريل مسودي جي ياد ڏياري نه رڳو حيرت زده ڪيو پر هڪ هڪ اصطلاح ۽ فني لفظ بابت پڇا (نه پر جهڙوڪ آڏي پڇا) ڪئي. سا ڳالهه علم ۽ ادب جي واڌاري بابت سندن انتهائي دلچسپيءَ ڪي ظاهر ڪري ٿي. مون ڪي ائين به لڳو ته ڄڻ اهو ڪتاب سندن لکيل آهي جنهن ڪي ڇپائڻ لاءِ هو پريشان آهن.

آئون سيڪريٽري س. ا. ب انعام شيخ، انچارج پبليڪيشن عبدالحفيظ قريشي، ڊاڪٽر علي نواز شوق، اسسٽنٽ پروفيسر ڊپارٽمنٽ آف آرڪيٽيڪچر، مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، ڄامشورو محمد هاشم جوکيو، پريس مئنيجر سڪندر علي شاهه، ڪمپوزنگ ۽ سيٽنگ ڪندڙ فرحان علي پٺاڻ، اسڪيننگ ڪندڙ سليم احمد پٺو ۽ دين محمد ڪلهوڙي جو ٿورائتو آهيان، جن جي اهڙي دلچسپيءَ کان سواءِ ان ڪتاب جو درست ٿي ڇپجڻ ممڪن نه هو.

لطيف سائين جي ٻولي ٿورا مڃيندي ائين چوندس ته:

هـڏ نـه پـڙان هيڪڙي، ٿـوري ٿـر ڇـاين،
مـون ڪـي مـاروئڙن، ميـري ڪـري نـه منيـو.
(ڀٽائيؒ)

**عطا محمد ڀنڀرو**

حيدر آباد، سنڌ

تاريخ: 13، آڪٽوبر 2004

## مهربانيءَ جا ٻه لفظ

**پنجاهه** جي ابتدائي ڏهاڪي ۾ جڏهن مون پنهنجو ڪتاب "بنگال جا قديم اسلامي يادگار" (Muslim Architecture of Bangal) لکي پورو ڪيو. تہ مون مرحوم ممتاز حسن سان واعدو ڪو هُئو تہ آئون ساڳي نوعيت جو ڪم ٺٽي جي يادگارن بابت سرانجام ڏيندس. افسوس جو منهنجي ساڻس ڪيل انهيءَ واعدي جي تڪميل ڏسن لاءِ مرحوم اڄ هن دنيا ۾ موجود ناهي! بهرحال مُنهنجي انهيءَ واعدي جي پورائي ۾ ڊاڪٽر اين.اي بلوچ جو وڏو هٿ آهي. جنهن صاحب نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ائنڊڪلچرل ريسرچ اسلام آباد جو ڊائريڪٽر ٿيڻ شرط اڳڀرائي ڪندي. مون کي هر قسم جو مادي ۽ مالي تعاون آڇيندي، ڪتاب جي تياريءَ لاءِ اُتساهيو. مون کي جڏهن بہ ضرورت پئي تہ هُن هر موڙ تي نہ رڳو سنڌ بابت پنهنجي اٿاهہ ڄاڻ سان مون کي نوازيو. بلڪ هڪ ضميمي جي شڪل ۾ ٺٽي بابت هڪ شاندار ليک هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو. ان کان علاوه مان پاڪستان جي ثقافت ۽ سياحت واري وزارت ۽ سندس ماتحت آرڪيالاجي کاتي جي شڪر ادائي ضرور ڪندس. جن جي تعاون کان سواءِ هيءُ ڪتاب حقيقت جو روپ ڌاري نہ سگهي ها. ذاتي طور تي آئون اڳوڻي وفاقي وزير مئجر جنرل (رٽائرڊ) شاهد حامد جو بہ ٿورائتو آهيان. جنهن جهلم سان لاڳاپيل پروفيشنل فوٽوگرافر ايم. آر. اويسي کان ڪي اهم فوٽوگراف خريدڻ ۾ مالي مدد ڪئي. مهربانيون تہ آرڪيالاجي کاتي جي ڏاکڻي سرڪل حيدرآباد جي سپرنٽينڊنٽ جناب علي محمد خان لُنڊ خور جون بہ آهن. جنهن نہ رڳو کاتي ۾ موجود تصويرن منجهان چونڊ ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏنم. پر مسٽر شڪور محمد نالي هڪ قابل فوٽوگرافر ۽ کاتي جي ڪنزرويشن آفيسرن مسٽر ماجد ۽ مسٽر شرافت جو سهڪار فراهم ڪيو. پر خاص طور تي آئون پير حسام الدين راشديءَ جو بيحد شڪر گذار آهيان. جنهن جي مڪلي نامي جي ڇاپي ۽ ٺٽي تي لکيل سندس بين تحقيقي مضمونن مون کي ٺٽي جي تاريخ پروڙڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. هن ڪتاب ۾ مون هينري ڪُزنس جي ڪتاب (Antiquities To Sindh) منجهان ڪي خاڪا ۽ هڪ نقشو بہ شامل ڪيو آهي. مون کي اُميد آهي تہ هن ڪتاب جي ڇپجڻ سان هڪ عرصي کان پڙهندڙن لاءِ پاڪستان جي قديم آثارن بابت ناپيد ٿيل معلومات حاصل ٿيندي.

اسلام آباد

15 اپريل 1981ع

**پروفيسر احمد حسن داني**

# ڪُجھ گذارشون

**مسلمانن** جي اچڻ کان پهريان نندي کنڊ ۾ فنِ تعمير عروج تي پهتل هو. هندي تعمير سازيءَ کي دنيا ۾ پنهنجو الڳ مقام حاصل رهيو آهي. موئن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب کان وٺي ٻارهين صديءَ جي آخر تائين نندي کنڊ جي اڏاوتي فن جي اٽڪل پنج هزار سال جي شاندار تاريخ آهي.

هندي فنِ تعمير وسط ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي فنِ تعمير کي متاثر ڪيو آهي. مسلم فنِ تعمير تي هندستان ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي هندي فن تعمير. سڌو يا اڻسڌو اثر وڌو هو. آرين جي اچڻ بعد هندستاني تعمير جمود جو شڪار رهي، جو آريا مڪاني ماڻهن جي پيٽ ۾ وڏيڪ ويڙهاڪ ۽ مسلح هئا ۽ انهن هتي وڏو عام ڪوس ڪيو ۽ هتان جي لوڪن کي فرار ٿيڻ تي مجبور ڪيو ۽ ڪيترن کي غلام بڻايائون. مؤرخن جو خيال آهي، تہ آرين هتان جي ٻين هُنرن سان گڏ مڪاني تعمير ۽ شهرن کي تباھ ڪري ڇڏيو ۽ طويل عرصي تائين ويدڪ دور ۽ مهاتما ٻڌ کان اڳ ساندھ ٽيرنهن سوءِ کان پنج سوءِ سال ق م تائين ماڻهو ڪچين سرن. گاري، بانس. ڪاٺ. ڇپرن ۽ ٿوهن جي نهيل جڳهن ۾ رهندا هئا. بعد ۾ جيئن رامائڻ ۽ مهاڀارت مان پتو ٿو پوءِ. تہ شهرن ۽ مندرن جي اڏاوتن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو جيئن تہ انهن عمارتن جا ڪي بہ آثار نہ مليا آهن پر تنهن هوندي تاريخي لکتن موجب بہ اُهي عمارتون فنِ تعمير جو سٺو مثال هونديون.

موريا دور ۾ پٿر ۽ ڪاٺ جون عمارتون نهڻ لڳيون موريا دور ۾ ڪاٺ جو اڏاوتن ۾ استعمال تمام گهڻو ٿيڻ لڳو جنهن جو مثال پٽنہ شهر آهي. موريا دور جو ٿئين بادشاھ اشوڪ جي زماني ۾ فنِ تعمير کي هڪ نئون رخ مليو. هن دور جي عمارتن ۾ پٿر جو استعمال ۽ سنگ تراشي وارو طريقو شامل ٿئي ٿو ۽ اهي ٻئي فن ايرانَ مان نندي کنڊ ۾ آيا. پٽنہ ۾ ملنڌڙ ستونن، ٿنڀن جي گهڻي مشابهت ايراني عمارتن جي ستونن سان آهي. اشوڪ جي عهد ۾ ڀهاڙن کي گهڙي ان ۾ مندر. خانقاهون ۽ گهر ناهيا ويندا هئا. ڀهرين اهي مندر ۽ خانقاهون ساديون هيون پر بعد ۾ انهن تي ڏاڍي محنت سان باريڪ ۽ نفيس چٽساليءَ جو ڪم ٿيڻ لڳو.

اشوڪي دور جا ڪيترائي ڪتبا موجود آهن جن تي بادشاهي حڪم. علمي ڳالهيون ۽ تاريخ اُڪيريل آهي. ان دور ۾ ٻڌ مت جي پيروڪارن ڪيترائي اسٽوپا ناهيا. اسٽوپا جي چوڌاري ڪاٺ جا ۽ پٿر جا تمام سٺا ڪٽهڙا ناهيا ويا. ٻوڌي خانقاهون بہ تعمير ۾ هڪ منزلا ۽ ٻہ منزلا ناهيل آهن. جن ۾ محراب بہ ناهيل آهن پر اهي اصلي محراب نہ پر گهڙيل محراب آهن. ان دور ۾ ڪجھ شهرن ۾ سرن جا ناهيل محراب بہ موجود آهن. اڙيسہ ۽ ڪٽڪ مان لڌل خانقاهن ۾ حقيقي ونگون (True Arches) موجود آهن.

ڀهاڙ کوٽي محلَ ناهڻ جو سلسلو اٽڪل هڪ هزار سال جاري رهيو. انهن ۾ ستين صدي عيسويءَ تائين ٻڌمت جا عبادت گهر ۽ بعد ۾ جين مت جون عمارتون نهڻ لڳيون. اهي عمارتون پٿر ڪاٺ ء سرن جون نهيل هيون. هندي فنِ تعمير ۽ خاص طور مندرن جي تعمير سنگتراشيءَ جو اعليٰ مثال آهن. جن جي آرائش ء تزئين اُيتري حد تائين آهي. جو شايد ئي ڪو پت ۽ ڇت جو حصو بچيل هجي. جتي سنگتراش جي ڇيڻي نہ لڳي هجي. انين صدي عيسويءَ تائين آرائشي ۽ سنجڻي ڪم تمام گهڻي ترقي ڪئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو تعميراتي فن رڳو سنگتراشيءَ واري سجاوٽ ئي رهيو. دراصل هندستاني معمار هڪ ئي وقت تعمير. سنگتراشي ۽ نقاشيءَ واري فن جو ماهر هو. تنهن ڪري هر عمارت ۾ انهن ٽنهي فني اسلوبن جو ڀرپور استعمال ڪندو هو. ان عمل ڪري ڪجھ عمارتون خوبصورت ۽ وري ڪي عجيب ٿي پونديون هيون.

عبادت جي جڳهن جي ان تعمير کي ٽن وڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ٻُڌ تعميراتي طرز

جين تعميراتي طرز

برهمڻ تعميراتي طرز

سنڌ. هندستان جو اهو حصو رهي، جتي انساني تهذيب سڀ کان اڳ ۾ اک کولي ۽ واڌ ويجھ ڪئي. اسلام بہ هتان ئي نندي کنڊ ۾ داخل ٿيو. جيئن سنڌ ۾ ٻڌ مت، جين مت. ۽ برهمڻن جا اثر موجود هئا. تہ انهن سڀن جي اثر اسلامي اڏاوتي فن تي بہ پيو. اسلامي اڏاوتي فن. هند ۾ اچڻ کان اڳ ۾ هندستاني تعميراتي اثر وٺي چڪو هو. اسلام جي ڪا خاص تعمير متعلق تلقين تہ موجود ناهي پر جتي بہ اسلام ويو اتي جي سماجن جا بهتر. سود مند ۽ خوش آئنده اثر ضرور ڪنيا آهن. ان ئي سبب ڪري رڳو

مسجدن جي اڏاوت کي ڏسبو. تہ ترڪي، ايران، مصر ۽ هند جو الڳ الڳ تعميراتي اثر منجهن نظر ايندو ۽ صرف ان هڪجهڙائيءَ سان جو اهي سڀ قبلي رخ آهن. اهوئي ساڳيو حال قلعن، قبن، قصرن، محرابن ۽ مقبرن جو آهي.

ننيي ڪنڊ جي سنگتراشيءَ سڄي هندستان ۽ خاص طرح سنڌ ۾ قرآني آيتن کي پٿر تي اُڪير واري فن کي ڪمال درجي تي پهچايو آهي، هنر ورن پٿر جي سختي ۾ اهائي پني تي ڪيل خطاطيءَ وارو خدوخال گهڙي اُڪير ۽ چٽسااليءَ واري فن جا لازوال مثال يادگار طور ڇڏيا آهن. جيڪي پوريءَ سنڌ ۽ خاص طرح ٺٽي ۽ چوکنڊيءَ جي قبرن ۾ تہ پنهنجو مثال پاڻ آهن. اسلام ۾ بت پرستيءَ ۽ مظاهر پرستيءَ کان روڪيو ويو آهي، تنهن ڪري ان دور جي ڪاريگرن بہ بت تراشيءَ ۽ مظاهر ڪاريءَ کي ڇڏي تعمير جي آرائش ۾ جديد ۽ نوان تجربا ڪيا، جيڪي نقش گري واري فن ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام رکن ٿا.

مسلم دور جي آرائشي ۽ سجاوٽ جي ڪم کي سرن جي ذريعي قدرتي پٿرن جي رنگ ۽ سطح جي استعمال ذريعي استڪو يا مسالي سان نقشڪاري، گل ڪاري ۽ ڪتبا نگاري، خطاطي، جاميٽري جي تجريدي شڪلن جا نهيل نمونا پچيڪاري، ڪاشيگري ۽ رنگن جي استعمال ذريعي ڪمال تي پهچايو ويو آهي.

اڄ جي سائنسي دور ۾ تاريخ رڳو بادشاهن جي مدح گوئي واري دائري کان نڪري هڪ سائنسي علم جو درجو وٺي چڪي آهي. تاريخ قديم آثارن واري علم (Archeology)، اڏاوتي فن (Architecture)، ثقافت سان گڏوگڏ بولي بہ آهي. ان ريت تاريخ جي اڀياس ۾ ان دور جي ڇڏيل اهڃاڻن مان ان دور جي ڪمال ۽ زوال جا سبب ڳولهجن ۽ آئيندي جو رستو بہ سنوارجي. اهڙي تاريخ جوڙڻ ۾ مغرب وارا تمام گهڻو اڳتي آهن ۽ اسان تمام پٺتي آهيون.

اڄ واري سنڌ جي پيٽ ۾ آڳاٽي سنڌ جي تهذيب جي عالمگير حيثيت سڄيءَ دنيا جي عالمن آڏو چٽي ۽ پڌري آهي. جنهن جو ثقافتي اثر پر وارين تهذيبن جي اڀياس مان بہ ظاهر ٿيو آهي. هينري ڪزنس جي ڪتاب (The Antiquitlies of Sindh) وانگر اڄا ڪيترائي نوان پهلو رکندڙ قديم آثارن جي اڀياس وارا ڪتاب سنڌيءَ ۾ پڌرا ٿيڻ گهرجن. انهيءَ تمام وسيع جاگرافيائي سرحدون رکندڙ سنڌو سڀيتا جي اسلامي دور جي اڏاوتن بابت انسٽيٽيوٽ آف اسلامڪ هسٽري، ڪلچر اينڊ سولائيزيشن، اسلام آباد، پاڪستان، پاران خاص طرح سان ملتان ۽ اڄ شريف جي قديم اسلامي يادگارن جا ڪتاب پڻ سنڌيءَ ۾ پڌرا ٿيڻ گهرجن. اهي علائقا بہ سنڌو تهذيب جا اڻ ٽٽ حصا رهيا آهن ۽ تاريخ جي هڪ دور ۾ سنڌ جو تخت گاهہ ملتان پڻ رهيو آهي. انهن ڪتابن جي اڇڻ سان نہ رڳو تاريخ جي شاگردن جي رهنمائي ٿيندي پر اهو پڻ ثابت ٿيندو، تہ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي جوهر ۾ سڄاڳ ۽ سڄاڻ اداري جي حيثيت ۾ نہ رڳو ماضيءَ جي ورثي جو امين ۽ رکوال آهي پر ان کي سهيڙيندڙ ۽ يڪجا ڪندڙ پڻ آهي. اهو ياد رهي تہ قومون پنهنجي شاندار ۽ عظيم ماضيءَ جي روايتن مان اتساهہ وٺي تاريخ جو اڳانگو سفر طيءَ ڪنديون آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جس لهڻي، جنهن جي سيڪريٽري محترم انعام الله شيخ "ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار" جهڙي اهم فني ڪتاب جي پڌرائي ۾ گهري دلچسپي ورتي ۽ نيٺ ڪامياب ٿيو ۽ صد آفرين هجي انچارج پبليڪيشن س. ا. ب عبدالحفيظ قريشي کي جنهن هن ڪتاب تي نظرثاني ڪرڻ، فني اصطلاحن جي گليسري جوڙڻ ۽ ڏسٽي ٺاهڻ ۾ مون ساڻ لاڳيتو رابطي ۾ رهيو ۽ صلاحون ڏيندو رهيو.

ڊاڪٽر احمد حسن دانيءَ جو هي ڪتاب ٺٽي جي آثارن متعلق هڪ سني اڳڀرائي آهي پر اهو بہ انگريزي ۾ هو. محترم عطا محمد ڀنڀري صاحب ان ڪتاب کي سنڌيءَ جو ويس پارائي سنڌ جي تاريخ جي شاگردن ۽ استادن لاءِ هڪ نئون در کوليو آهي. ڪتاب جي ٻولي تمام سادي ۽ سلوڻي آهي. ڪتاب ۾ آيل ڪجهہ فني اصطلاحن جي معنيٰ اڳواٽ متعين ڪري ترجمو ڪجي ها، تہ جيڪر ڪتاب اڃا بہ وڌيڪ جاندار ٿئي ها. بهرحال هيءَ ڪتاب سنڌي ادب ۾ پنهنجو هڪ مقام رکندو، هن ۽ ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ پڻ اتساهہ جو سبب ٿيندو.

**محمد هاشم جوکيو**
اسسٽنٽ پروفيسر
ڊپارٽمينٽ آف آرڪيٽيڪچر
(مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي)
ڄام شورو، سنڌ

# فهرست مضامين

عنوان ........ صفحو


**باب پهريون:** ........ 3

- ٺٽي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي تعارف ........ 3
- جاگرافيائي بيهڪ ........ 4
- سمن سلطانن جو شجرو ........ 21
- ترخانن جو شجرو ........ 22

**باب ٻيو:** ........ 29

- سما دور جا يادگار (1335ع کان 1520ع تائين) ........ 29

• ڪلان ڪوٽ قلعو، ص 34 • شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو، ص 38 • مدرسه نما قبايون ڇٽيون، ص 40 • شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي ڇٽي، ص 41 • ڀٽايارو (هالي درويش جو مقبرو، ص 43) • قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهه ٿنڀو ڇٽايون مقبرو، ص 45 • شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري پرسان اٺ ٿنڀيون ڇٽيون، ص 46 • ڄام تماچي ۽ نوريءَ جو مقبرو، ص 46 • لڪت واريون ڇٽيون، ص 47 • ڄام تغلق جي دور جي اٺ ٿنڀي ڇٽي، ص 47 • مبارڪ خان جي مقبري وارو ڪوٽ، ص 50 • قبرن جي چوڏاري پڪين سرن جو ڪوٽ، ص 53 • مڪليءَ جي پراڻي مسجد، ص 55 • سرن جا نهيل همچورس مقبرا، ص 58 • ملڪ راڄپال جو مقبرو، ص 59 • سما خاندان جي ڪنهن گمنام شهزادي جو مقبرو، ص 59 • فتح خان جي پيڻ جو مقبرو، ص 60 • قائوس سلطانيءَ جو مقبرو، ص 61 • سرن جو تباهه ٿيل مقبرو، ص 64.

**باب ٽيون:** ........ 71

- سما دؤر جا پراڻا يادگار ........ 71
- ڄام نظام الدين جو مقبرو ........ 71

• تاريخي پس منظر، ص 71 • نمونو، ص 71 • ڏاڪ (Location) ، ص 72 • ڄام نظام الدين جي قبر جي اڏاوت جي رٿ، ص 73 • نمونو، ص 74 • اولاهينءَ پٽ جي ٻاهرين مُهاڙي، ص 77 • اترين اڌ، ص 77 • ڏاکڻو اڌ حصو، ص 78 • آرائشي پُشتي/پُشتو، ص 81 • اُترين مُهاڙي، ص 84 • اوڀارين مُهاڙي، ص 85 • ڏاکڻي مُهاڙي، ص 86 • اندريون صفو، ص 87 • محراب، ص 89 • نتيجو، ص 95.

**باب چوٿون:** ........ 115

- ارغون ۽ تَرخان دور جا يادگار (پٿر جا نهيل يادگار) ........ 115

• هڪ قبائون همچورس گمنام مقبرو، ص 118 • مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو مقبرو، ص 118 • مير سلطان محمد جو مقبرو، ص 120 • مرزا سليمان جو مقبرو، ص 121 • مرزا صالح جو مقبرو، ص 122 • مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ، ص 123 • هبشاد (اهنسا) بائيءَ جو مقبرو، ص 125 • اناس اڏاوتون، ص 126 • بديع الزمان جي ڇٽيءَ پرسان هڪ گمنام مقبرو، ص 126 • بديع الزمان جو مقبرو، ص 127 • مرزا عيسيٰ خان ترخان I واري ڪوٽ ۾ هڪ گمنام ڇٽيءَ وارو مقبرو، ص 129 • اناس ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 129 • ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 130 • مسجد واريءَ پٽ سان ڇٽيءَ وارو مقبرو، ص 132 • ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو، ص 132 • مرزا طغرل بيگ جو مقبرو، ص 132 • پٿرانهين لوڙهڻ مٿان سرُو وڻ جي اُڪير، ص 134 • چوڪنڊي طرز جون قبرون، ص 136 • مرزا جان بابا جو مقبرو،ص 138 • مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو، ص 145 • نتيجو ص 153.

**باب پنجون:** ........ 165

- ارغون ۽ تَرخان دور جا يادگار (سرن سان جوڙيل اڏاوتون) ........ 165

• شيخ جيئي جو مقبرو، ص 165 • گمنام مقبرو، ص 167 • ست چڙهٽي، ص 168 • باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري، ص 171 • سلطان ابراهيم خان جو مقبرو، ص 175 • مرزا جاني بيگ جو مقبرو، ص 177 • ديوان شرفا خان جو مقبرو، ص 179 • دبگير مسجد، ص 180 • نتيجو ص 182.

**باب ڇهون:** ........ 189

- مغل دور جا تاريخي يادگار ........ 189

• تعارف، ص 189 • مغل دور جون عمارتون، ص 190 • خضري مسجد، ص 190 • پير پٺي جي پرسان محمد بن قاسم مسجد، ص 191 • امير محمد خان جي مسجد، ص 194 • ٺٽي جي جامع مسجد، ص 195 • نتيجو ص 201.

**ضميمو:** ........ 203

- ٺٽي جي اصليت: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ........ 203

**حاشيا** ........ 208

**گلوسري** ........ 213

**ڏسٽي** ........ 217

# خاڪن، تصويرن ۽ رنگين پليٽن جي فهرست

خاڪو 1. شيخ عيسيٰ لنگوٽي جي مدرسي جو نقشو. جنهن جو ڇت وارو تعمير ٿيل حصو هڪ ٻئي مٿان گول ٻار ڏئي جوڙيو ويو آهي، جنهن مٿان ڏيئي ٻارڻ جي مقصد سان ننڍڙي قبي ناهي وئي آهي. **ص 39**

خاڪو 2. مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواري جو نقشو. جنهن جي وچ تي مرداڻين قبرن جي چوڌاري پٽ ڏني وئي آهي، جنهن اندر پهرئين ترخان حڪمران جي پڻ قبر آهي. ان جي ڏکڻ اولهه طرف اٺ ٿنڀي ڇٽي واري قبر آهي. جڏهن ته اتر اوڀر پاسي زنانين قبرن جي چوديواري ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو تعلق 1572ع سان آهي. **ص 119**

خاڪو 3. مرزا سليمان پٽ مرزا عيسيٰ ترخان I جي قبر جي چوديواري جو نقشو، جنهن جي وچ تي مٿيءَ جو پراڻ وجهي ٿلهو ناهيو ويو آهي. ان ٿلهي تي ڪيترين ئي قبرون ڏسجن ٿيون. مرزا سليمان جي قبر جي سيرانديءَ ڪان هڪ اوچو پٿر نصب ٿيل آهي. امڪان آهي، ته اهو ڏيانيءَ جو ٻه ڪم ڏيندو هوندو. سندس وفات جو سال 1557ع آهي. **ص 121**

خاڪو 4. مرزا محمد صالح جي قبر جي چوديواري جو خاڪو، جنهن ۾ مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٿلهو ناهيو ويو آهي. هن چوديواري اندر ٽي مُڪيه قبرون آهن. جيڪي پٿر سان جڙيل آهن. مرزا محمد صالح جي قبر تي ٻه ڊگها پٿر لڳل آهن، جن مان هڪ سيرانديءَ ۽ ٻيو پاسي ڪان آهي. هن 1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 122**

خاڪو 5. مرزا باقي بيگ جي پٿر سان نهيل مقبري جي چوديواري جو خاڪو، جنهن ۾ اندر ننڍڙيون چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي قبر هم چورس آهي. جنهن جي چوڌاري پٽ ڏني وئي آهي ۽ اها قبر چوديواريءَ جي وچ تي ڏسجي ٿي. هن جي اتر پاسي سندس خاندان جي ٻين ماڻهن جي قبرن جي چوديواري آهي. اتر ڏانهن مرزا باقي بيگ جي قبر جي اوڀر پاسي مرزا بديع الزمان جي قبر آهي. جيڪا اٺ ٿنڀي ڇٽي هيٺيان آهي. هن 1562ع ۾ وفات ڪئي هئي. هن چوديواري جي اولاهين پٽ پرسان هڪ گمنام قبر آهي، جنهن مٿان اٺ ٿنڀي ڇٽي نهيل ڏسجي ٿي. **ص 124**

خاڪو 6. ست چڙهٽي تعمير جو نقشو آهي. جنهن ۾ پنج قبائين طرز جي نئين قسم جي عمارت ڏسجي ٿي. هن جڳهه جي اڏاوت جو تعلق سورهين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي. **ص 170**

خاڪو 7. سلطان ابراهيم خان جي پڪ سرائين مقبري جي چوديواري جو نقشو، جنهن جي اوڀر پاسي ونگ سان لنگهه آهي. چوديواري اندر اولهه واري پٽ ۾ مسجد جو محراب آهي، جيڪو مٽيءَ جو پراڻ وجهي ٿورو مٿي جوڙيو ويو آهي. وچ تي اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ هيٺان سلطان ابراهيم جي قبر آهي. ان جي پرسان هڪ ٻي ننڍڙي چوديواري آهي، جنهن ۾ امير محمد سلطان جي قبر نهيل آهي. هن 1585ع ۾ وفات ڪئي هئي. **ص 175**

خاڪو 8. ديوان شرفا خان جي قبر جي سامهون پُٺ ۽ پاسي جو نقشو. جيڪو باقي پاسن ڪان وڌيڪ اوچو آهي. قبر جي سيرانديءَ ڪان اوچو پٿر لڳل آهي. قبر جي اوساري پٿر جي آهي. جنهن تي ترخاني قسم جي نقش و نگاري ٿيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1048 هه - 1638ع سان آهي. **ص 178**

خاڪو 9. دبگير مسجد جو نقشو. جنهن جو سامهون وارو پاسو ٽن وڏن ٻارين ۾ ورهايل آهي. مسجدن جي اها ٻاهرين سونهن ۽ سنجت وارو نمونو ترخاني مسجدن سان لاڳاپو رکي ٿو. اوڀر پاسي ڪان ڪليل آڳنڌ اٿس. وچئين محراب جي ٻنهي پاسن ڪان دريون نهيل آهن، جن وسيلي مسجد اندر ٿڌي هوا ايندي هئي. مسجد جي اوڀر پاسي ڪان ٻنهي طرفن تي. ڏاڪڻيون نهيل آهن، پر نقشي ۾ فقط هڪ ڏيکاري وئي آهي. هن مسجد جي تعمير ۾ اها ٻي نئين شيءِ آهي. انهيءَ اڏاوت جو لاڳاپو 1588ع سان ڏسجي ٿو. **ص 180**

خاڪو 10. شاهجهاني مسجد جو نقشو. جنهن ۾ نماز پڙهڻ واسطي چوڏسائن ۾ قبا نهيل آهن. وضو سارڻ لاءِ پاڻيءَ

جو تلاءُ اوپر پاسي موجود آهي. هن مسجد جي تعمير جو تعلق 1644ع ۽ 1647ع جي وچ واري عرصي سان آهي. **ص 196**

خاڪو 11. شاهجهاني مسجد وچئين پاڳي (Cross-Sections) جو نقشو، جنهن ۾ رڪيل چوڪنڊين ٻارين ۾ ڪاشيءَ جون چمڪندڙ سرون ڪتب آندل آهن. ان ڪان سواءِ گڏيل قسم جي ونگن جي تعمير ۽ قبن جي اندرئين پاسي ستارن جهڙي خوبصورت چٽسالي آهي. **ص 196**

## باب پهريون

سنڌ جو نقشو. **ص 1**

پليٽ 2 - مڪلي جي قبرستان جو وسيع پس منظر. ساڄي پاسي مرزا جان بابا جو مقبرو آهي. ٻين قُبائن مقبرن جون اڏاوتون بہ ڏسجي رهيون آهن، جن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ٿورو پري پنڌ تي ابراهيم سلطان جو مقبرو نظر اچي رهيو آهي. ان ڪان سواءِ عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار پرسان قبرن جو هڪ جهڳٽو بہ ڏسجي رهيو آهي. **ص 2**

پليٽ 3 - سنڌ جي آخري آزاد حڪمران مرزا جاني بيگ جو پڪسرائون مقبرو، جنهن 1593ع ۾ اڪبر اعظم جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. **ص 2**

پليٽ 4 - ديوان شرفا خان جو پڪ سرائون مقبرو، جيڪو مرزا طغرل بيگ جي چٽي نما مقبري جي کاٻي پاسي آهي. جڏهن تہ ان جي ساڄي پاسي ۽ وچ تي مرزا عيسيٰ ترخان ٻئين جو سفيد رنگ جو مقبرو ڏسجي ٿو. **ص 23**

پليٽ 5 - شيخ حماد جماليءَ جي مزار جي پرسان چوڌاري نظر ايندڙ سما خاندان جي قبرن جو مُچلو آهي، بزرگ جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان هو. هن درويش جي مقبري جي کاٻي پاسي پڪسرائون مقبرو، ساڄي پاسي چٽي نما مقبرو ۽ ٿوري پنڌ جي وٿيءَ تي ڄام نظام الدين جو مقبرو ڏسجي رهيو آهي. **ص 23**

تصوير 1 - محمد بن قاسم نالي مسجد جو گول منارو، جيڪو پهريداريءَ جي مقصد سان جوڙيو ويو هو، جنهن تي چڙهي سنڌي فوجي، پهريداريءَ جو ڪم ڪندا هئا. چيو ويندو آهي، تہ پرسان ئي هڪ عرب نسل جي ماڻهن جي وسندي قائم هئي. هيءَ اڏاوت پير پٺي جي مقبري جي سامهون آهي، جيڪا سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي هڪ اوچي ڪناري جي وٽ سان جوڙيل آهي.هنن اڏاوتن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 3**

تصوير 2 - ڪلان ڪوٽ نالي قلعي جي اوپارين پٽ، جنهن ۾ گول چبوترن جا نشان ڏسجي رهيا آهن. هي درياءَ جي ساڄي پاسي سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو سما دور ۾ تيرهين ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 5**

تصوير 3 - پوئين مغل دور سان لاڳاپيل عيد گاهہ، جنهن جي ٻنهي پاسن کان گول منارا تعمير ٿيل آهن. وچ تي محراب اوچو آهي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 7**

تصوير 4 - قومي شاهراهہ مڪليءَ منجهان گذري ٿي، جنهن جي کاٻي پاسي مڪليءَ جي چاڙهيءَ وٽ هڪ مندر آهي. هن اڏاوت جو تعلق قديم دور سان آهي. پرسان ئي ساڄي پاسي اسلام پور نالي هڪ مسجد آهي. **ص 10**

تصوير 5 - درياءَ جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو، تہ کاٻي پاسي طغرل بيگ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن تہ ساڄي پاسي کان مرزا جان بابا جي مزار آهي. وچ تي مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو سفيد مقبرو نمايان نظر اچي ٿو. **ص 10**

تصوير 6 - درياءَ جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو، تہ مڪليءَ تي سامهون واري پس منظر ۾ وچ تي سلطان ابراهيم خان مرزا عيسيٰ ترخان I جو مقبرو نهايت چٽو نظر ايندو. **ص 13**

تصوير 7 - دريا جي پراڻي پيٽ وٽان بيهي ڏسبو، تہ سلطان ابراهيم خان جو مقبرو، مرزا عيسي ترخان I جي مقبري جي چوديواري جي کاٻي طرف آهي ۽ عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار وچ تي ڏسجي ٿي. **ص 17**

تصوير 8 - قومي شاهراهہ تان بيهي ڏسبو. تہ ٺٽي جو نئون شهر، هڪ پراڻي دڙي تي تعمير ٿيل نظر ايندو، جنهن

جي ڪابي پاسي پاڙيءَ جي اوچي ٽانڪي ڏسجي رهي آهي. **ص 18**

تصوير 9 - نئين شهر جي جڳهن هينان پراڻي نئي جا دڙا، جيڪي هلندا وڃي آباد زمين تائين پهچن ٿا ۽ جن مٿان گهاٽا وڻ ڏسجي رهيا آهن. **ص 19**

تصوير 9 - الف - ريسٽ هائوس کان نظر ايندڙ مڪليءَ جو منظر. **ص 20**

## باب پهريون

پليٽ 6 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چٽيءَ جهڙو هڪ مدرسو - پرسان ئي ڏيڍيءَ جي تعمير وارا ٿلهه ڏسجي رهيا آهن. ساڄي پاسي هيٺ تي دري آهي، جنهن ۾ سوراخدار پٿر هنيل ڏسجن ٿا. **ص 24**

پليٽ 7 - ساڄي پاسي شيخ حماد جماليءَ جو تباهه حال مدرسو ۽ ڪابي پاسي عبدالله پٽ تاجي جو چٽي نما مقبرو - بنهي اڏاوتن جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي. **ص 24**

پليٽ 8 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي لنگهه تي پٿر جي اُڪير جو ڪم ٿيل ڏسجي ٿو، جنهن جي سر در ۽ پٿر جي چوڪاٺي جي بنهي پاسن تي قرآني آيتون اڪيريل نظر اچن ٿيون. هيٺئين پاسي ونگ سان هڪ جارو آهي. محسوس ائين ٿي رهيو آهي، تہ در جي چانئٺ وٽ نرم سفيد پٿر (Moon stone) جو "دونون" (Sill) لڳل هوندو. **ص 25**

پليٽ 9 - سمن جا پٿرانهين اڏاوت سان لاڳاپيل ٻن قسمن جا مقبرا آهن. انهن مان هڪ پٿر جون همچورس يا چوڪنديون اڏاوتون آهن. جڏهن تہ ٻئي قسم جو تعلق چٽيءَ جهڙن مقبرن جو آهي، جيڪي پٿرن جي ٿنين جي آڌار تي جوڙيون ويون آهن. مقبرن تي بہ ٻن قسمن جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي مقبرا پڪ سراوان بہ آهن. چٽي نما تعمير مٿان ٿانوَ جهڙي نيل (Finial) بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. **ص 26**

پليٽ 10 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي سان گڏ لنگهہ بہ نظر اچي رهيو آهي، جنهن ۾ ٿلهن ۽ سردرن جي هڪ ترتيب موجود آهي. ان ترتيب مطابق هر سردر ڪنڌ وٽ ٻئي سردر سان ملي رهيو آهي، جن کي هينان ٿلهہ ڏنل آهن. **ص 26**

پليٽ 11 - دريا خان عرف مبارڪ خان جي مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. هيءُ ڄام نظام الدين جو نپايل پٽ، وزير ۽ فوجي سپهہ سالار هو. هن تعمير جو بنياد جو پٿرسن 1490ع ۾ رکيو ويو هو. هن اڏاوت جي مهاڙيءَ ۾ ڪنگرا ۽ پلويڙو (Parapet) ڏنل آهي. خوبصورتيءَ واسطي مٿي بنهي پاسي هڪ هڪ جارو رکيو ويو آهي. **ص 27**

پليٽ 12 - دولهہ دريا خان جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن جي اولهہ پاسي واريءَ پٽ ۾ محراب جي تعمير آهي. ان جي هر هڪ پاسي تي پٿر جا پاوا آهن، جنهن تي نهايت نازڪ ۽ نفيس چٽساليءَ جو ڪم ٿيل آهي. وچ صحن تي قبرون آهن، جن مٿان رکيل پٿرن تي خوبصورت اُڪير جو ڪم ٿيل ڏسجي ٿو. دريا خان جي قبر جي پاسي سان ڪُتل پٿر تي تاج جو نشان اُڪيريل آهي. هن اڏاوت جو تعلق پندرهين صدي عيسويءَ سان ڏسجي ٿو. **ص 27**

پليٽ 13 - چٽيءَ نما مقبري جي ڇت، جنهن کي پٿر جا هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي ناهيو ويو آهي. وچ تي لٽڪٽو (Pendent) ڏسجي ٿو. مٿي چٽيءَ جي گول دائري جي هر پٿر تي ونگ جهڙو چٽ اُڪيريل ڏسجي ٿو. هيءَ تعمير، 15 صدي عيسويءَ جي اوائلي دور سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 28**

تصوير 10 - سما دور جي قلعي ڪلان ڪوٽ جي گهٽائي پيرا مرمت ٿي هئي. اولهہ پاسي کان قلعي جي پٽ ۾ مارن جا ڳڙڪا ڏسجن ٿا. ٿوري فاصلي تي مسجد نظر اچي رهي آهي. **ص 31**

تصوير 11 - ڪلان ڪوٽ جي مسجد جو اندريون پاسو، جنهن ۾ محراب ۽ منبر تي اُڪير واري چٽساليءَ جي بهترين طرز نظر اچي ٿي، محراب جي پنئين پاسي رکيل چوڪنڊي ٻاريءَ جا پاوا مٿي وچ پٽ جي حاشيي (Dado) وٽ بيهاريل آهن. هيءَ تعمير سورهين صدي عيسويءَ کان اڳ جي ڪانہ آهي. **ص 32**

تصوير 12 - ڪلان ڪوٽ جي زبون حال پڪسرائين مسجد، جنهن جو فقط وچ وارو حصو بچيل آهي. ان جو اوپر وارو ٻاهريون پاسو گهڻو ڊٺل ۽ ناس ٿيل ڪونہ آهي، پر اڏاوت جو اترين ۽ ڏاکڻون حصو ڊهي ختم ٿي ويو آهي. ص 35

تصوير 13 - هن تصوير ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي سان گڏ سينڊ ونگ (Lancet Shaped arch) سان لنگهہ ڏسجي ٿو، جيڪو هڪ پڪ سرائين مقبري ڏانهن کُلي ٿو. ان لنگهہ وارو مقبرو، هاڻي ڊهي ناس ٿي ويو آهي، جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي واري جڳهہ ۽ سندس سفيد مقبري جي وچ تي آهي. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ جي مُنڍ واري دور سان تعلق رکي ٿي. ص 40

تصوير 14 - مدرسي جي جڳهہ سان مشابهت رکندڙ هڪ ڇٽيءَ نما مقبرو، جنهن ۾ هڪ ٿنڀ ۽ سردر تي ٻڌل هڪ لنگهہ ڏسجي رهيو آهي. اندر داخل ٿبو، تہ هڪ ٿلهي تي ٻہ سادين قبرون ڏسڻ ۾ اينديون. هن تعمير ۾ سنهي پردي سان دريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن جي پٺئين پاسي کان هڪ قديم مسجد جو اوپر وارو پاسو طرف ڏسجي رهيو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ص 41

تصوير 15 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جو هڪ مجموعي منظر، جنهن ۾ مختلف سردرن جو هڪ دائرو نظر اچي ٿو، جيڪي نلهن جي آذار تي بيٺل آهن. هن اڏاوت جو واسطو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ص 42

تصوير 16 - هڪ تعمير جي ڪُنڊ وارو اُڪيريل سردر، جيڪو پٿر جي خوبصورت اُڪيريل چٽيل ٿنڀن جي آذار تي بيٺو آهي. هن اڏاوت جي ڪاريگري مان پتو پئجي وڃي ٿو، تہ شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي گول ڪمري کي اناس جي شڪل ۾ ڪيئن بنايو ويو آهي. ص 42

تصوير 17 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جو اُڪير ٿيل خوبصورت ٿنڀ، جنهن جي مٿئين پاسي چوُمُکو تاج لڳل آهي. ان ٿنڀ جو هيٺيون پاسو ڪاچي چٽي ويو آهي. باقي مٿئين پاسي واري حصي تي، سڌيءَ سنوت ۾ چٽساليءَ جي هڪ خوبصورت طرز چٽيل ڏسجي ٿي. ان ٿنڀ جو فقط اندريون پاسو اُڪير سان سينگاريل ڏسجي ٿو. باقي ٻاهريان پاسا لسا آهن. نئين پاسي کان پرديءَ واري دري آهي، جنهن تي سورج مکيءَ جي نموني واري چٽساليءَ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ص 44

تصوير 18 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ جي تعمير ۾ هڪ ٿنڀ تي اعليٰ معيار جي اُڪير ٿيل آهي، هيءَ اڏاوت شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. هن دور جي مقبرن جي اڏاوت ۾ ٿنڀ جي هيءَ اُڪير جو ڪم پنهنجي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، جنهن جو تعلق 15 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ص 44

تصوير 19 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف ڇهن ٿنڀن وارو ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي، جنهن کي ڀِٽا يارو (Bhitta yaro) جي مزار ڪري سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ درويش هالو دفن ٿيل آهي. هن ڇٽيءَ جا ڇهہ ئي ٿنيا هڪ جهڙا آهن. ڇڄو، چٽساليءَ وارو پلويڙو، ڪنگرا ۽ ٿانوءَ جهڙي نيل اٿس. قبي وينوڙي طرز جي آهي، جنهن جو تعلق 14 صدي عيسويءَ جي پوئين دور سان آهي. ص 45

تصوير 20 - قديم مسجد جي اتر اولهہ پاسي قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهہ قبائين ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مٿان تعمير ٿيل پلويڙو Parapet ، ٿانوءَ جهڙي نيل (Fineal) ۽ مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارو ڏسجي ٿو، جيڪو پلويڙي کان ٻاهر نڪتل آهي. ٿوري پنڌ تي سفيد رنگ جي سيد علي شيرازيءَ جي مزار آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ص 45

تصوير 21 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي اٺ ٿنيائي ڇٽيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مقبري جي تعمير بہ قاضي عبدالله جي مقبري جهڙي آهي، پر سندس ٿانءَ جهڙي نيل پٺي پئي آهي. ڇڄو ۽ پلويڙو بہ هاڻي سلامت ڪونہ رهيو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 15 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. ص 46

تصوير 22 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ وارو مقبرو شايد اهو ڄام تماچيءَ جو آهي، جيڪو ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ طرف آهي. هي قديم يادگار چڱيءَ ريت ۾ محفوظ آهي. اڪريل، ٿنيا، ڇڄا، پلويڙو، ڪنگرا ۽ ٿانءَ جي شڪل جهڙي مٿان

واري نيل سپ صحيح سلامت آهن. هن ڇٽيءَ هيٺان ٽي قبرون آهن. هن تعمير جو تعلق 14 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 47**

تصوير 23 - ڪٽڻي واري اُڪيريل پٿر واري قبر. گهڻو ڪري ڄام تماچيءَ سان تعلق رکي ٿي. سيراندِيءَ واري پٿر تي تاج جهڙو ڪوبه نشان ڪونه آهي. پرسان به ڪٽڻي واري بنا چٽساليءَ جي لسي قبر آهي. ٽين قبر ڪنهن ٻار جي ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي آخر سان آهي. **ص 47**

تصوير 24 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ وارو مقبرو. امڪان آهي، ته هي ڄڳهه ڄام تغلق پٽ ڄام سڪندر جي دور جي هجي. هن تعمير جا سيئي ٿنيا چٽساليءَ وارا آهن. هن جا ڪجهه ڇڄا، ڪنگرا ۽ پلويڙو محفوظ آهي جيڪو ڪاٻي پاسي آهي. هن تعمير جو تعلق 15 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 48**

تصوير 25 - خوبصورت چٽساليءَ سان هڪ ڇت جو حصو ۽ سردر جي اندرئين پاسي هڪ تحرير، جنهن جي ابتدا بسم الله سان ٿئي ٿي ۽ ڪلمو ٻن سٽن ۾ لکيل ڏسجي ٿو، جيڪو سما دور جي هڪ اٺ - ٿنڀي مقبري تي موجود آهي. **ص 49**

تصوير 26 - خوبصورت چٽسالي واري ڇت جو هڪ حصو فارسيءَ جي هڪ لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (ملڪ) راهوءَ جو نالو به آهي، جيڪو ڄام تغلق پٽ ڄام سڪندر جي دور ۾ ٺهيل هڪ اٺ ٿنڀي مقبري سردر جي اندرئين پاسي اُڪيريل آهي. **ص 49**

تصوير 27 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ هڪ اٺ - ٿنڀي مقبري جي خوبصورت چٽسالي واري ڇت، جنهن جا هڪ ٻئي جي مٿان گول ٻار ڏنا ويا آهن. منجهس ونگ جهڙو ڇٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن قسم جي سونهن ۽ سنجٽ واري ڇت ٻين مقبرن ۾ به موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 50**

تصوير 28 - دولهه دريا خان جي پٿر سان اوساريل مقبري جو لنگهه، جيڪو هن تعمير جي ڏکڻ ڏس کان نظر اچي رهيو آهي. هن ڄڳهه جيٰ ديوار ۽ چوڪنڊي ڇڄن تي به ڪنگرا نظر اچي رهيا آهن. لنگهه جو پٿر وارو چوڪاٺو لسو آهي. هيٺئين پاسي چاڻٺ وٽ سفيد نرم پٿر (Moon Stone) جو "دونون" (Sill) لڳل ڏسجي ٿو. سردر تي عربي تحرير موجود آهي. لنگهه ٻنهي پاسن کان پانت پانت جي خوبصورت اليکي (Geometrical) چٽسالي آهي. چئني پاسن کان خوبصورت دربن وارا جارا آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. **ص 51**

تصوير 29 - دولهه دريا خان جي مقبري جو اوڀاريون لنگهه، جنهن تي ڏکڻ واري لنگهه کان مختلف قسم چٽساليءَ جي طرز نظر اچي ٿي. اُڪير ڪجهه مٿاڇري ڏسجي ٿي تنهن ڪري ڇٽي سگهجي ٿو، ته اها ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. هتي هڪ خوبصورت جاري بدران سادو جارو رکيو ويو آهي. اُڪير جون طرزون به ٿوريون ڇنيل آهن. **ص 51**

تصوير 30 - دولهه دريا خان جي مقبري اندر ونگ سان محراب، جنهن تي خوبصورت اُڪير جي ڪم سا چٽسالي جي ٿيل آهي. ان جي سامهون واري پاسي کان ٻنهي پاسن کان ننڍڙا خوبصورت پاوا آهن. چٽساليءَ جي ساڳي طرز محراب جي ٻنهي پاسن کان سڌي سنوت وارين پٽين ۾ ڏسجي ٿو. **ص 53**

تصوير 31 - دولهه دريا خان جي قبر تي رکيل پٿرن تي خوبصورت چٽسالي نظر اچي رهي آهي. سيراندِيءَ واري پٿر تي تاج ڏسجي ٿو. قبر جي تعمير جا به ماڙ آهن. هيٺئين طبقي ۾ ونگ جهڙا خانا آهن، جن اندر گلاب جي گل جهڙو ڇٽ آهي. عربي تحرير ٻن قطارن ۾ ڏسجي ٿي، جيڪي سڌي سنوت ۾ آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدائي حصي سان آهي. **ص 54**

تصوير 32 - دولهه دريا خان جي مقبري جي اندرئين پاسي ٺهيل محراب جي ٻنهي پاسن کان وڌاوڙي ونگ (Corbelled arch) آهي، جنهن تي هڪ تارازي ۽ مختلف قسم جا ٽي وَٽَ ڇنيل آهن. هن قسم جي اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي. **ص 54**

تصوير 33 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊي جي مقبري جي ڏکڻ ڏس تي موجود هڪ قبر. جيڪا چيروليءَ جي ٺهيل آهي. جنهن جي گول ڇٽ اندر ڪجيءَ جو وڻ ڏسجي ٿو. ان ڇٽ سان واري وَٽيءَ تي ڇٽ جي ٻي طرز به ڏسجي ٿي. اهڙا ڇٽَ وچ تي نشان ڏئي الڳ الڳ ڪري بيهاريا ويا آهن. هڪ پڪسري چوديواري به آهي، جنهن ۾ اندرئين پاسي سادي قسم

جون ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 5 هين صدي عيسويءَ جي آخر سان آهي. **ص 55**

تصوير 34 - سما دور جي قديم جامع مسجد جو ڏاکڻيون ڏيک ڏيکاري ٿي، جنهن جي ساڄي پاسي تي ناهيل ڏاکڻ ڊهي فنا ٿي وئي آهي. اڏاوت جي وچ تي ونگ سان لنگهه نظر اچي رهيو آهي. ٻه ٻيون ونگون به ڏسجن ٿيون، جيڪي نماز پڙهڻ واري جڳهه ڪي ٽن حصنٌ ۾ ورهائي ڇڏين ٿيون. معلوم ائين ٿئي ٿو، ته هي مسجد نه قبائين آهي، وچ واري قبي کان ساڄي ۽ کاٻي واري قبي ڪي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ وچ تي ٻه وَنگاوان لنگهه آهن. هن تعمير جو تعلق 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 56**

تصوير 35 - هن مسجد جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو، جنهن جي وچ تي خاني واريءَ ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. ساڄي پاسي ٻه خانا آهن. هن اندر پڻ ونگون جوڙيون ويون آهن. سامهون واري پاسي ۾ ڪيترائي هم چورس جارا آهن. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 56**

تصوير 36 - جامع مسجد جو اندريون پاسو، جنهن ۾ محراب جي تعمير نظر اچي رهي آهي. (اوجهڙ ۾) - ڪارنس (Cornice) مثان رکيل خانن ۾ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. اهڙي چٽسالي وچين محراب جي ٻنهي پاسن کان به آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 57**

تصوير 37 - سما دور سان تعلق رکندڙ ٻه پڪ سراوان مقبرا جن جي ونگ واري لنگهه جي ٻنهي پاسن کان اپا خانا نظر اچي رهيا آهن. قبن جي اڏاوت اٺ - ڪندي ڊيدي (Drum) مثان ٿيل ڏسجي ٿي. سامهون وارو مقبرو مَلڪ راڄپال جو آهي، جڏهن ته ٻيو مقبرو فتح خان جي پيءُ جو آهي. ٻنهي مقبرن جا قبا ڊٺل آهن. هنن ٻنهي اڏاوتن جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 58**

تصوير 38 - مَلڪ راڄپال جو هم چورس پڪ سرائون مقبرو، جنهن ۾ سينڊ ونگ (Lancet Shaped arch) سان لنگهه ڏسجي ٿو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان پٿر جي ننڍڙن پاون سان، اهڙيءَ طرز جا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪارنس (Cornice) ۾ ڏندڙي لاءِ پڪيءَ سر جو ڪنڊائون بار هنيو ويو آهي. هيءَ تعمير 15 صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي. **ص 58**

تصوير 39 - مَلڪ راڄپال جي مقبري جي اندرئين پاسي نظر ايندڙ عربي تحرير آهي، جيڪا هن ريت آهي: هذا المقام الر جي رحمت الله تعاليٰ ملڪ راجبال بن ملڪ انر بن ملڪ راهو بن ملڪ رائدن بن ملڪ راهو بن فيروز شاهه سلطان الاهر برد مصجعه ونور قبره والنس حشش. **ص 59**

تصوير 40 - ڄام فتح خان جي پيءُ جي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن ڪي ورن وڪڙن واري چٽساليءَ جون قطارون ڏسجن ٿيون رهيون آهن. ڪندن ڪي ننڍي قسم جون محرابيون آهن، جنهن سان گڏ وڏيڪ ننڍڙيون محرابيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. **ص 60**

تصوير 41 - فتح خان ولد ڄام نظام الدين جي پيءُ جو هم چورس پڪ سرو مقبرو، جنهن جي اوپر پاسي واريءَ تعمير ۾ ڪي اضافي محرابيون جوڙيل آهن. ان کان سواءِ مختلف خانا ۽ پٿر جي چوڪانن وارو لنگهه ڏسجي ٿو، جيڪو ونگ سان آهي. هن تعمير جو واسطو 898 هه ۽ 1492 عيسويءَ سان آهي. **ص 60**

تصوير 42 - سادو محراب ڏسجي ٿو، جنهن جي ساڄي پاسي هيءَ عربي تحرير آهي:

هذا المقام للرجي اليٰ رحمتہ الله تعاليٰ تمهيد العمارت باامر تاج الدنيا والدين. ميان تاج الدين همشيره ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاه خلد ملڪ و السطلنت في سن تهمن و سب ان و تهمن مي اهوا در ماه ربيع الاول روز پنج شنبہ. **ص 61**

تصوير 43 - قائوس سلطان (Qaus - as - sultani) جي مقبري جو محراب، جنهن جي ٻنهي پاسي خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب کان چوڪندن خاني ۾ هم چورس ڇٽ جي قطار آهي. **ص 62**

تصوير 44 - قائوس سلطاني جي مقبري جو ڏاکڻيون ٻاهريون پاسو، جنهن جي وچ تي ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. منجهس پٿر جي چوڪانو آهي. پاسن کان ونگن سان هڪ ٻئي مٿان ٻه خانا آهن، جيڪي ديوار کان ٻاهر لڪل درين کان مٿان آهي. مٿين خانن اندر مخروطي قسم جي چٽسالي موجود آهي. جڏهن ته پلويڙي ڪي سرن جي ڏندي هٽي خوبصورت

ٻڌايو ويو آهي. هن اڏاوت جو دور 919 هه ۾ 1513ع آهي. **ص 63**

تصوير 45 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ وچ تي نظر ايندڙ لنگهه ۾ پٿر جو ٺهيو ڪـُتل آهي. هن لنگهه جي ڪاٻي ۽ ساڄي ونگ سان ٻاريون آهن. هن تعمير جي صفا ساڄي پاسي ٻه هڪ لنگهه آهي. جتان گذري ڏاڪڻين ڏانهن وڃي سگهبي ٿو. **ص 63**

تصوير 46 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن جي سامهون واري پاسي جو وچ ٻاهر تي نڪتل گگهيءَ نموني جو آهي. جنهن جي درين ۽ پٽ ۾ پٿر جو وڏو پائو لڳل آهي. سنجڻ واري لوڙهڻ. جهالر واريون ونگون هيٺ بنياد ۾ گلن جي اُڪير آهي ۽ ڪرنگهائين لوڙهڻ لڪت سان آهي. جن جي مٿينءَ ڪنڊ ۾ تعمير ٿيل محرابيءَ هيئان آهن. **ص 64**

## باب ٽيون

پليٽ 14 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو اولاهيون پاسو. جنهن جي وچ تي محراب نظر اچي رهيو آهي. مقبري جو پشتي جهڙو هيءُ حصو ڏاڍو خوبصورت آهي. هن پـُشتي (Butress) ۾ ڪم آندل پٿر تي نهايت نازڪ ۽ هنج ٺـُڪ ٿيل چٽسالي ڏسجي ٿي. هن مقبري جي ڏکڻ ۾ ڄام تماچيءَ جو مقبرو آهي (؟). لڪت پٽاندر ڄام نظام الدين جي مقبري جي تعمير جو لاڳاپو 1509 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 67**

پليٽ 15 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب واري ٻاهرئين پاسي جو پـُشتو (Butress) ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرئين هينئين حصي ۾ ڪارنس جهڙي وَٽ (Moulding) آهي. ان ڪان سواءِ ونگن سان خانا (Arched panels) آهن. وچ واري حصي ۾ ڪندن وٽ نفيس چٽسالي وارا سخارا (Sikhara) اُڪيريل خوبصورت پاوا. ڇـَڄي نموني جهلون (Brackets) آهن. جيڪي پـُشتي تعمير سان اڳتي پوئتي قـُرترا هلن ٿا. جڏهن ته مٿئين حصي ۾ جهروڪو ڏسجي ٿو. هي ڄام نظام الدين مشهور سمي سلطان جو مقبرو آهي. جنهن 1460ع کان 1508ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي. **ص 65**

پليٽ 16 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين مهاڙيءَ جو ڏاڪڻيون اڌ. جنهن ۾ در جي ڇوڏاري خوبصورت اُڪير ڏسجي ٿي. جڏهن ته محراب جي مٿئين حصي ڪي ٽي دريون نظر اچي رهيون آهن. جيڪي ڏاکڻ جي روشنيءَ جي مقصد لاءِ رکيون ويون آهن. **ص 66**

پليٽ 17 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جي اولهه پاسي محراب پٽ جو اتريون پاسو. جنهن تي هڪ خوبصورت اُڪير واري چٽساليءَ جي پٽي آهي. جيڪا نازڪ ۽ نفيس عربي ڪتابت جي ڇوڏاري قـري اچي ٿي. مٿان بدڪن جي قطار آهي. **ص 67**

پليٽ 18 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن ۾ هر ڪنڊ ۾ محرابي ۽ جهـَلـُن وارن لٽڪڻ (Brackets Pendentive) جي تعمير ٿيل آهي. مٿي ونگن واري لٽڪڻ ۽ خوبصورت اُڪير جي قطار آهي. هيٺ تري ۾ ٻه اُڪير جي ساڳي قطار ڏسجي ٿي. جيڪا اڻ پوري آهي. **ص 68**

پليٽ 19 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو جي مقبري جي اندرئين پاسي وارو محراب. جنهن جي ٻنهي پاسن کان سنڌي طرز جا نهايت خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب ۾ هڪ ٻئي مٿان ٽي ونگون آهن. جيڪي نهايت خوبصورت آهن. **ص 69**

پليٽ 20 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري اندر رکيل محراب واري پٽ. جنهن ۾ محراب واضح نموني سان نظر اچي رهيو آهي. مٿئين پاسي ٻاهر نڪتل جارو آهي. جنهن جي ٻنهي پاسن کان پاوا لڳل آهن. **ص 69**

پليٽ 21 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو اولاهيون سامهون وارو پاسو. جنهن جي مٿئين پاسي واري چٽساليءَ جي قطار مڪمل ڪانه آهي. ان جي ڏکڻ پاسي چوديواري اندر سمن جون قبرون آهن. جيڪي پٿر جون آهن. قبر

جي سيرانديءَ کان لڳل پٿر تي تاج اُڪيريل آهي ۽ پاسن تي ڪجيءَ جي وڻ جي اُڪير واري ڇِٽَ ٽيل آهي. **ص 70**

تصوير 47 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جو مقبرو اندرئين اترئين پاسي محراب جي پُشتي تي ڪجهه مٿيرو قبيءَ جهڙي ننڍڙي اڏاوت آهي. جنهن جي ڇت ۾ پاسرائين جهڙي چٽسالي نظر اچي ٿي. ڪندن تي ننڍيون محرابيون آهن. ونگن سان ٻارين جي ٻي قطار ۽ سڌي سنوت ۾ اُڪير جون ڪجهه سهيڙون آهن. تعمير جو دور 1509 صدي عيسويءَ آهي. **ص 72**

تصوير 48 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جو ٻاهريون اتريون ۽ ڏاکڻيون پاسو، جن کي اُڪير جون هڪ جهڙيون پٽيون نظر اچن ٿيون. اُتي اتر ۽ اولهه پاسي کان لنگهه آهن، جن ۾ پٿر جا چوڪانا لڳل آهن، جيڪي هاڻي بند آهن. **ص 73**

تصوير 49 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اترين الهنديءَ پٽ جو ٻاهريون پاسو جنهن جي ساڄي طرف هڪ در، ٽي دريون، وچ تي ٽن طبقن وارو محراب جو پُشتو ۽ اولاهينءَ پٽ تي اُڪير جون چوڏنهن قطارون. **ص 73**

تصوير 50 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين پٽ جي ٻاهرئين پاسي تي ۽ محراب کان اتر طرف وچ تي عربي تحرير آهي. اُڪير جي هڪ پٽيءَ ۾ بدڪن جي قطار آهي، جنهن جي ڇهنبن ۾ ڪنول گل جهليل آهي. ان کان سواءِ محراب جي پشتي تي ڪنڊ تي نفيس اُڪير وارا سخارا به ڏسجي رهيا آهن. **ص 74**

تصوير 50 - الف - تصوير 49 ۾ نظر ايندڙ درين جو سلسلو موجود ڏسجي ٿو. **ص 75**

تصوير 51 - محراب جي پُشتي جي ڏکڻ ڏس کان وچون حصو. جنهن تي ڪنڊ ۾ ورن وڪڙن (Curvilinear) تي سخارا (Sikhara) ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ ونگن واريون ٻاريون آهن، جيڪي اُڪيريل خوبصورت ننڍڙن نلهن جي وچ تي ڏسجن ٿيون. صفا ڪاٻي پاسي مٿي ڇڄي نموني جهلون آهن، جيڪي ور وڪڙ ڪندا هلندا وڃن ٿا. **ص 75**

تصوير 52 - محراب جي پشتي جو مٿيون اولاهيون پاسو، جنهن ۾ ونگن سان ٻاريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن جي ٻنهي پاسن کان هيٺان ننڍا سخارا آهن. مٿئين پاسي ونگ سان جهروڪو آهي، جيڪو ڇڄن جهڙين جهلن جي آڌار تي بيٺل آهي. **ص 75**

تصوير 52 - الف - ڇڄي جهڙي جهل ڏسجي ٿي، جيڪا ور وڪڙ ڪندي اڳتي هلندي وڃي ٿي. **ص 75**

تصوير 53 - محراب جي پُشتي جي وچ تي خوبصورت ونگائي ٻاري آهي. ان کان سواءِ پٿر جا پاوا آهن جيڪي نهايت نفاست ۽ نزاڪت سان اُڪيريا ويا آهن. هن کان ڇڄي ٻهڙا واڏڪ ۽ امليڪي گلن واري ڇٽ سان اُڪير ٿيل آهي. جيڪا اندرئين پاسي ڏسجي رهي آهي. **ص 76**

تصوير 53 - الف - صفا مٿئين پاسي رڪيل دريون. **ص 76**

تصوير 54 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهينءَ پٽ جي وچ تي لنگهه وارو در، جنهن تي نئين قسم جي اُڪير واري چٽسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا اسلامي روح جي نمائندگي ڪري ٿي. هي در اسلام کان اڳ واري سنڌي زماني سان پڻ لاڳاپو رکي ٿو. پر ان ۾ ڪي واڌارا آڻي هڪ وڻندڙ تبديلي ڪئي وئي آهي ۽ هڪ مسلمان حڪمران جي جڳهه ۾ ڪتب آندو ويو آهي. **ص 79**

تصوير 55 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اولاهين پٽ جي هيٺئين اڌ ۾ رڪيل دروازو، جنهن جي چائنٺ وٽ "دونون" (Sill) ڏسجي ٿو. پاسن کان سورج مکي جا اُڪير ٿيل جٽ آهن. چائنٺ وٽ هنيل دونو نرم سفيد پٿر (Moon Stone) جو آهي. جنهن جي مٿئين پاسي گل ۽ پاسن کان انگڙ ونگڙ تي اُڪير ۽ گول دائرا آهن. چائنٺ وٽ "دونو" هڻڻ جي روايت اسلام کان اڳ واري سنڌي اڏاوتي دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 79**

تصوير 56 - اترين پٽ جو ٻاهريون پاسو، جتي هڪ در نهيل ڏسجي ٿو پر اهو پوءِ بند ڪيو ويو آهي، جنهن جي سامهون قبر نظر اچي رهي آهي. اولهه واريءَ پٽ کان اُڪير جون پٽيون آهن، جيڪي هلنديون اچن ٿيون. سردر تي هڪ تاريخي لکت موجود آهي. **ص 79**

تصوير 57 - اوپر واري پٽ جو ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ مٿي ونگ سان هڪ دري آهي ۽ هيٺ جافري سان دري ڏسجي

تي. اتر واريءَ پٽ ڪان اُڪير واري چٽسااليءَ سان خوبصورت پٽيون آهن جيڪي هلنديون آيون آهن. **ص 80**

تصوير 58 - اترينءَ پٽ تي نظر ايندڙ سنجٽ ۽ سونهن هتي بدڪن جي اُڪيريل قطار بدران پٿر جي ٽڪ جو بيون طرزون پڻ آهن. جيڪي هتان جي قديم سنڌي روايتن تان ورتيون ويون آهن. **ص 80**

تصوير 59 - اتر واريءَ پٽ جي هيٺئين پاسي جي اُڪير ۽ سنجٽ. جنهن ۾ هم چورس اُڪير واري ڏاڪڻ وانگر رکيل آهي. جيڪا هڪ گل جي قطار جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان ڪان پوءِ وري به گل جهڙي اُڪير جي قطار آهي. جنهن جي چوڌاري هم چورس اُڪير واري چٽن جي طرز ڦري اچي ٿي. در جي چوڪاٺي جي چوڌاري به گول دائري جي پٽي آهي. **ص 84**

تصوير 60 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اوپارين مهاڙيءَ جي اُڪير جي چٽساليءَ واري خوبصورتي. جنهن ۾ عربي تحرير جي فن خطاطيءَ جو ڪمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جو سلسلو اتر پاسي ڪان هلندو ايندو ڏسجي ٿو. جيڪو مٿي نظر ايندڙ ونگائي دريءَ جي ٻنهي پاسن ڪان به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. **ص 84**

تصوير 61 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اوپارينءَ پٽ ۾ جافري لڳل دري ڏسجي ٿي. جنهن ۾ چٽساليءَ جا انڪُنبا آهن. جيڪي دريءَ جي ونگائينءَ جاريءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. صفا مٿئين پاسي هڪ گل جي چٽساليءَ واري طرز آهي. هن چوڪنبي خاني ۾ ونگائي جافري ڪري اهڙا ٽڪنبا (Spandrels) نهي پيا آهن. جن جو ڪنبون هڪ ٻئي ڪان گهٽ وڌ آهن. جن ۾ چٽساليءَ جا نمونا به مختلف آهن. جيڪي امليڪي ۽ ڪٽي گڏوچڙ امليڪي ۽ اليڪي چٽ آهن. **ص 85**

تصوير 62 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي اوپارين مهاڙي جي مٿئين پاسي جي اُڪيريل چٽسالي. جنهن ۾ خوبصورت طرزن جون ٽي قطارون آهن. جن ۾ عربي تحرير به شامل ڪري سگهجي ٿي جيڪا دري وٽ پهچڻ ڪان اڳ پوري ٿي وڃي ٿي. **ص 86**

تصوير 63 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري جي ڏاکڻين پٽ جي مهاڙيءَ جي مٿئين پاسي وارو حصو. جتي مٿئين حصي جي اُڪير جي طرز جي فقط هڪ قطار ڏسجي ٿي. جيڪا هلندي وڃي ڇيڙي تائين پهچي ٿي. باقي ٻيون قطارون پوئتي ڪُٽي وڃن ٿيون. چوڌاري ڦري ايندڙ پٽيءَ (Freeze) وارن چٽن جون ٽي طرزون آهن. جيڪي اتر ۽ اوڀر واري پاسي ڪان ڦري اچن ٿيون. اصل ۾ اهي طرزون بدڪن جي جاءِ تي رکيون ويون آهن. پر پوءِ به اڻ پوريون آهن. ڄام نظام الدين جي مقبري جي اوپارينءَ مهاڙي ۾ نظر ايندڙ لنگهه ۾ رکيل پٿر جو چوڪاٺو. جنهن ڪي پٿر جي اوساري ڪري اڌ بند ڪيو ويو آهي. چوڪاٺي جي پاسن تي گول چٽ مٿئين پاسي عربي تحرير ۾ چانئٺ وٽ نرم سفيد پٿر (Moon Stone) جو ڊونون (Sill) لڳل آهي. چَوڪاٺي پرسان جارو به رکيو ويو آهي. **ص 86**

تصوير 64 - ڏاکڻين لنگهه ۾ لڳل پٿر جو چوڪاٺو. جنهن ڪي پٿر جي اوساريءَ سان اڌ بند ڪيو ويو آهي. جنهن جي وٽ سان امليڪي ڏوريءَ جهڙي اُڪير ۽ سردر تي عربي تحرير ڏسجي ٿي. جڏهن ته چانئٺ وٽ اچي نرم پٿر جو "دونون" (Sill) لڳل آهي. چوڪاٺي جي تري ۾ جارو ناهيو ويو آهي. جنهن ۾ هيري ڪَٽِ (Diamond) طرز جي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. **ص 87**

تصوير 64 - الف - محراب جي اندرئين پاسي چٽساليءَ جو سلسلو. **ص 87**

تصوير 65 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري ۾ اولاهين پٽ ۾ رکيل محراب اندر ڪنڊ واري محرابيءَ (Squinch) ۾ ڇڄي وانگي پٿر رکيل آهن. جنهن جي آذار تي محرابيءَ جي ونگ بيهاري وئي آهي ۽ محرابيءَ اندر ڇڄي جهڙو هڪ پٿر لڳل آهي جنهن هينان لٽڪٽو (Pendentive) هنيو ويو آهي. **ص 88**

تصوير 66 - سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي جي مقبري اندر تعمير ٿيل مکيه محراب جي مٿان جهلڻ جهڙي ڇڄي جي آذار تي بيهاريل جارو آهي. جنهن جي اندرئين پاسي به چٽسالي آهي. مٿئين پاسي وَرَ وڪڙ وارن جهلڻ مٿان ڇڄن جي اڏاوت ٿيل آهي. جاٽايل جاري جي ٻنهي پاسن ڪان سڌيءَ سنوت ۾ ونگن سان خانا آهن. **ص 89**

پليٽ 25 - بديع الزمان جي اَٽ - ٽنيي چٽيءَ جهڙي مقبري جو اندريون مٿيون پاسو، جنهن تي هڪ مور جي تصوير آهي، جيڪو نانگ تي چڙهيو بيٺو آهي ۽ ڪاوڙ مان ڪيس نهنگا هٽي رهيو آهي. تعمير جو تعلق 1602 صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 100**

پليٽ 26 - مرزا بديع الزمان جي مقبري جي ٻئي ٽنيي جو اندريون پاسو، جنهن تي مٽي ۾ بدڪون نظر اچن ٿيون، جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيون بيٺيون آهن. ان ڪان سواءِ ٻين پٿرن تي به ڪجهه چٽساليءَ جون طرزون اُڪيريل آهن. جيڪي گهڻي عرصي گذرڻ ڪان پوءِ ڳري چٽي ويون آهن. ڪنهن طرز جو صحيح پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. **ص 100**

پليٽ 27 - سلطان ابراهيم خان جي اولهه پاسي اٺ - ٽنيي چٽيءَ وارو مقبرو آهي. جنهن جي ٽنين تي ڪنهن به قسم جي چٽسالي نه آهي. پر ان اندر موجود قبرن تي ترخاني طرز جي چٽسالي ٿيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 101**

پليٽ 28 - ٺلهي تي طغرل بيگ جو ڇٽي نما مقبرو، جنهن جي اولهه پاسي تي اُڪيريل مسجد آهي. ان جي ٻنهي پاسن ڪان ننڍڙا مينارا تعمير ٿيل آهن. ڇٽيءَ جهڙو هي مقبرو ٻارهن ٿنين تي بيٺل ڏسجي ٿو، جنهن ۾ اُڪيريل طرز موجود آهي. **ص 101**

پليٽ 29 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جا هر چورس ماپ جا ٿنڀ، جن تي چٽساليءَ جو خوبصورت نمونو نظر اچي ٿو ۽ سردر ٿنين تي رکيل آهن. جڏهن ته ڪنڊن وارن ٿنين تي ٽي سردر رکيل ڏسجن ٿا. هن مقبري ۾ اُڪير جي هڪ نئين طرز نظر اچي ٿي. **ص 102**

پليٽ 30 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري جي ڏاکڻي ۽ اوڀارين مهاڙي. ڏکڻ واري پٽ ۾ ٿنين جي مدد سان ڏيڏي تيار ڪئي وئي آهي. لنگهه واري در جو مٿيون پاسو اوچو آهي. ان جي پٺئين پاسي هڪ مقبرو ڏسجي ٿو. جيڪو ڊهڻ ڪان بچي ويو آهي. **ص 103**

پليٽ 31 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ڏاکڻين اندرئين پاسي تي نظر ايندڙ اُڪير. لنگهه جي در جي چوڏاري نظر ايندڙ خاني ۾ هڪ بنا اُڪير جي پٿر جو چوڪانو آهي. جنهن جي چوڌاري نهايت اعليٰ معيار جي اُڪير ڏسجي ٿي. **ص 104**

پليٽ 32 - مرزا جان بابا جي مقبري ۾ تعمير ٿيل محراب جو پٺيون پاسو جنهن تي اعليٰ طرز جي اُڪير واري چٽسالي نظر اچي ٿي. محراب جي اتر - اولهه واري ڪنڊ ڪي ڪيترن ئي ونگاين ٻارين ۾ ونڊيو ورهايو ويو آهي. جن اندر آڪڙي طرز جي اُپريل اُڪير سان گڏ بيون به چٽساليءَ جون گلن جهڙيون طرزون آهن. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل وچڙيل آهن. **ص 105**

پليٽ 33 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جي ٻئين پاسي اولاهين پاسي وارو مٿيون حصو، جتي ونگن سان ٽي خانا ڏسجن ٿا ۽ هو هڪ خاني اندر آڪڙي طرز سان پوپٽ ۽ گلن جهڙيون مختلف طرزون گڏيل وچڙيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. **ص 106**

پليٽ 34 - مرزا جان بابا جي مقبري جي اندرئين پاسي واري ڪنڊ، جتي نظر ايندڙ ونگائن خانن اندر آڪڙي طرز واري چٽسالي موجود ڏسجي ٿي. تقسيم ڪرڻ وارن پيٽن ۾ به هلڪي اپريل آڪڙي قسم جي ساڳي طرز رکيل ڏسجي ٿي. **ص 106**

پليٽ 35 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ٻاهرين ديوار ۾ نظر ايندڙ آڪڙي طرز جي اُڪير وارا خانا - اهڙي آڪڙي اُڪير مٿان پوپٽ رکيو ويو آهي. طرز اڳئين جهڙي آهي. **ص 103**

پليٽ 36 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جو خوبصورت اندريون پاسو، جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان خوبصورت پاوا رکيل آهن. ٻتي ٻارڻ لاءِ ڇڄي جهڙي ڏاڪي تعمير ڪئي وئي آهي. ونگ جي اندرئين پاسي پٿر جي ڏنڊڙي ڏسجي ٿي. ان ڪان سواءِ اليڪي (Geometrical)، امليڪي، (Foral) ونگائون (Arched) ۽ آڪڙي (Oval) طرزون به آهن. **ص 107**

پليٽ 37 - مرزا جان بابا جي قبي جهڙي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن تي گول نموني جا خانا آهن صفا

وچ تي متي گل جي چٽسالي ڏسجي ٿي، جنهن جي چوڌاري ڏنڊڙيءَ جهڙو چٽ موجود آهي. **ص 108**

پليٽ 38 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ ونگ سان لنگهه وارو در، جنهن ۾ پٿر جو چؤڪانو ڪتب آندو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري هڪ چؤڪنڊي ٻاري آهي. ٻنهي پاسن کان ديوار کان ٻاهر تي نڪتل جارا ڏسجن ٿا. هر هڪ جارو چؤڪنڊي ٻاريءَ سان ونگ جي وچ تي آهي. پٿر تي ڪيل ٽڪ يا اُڪير متاڃري آهي. اهو سنه 1054ه / 1744ع. **ص 108**

پليٽ 39 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري واري چوديواري جي اتر واري پٽ جو اندريون پاسو، جنهن ۾ وچ تي وڏيءَ ونگ سان لنگهه آهي. در جي ٻنهي ٻانهين جي پاسي سان هڪ هڪ جارو آهي، جيڪو پٽ کان ٻاهر نڪتل آهي. ان کان سواءِ پٽ ۾ گهرا اُڪيريل چٽساليءَ وارا جارا به نظر اچن ٿا. پٽ تي ٿيل اُڪير به متاڃري آهي. **ص 109**

پليٽ 40 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ الهندي پاسي ٺهيل محراب جي اندرئين پاسي هڪ چؤڪنڊي اڏيل آهي، جنهن ۾ پڻ متاڃري اُڪير ڏسجي ٿي. محراب جي وچ تي پٿر مان گهڙيل چارين واري دري آهي. سامهون واري هر پاسي تي هڪ پائو لڳل ڏسجي ٿو. **ص 109**

پليٽ 41 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سامهون وارو ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ ٿنڀن سان ورانڊو آهي، جيڪو چوڌاري ڦري اچي ٿو. ساڳئي قسم جو ورانڊو مٿينءَ ماڙ تي به آهي. وچ تي اوچي چؤڪنڊي ٻاري جڙيل آهي، جنهن تي عربيءَ تحرير جون ٽي قطارون آهن. مٿان قبو آهي جنهن جا پاسا ٿورو ٻاهر تي نڪتل آهن. جنهن جي چوڌاري ننڍڙيون قبرون تعمير ٿيل آهن ۽ هر هڪ قبو ٻن ٿنڀن جي وچ واري ورانڊي جي حصي تي ٺهيل آهي. جڏهن ته وڏو سفيد قبو اُٺ ڪنڊي مٿان تعمير ٿيل ڊيڊي (Drum) تي جوڙيل ڏسجي ٿو. هن تعمير جو تعلق 1054 ه : 1644ع سان آهي. **ص 110**

پليٽ 42 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڏاکڻي پٽ ۾ تعمير ڪيل ٽن ونگائن جي پهرين اڏاوت آهي. هر در جي اوچائي ٻن ٿنڀن جيتري آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته ٿنڀ هڪ ٻئي مٿان رکيا ويا آهن. ونگن جي اندرئين پاسي پٿر جي ڪنگري يا ڏنڊڙي لڳل آهي. هن پاسي ڇڃي وارو پلوپڙو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. تنهنڪري اتان ڪنڊن وارو مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو ڊيڊيءَ سوڌو چٽيءَ ريت نظر اچي رهيو آهي. **ص 111**

پليٽ 43 - هيٺئين ورانڊي جي ڇت ٿنڀن جي آڌار تي بيٺل سودرن تي تعمير ٿيل آهي. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ڇٽ هر چورس خانن ۾ ورهايل آهي ۽ هر خاني ۾ گل جي چٽساليءَ ڏسجي ٿي. هن قسم جي تعمير اسلام کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپيو رکي ٿي. ان زماني ۾ هال يا منڊپ تعمير ڪرڻ جو اهو طريقو هوندو هو. **ص 112**

پليٽ 44 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ورانڊي جو ٻاهريون منظر، جنهن ۾ صفا آخر ۾ ٻئي ورانڊي جي ٿنڀن جي هار قطار پڻ نظر اچي رهي آهي. هي ٻن ورانڊن تي ٻڌل اهم اڏاوت آهي. جنهن جا ٻئي ورانڊا مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوڌاري ڦري اچن ٿا. **ص 113**

پليٽ 45 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري ۾ هڪ نراليءَ طرز جو ٿنڀ جنهن تي متي تاج (Capital) وٽ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هر چورس ٿنڀ واري حصي تي املڪي چٽسالي به نظر اچي رهي آهي، جنهن جي اُڪير هيٺ گهري نه پر متاڃري آهي. **ص 114**

تصوير 72 - ارغون دور جو هڪ مقبرو، جنهن بابت ڪا ڄاڻ نه آهي ته اهو ڪنهن تعمير ڪرايو ۽ منجهس ڪير دفن آهي؟ هن تعمير ۾ ونگ سان لنگهه آهي، جيڪو پٿر جي ڪام جي مدد سان جوڙيو ويو آهي. هن لنگهه جي ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ گهرو اُڪيريل هڪ هڪ جارو آهي. هن مقبري جي تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 117**

تصوير 73 - هڪ قديم دور جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪنڊن تي محرابون جوڙي تعمير کي اُٺ ڪنڊي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن مقبري ۾ اندرئين پاسي اُڪير جو فقط هڪ نمونو آهي، جنهن ڪارنس (Cornice) کي وڏيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي. **ص 117**

تصوير 74 - ساڳي تعمير جي ٻاهرئين پاسي اڌ جيترو مٿي اوچائي تي اُڪيريل پٽرن جي هڪ قطار آهي، جنهن ۾ ڪجهه وٽي تي اُڪيريل چٽسالي ۽ وارو پٽر ڪتب آندو ويو آهي. اهڙي اُڪير نہ ابتدائي سما دور نہ وري پوئين ترخان دور ۾ نظر اچي ٿي. ص 117

تصوير 75 - امير سلطان محمد جي مقبري جي چوديواري، جنهن جي محراب ۾ جاري واريون دريون ۽ ٻنهي پاسن کان سامهون پاوا رکيل آهن. هن تعمير جو دور 963 ھ : 1556 عيسوي ۽ آهي. ص 120

تصوير 76 - سلطان سليمان پٽ مرزا عيسيٰ I ترخان جي مقبري جي وانگاڙي اندر قبرن جا پٽر سلطان سليمان جي قبر جي سيراندي ۽ هڪ اوچو پٽر نصب ٿيل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ ونگائون جارو آهي. شايد اهو چراغ ٻاري رکڻ لاءِ ڏياني ۽ طور تعمير ڪيو ويو هوندو. ان جي مٿئين پاسي تاج (Crown) جي اُڪير ڏسجي ٿي. سلطان سليمان 1557ع ۾ وفات ڪئي هئي. ص 123

تصوير 77 - مرزا صالح پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواري ۽ اندر پٽر جون قبرون، معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ جنهن قبر لاءِ پاسي سان ٻہ ڊگها پٽر ڪُتل آهن، سا مرزا صالح جي آهي. قبر ڪي چئن ڪندن تي پاوا لڳل آهن. هن 970 ھ /1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. هتي هڪ ٻي بہ قبر آهي، جنهن ڪي چئن ئي ڪندن تي پاوا لڳل آهن. شايد اها مير زاهد محمد ترخان جي آهي، جنهن 966 ھ /1559ع ۾ وفات ڪئي هئي. ص 123

تصوير 78 - مرزا باقي بيگ جي مقبري جي چوديواري جو لنگهہ، جيڪو چوڪُندو ۽ اوچو آهي، مٿان ڪنگرا تعمير ٿيل اٿس. هيٺان پٽر جو چوڪانو لڳل آهي. پاسي وارين پٽين ۾ جافري ۽ سان دريون آهن، هن تعمير ۾ خاص فرق واري ڳالهہ هي ۽ آهي، تہ اُڪير جي طرز بلڪل نئين آهي، جيڪا ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. هن 1586ع ۾ وفات ڪئي هئي. ص 124

تصوير 79 - هبشاد ٻائي اهنسا ٻائي (Ahinsa Bai) جو پٽر سان جوڙايل مقبرو چوديواري ۾ ناهيل محراب جي اوچي ۽ اڏاوت تي اُڪير واري چٽسالي ٿيل ڏسجي ٿي. ونگائين محراب جي چوڪُندي خاني جي ڪندن تي بہ گل چٽيل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي تي خاني سان ونگ آهي، جنهن جي مٿئين پاسي وچ تي هڪ گل اُڪيريل آهي. ان ڪان پوءِ ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ جافري ۽ تي بہ دريون ڏسجن ٿيون. هن تعمير جو تعلق 1000 ھ /1591ع جي دور سان آهي. ص 126

تصوير 80 - ترخان دور جو هڪ گمنام اٺ - ٿنڀي ڇٽي جهڙو مقبرو، جيڪو مرزا باقي بيگ ترخان جي وسيع چوديواري ۽ اندر آهي، جنهن جي ٿنڀن جو ڪندون ساديون آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسوي ۽ جي ابتدائي دور سان آهي. ص 126

تصوير 81 - مرزا بديع الزمان جو اٺ - ڪنڊائون ڇٽي جهڙو مقبرو، جنهن جي اندر سڌي ۽ سنوت واري هڪ قبر آهي. مٿان مخروطي قسم جا قبا اڏيل آهن، جنهن ڪي گول ٻار ڏئي جوڙيو ويو آهي، جيڪو قبائين تعمير جو پراڻو طريقو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1602ع سان آهي. ص 127

تصوير 82 - مرزا بديع الزمان جو اَٺ ڪنڊائون ڇٽي ۽ جهڙو مقبرو، جنهن جي اٺ ڪنڊائين ٿنڀن تي اُڪير جي هڪ نئين طرز واري چٽسالي نظر اچي ٿي. قبر واري پٽر تي اُڪير جي زنجيري رکي وئي آهي، جنهن سان قبر جي ان پٽر جي مهاڙين کي مختلف خانن ۾ ونڊي ڇڏيو آهي. ص 127

تصوير 83 - مرزا مرزا عيسيٰ ترخان I جي مقبري واري چوديواري اندر خوبصورت اُڪير سان اٺ ڪنڊائون مقبرو، جنهن جي ٿنڀن تي ترخان دور سان لاڳاپو رکندڙ نئين طرز جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي ۽ 17 هين صدي عيسوي ۽ جي اڏاوت آهي. ص 127

تصوير 84 - ساڳئي مقبري سان واسطو رکندڙ ڇت واري اُڪيريل چٽسالي، جيڪا سما دور جي ڇت کان بلڪل الڳ آهي. ص 128

تصوير 85 - عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار کان اولهہ پاسي اٺ - ٿنڀي ڇٽي جهڙو مقبري جي اڏاوت، جنهن جي

اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪيتريون ئي قبرون آهن. سپيئي ترخان اڏاوتي طرز جون آهن. هن مقبري جا ٿنڀ بہ اٺ ڪنڊا ۽ لسا آهن. تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي. **ص 130**

تصوير 86 - هم چورس ماپ جو اٺ - ٿنڀي ڇٽي جهڙو هڪ مقبرو، جنهن جي ٿنڀن تي ڪنهن بہ قسم جي اُڪير نظر ڪانہ ٿي اچي. هر هڪ ٿنڀو پاسن جي وچ تي آهي ۽ اڏاوت ڇٽن ڪندن واري ڏسجي ٿي. هتي قبي جي تعمير جي نئين طرز ڏسجي ٿي، جنهن ۾ ونگ سان خانا رکيا ويا آهن ۽ قبي جو بنياد بہ ان ترتيب سان رکيو ويو آهي. تعمير 17 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 131**

تصوير 87 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ڏکڻ ڏسا تي هڪ گمنام مقبرو، جيڪو ڇٽي جهڙو آهي، جنهن جي هم چورس لسن ٿنڀن جي تاجن (Capitals) وٽ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي اُڪيريل ڏسجي ٿي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان آهي. **ص 133**

تصوير 88 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبري جي ڇت، جتي جافريءَ سان ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هيءَ تعمير 17 صدي عيسويءَ جي وچ واري زماني سان تعلق رکي ٿي. **ص 133**

تصوير 89 - مرزا طغرل بيگ جو مقبرو ۽ اولهہ پاسي تعمير ٿيل مسجد، جيڪا اوڀر - اتر پاسي کان نظر اچي رهي آهي. مقبرو يارهن ٿنڀن تي ٻينل ڇٽيءَ جهڙي تعمير آهي. هن جڳهہ جو لاڳاپو 1059 هہ/1649ع سان آهي. **ص 134**

تصوير 90 - مرزا طغرل بيگ جو مقبرو، جنهن ۾ خانا ۽ ڳنڍيل وچڙيل قسم واريون ونگون آهن. قبي جي تعمير ۾ نواڻ نظر اچي ٿي. هن تعمير جو دور 1059 هہ/1649ع وارو آهي. **ص 134**

تصوير 91 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جي اولاهين پٽ ۾ ناهيل خوبصورت مسجد، جنهن جي اُڪيريل ٿنڀن تي ٿيل ڪم ٽُڪَ جيان گهرو آهي. **ص 135**

تصوير 92 - مرزا طغرل بيگ جي مقبري جي هم چورس ٿنڀن جي تاجن (Capitals) وٽ ماڪيءَ جي مانارن جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ آڪڙي طرز تي هينان ۽ مٿن پوپٽ جهڙا چٽ ڏسجن ٿا. هيءَ اڏاوتي طرز ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. **ص 136**

تصوير 93 - هڪ پٿرائين لوڙهت (Cenotaph) جنهن جي وچ تي بيد مشڪ جو وڻ اُڪيريل آهي ۽ هيٺ هڪ چوپائي جانور (Quadrupeds) جي تصوير ڏسجي ٿي. صفا مٿئين پاسي بدڪون آهن، سيراندي کان لڳل پٿر تي هم چورس اُڪير جي وچ تي هڪ گل موجود آهي. تعمير جو تعلق 948 هہ/1542ع سان آهي. **ص 136**

تصوير 94 - هڪ ٿلهي تي چوکنڊي نموني جهڙيون قبرون، جن جي پٿرن کي هر ڪنڊ تي پاوا لڳل آهن. عورتن جي قبرن جي پٿرن تي ٻن چوڙين جي اُڪير ڏسجي ٿي. تعمير جو واسطو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 137**

تصوير 95 - چوکنڊي طرز جي قبرن جي پليٽ فارم تي اُڪير جا نمونا، هيٺئين لوڙهت تي ور وڪڙ ليڪون، پڻين سان چٽسالي ۽ ڪونج چٽ (Sigmas) جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. مٿئين ٻن تختين تي ڏاڪڻ جي ترتيب تي هم چورس ٽڪ کي قطار ۾ رکيو ويو آهي. اها طرز پڻ پراڻي آهي جنهن کي نئينءَ ترتيب سان اُڪيريو ويو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. **ص 137**

تصوير 96 - ٻن مان هڪ قبر جي تصوير، جيڪا ڪنهن عورت سان لاڳاپو رکي ٿي، جنهن تي سنڌ جي نون (None) طرز جي ڳهڻ اُڪير ٿيل آهي. وچ تي چندن هار (Torque) ۽ پاسن تي ڪنگڻ (Armlet) ان کان هيٺ منڊيون (Finger Rings) مٿان پنڙا (Ear rings) ۽ قبر جي پاسي تي پٽيون يا ڪڙيون (Anklets) اُڪيريل آهن. **ص 137**

تصوير 97 - ٻن مان هڪ مرداڻي قبر، جنهن تي هٿيار بند گهوڙيسوار جي تصوير اُڪيريل آهي. گهوڙو مڪمل طور سنجيل ڏسجي ٿو ۽ مٿي اپڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سوار جي مٿي تي پٽڪو ٻڌل آهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ گهوڙي جي واڳ جهليل آهي. جڏهن تہ سندس کابو هٿ تلوار جي مُنئي تي رکيل ڏسجي ٿو. **ص 138**

تصوير 98 - مرزا جان بابا جي مقبري جو ٻاهريون ڏاکڻو - اولاهيون پاسو. جنهن ۾ اولهه واري پٽ جي خوبصورت اُڪير نظر اچي رهي آهي. ڏاکڻين پٽ ٽنهي جي مدد سان نهيل ڏيديءَ تي مشتمل آهي. ان کان سواءِ لنگهه واري در سان اوچي اڏاوت نظر اچي ٿي. هن تعمير جو 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان لاڳاپو آهي. ص 139

تصوير 99 - مرزا جان بابا جي مقبري جو ڏاکڻيون سامهون وارو پاسو. جنهن ۾ ٽنهي جي مدد سان ڏيديءَ جي اڏاوت ڏسجي ٿي. چوديواري جي ٻاهرئين پاسي ونگن سان خانا آهن. خوبصورت اُڪير وارو اهو پاسو ايترو اوچو آهي جو پنيان وارا ٿي ڇتيءَ جهڙا مزار نظر نٿا اچن. ص 139

تصوير 100 - مرزا جان بابا جي مقبري جو نقشو ۽ تعمير جي رٿا بندي، جنهن ۾ مقبري جي پٿرن سان جوڙايل وانگاڙو کاري رنگ ۾ ليکيل آهي، جنهن تي هڪ ننڍڙي زناني چوديواري جو بہ نشان آهي. ڏکڻ پاسي ٽنهن جي مدد سان ڏيدي پڻ ظاهر کئي وئي آهي ۽ اولهہ پاسي کان محراب جي اوچي اڏاوت پڻ ڏيکاري وئي آهي. ص 139

تصوير 101 - مرزا جان بابا جي مقبري اندر تعمير ٿيل محراب وارو حصو بہ ان جي اوچائي، مکيہ محراب جي مهاڙي ۾ ونگائين اڏاوت ڏسجي ٿي. ان ونگ جي شڪل ذري گهٽ گول آهي. پاسي سان بہ چوکنڊا خانا آهن. جن ۾ گول قسم جي اُڪير موجود آهي. محراب واري خاني جي نُڪرن ۾ هڪ هڪ اُڪيريل گل چٽ ڏسجي ٿو. اندرئين پاسي اُڪير جون ليٽيل سنوت ۾ پٽيون ڏسجن ٿيون. هن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت سنڌي اڏاوتي طرز جا پاوا آهن. ص 140

تصوير 102 - مرزا جان بابا جي مقبري جي ديوار ۾ نظر ايندڙ خانا. جن ۾ آڪڙي طرز وارن چٽن سان پوپٽ نظر اچن ٿا ۽ مٿان گل جهڙي اُڪير آهي. خانن کي الڳ ڪرڻ وارن پٽين تي بہ ساڳئي قسم جي اُڪيريل چٽسالي آهي. مٿي ڪارنس تي اُڪير جون ٽي پٽيون آهن. ص 140

تصوير 103 - محراب جي پٺئين طرف وارو اولاهيون ۽ ڏکڻ - اولهہ وارو پاسو. جن تي خوبصورت خانن واري طرز موجود آهي. جنهن ۾ آڪڙي اُڪير واري طرز سان گڏ رڪيل پوپٽ آهن. جيڪي گڏوچڙ گلڪاريءَ سان گڏ نظر اچي رهيا آهن. ص 142

تصوير 104 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر پٽين وسيلي نهيل ٽي مقبرا جن جا ٽنيا هم چورس ۽ لسا آهن پر سندن مٿئين پاسي تاجن وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. هنن ٽنهي مان فقط وچون مقبرو صحيح سلامت آهي. ص 142

تصوير 105 - مرزا جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر موجود صحيح سلامت مقبري جي ڇت، جنهن ۾ ونگ وارن خانن جون گهٽيون قطارون ۽ مٿي هڪ ورن وڪڙن جي طرز جي سهيڙ آهي. ص 144

تصوير 106 - جان بابا جي مقبري اندر گول دائرن جي هڪ ٻئي کي پائيندڙ ۽ ورن وڪڙن واري اُڪير جي طرز جيڪا قبي جي وچ تي مٿي نظر اچي رهي آهي. ص 145

تصوير 107 - مرزا جان بابا جي مقبري اندر ونگ سان خانو، اهڙا خانا ڪنڊ واري محرابيءَ جو ڪم بہ ڏيندا آهن. انهن محرابن جي تعمير کان پوءِ هم چورس منڊپ، اٺ ڪنڊي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ان اٺ ڪنڊي کي وري آسانيءَ سان سورنهن ڪنڊو بہ بڻائي سگهجي ٿو. ص 145

تصوير 108 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي رٿابندي ۽ زمين تي نقشو. هن مقبري جي ٻاهران وانگاڙو ڏنل آهي، جنهن ۾ خوبصورت خانا ناهيل آهن. مکيہ لنگهہ اوڀر پاسي کان آهي. اتر ۽ ڏکڻ طرف کان بہ لنگهہ آهن. جيڪي بند آهن ۽ محراب اولهہ پاسي تعمير ڪيو ويو آهي. مکيہ مقبرو ٽنهن جي آڌار تي بيٺل آهي، جنهن کي پاسي واريون ديواريون ڏئي تيار ڪيو ويو ٿو ڏسجي. ان کان سواءِ ٽنين جي آڌار اڏايل بہ ورانڊا آهن. اڏاوت جو هي فن. گجرات جي اڏاوتي فن سان لاڳاپو رکي ٿو. ص 146

تصوير 109 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو هڪ اوچو حصو، جنهن ۾ ٻن پاسن کان اوچو پلويڙو ڏنل

ڏسجي رهيون آهن ۽ ونگن وارن خانن سان اولاهين پٽ ۾ قبائين مسجد بہ تعمير ڪئي وئي آهي. مقبرو، مسجد جي اوچي پيش طاق جي اوٽ ۾ اڃي ويو آهي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل آهن. هن تعمير جو تعلق 1050 هہ ۽ 1640ع سان آهي. ص 155

پليٽ 48 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري واري اڌ قبائين مسجد ۾ ڪاشيءَ جي سرن جي سونهن ۽ سنجٽ ڪندڙ وارين محرابين مٿان پاڻ ۾ ڳنڍيل وچڙيل پيچيده ونگن جي ترتيب سان آهي. جڏهن تہ ڇت ۾ ڪُنڊڙي (Zig Zag) جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. ص 156

پليٽ 49 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري جو منظر، جنهن جي اوپرياسي واري پٽ ۾ تعمير ٿيل لنگهہ ڏسجي رهيو آهي. مکيہ مقبرو وچ تي آهي، جڏهن تہ کابي منڊپ ڏانهن امير محمد سلطان جو مقبرو ۽ زبون ٿيل مسجد نظر اچي رهي آهي. هن تعمير جو تعلق 966 هہ : 1550ع سان آهي. ص 157

پليٽ 50 - سلطان ابراهيم جو اٺ ڪندو مقبرو جنهن جي اٺن ئي پاسن کان هريون (Alcoves) تعمير ٿيل آهن. وچ تي اوجو ۽ ويڪرن پاسن سان مخروطي قسم جو قبو ڏسجي ٿو. هن جڳہ ڪي نهڻ وقت ڪاشيءَ جي نيريءَ سرن سان سينگاريو ويو ٿو ڏسجي. ص 157

پليٽ 51 - سلطان ابراهيم جي مقبري ۾ ڪُنڊ واري هڪ هريءَ جو ويجهو منظر جنهن ۾ در جي چوڪاٺي ۾ ڳڙکين وارو پٿر هنيو ويو آهي. مٿئين پاسي ونگائين دري ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هڪ عربي لکت آهي، جيڪا نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن تي اڇي رنگ سان خطاطي ٿيل آهي ۽ تباهيءَ کان بچي ويل سونهن ۽ سنجٽ بہ آهي، جيڪا وڏي ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڏسجي ٿي. ص 158

پليٽ 52 - مرزا جاني بيگ جو پڪ سرائون اٺ ڪندو مقبرو، جنهن جي پٿر جي چوديواري جي اندرئين اولاهين پاسي پٽ سان مسجد جوڙي وئي آهي. هن تعمير جو تعلق 1009هہ : 1601ع سان ڏسجي ٿو. ص 159

پليٽ 53 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي هڪ هريءَ جو ويجهو منظر، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سرن جا خانا آهن، ڳڙکين سان هڪ پٿرانهين دري ۽ نيري رنگ جي تر تي اڇي عربي لکت ڏسجي ٿي. ص 160

پليٽ 54 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ونگن سان خانا، هڪ ٻئي سان ڳنڍيل وچڙيل ونگن جو هي سلسلو، جن سيني ۾ ڪاشيءَ جي سر جي سونهن واري سنجٽ رکي وئي آهي. ص 161

پليٽ 55 - ديوان شرفا خان جو پڪسرائون مقبرو، جنهن ۾ هُرين بدران ڪندن تي گول قسم جا منارا تعمير ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ ويڪرن پاسن وارو قبو بہ ڏسجي ٿو، جنهن کي هلڪي نيري رنگ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اولهہ پاسي کان پٽ ۾ مسجد جي اڏاوت ٿيل آهي. هن اڏاوت جو تعلق 1048هہ : 1638ع سان آهي. ص 159

پليٽ 56 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي قبي جو اندريون مٿيون پاسو، جنهن ۾ ونگائين خانن کان مٿان ڏنگڙي (Zig Zag) چٽسالي آهي. ص 161

پليٽ 57 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي وانگاڙي جي اولاهينءَ پٽ لڳ تعمير ٿيل مسجد جو محراب ڏاڍو چمڪيلو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ونگاوان خانا آهن، جن اندر ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. ص 162

پليٽ 58 - پڪ سرائين دبگير مسجد، جنهن ۾ اوپر طرف تي ونگاوان لنگهہ ڏسجن ٿا. سامهون واري پاسي ٻنهي ڏسائن کان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻيون نهيل آهن. مسجد جو اڳڻ پٿرن سان جڙيل آهي. ڇت تي قبا ئي ڏسجن ٿا. تعمير جو سال 1588ع آهي. ص 162

پليٽ 59 - دبگير مسجد جي وچين لنگهہ جو ويجهو ڏيک، جنهن جي هر هڪ پاسي ونگاوان خانا آهن، جن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. ص 163

پليٽ 60 - محراب واري وچين قبي جي فرش تي بيهي اتر پاسي نظر ڪبي تہ ونگن جي ۽ ونگائين خانن جي وٿيءَ

کنگرين يا ڏندڙي جي قطار آهي. هن تعمير جو تعلق 1050هه / 1640ع آهي. **ص 174**

تصوير 131 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري جو مجموعي منظر، جنهن ۾ اوپر پاسي واريءَ پٽ ۾ لنگهه تعمير ڪيو ويو آهي. اولهه پاسي کان ديوار ۾ خانا آهن. ديوار سڄي ڪري پيچي پُري وئي آهي. **ص 174**

تصوير 132 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي چوديواريءَ جو نقشو، جنهن ۾ اولهه پاسي کان مسجد جي تعمير ڏيکاري وئي آهي. هن مقبري جي هرڪنڊ تي هَري رکڻ بدران گول قسم جا منارا جوڙيا ويا آهن. هن اڏاوت جو دور 1048هه / 1638ع آهي. **ص 178**

تصوير 132 - الف - دبگير مسجد جي چوڌاري موجوده دور جي تعمير ڪيل پٽ. **ص 182**

## باب ڇهون

پليٽ 62 - امير محمد خان جي هڪ قبي تي مشتمل هم چورس ۽ پڪسرائين مسجد. لنگهه اوپر پاسي کان اتس جنهن ۾ اُڪيريل پٿر جو چوڪانو لڳل ڏسجي ٿو. هن اڏاوت جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي کان ڪاشيءَ جي چمڪدار سر ڪتب آندي وئي هي. هن اڏاوت جو تعلق 1039 هه / 1629ع سان آهي. **ص 164**

پليٽ 63 - ٺٽي جي جامع مسجد. جيڪا دهلي جي شهنشاهه شاهه جهان جي حڪم سان تيار ڪئي وئي هئي. مسجد جي سامهون باغيچو آهي، جنهن لاءِ ٽي لنگهه آهن. هي ٻئي موجوده دور جو واڌارو آهن. سامهون ڦوهارو، پاٽيءَ جي ڪسي ۽ راهدارين سان بيد مشڪ جا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1054هه/1644ع-1057هه/1647ع سان آهي. **ص 183**

پليٽ 64 - مسجد جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ ٽي ونگاوان لنگهه آهن. جن مان وچيون وڏو آهي. اتان گذري قبي واري مندپ ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. پر اهو پاسو هاٿي ڪاٺ جا در هڻي بند ڪيو ويو آهي. سامهون پوئين دور جي هڪ قبر آهي. هر هڪ لنگهه جي پاسي ۾ دريون آهن جن ۾ گـرل (gril) لڳل آهي. هنن سپني ۾ موجوده دور جون چمڪدار ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. **ص 183**

پليٽ 65 - جامع مسجد جي مکيه دروازي جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪاٺ جا در لڳل آهن. بنيادن کان وني وچ واري حصي تائين پٽين تي مينا ڪاري جو ڪم ڏسڻ جهڙو آهي. هن ننڍي قسم جي قبي اندر ۽ هيٺين پاسي گڏيل وچڙيل ونگن ۽ محرابيءَ جي چٽساليءَ ۾ موجوده دور جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. **ص 184**

پليٽ 66 - جامع مسجد جي مکيه لنگهه جي پٺئين پاسي قبائين اڏاوت هينان ڪمري واري ڇت ۾ ڪاشيءَ جي سرن کي ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ گڏيل وچڙيل پيچيده قسم جون ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صفا مٿي وچ تي سورج مُکي گل جو چٽ آهي. منظر مان ائين لڳي رهيو آهي جڻ آڪاس ۾ تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هجن. **ص 185**

پليٽ 67 - جامع مسجد جي ٻئي قبي جي ڪمري جي ڇت، جنهن ۾ موجوده دور جي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. هتي معلوم ٿيندو، ته پراڻي دور جي چٽساليءَ کي ورجايو ويو آهي.ان کان سواءِ وچ واري حصي کي اڇين ليڪن سان سجايو ويو آهي. **ص 185**

پليٽ 68 - جامع مسجد اندر واري آڳند جنهن ۾ اولهه اتر ۽ ڏکڻ پاسي وارين ايوانن جي مهاڙين جي چٽسالي ڏسجي رهي آهي. هتان کان اولهه ۾ اوجو مقصوره ڏسجي رهيو آهي. تنهنڪري مسجد جي محراب وارو مکيه مرڪزي قبو اوٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ نظر ڪونه ٿو اچي. **ص 186**

پليٽ 69 - جامع مسجد جي اندرئين اترئين ايوان جي مهاڙي، جتي ونگايون اڏاوتون ۽ اتر وارو قبائون مرڪزي لنگهه نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سونهن ۽ سنجٽ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون ۽ ونگن جي هيٺين ۽ اندرئين پاسي پٿر جا ڏگها ٽڪر ڪتب آندا ويا آهن. وچ تي گچ سان ٺهيل اڇي قبر ننڍي ماپ جي پلويڙي کان مٿي چٽي نظر اچي ٿي، جنهن جي

۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي. ص 163

پليٽ 61 - دبگير مسجد جو وچيون محراب، جنهن جي سامهون واري پاسي تي پٿر تي ٿيل اُڪير وڃي اڏوگابري بچي آهي. هوا لاءِ پاسي کان ونگن سان دريون رکيون ويون آهن. مٿئين پاسي تي ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڏسجي ٿو. ص 164

تصوير 120 - شيخ جيئي جي پڪ سرائين ۽ گچ جو ليپو ڏنل مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو، جنهن جي ڪاچي ويل ڇت ۾ ايپيءَ طرز جا خانا ۽ هم چورس جارا آهن. در ۾ پٿر جو چوڪانو لڳل ڏسجي ٿو. ان سان گڏ هڪ ننڍو ونگائون لنگهه بہ آهي، جتان گذري ڏاکڻ تائين پهچي سگهجي ٿو. صفا مٿي محرابيءَ جهڙو اڌ - قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ص 166

تصوير 121 - ارغون دور جو هڪ گمنام مقبرو، جنهن جي ٻاهرئين پاسي هڪ ٻئي اندر چوڪنڊا خانا جوڙيا ويا آهن. ان کان سواءِ بنيادن کان وٺي وچئين حصي تائين پٿر جي اوساري ڏسجي ٿي. پٽ جي پٺئين پاسي محراب جي اوچي اڏاوت موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي. ص 166

تصوير 122 - ارغون دور جي هڪ گمنام مقبري جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو، جنهن وچ تي لنگهه ڏسڻ اچي ٿو. هن جي هر هڪ پاسي تي هڪ ٻئي مٿان ونگن سان خانا آهن. ونگائين لنگهه مٿان دري آهي، جيڪا پڳل آهي. هتي وڏيءَ ونگ جي نئين طرز ڏسجي ٿي. هي 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي. ص 167

تصوير 123 - ارغون دور جي گمنام مقبري اندر پٿرانهين لوڙهن آهي، جنهن جا ٻہ طبقا آهن. هن قبر تي اُڪير جي ٻن نموني چٽساليءَ جي وچ تي عربي تحرير آهي. ص 168

تصوير 124 - ست چڙهٽي جو ڏکڻ - اولهہ پاسو، جنهن جي مکيہ لنگهہ واري ڏاکڻ ڪي ست ڏاڪا آهن. جيڪي وچ تي نظر اچي رهيا آهن. بنيادن وٽ پٿرن جي اوساري ڏسجي ٿي. ڪنڊن وٽ ٿي محرابي لنگهہ آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 صدي عيسويءَ جي آخري حصي سان آهي. ص 169

تصوير 125 - ست چڙهٽيءَ جي اٺ ڪندي منڊپ (Hall) جنهن جي فرش تي گچ سان لنبيل قبرون آهن. هر ڪنڊ تي هڪ وڏو محراب موجود آهي. هنن محرابن کي ڪاشيءَ جون سرون هٽي خوبصورت بڻايو ويو آهي. هتي ونگ سان هڪ لنگهہ آهي. جتان گذري پر واري ڪمري ۾ وڃي سگهجي ٿو. مکيہ لنگهہ واري ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل ڏسجي ٿيون. ص 171

تصوير 126 - دبگير مسجد جي مکيہ ونگائين لنگهہ جي ٻاهرئين پاسي واري ونگائين خاني ۾ سونهن سنجڻ لاءِ ڪاشيءَ جون چمڪٽيون سرون ڪتب آنديون ويون آهن، جيڪي ڏنداٿين ونگ (Multicusped Arch) ۾ موجود ڏسجن ٿيون. هن چٽساليءَ طرز جي مرڪزي تصوير ائين آهي ڄڻ ڪا ڪوراڙ بلا وڪڙ هٽندي وڃي رهي آهي. هن اڏاوت جو دور 1588ع آهي. ص 171

تصوير 127 - مرزا جاني بيگ جي مقبري واري چوديواري ۾ در جهڙو لنگهہ. جنهن تي عربي لکت آهي، جيڪا در جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان سان گڏ خانن جو هڪ سلسلو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ چهنبدار ونگ اندر گلن جي طرز واري چٽسالي رکيل ڏسجي ٿي. ص 172

تصوير 128 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو نقشو، جنهن ۾ اٺ ڪندي مقبري کي پٿر جي چوديواري وانگاڙو آهي، جنهن کي اوپر کان لنگهہ ۽ اولهہ پاسي کان پٽ ۾ محراب جوڙيو ويو آهي. هن مقبري کي چار لنگهہ آهن. ٽن ڪُنڊن ۾ ٿي هر ٻئين ۽ چوٿينءَ ڪنڊ ۾ ڏاکڻ جوڙيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو زمانو 1601ع آهي. ص 172

تصوير 129 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اڌ حصو، جنهن ۾ سونهن ۽ سنجڻ لاءِ خانن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪي ڪتب آندو ويو آهي. ڇت ۾ گڏيل وچڙيل ونگون ۽ ڪنڊڙو (Zig Zag) ڇت ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ص 173

تصوير 130 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري ۾ اولهہ پاسي تعمير ڪيل قبائين مسجد جي محراب جو پٺيون پاسو، جنهن ۾ اٺ ڪندي ڊيڊيءَ (Drum) جي مٿان نبات جهڙو جو قبو تعمير ڪيو ويو آهي ۽ ڪارنس وٽ

هيٺان بين جي مقابلي ۾ وڏي ونگ ڏسجي ٿي. **ص 186**

پليٽ 70 - مسجد جي اترئين حصي، ٿنڀن وسيلي جدا ڪيل پاسي کان بيهي جيڪڏهن نهاربو، ته ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هڪ منظر ڏسڻ لاءِ پڪل ڳاڙهين سرن جي ونگن جو سلسلو نظر ايندو. **ص 187**

پليٽ 71 - محراب جي اولهه پاسي واري مهاڙي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سر جي استعمال جو ڏانءُ ۽ ڏات جو سدا بهار نظارو موجود آهي. اڌ قبي جهڙي محراب اندر سفيد رنگ جي ليپي جي تر تي Talac tite ڇٽ آهي. پنئين پاسي ڳڙڪين واري دري ڏسجي ٿي. **ص 187**

پليٽ 72 - محراب جي ڪنڊ ۾ هڪ محرابيءَ اندر ڪاشي جي سرن جا خانا ٺاهيا ويا آهن. جيڪي بنيادن کان وٺي محرابيءَ جي وچ تائين آهن. اندرئين مٿي پاسي به ونگون ٺاهيون ويون آهن. **ص 188**

تصوير 133 - مسجد محمد بن قاسم، جنهن ۾ ٽن قبن واريون ۽ جڳهون شامل آهن. ڏاڪڻ ٻنهي مسجدن جي وچ واري حصي ۾ تعمير ڪئي وئي آهي. قبن جي چوڏاري پٽي ڏسجي ٿي. لنگهه ونگ سان آهي، جتان گذري ڪري چوديواري اندر پهچي سگهجي ٿو. اها اڏاوت 17 هين صدي عيسويءَ جي آخري دور جي آهي. **ص 192**

تصوير 134 - مسجد محمد بن قاسم جو پٺيون پاسو، جنهن ۾ محراب واري ٻاهر ڏانهن نڪتل اڏاوت ۾ ونگن سان دريون آهن. **ص 192**

تصوير 135 - مسجد محمد بن قاسم جي چوديواريءَ جي اتر - اوير پاسي تعمير ڪيل منارو، جيڪو گول ۽ ٻن منزلن تي ٻڌل آهي. صفا مٿان قبي جهڙي شڪل اٿس. هيءَ اڏاوت 17 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان لاڳاپيل آهي. **ص 193**

تصوير 136 - مسجد محمد بن قاسم جي مناري ۾ ڪاٺ جون ٻاهر نڪتل جهلون، جنهن جي آذار تي جهروڪو بيهاريو ويو آهي. قوي امڪان آهي، ته ڇاٽايل جهروڪو آذان ڏيڻ لاءِ ڪتب ايندو هجي. **ص 193**

تصوير 137 - شاهجهان مسجد جي هڪ قبي جي ڇت، جنهن ۾ وچ تي هڪ گول نشان آهي، جنهن جي چوڏاري ستارا چمڪندي ڏيکاريا ويا آهن. هن منظر مان معلوم ائين ٿئي ٿو، ته اهو گول نشان سج جو آهي. **ص 198**

تصوير 138 - شاهجهان مسجد، جنهن ۾ بنيادن کان وٺي وچ حصي تائين هڪ خانو ڏسجي ٿو. جنهن ۾ سفيد ليڪن جي وچ تي گل جو ڇٽ رکيل آهن، اهي گل به مختلف اليڪي شڪلين ۾ ڏسجن ٿا. **ص 202**

# ارپنا

لطيف سائينءَ جي پياري دوست

**مخدوم ثاري**

جي

**نانءُ**

جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ثقافت جو وڏو رکوال هو.

سندس تقرير جي دل ۾ لهي ويندڙ اڪرن ۽ جملن جي

جادوءَ ۾ موهجي لطيف سائين چيو تہ:

”لکين ڪيا لِسان سين، لاهوتين لوڙا“،

(هُو پنهنجي زبان سان دلين تي ڏاڙا هڻي ٿو.)

**سنڌيڪار**



پليٽ 2 - مڪلي جي قبرستان جو وسيع پس منظر. ساڄي پاسي مرزا جان بابا جو مقبرو آهي. بين قُبائن مقبرن جون اڏاوتون بہ ڏسجي رهيون آهن جن جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي. ٿورو پري پنڌ تي ابراهيم سلطان جو مقبرو نظر اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار پرسان قبرن جو هڪ جهڳٽو بہ ڏسجي رهيو آهي.



پليٽ 3 - سنڌ جي آخري آزاد حڪمران مرزا جاني بيگ جو پڪسرائون مقبرو جنهن 1593ع ۾ اڪبر اعظم جي آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا.

# باب پهريون

## ٺٽي جو جاگرافيائي ۽ تاريخي تعارف

**ٺٽو** يا ٺٽہ* سنڌي اکر ٺَٽِي يا ٺَٽہ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي درياهہ جي ڪنڌيءَ تي آباد ڪيل هڪ وستي. سنسڪرت ۾ 'تاٽا استا' جي معنيٰ بہ "درياهہ جي ڪنڌيءَ تي وسندي" ٿئي ٿي[1]. مڪاني طور تي هن شهر کي ننگر ٺٽو بہ ڪوٺيو ويندو هو[2]. وچئين دور ۾ هيءُ تمام اهم شهر هو. هينئر پاڪستان ۾ سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو آهي. ڪنهن زماني ۾ هيءُ سنڌ جو، سونهري روايتن وارو شهر هو ۽ ادب، فن، علم، عمارت سازيءَ ۽ ثقافت جي ٻين شعبن ۾ اعليٰ حيثيت جو مالڪ هو. ٺٽو، چوڏهين صدي عيسويءَ کان وٺي ارڙهين صديءَ تائين، پورا چار سوٴ سال سنڌ جي آزاد ملڪ واري حيثيت ۾ ملڪ جو تخت گاهہ رهيو. سما سلطانن، ڪاٺئن پوءِ ارغونن، تن کان پوءِ ترخانن جا آزاد حڪمرانن جي حيثيت ۾ فرمان هتان جاري ٿيا. ان کان پوءِ هتي مغل راڄ شروع ٿيو. سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ ٺٽي ۾ رهندڙ حڪمران فن ۽ هنر جا قدردان هئا، جن واپار ۽ تجارت کي بہ زور وٺرايو ۽ آزاد ماحول ڪري شاعرن، مذهبي عالمن، فاضلن ۽ صوفين جي دلين ۾ ٺٽي ڏانهن ڇڪ پيدا ٿي. سندن دلين ۾ مذهب لاءِ عقيدت ۽ اسلامي ثقافت لاءِ اڻ مَٽي پيار جي ڪري مسلمان عالمن، صوفي سنتن، مخدومن ۽ درويشن جي وڏي تعداد مڪليءَ کي پنهنجو علمي آستان بڻايو، جن پنهنجون خانقاهون ۽ مڪتب قائم ڪري مڪليءَ جي نالي ۽ مطلب کي بدلائي 'مڪہ لي'[3] بنائي ڇڏيو. (جنهن جي معنيٰ آهي، هي منهنجي لاءِ مڪو آهي). ڏاري ثقافت ۽ شهري وايو منڊل جي هوندي بہ، ٺٽي ۾ پنهنجون اصلي وصفون موجود رهيون ۽ هيءُ شهر پنهنجي سنڌي انفراديت برقرار رکندو آيو. جيڪڏهن ڪو اهڙو هنڌ، جتي اسلام، مڪاني روايتن سان گڏجي سڏجي هڪ قسم جو مخلوط نظريو پيدا ڪيو هجي، تہ اهو هنڌ فقط ٺٽو ئي ٿي سگهي ٿو. مڪليءَ جون زيارتون اڄ بہ وياڪل ۽ ڏکويل دلين کي اطمينان ۽ سڪون بخشين ٿيون ۽ قديم يادگارن جي لحاظ کان بہ اهميت جي لائق آهن، ڇو جو اُهي ڏسندڙ کي، اڏاوتي فن جو ڪمال، ڇنڊساليءَ واري طرزن ۽ نمونن جي جهجهائي واري سوُنهن ڏسندڙن کي هرهر ڏسڻ جي دعوت ڏين ٿا ۽ انهن بادشاهن، شهزادن ۽ شهزادين جي وڏائي ۽ شان جو بہ احساس ڏيارين ٿا، جن جي وڏي تمنا هئي،



تصوير 1 - محمد بن قاسم نالي مسجد جو گول منارو جيڪو پهريداري جي مقصد سان جوڙيو ويو هو. جنهن تي چڙهي سنڌي فوجي پهريداري جو ڪم ڪندا هئا. چيو ويندو آهي، تہ پرسان ئي هڪ عرب نسل جي ماڻهن جي وسندي قائم هئي. هيءَ اڏاوت پير پٺي جي مقبري جي سامهون آهي جيڪا سنڌوءَ جي پراڻي پيٽ جي هڪ اوچي ڪناري جي وٽ سان جوڙيل آهي.هنن اڏاوتن جو تعلق 17 هين صديءَ سان آهي.

---

* ٺٽي شهر تي اهو نالو ٺٽي يا ٺَٽہ منجهان پوڻ بابت تفصيل ضميمي ۾ شامل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مضمون تان ڏسو. (سنڌيڪار)

تہ ڪين سھڻين قبرن، بارونق مقبرن ۽ من موھيندڙ قبن جي تعمير ذريعي امر سمجھيو وڃي. اڄ جو ٺٽو پراڻن اعليٰ شاھي يادگارن جي ڪري زنده آھي، جيڪو سنڌ جي اسلامي اڏاوتي فن جي ڪمال جي نمائندگي ڪري ٿو.

ڪئپٽن اليگزينڊر ھئملٽن 1699ع ۾ ھن شھر لاءِ چوي ٿو تہ ”ھيءُ شھر صوبي جي تجارت جو مکيہ مرڪز ۽ ھڪ وڏو شاھوڪار شھر آھي، جيڪو اٽڪل ٽي ميل ڊگھو ۽ ڏيڍ ميل ڪن موڪرو ٿيندو. لاھري بندر ڪان سندس فاصلو 40 ميل آھي. ان جي اولھہ طرف ڪان وسيع قلعو آھي، جنھن ۾ 50،000 پنجاھہ ھزار ماڻھو ۽ گھوڙي سوار رھي سگھن ٿا. فوجن جي رھڻ لاءِ بئرڪون ۽ گھوڙن لاءِ ڪُرھيون جوڙيل آھن ۽ ان ئي قلعي ۾ گورنر جو محلات بہ تعمير ٿيل آھي. ٺٽو سنڌو درياءَ ڪان ہہ ميل پري ھڪ وسيع ميدان ۾ واقع آھي. ماڻھن، شھر ۾ باغن ڪي پاڻي ڏيڻ واسطي درياءَ مان واھہ کوٽيا آھن. 1699ع ۾ شاھي باغ ڏاڍي سنيءَ حالت ۾ ھئا ۽ مزيدار ميون ۽ سھڻن گلن سان ڏٺيا پيا ھوندا ھئا. خاص طور تي منن ڏاڙھن جي چا ڳالھہ ڪجي، جن جھڙا منا ۽ سوادي ڏاڙھون مون ڪاٿي بہ چکيا ڪونہ ھئا.“ اڳتي ھلي لکي ٿو تہ ”ٺٽي جو شھر دين، فلسفي ۽ سياست جي تعليم ڏيڻ ۾ مشھور آھي ۽ تعليم جي انھن شعبن ۾ شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ 400 ڪاليج آھن.“

ان ڪان پوءِ جلد ئي ٺٽو تباھيءَ جو شڪار ٿيو. ان لاءِ ھيٺين بيان ڪيو ٿو وڃي تہ ”اڳيان ٽي سال ڏاڍي خشڪ سالي رھي. ان ڪري سخت قسم جي وبائي بيماريءَ منھن ڪڍيو، جنھن شھر ۽ پسگردائيءَ وارن علائقن کي ايترو، تہ متاثر ڪيو جو، شھر مان 80،000 تہ اھي ڪوري مري ويا، جيڪي پَٽَ ۽ ڪپھہ جي ڌاڳي کي ملائي بھترين ڪپڙي ٺاھڻ جا ماھر ھئا، جڏھن تہ موت جي ڊپ کان ٺٽي جي اڌ آبادي ٻين علائقن ڏانھن لڏي وئي. ان ريت شھر خالي ٿي ويو.“ ھينري پاٽنجر، جيڪو 1809ع ۾ ھن شھر مان گذريو ھو، سو لکي ٿو تہ ”اسان گھٽو سفر ڪري اول تہ کنڊرن مان گذرياسين ۽ پوءِ آباد شھر ۾ پھتاسين.“ 1831ع ۾ اليگزينڊر برنس ھن شھر متعلق چوي ٿو، ”ھن شھر جي آبادي 15000 کان مٿي ڪانہ ٿيندي ۽ گھر اُن جي کنڊرن ۾ ھتي ھُتي پکڙيا پيا آھن. ان آباديءَ مان اڌ جيترن ماڻھن کي رھڻ لاءِ پنھنجا گھر بہ ڪونہ آھن. لُنگين اُٽڻ وارا ڪوري، جن جي ڪري ھيءُ شھر گھڻو مشھور ھو، تن مان رڳو 125 خاندان باقي رھيا آھن. سڄي شھر ۾ چاليھہ واپاري بہ ڪونہ ٿيندا.“

ٺٽي جي ھن تباھيءَ ڪان پوءِ جلد ئي ڪلھوڙا ۽ ڪانئن پوءِ ٽالپر سردار طاقت ۾ آيا، جن سنڌ جو تخت گاھہ ڪنھن ٻئي ھنڌ وڃي جوڙايو. قديم ٺٽو ھينئر من موھيندڙ قديم آثارن جي شڪل ۾ موجود آھي. پراڻا باغ ٻــنـَ ٿي چڪا آھن. قلعو ويران ٿي ويو آھي. نوابن جا محلات ۽ جايون الائي ڪاڏي ويون. ٺٽي جو نئون ڪين جھڙو ۽ ننڍڙو شھر، پراڻي شھر جي دڙي تي تعمير ٿيل آھي، جنھن جون گھٽيون، جامع مسجد واري رستي سان جوڙيل امير خاني مسجد جي فرش ڪان اتاھيون آھن. شاھي بازار، نون نظارن ۽ پراڻي طرز واري ورن ۽ وڪڙن سان پريل آھي. ٻي ڊولا روايتي گھر، جن ۾ اندران ڪاٺ ۽ ٻاھران گارو ٿقيل ۽ مٿان ھوا لاءِ منگھہ جوڙيل آھن. مغل دور ڪان اڳ جي تعمير ٿيل دبگير مسجد اڄ انساني آباديءَ ڪان گھڻو ڏور آھي، مغل دور واري جامع مسجد، شھر جي اوپر طرف ۽ حيدرآباد ڪان ڪراچي ويندڙ نيشنل ھاءِ وي جي ويجھو آھي، جنھن جي ھاڻي تازو مرمت ڪرائي وئي آھي. پر اھي کنڊر، جيڪي نيشنل ھاءِ وي ۽ مڪليءَ ڪان ونئي سنڌو درياھہ تائين ميلن جي حساب ۾ پکڙيا پيا آھن. سي ھر ايندڙ ويندڙ جي اکين ۾ اکيون وجھي نماڻائيءَ سان گھوريندا رھن ٿا.

## جاگرافيائي بيھڪ:

ٺٽي جو ڪمال ۽ زوال، سنڌو درياھہ جي وھڪرن جي تبديلين سان لاڳاپيل رھيو آھي، جيڪو اڄ موجوده شھر ڪان پنج ميل اوپر طرف ڪان وھي ٿو. ھيءُ تاريخي شھر 24 ڊگريون ۽ 46 فوٽ ويڪرائي ڦاڪ اتر، 67 ڊگريون ۽ 59 فوٽ ڊگھائي ڦاڪ اوپر ۾ واقع آھي. ڪراچيءَ ڪان 60 ميل اوپر، حيدرآباد ڪان 50 ميل ڏکڻ اولھہ ۾ سنڌو درياھہ جي چوڙ وارو



تصوير (2) - ڪلان ڪوٽ نالي قلعي جي اوڀارين پٽ جنهن ۾ گول چبوترن جا نشان ڏسجي رهيا آهن. هي درياهه جي ساڄي پاسي سنڌوءَ جي ڪناري سان واقع آهي هن اڏاوت جو لاڳاپو سما دور ۾ تيرهين ۽ چوڏهين صدي عيسوي سان آهي.

آخري علائقو آهي. اهو تصور ڪيو ويندو هو، ته جنهن دور کان وٺي مڪليءَ جي ٽڪري، دريائي چوڙ واري آخري علائقي ۾ رهي، ته هيءُ شهر به ان دور کان وٺي آباد رهيو ۽ ڪيترين صدين کان وٺي قائم رهندو آيو آهي، فقط هڪ سؤ چاليهه سال اڳ صورتحال ڦيرو کاڌو. سنڌو درياهه جو ڦاٽ، اڄ جنهن کي اسان ڪلري واهه سڏيون ٿا، تنهنجي پيٽ ۾ لـَـٽ پرجي ويو ۽ درياهه پنهنجو وهڪرو مـَٽائي ويو، نه ته حالتون هن تجارتي شهر لاءِ ايترين مناسب هيون، جو هيءُ گهڻي وقت لاءِ غير آباد رهي ڪونه ٿي سگهيو. شهر جا نالا ۽ ماڳ مڪان ڪيترا ڀيرا تبديل ٿيندا رهيا آهن ۽ انهن جي تبديلين جي صحيح نموني سان اڄ نشاندهي نه ٿي ڪري سگهجي. ان جو سبب اهو آهي، ته نئين شهر يڪدم پراڻي شهر جي جاءِ ڪانه ورتي[4]. سنڌو درياءَ ۾ پاڻ واري خاصيت هجڻ جي باوجود به مڪليءَ جي مضبوط هئڻ ڪري اهو علائقو درياهي ڪاڌ ٿيڻ کان آجو هو. جنهن جي ڏورو اتر طرف ۽ درياهه جي ڪناري سان گڏيل ٺٽي جو شهر آباد هو، جيڪو عظيم سنڌوءَ جي لاءِ چڙهه هڪ لنگهه هو. مڪلي ٽڪريءَ هن شهر لاءِ پٿر جو پڪو بنياد فراهم ڪيو. سنڌو درياهه اڄ وچ ۽ رابطي جو هڪ تاريخي سلسلو پيدا ڪري وڌو هو، جنهن تي هن شاهي شهر (ٺٽي) جي خوشحاليءَ جو وڏو دارومدار هو. حقيقت هيءَ آهي ته ننگر ٺٽو، درياءَ جي پرسان ئي تي آباد هو، ان ڪري مڪلي ٽڪريءَ کي اهميت ملي. پر هاڻي صورتحال بدليل آهي. اڄ مڪلي ٽڪريءَ تي موجود تاريخي يادگارن ڪري ٺٽي شهر کي عظيم ۽ مقدس سمجهيو وڃي ٿو.

مهان سنڌو درياهه، آبِ سنڌ يا سنڌ جي مهراڻ، سنڌ جي ڌرتيءَ کي زندگيءَ جي جوت بخشي آهي. سنڌو درياءَ جو گڏيل پاڻي پنجاب جي پٻن تان وهي، سکر جي سوڙهي جاءِ وٽان گذري، هڪ سهڻي عورت جي ڏگهن ۽ ٻي ترتيب وارن جيان پکڙجندو ۽ لٽ واري ميداني علائقي ۾ اچا وڏيڪ موڪرو ٿي اڳتي هلندو ٿو وڃي. هي نڙيءَ جهڙي جڳهه هڪ سوڙهي ماٿري آهي، جنهن جي اولهه پاسي سليماني ٽڪريون ۽ اوير طرف ٿر جو وارياسو رڻ آهي. انهيءَ منظر ۽ تصوير کي اڃا به هن طرح واضح ڪري سگهجي ٿو، ته هن سوڙهي جاءِ وٽان پاڻي زور سان وهڻ کان پوءِ ڏکڻ - اولهه ڏِس تي پهچي درياهه رفتار ۾ ماٺو ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان مان ايرندو نارو ۽ الهندو نارو نڪري پاڻيءَ جو چڱو حصو ڪٽي وڃن ٿا. درياهه جي چاڙهه وقت ساڄي طرف اڙل واهڙ هڪ ڇنڊڻ جو ڪم ڏئي ٿو ۽ واڌو پاڻي ڇڪي وڃي منڇر ڍنڍ ۾ ڪٺو ڪري ٿو، درياهه جي کاٻي ڪناري تي ڪيترائي واهڙ ۽ ڦاٽ جيئن پراڻ، ڍورو نارو، گـُـونگڙو، ڦليلي ۽ پڃاري آهن، جن ۾

آبڪلاٽي جي موسم ۾ پاڻي ڏوڪي وجي پوي ٿو. سنڌو درياءَ جي وهڪري جي هيٺئين پاسي واري تصوير ائين وجي مڪمل ٿئي ٿي. ان کان پوءِ سنڌو درياءَ جو وهڪرو موڙ کائي اوپر ڏکڻ اَهل ڪري ڪوٽڙي تائين وجي پهچي ٿو. ٻي ٻه هڪ گولائي کائي ڪوهستان واري لڪ مان لنگهي ٿو ۽ ڏکڻ طرف واري پيٽ مان وهڻ شروع ڪري ٿو. اڳتي هلي جبلن مان نڪرندڙ نئن باران جو پاڻي ٻه اچي ساڻس پاڪرئين پئي ملي وجي ٿو. ٺٽي کان گهٽو هيٺ درياهه ننڊن واهڙن ۽ وڏن ڦاٽن ۾ ورهائجي دوآبو جوڙي ٿو.[5]

تاريخ جي شعور جي اک پٽجڻ کان اڳ واري دور ۾ سکر کان هيٺئين طرف روهڙي وارن پوئن تي ويهي انسان روهڙيءَ جي ٿاڪرائين پٿر مان اوزارن جوڙڻ جو ڪم پئي ڪيو. ڪنجهي جي پوئين دور تائين. ٽر جي اولاهين پاسي کان هڪ ٻيو درياهه ٻه وهندو هو. جنهن کي هاڪڙي جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ان جي ڏونگهي تري جا اهڃاڻ اجا ٻه موجود آهن. جنهن کي اسان ايرندي ناري جي نالي سان اڄ ٻه سڃاڻون ٿا. جنهن جي جاگرافي هن طرح بيان ڪيل آهي: ايرندو نارو. ڪنارا ڪائيندڙ درياهه جو پراڻو پيٽ آهي. جيڪو سڪي ويو آهي. اهو گهٽو ڪري سنڌو درياهه سان پور وچوٽ تي وهندو هو ۽ پنهنجي پاسي واري زمين جو لاهه مکيه درياهي وهڪري کان گهٽو پري ڏيکاريندو هو. جيتوڻيڪ ان کي ناري جي نالي سان سڏيو وجي ٿو. پر هيءُ تمام گهٽو موڪرو هو. سندس ترو 8 يا 10 فوٽ هيٺ هوندو هو. روهڙي❖ ۽ نئين ڪوٽ شهرن جي وچ تي نارو يا جيئن سنڌ ۾ ڪيس هاڪڙو سڏيو ويندو آهي. ٽر جي رڻ جي وٽ ڏئي وهندو هو. نئين ڪوٽ کان پوءِ ٻه شاخون ٿي وهندو هو. ٻنهي مان وڏو وهڪرو ڏکڻ طرف اوپر اَهل ونگي جي ڳوٺ کان مٽيندو هو ۽ پراڻ سان اچي ملندو هو ۽ ٻيو وهڪرو 30 ميل ڪن ٽر جي وٽ ڏيو وري اچي ونگا بازار هيٺان پراڻ سان ملندو هو. هتان کان اهو پاڻي هڪ واهڙ جي ذريعي لکپت ڏانهن وجي وري پراڻ ۾ پوندو هو. جتي ٿي سؤ ميل جي وهڪري کان پوءِ ڪوري ڦاٽ ذريعي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو.[6] ساڳيءَ ريت الهندو نارو آهي. جيڪو لاڙڪاڻي ضلعي مان وهندو. قديم شهر موهن جي دڙي طرفان ٿيندو. منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ان ناري متعلق چيو ويندو آهي. ته پاڻي جي هن وهڪري ۾ ور وڪڙ تمام گهڻا آهن ۽ پاسي سان واريءَ جون پٽون ٻه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿيون اچن. ان ڪري سمجهه ۾ اچي ٿو. ته هيءُ وهڪرو سنڌو جي هڪ ننڍي پراڻي شاخ آهي. هيءُ واهڙ ٿوري فاصلي لاءِ سنڌوءَ جي وڏي وهڪري سان پوروچوٽ فاصلي تي هلي ٿو. پر بعد ۾ هن واهڙ کي سنڌ جي آبپاشي کاتي جي سربراهه ڪرنل جي. جي فائيف (Col. J.G Fife) سڏاري هڪ گهاڙ واهه جي صورت ڏني. هيءُ واهڙ نيٺ وجي منڇر ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. جيڪا هن واهڙ جي پنهنجي واڌ هئي.[7] اهي ٻئي صوبي جو انتها اوپر ۽ انتها اولهه واريون درياهي شاخون آهن: هڪ ٽر جو ڪنارو ڏئي اوپر کان ۽ ٻي کيرٿر جبل جي ٽڪرين جي ڪڇ ڏئي اولهه طرف کان وهندي هئي.

اُتر پاسي کان سکر، روهڙي واريون ٽڪريون. اولهه طرف کان کير ٿر جبل جي قطارن سنڌ کي بلوچستان کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌو درياءَ جي لاءِ ڄڻ هڪ پيٽ ٺڄي پئي آهي. آبي واهڙ سان سنڌ جي وچولي دور واري تاريخ ۽ خاص طور تي ٺٽي جي تاريخ وڏيڪ لاڳاپيل آهي. راورٽي هن[8] وچ واري وهڪري جي اروڙ کان وني سمنڊ تائين نشاندهي ڪئي آهي. جيڪو عربن جي حملي وقت هتان وهندو هو. هن درياهه جو هڪ واهڙ. جيڪو مڪلي جو اولاهون پاسو ڏئي گهاري ڦاٽ مان وجي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪنهن زماني ۾ هن ڦاٽ جي ڪناري تي ڀنڀور واقع هو. هن قديم شهر لاءِ امڪاني طور اهو سمجهيو ويندو آهي. ته ديبل بندر جو شهر هو. جنهن کي عرب فاتح محمد بن قاسم فتح ڪيو هو. ان کان پوءِ عربن منصوره ۽ محفوظ نالي ٻه شهر هن مکيه وهڪري کان ڪجهه ڏور اوپر پاسي آباد ڪرايا هئا. اها حقيقت آهي. ته ان زماني ۾ درياهي وهڪرو بلڪل مختلف هو. اهو وهڪرو انهن عربن جي اڏايل شهرن جي پاسي کان ضرور

---

❖Originally "Ghuda wah" which is obviously incorect.

ٽيون. اجا بہ ٿورو اڳتي ڏکڻ ڏانهن ٺٽي جي پرسان، مڪليءَ جي ٽڪرين جو جدا ۽ الڳ سلسلو آهي. ڌرتيءَ جي علم جي لحاظ کان سندن عمر بلڪل ساڳي آهي، مڪليءَ واريون اهي ٽڪريون اولهہ ۽ ڏکڻ آهل هيٺ هلنديون ٿيون وڃن. انهن ٽڪرين مان ڪي سخت قسم جي پٿرن واريون ٽڪريون بہ آهن، جيڪي درياهي علائقي ۾ موجود آهن، جتي نيمولائيتي (Nummulitic) چن جي پٿر جهڙو ۽ ڪيرٿر جابلو سلسلي جي جبل سان هڪجهڙائي رکندڙ پٿر موجود آهي، ۽ ان جي پرپاسي واري زمين ۾ سائي رنگ جي چيڪي مٽي ۽ سفيد چاڪ واري مٽي موجود آهي.[10] اولهہ واري ٽڪرائتي علائقي کي ڪوهستان سڏيندا آهن ۽ اهو هن پاسي تي ئي محدود ٿي وڃي ٿو. دوآبي وارو علائقو، سامونڊي ڪناري واري بنيادي حد، جيڪا اتر - اوڀر طرف مونزي راس (ڪيپ مونزي Cape Monze) کان شروع ٿئي ٿي، ٺٽو ان جي آخري حد سمجهڻ گهرجي، جتي سامونڊي لهرون پهچي سگهن ٿيون ۽ درياهہ کي سٺ 60 ميلن تائين اتر چاڙهہ ڏياري سگهنديون آهن. ڏکڻ - اوڀر طرف ڪڇ جي رڻ تائين دوآبو پکڙيل هو. دوآبي جي تاريخ هن ريت لکي ويئي آهي: ”سنڌ جي وڏي حصي کي قديم دوآبو ڪري سمجهي سگهجي ٿو. سنڌ جي پراڻن نقشن جي مطالعي مان اسان کي معلوم ٿيندو، تہ تاريخ جي مختلف دورن تائين سنڌ جي دوآبي جي بناوت ۽ جوڙجڪ ٿيندي رهي آهي ۽ سنڌو درياءَ ٻنهي طرفن ڏانهن ڪيترن ميلن تائين ڦيٽي ڦريو گهريو آهي. اها بي ڳالهہ آهي، تہ ڪيترن هنڌن تي سندس وهڪرو ساڳيو ۽ هڪ جائتو رهيو آهي، ڪنهن وقت بلڪل ڏکڻ طرف ڪنڀات نار (Gulf of Cambay) وٽان سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. ڪڏهن ان جو وهڪرو اوڀر ناري کان وهندو هو. سندس ڇوڙ جو تعداد وڌندو ڪُٽندو رهندو هو ۽ وهڪرن ۾ بہ ڦير گهير ايندي رهندي هئي. ٽالمي (Ptolemy) جي قديم نقشي ۾ ست اهڙا واهڙ ڏيکاريا ويا آهن، جي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندا هئا جيڪي پوئين دور جي نقشي ۾ ڏيکاريل ڦاٽن کان بلڪل نيارا آهن. پراڻي دور جي دوآبي جو سرو حيدرآباد وٽ سمجهڻ گهرجي. ان پوئين دور ۾ ٺٽو دوآبي جو مرڪز رهيو. هاڻي تہ گهڻو اڳتي وڌي، ڪيترائي ميل ڏکڻ طرف[11] نڪري ويو آهي.

سنڌو درياءَ جي وچئين وهڪري جي ناتي سان ٺٽي جي حيثيت ۽ ترقي تيستائين قائم رهي، جيستائين درياهہ سندس پرسان گهندي ڏئي مٽيندو هو. اهڙي صورتحال دهليءَ جي حڪمران فيروز شاهہ تغلق جي زماني (1351ع-1388ع) تائين قائم رهي. پير حسام الدين راشدي[12] ان دور جي همعصر شاعر مطاهر شاهہ ڪڙه جو شعر بيان ڪيو آهي:

تهتہ کہ آن جزيره بلاديست پر ڪهف

درياش يک طرف شد و پنج آب يک طرف

مطلب: ٺٽو جيڪو هڪ ٻيٽ آهي، اهو علائقو غارن سان ڀريل آهي. ڪيس هڪ پاسي کان درياءَ آهي، ٻئي پاسي کان پنج آب[13] يعني سنڌو درياهہ آهي.

همعصر شاعر جي اها شاهدي ڏيکاري ٿي تہ سنڌو درياهہ جي هڪڙي شاخ ٺٽي کي ٻيٽ بنائي مڪليءَ کان الڳ ڪري رهي هئي[14] ۽ ان پراڻي واهڙ جو ڳڻُ اڄ بہ چٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. جڏهن اهو واهڙ، ڄام نظام الدين جي ڏينهن ۾ سڪي ويو تہ مڪليءَ کي پاڻي ڏيڻ واسطي واهڙ جي پراڻي ڳڻَ سان هڪ واهہ کوٽايو ويو هو.[15] سنڌو درياهہ جو مکيہ وهڪرو ان وقت بگهاڙ ۾ وهي رهيو هو، جيڪو سڌو مڪليءَ جي ڏاکڻي ڪُنڊ کي ٿي لڳو ۽ پير پٺي کي سامهون وارين ٽڪرين کان الڳ ڪري ٿي ڇڏيائين، جن جي هينان تري ۾ عرب آبادڪاريءَ جا نشان موجود آهن. هيءُ بگهاڙ ڦاٽ بہ ساڳي ڏينهن ۾ سڪي ويل ٿو ڀانئجي ۽ مکيہ وهڪرو اجا بہ اوڀر پاسي ڏانهن سرڪي ويو هو. مڪاني روايتن مطابق اهو سڀ ڪجهہ صوفي بزرگ حماد جماليءَ جي ڪرامت جي ڪري ٿيو ۽ اها سڄي ساري درياهي تبديلي مڪلي ٽڪريءَ جي اتر ڏس کان ٿي ۽ ان کان پوءِ پير پٺي تي ڪوبہ لاش دفن ڪونہ ٿي سگهيو.[16] اها ڦير گهير حماد جمالي جي خانقاه ۽ ڄام نظام الدين جي مقبري وٽان شروع ٿي هئي. پر اها روايت غلط آهي. ماڻهو پير پٺي جي زيارت لاءِ ويندا رهيا ۽ ويندي ڪلهوڙا دور يعني ارڙهين صديءَ تائين مقبرا ۽ مزارون تعمير ٿينديون رهيون. مغلن جي پوئين دور ۾ بہ هڪ مسجد جي اڏاوت ڪئي ويئي هئي ۽

منارو بہ جوڙيو ويو هو. جنهن کي عرب فاتح جي پنيان محمد بن قاسم جي مسجد جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

ٺٽي، مڪلي ۽ سنڌو درياهہ جو رشتو اٽوٽ رهيو آهي. ٺٽي شهر جو پراڻو شان ۽ مان تہ قائم نہ رهيو آهي، پر اڳيئن شهر جا اهڃاڻ ڳولي لهڻ بہ ڏاڍو مشڪل آهي. جيڪو ماضيءَ جي مختلف دورن ۾ پٽي اپريو ۽ اُسريو. ڪيترن تاريخدانن[17] جو خيال آهي، تہ ٺٽي شهر جو بنياد، سما دور جي ڄام سلطان نظام الدين (1508ع–1460ع) جي ڏينهن ۾ پيو. هن نئين شهر جي اڏاوت جي ضرورت تڏهن محسوس ٿي هوندي، جڏهن اولاهون واهڙ سڪي ويو هوندو. جنهن جي نتيجي ۾ ڄام جي هڪ خاص وزير دريا خان، ڪلري نالي هڪ واهہ کوٽائي مڪليءَ ڏانهن آندو هو. ان حقيقت مان اهو معلوم ٿئي ٿو، تہ سمن جو اصلوڪو پراڻو ٺٽو نئين شهر جي اتر - اولهہ پاسي هو. جيڪو هينئر زرعي زمين لڳو پيو آهي يا ڪي ڪنڊر (نمبر 8 ۽ 9) جيڪي موجود اڏاوتن هينان اڀري ويا آهن. گهڻو ڪري پاڻيءَ جو وڏو تلاءُ وچ تي هو ۽ ٻيون اڏاوتون ان جي چوطرف هيون. درياهي وهڪري جي ڦيرگهير ڪري شهر بہ ڏکڻ - اوڀر ڏانهن سُرڪي ويو آهي. دبگير مسجد ترخانن جي دور ۾ شهر جي وچ واري ايراضيءَ ۾ جوڙي ويئي هوندي. ان ڪان پوءِ اتر پاسي واري ڪوٽيل واهہ کي خيال ۾ رکندي محسوس ائين ٿئي ٿو، تہ شهر وري اتر پاسي وڌيو هوندو ۽ بادشاهي مسجد بہ پڪ سان ان وقت جي شهر جي وچ تي جوڙي وئي هوندي. مڪيہ شاهي بازار ان جي اولهہ ۽ مغلن جا باغ سنڌس اوڀر طرف تي هوندا. پير حسام الدين راشدي هن شهر جي، قلعي، بازار، جاين، باغن سوڌو هڪ خوبصورت لفظي تصوير ڪشي ڪئي آهي،[18] جنهن جو بنياد علمي شاهدين تي رکيو آهي. قلعي جي ديوار، جيڪا شهر جي چوڌاري هئي، جنهن کي عالم پناهہ بہ سڏيو ويندو هو. سا فيروز شاهہ تغلق جي حملي تائين سلامت رهي. تاريخي شاهدين پٽاندڙ ان کي ڪيترائي ڀيرا مرمت ڪري سڌاريو ويو هو. محلاتَ ۽ ٻيون جايون حاڪم نشين قلعي ۾ تعمير ٿيل هيون. مڪيہ شهر کي ڪيترن ئي محلن ۾ ورهيو ويو هو. جهڙوڪ: شوراني محلو، مير احمد بيگ محلو، غلا بازار محلو، ملا محمد علي محلو، پائي خان محلو، خواجہ شڪر الله محلو، مرزائي بازار محلو، آگر محلو، سرهين جو محلو، نرشش محلو، ڪشمشيان محلو، مسواڪشان محلو، سنگتراش محلو، نقارچين جو محلو، مغل واڙو، گدا بازار محلو، مصفار محلو، سهتيہ محلو، تند سر محلو، مولو محلو، ٺٽي محلو، قاضي محلو، محلو رضوي سادات، محلو ميرڪي سيد، محلو اميرخاني، شڪر الاهي سادات محلو، محلو انجوي سادات ۽ محلو جمنا سرزمين. انهن محلن ۾ ڪيترين ئي مسجدون تعمير ٿيل هيون. جهڙوڪ: مسجد ولي نعمت، جامع فرخ، مرڪين مسجد، مسجد بزار امير بيگ - مسجد آگريا محلو، دبگير مسجد، مسجد خضري، اميرخاني مسجد، شاهجهاني مسجد، حفظ الله خاني مسجد، تندسر محلو مسجد، ملوڪ شاهہ واري مسجد، مير عبدالله واري مسجد، مِسگر محلي واري مسجد، مسجد لڪي، مسجد اسلام پور، قمري مسجد، ميان ناري واري مسجد، حاجي محمد هاشم مسجد، مخدوم عدو مسجد، مخدوم ابراهيم مسجد، مخدوم محمد قاسم مسجد، مخدوم ابو القاسم نقشبندي مسجد، مخدوم محمد معين مسجد. انهن مان ڪي ٿوريون مسجدون اڃا بہ موجود آهن. رهائشي جڳهن مان خسرو خان جي حويلي، عرب ڪوڪي جي حويلي، خشتي حويلي، قاضي ابراهيم حويلي، مرزا فتح علي بيگ جو محل ۽ مير عظيم الدين جو بنگلو باقي بچيل آهن. اڃا انهن ڪان بہ وڌيڪ باغن جا نالا آهن. جهڙوڪ: خواجہ مير ابوتراب جو باغ، مير سيد علي شيرازي ٻئي جو باغ، خورشيد باغ ۽ مسڪين باغ وغيره. چوٽڪن مان فقط ٽن چوٽڪن جو ذڪر ملي ٿو. چوٽڪ ملڪ مان، چوٽڪ عبدالغني ۽ چوٽڪ ميدان جمل پير ۽ بازارن مان، مرزا بازار، گودڙي بازار، پٽي هٽ بازار، گدا بازار، غلا بازار، امير بيگ بازار ۽ قصابا بازار يا ڪاساين جي بازار جو ذڪر ملي ٿو. ٻن ڪوهن جا نالا ملن ٿا - ڪوہ عالي جان ۽ ڪوہ نارقي.* گهاٽ جي نالن مان لونگ پير گهاٽ جو نالو ملي ٿو. ٺٽي جي مسافرخانن ۽ ضرب خاني جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي مرزا عيسيٰ خان ترخان قائم ڪيا هئا. ۽ ان سان گڏ قبرن ۽ مقبرن جو وچور پڻ ڏجي ٿو، جيڪو ڪجهہ دستياب ٿي سگهيو آهي.

---

*سيد حسام الدين راشدي، اهي ٻئي واهہ ڄاڻايا آهن. ڏسو سندن ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ص 121 ۽ 122 (سنڌيڪار)



تصوير 4 - قومي شاهراهہ مڪليءَ منجهان گذري ٿي جنهن جي ڪابي پاسي مڪليءَ جي چاڙهيءَ وٽ هڪ مندر آهي. هن اڏاوت جو تعلق قديم دور سان آهي. پرسان ئي ساڄي پاسي اسلام پور نالي هڪ مسجد آهي.



تصوير 5 - درياهہ جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو تہ ڪابي پاسي طغرل بيگ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن تہ ساڄي پاسي ڪان مرزا جان بابا جي مزار آهي. وچ تي مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو سفيد مقبرو نمايان نظر اچي ٿو.

اڄڪلھ مڪليءَ جي ايراضي وڏي ڪشش واري جڳھ آهي. اتي صوفي بزرگن جي زيارتن ڪري ماڻهو سَوَن بلڪ هزارن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن. انهن سان گڏ بادشاهن جا مقبرا ڏسندا آهن ۽ روحاني اطمينان ۽ سڪون حاصل ڪندا آهن. گڏوگڏ هن شهر خموشان جي خوبصورت ماحول مان بہ لطف اندوز ٿيندا آهن. ان ماحول جي "ملال خاران" ڏاڍي خوبصورت تصوير ڪڍي آهي.

بهار ڪوه مڪلي طرفہ سير است، — تماشاي بدانـد خـرم آبـاد
بهـر گوشـہ خرامـان سـروقدي، — اگرچـہ نيسـت در وي سـرو آزاد
هـواي روح افزائـش همـہ وقـت، — هـواي جنـت الماويٰ دهـد يـاد
بلـي آنجـا مـزار سـيدي است، — کـہ اڪثـر نـامـرادان را ڪنـد شـاد

معنيٰ: بهار جي موسم ۾ مڪلي ٽڪري هڪ بهترين تفريح گاه بنجي پوندي آهي. جن کي اهڙو تجربو آهي (تن کي خبر هوندي) اها هڪ خوشيون ڏيندڙ جاءِ آهي. هرڪو محسوس ائين ڪندو، تہ سروقد محبوب چوطرف گهمي رهيا آهن.

جيتوڻيڪ اتي سرو وڻن جو ڪو وجود ئي ڪونهي. هر وقت روح افزا هوا گُهلندي رهي ٿي، جيڪا جنت جي ٿڌي هير جي ياد ڏياريندي آهي، اتي هڪ سيد جي مزار آهي، جيڪا ڏکويل دلين کي آٿت ۽ سڪون ڏئي ٿي.

قدرتي بناوت جي نقطہ نگاهہ کان ۽ ارضياتي حساب سان مڪلي هڪ عجيب و غريب ٽڪري آهي، جنهن جو مٿاڇرو هموار، لٽاسو ۽ ڀانت جي لحاظ کان پٿريلو آهي، جيڪو رڻي ڪوٽ واري پٿر سان هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ منجهس نيمولاٽي چن موجود آهي. اها ٽڪري پير پٺي کان شروع ٿئي ٿي ۽ 11 ميل اتر اهل ٺٽي کان بلڪل اولهہ طرف هڪ ميل جي فاصلي تي ختم ٿي وڃي ٿي. جيڪڏهن ان کي اولهہ طرف کان ڏسبو تہ هيءَ ٽڪري محسوس ئي ڪانہ ٿيندي، پر جيڪڏهن ان کي ٺٽي جي طرف کان ڏسبو تہ اها ٿورو ڪجهہ ايڪيري ڏسبي آهي، ان جي سمنڊ جي سنوت کان اوچائي 80 کان 150 فوٽ متي آهي. سندس مٿاڇرو هموار آهي. ڪٿي ڪٿي سنڌي ٿوهر جا ٻوٽا (Euphorbia nereifolia) بينا آهن. روڙي بہ چوڏس پکڙيل نظر ايندي. ڪٿي ڪٿي،چن جي پٿر جا وڏا گول چڪا بہ ڏسڻ ۾ ايندا. جنهن ۾ نيمولاٽي[19] (Nummulities) پڪو پٿر بہ آهي. اهو ضروري آهي تہ تاريخي طور تي مڪلي ٽڪريءَ جي هر ڀاڱي جو ۽ گهڻ پاسائتو مطالعو ڪيو وڃي.

اتر پاسي کان هي ٽڪري ايڪيري آهي، پر اتر - اولهہ واري ڏس کان هوريان هوريان ٿي زرعي زمين جي مٿاڇري جي برابر سنوت سنئين ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي جهاتر وارا وڻ آهن ۽ زيارتن کان گهڻو دور ملان عبدالرحمن لنڙ جي قبر کان بہ پري ڪنهن پراڻي شهر جا ڪنڊر موجود آهن، جنهن جي مٿان سما خاندان جي پونيرن جا بہ چار گهر نهيل آهن، جنهن کي غلام حسين جو ڳوٺ سڏين ٿا، پر ڳوٺ کي پراڻي نالي سان ساموئي بہ سڏيندا آهن، مڪيہ گهر دڙي جي چوٽيءَ تي ۽ ڦُلهياري پوري پٿر مان نهيل آهي. پٿر بہ هن پراڻي شهر جي دڙي مان ڪڍي استعمال ڪيا ويا آهن، ڳوٺ جي اولهہ پاسي کان ڪنهن مسجد جي پراڻيءَ پيڙهہ جا نشان ملن ٿا. جنهن جي نماز پڙهڻ واري جاءِ جي شڪل چوڪُندي آهي ۽ اوير ڏسا کان وراندو اٿس، جيڪو اصل ۾ ڪڏهن ڍڪيل هوندو. اولهہ واري پٽ مان ڄٽڪ ونگ جيان بٽيل هڪ محراب ٻاهر ٿي نڪتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مسجد جو هيٺيون ڀاڱو ائين نظر اچي ٿو،جڻ پٿرن سان جوڙيو ويو هجي ۽ مٿانهون حصو پڪين سرن سان اوساريل ٿو ڀانئجي. انهن ماڳن جي اوسي پاسي ڪنهن بہ اُکيريل پٿر يا لسيءَ چمڪدار سر جو ڪو نشان ڪونہ ٿو ملي. ڳوٺ کان اتر ۾ هڪ قبو آهي. جنهن لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو سومرا خاندان جي سٽن پيڻرن جو آهي[20]. مقبرو

لمبوتري چوڪُنڊيءِشڪل تي آهي، جيڪو اندران توڙي ٻاهران گچ سان لنبيل آهي. اوڀر پاسي ڏانهن ويڪرو اڱڻ اٿس، جيڪو هاٿي ڏڻ پڪڙ پٿرن سان پريو پيو آهي. ان جي ڇت ڪجهه هموار آهي. جيڪا سردرن تي بيٺل آهي. اوڀارين مُهاڙي ونگ جي شڪل جي انهن خانن سان سينگاريل آهي، جيڪي آرپار نہ آهن. لنگهہ فقط هڪڙو آهي، جيڪو اندر اونداهيءَ ۾ چوڪُنڊي جڳهہ ۾ وٺي وڃي ٿو. جتي ستن پيڙهن جون ساديون سوديون قبرون موجود آهن. ان کان ٿورو اوڀر طرف جهنڊي شاهہ جو مقبرو آهي، جنهن جي اڏاوت مٽيري ۽ اوچي آهي. پيڙهہ ۾ چورس ۽ ڪارنس جي مٿان اناس جي تعمير شروع ٿئي ٿي. ان کان پوءِ مقبري جي گول ڍيڍي ڪنئي ويئي آهي. جنهن جي مٿان گچ سان لنبيل سفيد اوچو قبو جوڙيل آهي، اتر طرف مسجد بہ اٿس.

ساموئيءَ جو هيءُ شهر، سمن جي نالي پنيان آباد آهي. تحفة الڪرام جو بيان آهي، تہ درڪ پرڳڻي ۾ سومرن جي راڄ ڏاني تباهہ ٿيڻ کان پوءِ هن شهر جو بنياد رکيو ويو. پر مؤلف اهو يقين نہ ٿو ڏياري سگهي تہ ان شهر جو پايو وجهندڙ ڄام ٻانڀيڻو پٽ ڄام تماچي آهي يا ڄام ٻانڀيڻو پٽ ڄام انڙ آهي.[21]

صفا ڏکڻ پاسي، هن ٽڪريءَ جي ختم ٿيڻ واريءَ جاءِ کي پير پٺي جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. جنهن جو اصلي نالو شيخ حسين ديبلي[22] آهي.پير پٺي جي اصلي درگاهہ ٺٽي کان 14 ميلن جي پنڌ تي آهي. هن خانقاهہ ڏانهن بہ پڪا روڊ وڃن ٿا. هڪ روڊ مڪليءَ کان نڪري اسٽيل مل ڪمپليڪس ۽ غلام الله کان ٿيندو پير پٺي پهچي ٿو. ٻيو رستو ٺٽي کان نڪري بدين - سجاول روڊ کان ٿيندو، دبگير مسجد جو پاسو ڏيئون. پير پٺي ڏانهن وڃي ٿو. اتي جميل شاهہ گرناريءَ جي درگاهہ پڻ آهي[23]. جنهن کي پير ڏاتار جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو. پير پٺي ۽ پير ڏاتار جي وچ وارو علائقو قبرن سان ڀريو پيو آهي. انهن قبرن ۾ هڪ قبائين بناوت جا چار مقبرا ڪلهوڙن جي دور سان واسطو رکن ٿا. جيڪي سرن سان ٺهيل آهن. ٻيا بہ ويجهڙ واري دور سان تعلق رکندڙ قباوان مقبرا آهن. پير پٺي جي درگاهہ واري هنڌ تي، اُنن ٺلهن تي تعمير ٿيل پراڻي دور سان واسطو رکندڙ هڪ اَٺ ٺُلهائين ڇٽي آهي. پٿر جا سيئي ٺلهہ اُڪيريل آهن. اها ٺلهن تي بيٺل ۽ پٿرن جي سردرن وسيلي ٿيل هڪ اڏاوت آهي. جيئن تہ اها سڄي ساري گچ سان لِتل آهي، ان ڪري سنڌس قدامت جو اندازو لڳائڻ ڏاڍو ڏکيو هو.

جيئن اسان پير پٺي کان هلي، مڪليءَ تي قائم ڪيل ٺٽي ضلعي جي صدر مقام ڏانهن ايندا سون. تہ اسان کي ساڄي طرف کان درياهہ جو پراڻو پيٽ نظر ايندو. جيڪو آرڪيالاجي ريسٽ هائوس کان پنج ميل پري اجا بہ پاڻيءَ سان ڀريو پيو آهي. درياهہ جو هيءُ پراڻو پيٽ، مڪلي ٽڪريءَ جي نونڌ جهڙي نوڪ جي چوڌاري چڪر هڻي ڦري اچي ٿو. ٽڪريءَ جي هن نونڌ تي قلعو (نمبر 2) تعمير ٿيل آهي. جنهن کي ڪلان ڪوٽ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پر ڪجهہ وقت کان پوءِ، سمي سلطان ڄام تغلق جي پويان تغلق آباد يا طغرل اباد سڏجڻ ۾ آيو. ان قلعي جي جاءِ وقوع جنگي حڪمت عمليءَ جي نقطہ نگاهہ کان وڏي اهميت واري آهي. درياءَ طرف ان جون قدرتي طور محفوظ ديوارون. دشمن کي گهڻي وقت لاءِ روڪي ٿي سگهيون. ان قلعي کي ٽن طرفن: اولهہ، اتر ۽ اوڀر کان درياهہ ڦري اچي ٿو. ڏکڻ پاسي کان خشڪي اٿس. اهو ئي پاسو ڪليل آهي. ان پاسي کان بہ لنگهہ اٿس. هن قلعي کان ٿوري وٿيءَ تي. شهر جي پسگردائي سان واسطو رکندڙ ڪن وسندين جا اهڃاڻ ڏسي سگهجن ٿا. پر انهن ماڳن تي ڪنهن خاص نالي سان ڪا وسندي ترقي ڪري اُڀري ۽ اُسري ڪري ڪنهن الڳ شهر جي حيثيت ڌاري ڪانہ سگهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڏکين موقعن تي فوجن جي تحفظ واسطي اهي پسگردائي واريون وسنديون ڪنهن وڏي ڪم ايندڙيون هجن. بهرحال هن قلعي جي پنيان هڪ ڏکي تاريخ آهي ۽ سما دور جي شروعاتي ڏينهن کان وٺي مغل حڪمران اورنگزيب تائين ڪجهہ ماڻهو منجهس رهندا هئا.[24]

جيڪڏهن اسان ضلعي جي صدر مقام ڏانهن ويندا سون تہ هڪ ننڍي گهٽي جلوه گاهہ امامين[25] کان مٿيندي سڌو وڃي درياهہ تي بيهندي. هن جاءِ کي مقدس ۽ متبرڪ سمجهڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون وينديون آهن. جيڪي وصفن ۽

عقيدت جي لحاظ کان شيعن سان تعلق رکن ٿيون. مغل گورنر نواب سيف الله (1137هه-1142هه) جي نوابيءَ وارن ڏينهن ۾ هن جلوه گاه کي 1140هه ۾ چوڌاري سرن جي پٽ ڏياري ويئي هئي. نواب جي پٽرائين قبر ان جي اندرئين پاسي آهي. هن جاءِ جي پاڪائي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي قدم مبارڪ سبب آهي. نواب صادق علي خان(1149هه-1150هه) جي ڏينهن ۾، جيڪو مغلن پاران ڏکڻ سنڌ جو آخري گورنر هو ۽ جنهن کان پوءِ ميان نور محمد ڪلهوڙي سنڌ کي مڪمل آزاد ڪرائي ورتو هو. اتر واريءَ پٽ جي طرف کان ميان نور محمد 1140هه ۾ هڪ همچورس هڪ قبائين لـتل جاءِ تعمير ڪرائي هئي. اهو قبو ڪجهه مٿيرو آهي، هڪ اوچيءَ اڏاوت سان تعلق رکي ٿو ۽ اُٽ ڪنڊي اڏاوت مٿان نهيل آهي. همچورس عمارت کي خوبصورت بنائڻ لاءِ چوڌاري پٽ تي ڪنگرن جون ۾ قطارون رکيون ويون آهن. قبي جي اناس ڏيڏي کي وڏيڪ سهڻي بڻائڻ لاءِ ڪنگرن جي ٽئين قطار مٿي رکي ويئي آهي. هن عمارت جي سڄي جوڙجڪ اها آهي، جنهن سان جلوه گاهه امامين جي تقدس لاڳاپيل آهي. هن جي پرسان ئي ٽہ قبائين شڪسته حال مسجد آهي، جنهن جي اوڀر پاسي واري اڪيلي لنگهه تي ونگ بڌل آهي. اهميت واري هڪ ٻي اڏاوت هڪ چٽي آهي، جنهن جي هر هڪ ڪنڊ تي چار ٿُلهه ۽ پاسن جي وچ تي هڪ هڪ ٿلهه آهي. ٿُلهه اُڪيريل آهن. اها اُڪير ترخان دور سان واسطو رکي ٿي. پر هنر ۽ ڪاريگريءَ جي لحاظ کان گهٽ معياري آهي ۽ چٽي هلڪي ڪوڪيءَ (Low relief) طرز وارن چٽن واري آهي. جهڙي ريت ترخان دور ۾ نظر اچن ٿيون. چٽي جي هيٺئين همچورس اڏاوت کي ڪارنس مٿان اُٽ ڪنڊائين شڪل ڏني ويئي آهي. چٽن ڪنڊن وٽ پٿر جا سر در هڪ ٻئي سان مانڊاٽيءَ وانگي ملن ٿا. ٿلهن مٿان رکيل تاجن کي مانڊاٽيءَ جيان چار پانهون آهن ۽ انهن تي چوڪُنڊي طرز واري اُڪير ٿيل آهي. جيڪا گل ٻوٽي تي وڃي پوري ٿئي ٿي. قبو مٿي اٺانهون آهي، جيڪو محرابي ترتيب (Arcuate System) سان جوڙيو ويو آهي. ان جي پرپاسي ۾ ڪيترين ئي قبرون آهن. ٿورو اڳتي هڪ جڳهه آهي، جيڪا هڪ ڊگهي عرصي تائين عيدگاهه (نمبر 3) جي حيثيت ۾ استعمال هيٺ رهي. موجوده عيدگاه فقط هڪ پٽ واري مسجد آهي، جنهن کي وچ تي محراب آهي. محراب جي ٻنهي پاسن کان تاج وارا ٿُلهه اڏايل آهن ۽ سندس هر هڪ پاسي ونگن سان 18 ننڍا جارا پڻ نهيل آهن. عيد گاهه جي اتر طرف ڪنهن حويليءَ جا ڪنڊر آهن. روايتن جي نشاندهيءَ مطابق اها ڄام نظام الدين جي وزير دريا خان جي حويلي آهي.



تصوير 6 - درياهه جي پراڻي پيٽ مان بيهي ڏسبو تہ مڪليءَ تي سامهون واري پس منظر ۾ وچ تي سلطان ابراهيم خان مرزا عيسيٰ ترخان I جو مقبرو نهايت چٽو نظر ايندو.

جڏهن اسان نيشنل هاءِ وي تي پهچنداسون ته مسافرخاني جي پرسان مڪليءَ جي قبرن وٽ روڊ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو. هڪ روڊ جنگشاهي ڏانهن هليو وڃي ٿو. ٻيو مڪلي ٽڪريءَ تان ٿيندو ور وڪڙ ڪائيندو، ٺٽي شهر پهچي ٿو ته ان وڪڙ ۾ هڪ مندر آهي، ان جي اوپر طرف ڌرم شالا ۽ ڪاٻي هٿ تي اسلام پور واري مسجد آهي. (نمبر 4)

سنڌو درياهه جي سڪي ويل واهڙ جي تري مان اوپر طرف کان مڪليءَ جو نظارو ڏاڍو خوبصورت لڳندو آهي. درياهه جي پراڻي ٻُڪَ مان مڪلي ٽڪري اُڀڪپري ٿي مٿي اڀري ٿي ۽ ساموئي تائين اتر ڏانهن ائين هلندي وڃي ٿي. ڪيترن هنڌن تان درياهه موڙ ڪائي ڪپر ڪوري چاڪ وارين ٽڪرين کي ڪاٽي پنهنجو رستو جوڙيندو ويو آهي. گهڻو اتر طرف هڪ هنڌ تي قبرن جي مُچلي ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چورس ۽ گُنجُ سان لتل قبو آهي. موجوده دور ۾ اتي ٻه چٽيون آهن، هڪ قبي جي اوپر ۽ ٻي ڏکڻ ۾ آهي. ان جي اولهه ۾، قبيءَ سان هڪ همچورس اڏاوت آهي. ماڻهو ان کي شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو ڪونين ٿا. اهي تمام قديم يادگار مڪلي ٽڪريءَ جي درياهه ڏانهن وڌيل نُونڻ تي موجود آهن. اهو وڏاءُ ڏکڻ پاسي سيد علي شيرازي جي درگاهه تائين آهي، جتي مٿي اتانهون قبو، پاسي تي اپو منارو پس منظر ۾ مسجد، ڏاڍو دل لڀائيندڙ نظارو بنجي ٿو پوي. درياهه واري پاسي کان جديد دور سان لاڳاپيل عام رواجي اڏاوتون آهن ۽ ڪاٻي پاسي کان سرن جو تباهه ٿيل ڪو مقبرو آهي.

اُن کان پوءِ درياهه مڪليءَ ڏانهن ڪاهي پوي ٿو ۽ ٽڪري اندرئين پاسي گولائيءَ ۾ پوئتي هٽي ٿي وڃي ۽ وري اڳتي وڌي وڃي ٿي، جتي قبرن جي مچلي ۾ ڄام نظام الدين جو مقبرو آهي. اتي هم چورس تعمير جي مٿان گچ سان لنبيل هڪ قبو آهي. ۽ ان جي ڪاٻي طرف تي ڇهه ڪُنڊي ڇتي آهي. ان جي بلڪل سامهون ڄام نظام الدين جو مقبرو آهي، ان جي ساڄي طرف هڪ ڇتي ۽ هڪ قديم مسجد آهي. ان جي ڏکڻ - اولهه ۾ ٻيون ٻه ڇٽيون ۽ پڪين سرن مان اڏيل مقبرا آهن. مقبرن جو هيءُ مچلو ٽڪري جي ٻي نونڻ والاري ٿو. درياهه ٽڪريءَ کي وري ٻه اڳتي ڪائي اڳتي وڌي وڃي ٿو ۽ ٽڪري جهول ڪري ٻيهي رهي ٿي. سندس ڏاکڻي اُڀار تي پٿر جو بنايل هڪ ڪوٽ آهي، جيڪو سلطان سليمان ولد مرزا عيسيٰ ترخان I جوڙايو هو. چوطرف گچ سان لِتل ڪيترين ئي قبرون پکڙيون پيون آهن ۽ ڪي وري پٿرن ۽ سرن جا جوڙيل مقبرا آهن، جي ارغون دور جا نهيل ٿا پائنجن. ان کان پوءِ مڪليءَ جي مضبوط ۽ پختي ٽڪري آهي، جيڪا درياهه کان ڪاهڻ واري ڪانهي. اهو ڪنارو ڏئي اسان شيخ جيئي جي مزار تي اچي پهچنداسون. هن مقبري کان اتر-اوپر طرف تي اسان کي ميران شاهه جو اچو قبو ۽ مسجد ڏسڻ ۾ ايندي. مسجد چوڪُندي شڪل جي آهي. اندر وڃڻ لاءِ اوپر کان ونگ ٻڌل ٿي لنگهه آهن. ڪنگرن جي اولي سان سينگاريل وچئين لنگهه جو ونگ پاسي وارن لنگهن کان اوچائيءَ ۾ مٿيرو آهي. سنڌن ڇت اهرامي (Pyramidal) آهي. مٿس ٻه پڳل ڪلس اڃا موجود آهن. مڪلي ٽڪريءَ تي پنهنجي طرز جي اها اڪيلي عمارت آهي. شيخ جيئي جي مقبري جي ڏکڻ "ست چڙهڻي" واري مشهور جڳهه آهي، ان کان پوءِ مڪليءَ جي ٽڪري انگريزي "S" اکر جهڙو موڙو ڪائي ڏکڻ ڏانهن وري اچي ٿي ۽ اسان عبدالله شاهه اصحابي جي چوگرد وارين بيشمار قبرن وٽ پهچي وڃون ٿا. ساڄي طرف تي ترخان گهراڻي جي اڳين حڪمرانن جي نهرايل پٿر جي چوديواري آهي، جنهن جي پٺيان پوئين دور سان تعلق رکندڙ هڪ ڊگهو جارو لڳل آهي. ان کان پوءِ عبدالله شاهه اصحابيءَ جي مزار اچي وڃي ٿي. آخر ۾ سلطان ابراهيم جو اٺ ڪنڊو ۽ قبائون مقبرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو (نمبر 7). ويجهي ڏسڻ سان (نمبر 6) نقشو ڪجهه هن ريت ڏسڻ ۾ ايندو. ويجهڙ واري دور جي عمارت جي پٺئين پاسي ساڄي طرف هبشاد ٻائيءَ جو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو، وچ تي سلطان ابراهيم جي پڪ سري مزار ۽ ڪاٻي پاسي هڪ زبون حال مزار آهي. اتي مرزا عيسيٰ خان II جو عاليشان مقبرو پڻ آهي. روڊ کان ٻيهي ڏسبو ته ڏاڍو دل لڀائيندڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندو. (نمبر 5) ساڄي طرف کان جان بابا جو مقبرو ۽ ديوان شرفا خان جي قبائين مزار، مرزا عيسيٰ خان II جو سفيد رنگ جو عاليشان مقبرو، ڪوٽ اندر باقي بيگ ازبڪ جو مقبرو ۽ ڪاٻي طرف کان طغرل بيگ جي قبائين ڇتي واري قبر آهي. مڪليءَ جو هيءُ خوبصورت منظر اتي ختم ٿي وڃي ٿو، جتي روڊ مڪليءَ کي ڪپي ٿو ۽ اتان ٽڪري شهر ڏانهن هلندي وڃي ٿي ۽ سندس اها نونڻ عيدگاهه طرف وڏي ٿي. جڏهن هن ٽڪريءَ هينان درياهه چوليون هڻندو وهندو هوندو

تہ انهن قديم يادگارن جو نظارو ڪيڏو نہ دلفريب هوندو.

ٺٽي جي تاريخ سومرا خاندان جيَ پوئين دور جي بادشاهن سان لاڳاپيل آهي. سما سلطانن جي آزاد دور ۾ جڏهن سنڌ پنهنجي ثقافتي عروج تي پهتي. انهن ڪان پوءِ ارغونن جو مختصر ۽ والار وارو وڳوڙي دور آيو. جن قنڌار ڪان اچي سنڌ ۾ ديرو دمايو. ارغونن ڪان پوءِ ترخان خاندان اچي ٿو. جن جي پويان مغل آيا. جن سنڌ کي پنهنجي نندي کنڊ جي شهنشاهت ۾ ضم ڪري ڇڏيو. جاگرافيائي طور سنڌ هن نندي کنڊ جي اولاهين ڪناري سان آباد آهي. جنهن تي افغانستان ۽ وچ ايشيا جي تاريخي واقعن جا اثر پون ٿا ۽ جيڪي بہ انهن ملڪن ۾ سياسي تبديليون آيون ٿي. سنڌ انهن تبديلين کان آجي ۽ الڳ رهي ڪانہ ٿي سگهي. ان وقت جي ويجهي بين الاقوامي قوت جي ڪمزور ٿي پوڻ ڪري، سما دور جي ڏينهنن ۾ سنڌ جي اڪيلي ۽ خودمختيار رهڻ جي ڪري، سنڌ وڏي ويجهي ۽ ترقي ڪئي. هڪ طرف سنڌ پنهنجا دوستاڻا ناتا گجرات سان مضبوط ڪيا تہ ٻئي طرف ان هرات جي تيموري خاندان ۽ مغلن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو. ايران جي علمي ۽ فني خزاني سنڌ جي وڏنڌ ۽ ويجهنڌ ثقافت ڏانهن رُخ رکيو. سنڌ ان زماني ۾ هنرمندن، عالمن، فاضلن، صوفين، ڪاريگرن، شاعرن، درويشن جي واسطي چڻ دارالامان بنجي ويئي هئي. جيڪي وچ ايشيا، ايران ۽ برهانپور (هندستان) کان هلي اچي هتي آباد ٿيا هئا. سنڌ جي حڪمرانن ان قسم جي ثقافتي قوتن کان ڪم ورتو، شاعرن، ڪاريگرن ۽ موسيقارن جي وڏي همت افزائي ڪئي. منجهن سنڌ جي مڪاني ۽ غير مڪاني عنصر کي گڏي، هڪ ڪري گڏيل ثقافتي تصوير کي چٽڻ لاءِ ڪين اتساهہ ڏياريو. ان ثقافت کي جيڪا سگهہ ڏني ويئي سا برقرار رهي، پر ان ثقافت ۾ اسلامي روح بہ سمايل هو. سنڌ پنهنجي تاريخي سجاڻپ ڳولي ورتي هئي، جيڪا سنڌي زبان سان لاڳاپيل هئي. زبان جيڪا انسان جي عظيم ڪاميابين کي محفوظ ڪري ڇڏيندي آهي.

ٺٽي جي ترقي جي شروعات سنڌي سومرا حڪمرانن جي دور ۾ ٿي، جن عربن جي ڪمزور ٿيڻ شرط برتري حاصل ڪئي، پر سلطان محمود غزنوي 11 صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ سنڌ تي حملا ڪري ڪين جهڪائي ڇڏيو. ٻارهين ۽ تيرهين صدي عيسويءَ جي سياسي هلچل ۾ سومرن ضرور سلطان محمد بن سام غوريءَ[26] سان پنهنجا سياسي ناتا قائم ڪري ڇڏيا هوندا، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن سنڌ ۾ گهٽو اندر تائين وڃي حملا ڪيا هئا. هن جي وفات ڪان پوءِ ناصر الدين قباچہ اُچ ۽ ملتان جو طاقتور حڪمران ٿي گذريو آهي، جنهن سنڌ تي بہ ضابطو رکيو تہ ساڳئي وقت دهليءَ جي سلطان سان بہ دوستاڻو رستو قائم ڪيو. تيرهين صديءَ ۾ سومرن ۽ دهلي جي سلطانن جي معاملن جي ڪابہ خبر نہ ٿي پوي، ان وقت ٺٽي جي ڪهڙي حيثيت هئي، ان لاءِ ڊاڪٽر ايم .ايچ صديقي[27] لکي ٿو: "ان معاملي ۾ بيو ذڪر ابن بطوطہ جو آهي، جنهن 34-1333ع ۾ سنڌ ڏني هئي ۽ سيوهڻ مان درياهي سفر ڪري لاهري بندر پهتو هو. ان وقت نہ تہ هو ٺٽي جو ذڪر ڪري ٿو ۽ نہ وري ڪنهن اهڙي واهڙ جي ڳالهہ ڪري ٿو، جيڪو ان وقت ٺٽي جي پرسان درياهہ مان ڦاٽ ڪائي نڪرندو هجي." سندس ان ڳالهہ مان اهو پتو پوي ٿو تہ جڏهن ابن بطوط سنڌ ۾ آيو تہ ٺٽي جو وجودئي نہ هو. ٺٽي متعلق ابن بطوط واري هڪ ناڪاري معلومات آهي، جنهن کي تغلق جي نسبت سان ڇام انڙ جي حيثيت جي بہ خبر آهي، تہ هن بغاوت ڪري تغلق حڪومت جي مقرر ڪيل سيوهڻ جي حڪمران ملڪ رتن کي قتل ڪري سما گهراڻي جي حڪومت جو بنياد وڌو هو. جنهن کي ابن بطوط سنو ڪونہ ٿو سمجهي.[28] پير حسام الدين راشدي[29] امير خسرو جي ديوان تحفة الصغر مان 671 هہ جو هڪ پراڻو حوالو ڏنو آهي:

سرو چو تو، در اُچ و در تتہ نباشد
گل مثل رخِ خوب تو، البتہ نباشد

ترجمو: "تنهنجي قد جهڙا سروَ نہ اُچ ۾ آهن ۽ نہ ٺٽي ۾ تنهنجي سهڻي منهن جهڙا خوبصورت گل اتي ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيا آهن."

هن حقيقت کان تہ انڪار نٿو ڪري سگھجي تہ امير خسرو، دهليءَ جي سلطان غياث الدين بلبن جي وڏي پٽ سلطان خان شهيد سان گڏ ملتان ۾ پنج سال (678هہ-683هہ) گذارياهئا. جڏهن امير خسرو ٺٽي جو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ تشبيهہ طور ڪري ٿو، تہ ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ تيرهينءَ صديءَ ۾ هيءُ شهر تمام مشهور هو. ان ڪري ان شهر جي بنياد پوڻ جا نشان ابن بطوطہ جي سنڌ اچڻ کان گھڻو اڳ هجڻ گھرجن. درحقيقت تاريخي شاهديون اهو ٻڌائين ٿيون تہ جڏهن علاؤ الدين خلجيءَ (1296ع-1316ع) سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سومرن جي تخت گاهہ محمد طور کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو تہ سومرن ٺٽي ۾ وڃي پنهنجو ديرو ڄمايو هو.[30] ان کان پوءِ جڏهن غازي ملڪ تغلق ملتان ۽ سنڌ جو گورنر ٿيو تہ ٺٽي جي اهم حيثيت تاريخ ۾ موجود آهي، ان کي تغلق شاهي جي شروعاتي ڏينهن ۾ سلطنت سان ملايو ويو هو. پر چوڏهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۾ جڏهن محمد بن تغلق جي حڪومت[31] بدنظميءَ جو شڪار هئي تہ ڄام فيروزالدين انڙ پٽ ڄام ٻانڀيڻو، جنهن جو تعلق سما خاندان سان هو، تنهن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. اهو 1335ع وارو نازڪ سال هو. جڏهن شهنشاهہ جي آڏو ڏاڍا مشڪل مسئلا هئا. 1335ع وارو سال سنڌ جي آزادي ۽ سما خاندان جي آزاد حڪومت جو سال آهي. سمن جي پنيان ڄام جو لقب هوندو آهي. اهو سيني سما سلطانن جي نالن سان شامل رهندو آيو آهي، اهو ايران جي شاهنامي جي رزميہ ڪهاڻيءَ جي هيرو جمشيد تان ورتو ويو آهي. دهليءَ جي ٻنهي سلطانن - سلطان محمد بن تغلق ۽ فيروز شاهہ تغلق سنڌ جي مٿان پنهنجي شاهي بالادستي قائم ڪرڻ جون ڏاڍيون ڪوششون ڪيون. پر سما سلطانن 1335ع ۾ سنڌ جي آزاديءَ جو جهنڊو هڪ وار ڦڙڪايو تہ پورو هڪ سو اسي سال تائين پنهنجي پاڙيسري حڪمرانن سان مٽي مائٽيءَ جا رشتا ڳنڍي پنهنجي طاقت جي اثر جي دائري کي وڌائي اقتدار کي هٿي ڏني، ۽ پنهنجي شان ۽ شوڪت ۾ واڌارو آندو. سنڌ جي آزاد حيثيت جي ڪري واپار ۽ تجارت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪئي ۽ سنڌ علم، ادب ۽ ثقافت جي بلندين تي وڃي پهتي.

بدقسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي، تہ سما دور جي ڪا همعصر لکت ملي ڪانہ ٿي سگھي آهي. جنهن وسيلي اسان اهو معلوم ڪري سگھون، تہ سما خاندان جي حڪمراني ڪهڙن اصولن تي قائم رهي. پوئين دور سان لاڳاپيل تاريخي ڪتابن ڪن روايتن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي يا وري يادگاري ڪتبا آهن، جن عالمن[32] کي ڪجهہ معلومات ڏني آهي. جن مان ان خاندان جي بادشاهن جا شجرا ترتيب ڏئي سگھجن ٿا. پر خانداني دشمنين شجرن کي ڏاڍو ڪري ڇڏيو آهي ۽ مسلماني وراثت جي عمل کي ڄڻ روڪي وڌو آهي. وراثت جي ان طريقي هميشہ ڀاءُ کي ڀاءُ هٿان ڪهرايو آهي. ڀائٽن هميشہ چاچن جو قتل ڪيو آهي. سما خاندان جي سنڌ اندر ڊگھي عرصي جي حڪومت ۾ بہ اهڙا ڪيترائي مثال ملندا. ان قسم جي جهيڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻنهي بادشاهي[33] جي اصول کي سمجھائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي. جيڪا سنڌ ۾ ڪا نئين ڳالهہ نہ رهي آهي. غوري ڀائرن، شهاب الدين ۽ غياث الدين محمد جو تہ[34] مشهور مثال آهي، پر موجوده حالتن ۾ هيءُ ڳالهہ بلڪل مختلف آهي.

سما خاندان جي ڏاڏي جو نالو ٻانڀيڻو هو، جنهن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ بلڪل صحيح ٻڌايو آهي ۔ سنسڪرت جي اکر برهمڻ تان ورتل آهي، جنهن جي پوئين صورت ٻانڀڻ آهي. هن لفظ جي اصليت برهمن مان برهمانيہ اهي. جنهن جو مطلب آهي[35] `برهما بچايو` ڪيس بہ پٽ هئا. هڪ انڙ ۽ ٻيو جوڻو. پهرئين سن 1335ع ۾ محمد بن تغلق جي خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو يا ان کان ٿورو اڳ ۾. جنهن وقت ابن بطوطہ سنڌ ۾ آيو هو. ڄام انڙ کان وٺي ڄام نصير الدين ابو الفتح سلطان فيروز شاهہ تائين هڪ شجرو ڄام نظام الدين[36] عرف ڄام نندي جي مقبري ۾ خطاطي ۾ اُڪيريل آهي جيڪو پوئين حڪمران جو پيءُ هو. پر جانشينيءَ وارو معاملو ڏاڍو ڏکيو آهي. دهلي جي تغلق سلطان، شروعاتي دور ۾، مڪاني دشمنين مان فائدو ورتو ۽ ڄام انڙ جي ڀاءُ ڄام جوڻي کي پنهنجي ٻن ڀائٽن صدر الدين ڄام ٻانڀيڻو II ۽ رڪن الدين شاهہ ڄام تماچيءَ خلاف استعمال ڪيو. ڄام جوڻو ڪجهہ ٿوري وقت لاءِ تہ ڪامياب ٿيو. پر سندس ٻنهي ڀائٽن پنهنجي حيثيت ٿوري وقت اندر بحال ڪري ورتي. ٻنهي ڀائرن جي طاقت جي بحالي هڪ صوفي شيخ درويش حماد جمالي[37] ولد

شيخ رشيد الدين جي ڪرامت جي ڪري ٿي هئي، جنهن جي خدمت انهن ٻنهي جي ماءُ بجا آڻيندي هئي. پر حقيقت اها آهي، تہ 1388ع ۾ فيروز شاهہ تغلق جي وفات ٿي، جيڪو ٻنهي کي يرغمال ڪري دهليءَ وٺي ويو هو ۽ ان جي موت جي ڪري ئي کين آزادي نصيب ٿي هئي. تن مان هڪ ڀائٽي صدر الدين وفات ڪئي ۽ ٻيو ڄام تماچي واپس موٽي آيو ۽ پنهنجي چاچي ڄام جوڻي کان تخت کسي ورتائين. اقتدار ڄام تماچي کان پوءِ سندس پٽ صلاح الدين ۽ بعد ۾ سندس پوٽي ڄام نظام الدين I وٽ آيو. پر ان کان پوءِ ڄام نظام الدين جي چاچي ڄام علي شير اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. امڪان اهو آهي تہ چاچي ۽ ڀائٽي جي تخت لاءِ ڇڪتاڻ ڪمزوريءَ جو سبب بڻي هوندي ۽ تخت وري ڄام جوڻي جي ٻن پوٽن ڏانهن هليو ويو ٿو، جيئن اسان ڏسون ٿا تہ ڄام ڪرن ۽ صدرالدين ڄام سڪندر، خيرالدين ڄام توغاچيءَ جا پٽ هئا. اقتدار جي واڳ ٻن نسلن تائين پوئين خاندان ۾ رهي. ڄام سڪندر جا ٻہ پٽ ڄام فتح خان ۽ ڄام تغلق هڪ ٻئي پٺيان تخت نشين ٿيندا رهيا. سندن اقتدار جو دور چاليهہ سال کن هليو. پر سڪندر ٻئي جي زماني ۾ وري ساڳيو اقتدار وارو مسئلو جاڳي پيو، ڇاڪاڻ تہ ٿوري عرصي لاءِ تخت تي ڄام مبارڪ زوري قبضو ڪري ورتو هو. اقتدار لاءِ سوڻاٽي ڇڪتاڻ ٻئي گهراڻي جي سمي خاندان صدرالدين ڄام سنجر عرف راءِ ڏني کي تخت تي قبضي ڪرڻ جو وجهہ ڏنو. اها هڪ خوشقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي جو پوئين حڪمران جي پٽ ڄام نظام الدين عرف نندي گهڻي وقت تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. سندس اقتدار اٽڪل روءِ ساڍهہ پنجاهہ سالن تائين هليو. هن حڪمران جي ڏينهن ۾ سنڌ گهڻ پاسائين ترقي ڪئي. سڀ تاريخ لکندڙ هن حڪمران جي تمام گهڻي ساراهہ ڪن ٿا. سندس هڪ عقلمند ۽ مدبر وزير دريا خان[38] حڪومت جو سارو ڪاروهنوار اُڪلائيندو هو، جنهن کي سندس ڪوڏاڻي نانءَ سان "قبوليو" ڪري بہ سڏيندا هئا. هن رياستي معاملن کي وڏي تدبر ۽ ڏاهپ سان هلايو. آخري حڪمران سلطان فيروز شاهہ، جو سندس سوٽ صلاح الدين ٻئي سان اقتدار جي معاملي تي ڊگهو تڪرار شروع ٿي ويو. ان قسم جي دشمنيءَ ۽ دريا خان جي وفات، قنڌار جي ارغونن کي سَولو وجهہ مهيا ڪيو. سما خاندان سان لاڳاپيل حڪمرانن جو شجرو ايندڙ صفحن تي ڏسي سگهجي ٿو.

سما دور جي پوين حڪمرانن کي وچ ايشيا، افغانستان ۽ ايران جي سياسي ڦيرگهير جي نتيجن کي منهن ڏيڻو پيو هو. تيمور جي وارثن تيموري شهنشاهت کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو ۽ هر هڪ بادشاهہ پنهنجي شاهي سرحدون وڌائڻ ويجهائڻ ۾ لڳو پيو هو. انهن سيني مان شاهہ رخ وڏيءَ طاقت وارو حڪمران ٿيو. جنهن پنهنجي طاقت کي هرات کان اولهہ ايران



تصوير 7 - درياءَ جي پراڻي پيٽ وٽان ٻيهي ڏسبو تہ سلطان ابراهيم خان جو مقبرو مرزا عيسي ترخان I جي مقبري جي چوديواري جي ڪابي طرف آهي ۽ عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار وچ تي ڏسجي ٿي.

ڏانهن وڌائڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي پاسي ڏکڻ ڏانهن قنڌار تائين پنهنجي اقتدار کي پڪيڙيو. شاهه اسماعيل صفويءَ شاه رخ جي پوين کي هرات مان هڪالي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪري ورتو. ٻئي طرف، شيباني اتر کان ڏکڻ ڏانهن وڌيا. بابر، جيڪو دهليءَ ۾ مغل طاقت جو بنياد وجهندڙ شهنشاهه هو، تنهن سمرقند ڇڏي افغانستان ڏانهن قسمت آزمائي شروع ڪئي ۽ ڪابل ۾ پير پختا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ان زماني ۾ تيموري خاندان جو سلطان حسين بايقراه، جيڪو هرات جو حڪمران هو، تنهن ذوالنون، ارغونن جي وڏي کي سمرقند جو گورنر مقرر ڪيو. امير ذوالنون، سلطان حسين بايقراه جي پٽ بديع الزمان کي وڌيڪ ويجهو هو، ڇو ته هن پنهنجي ڌيءَ جو سڱ بديع الزمان کي ڏنو هيو. جيڪو پنهنجي پيءُ جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪري چڪو هو. پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ اقتدار لاءِ ويڙهه واري زماني ۾ امير ذوالنون 1507ع:913هه ۾ شيبانين هٿان شهادت ماڻي. سندس پٽ شاه بيگ پنهنجو بخت آزمائڻ لاءِ اڳتي پيش قدمي شروع ڪئي. پر بابر جون لالچي نظرون سندس مستقبل لاءِ وڏي رنڊڪ بڻيل هيون، تنهنڪري هن ڏکڻ طرف سنڌ ڏانهن نظر ڊوڙائي. هن جي پهرين هلان ۽ پيش قدمي دريا خان روڪي ورتي، جيڪو ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍي جو وزير ۽ فوج جو سپهه سالار پڻ هو.

ان ئي زماني ۾ سنڌ جي سما خاندان گجرات جي حڪمرانن سان مٽي مائٽيءَ جا رشتا ناتا جوڙي ورتا هئا. ڄام نظام الدين پنهنجي هڪ ڌيءَ بيبي معلي گجرات جي سلطان محمد (1441ع-1451ع) کي پرڻائي ڏني هئي، جنهن جي پيٽان محمود بيگڙي (1458ع-1511ع) جهڙو جڳ مشهور ۽ ناليوارو سلطان ڄائو. گجرات جا سلطان سنڌ جي سمن سلطانن جي هميشه مدد ڪندا رهندا هئا. جڏهن ارغونن سنڌ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو، ته گجرات جي سلطان سنڌ جي سمي، حڪمران صلاح الدين II کي پاڻ وٽ پناهه ڏني ۽ ٺٽو موٽائي وٺڻ لاءِ سندس فوجي مدد پڻ ڪئي. پر سندس سؤٽ ڄام فيروز شاهه (II) ان وقت ارغونن جو طرفدار هو. ڪيس اها خوشفهمي هئي ته اهي ڪيس صلاح الدين کان اقتدار وٺرائي ڏيندا. پر جيڪڏهن هو ٿورو به دور انديشيءَ کان ڪم وٺي ها ته ڪيس محسوس ٿي وڃي ها ته ارغون پاڻ کهڙي مصيبت ۾ قاتل هئا. انهن وٽ ڄام فيروز II کي ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ڪونه هو ۽ آخرڪار 1520ع ۾ ارغونن سنڌ فتح ڪري ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو. سمن جو آخري حڪمران وڃي گجرات ڏانهن ڀڳو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌ جي آزادي ختم ٿي ويئي. سنڌ ان راند جو حصو بڻجي ويئي، جنهن جون پاڙون وچ ايشيا جي خوني اقتداري سياست ۾ ڪتل هيون ۽ صورتحال اڃا به وڌيڪ خراب ٿي جڏهن بابر جي اولاد سنڌ کي فتح ڪيو. سنڌ ۾ ثقافتي سرگرمين ۾ واڌ جاري رهي. جڏهن ته سياسي غير يقيني صورتحال نين طاقتن کي وجود ۾ آندو. ان ريت تبديليءَ واري هن دور ۾ ملڪ ۾ بربادي ۽ مصيبت وڌي وئي.



تصوير 8 - قومي شاهراهه تان بيهي ڏسبو ته ٺٽي جو نئون شهر هڪ پراڻي دڙي تي تعمير ٿيل نظر ايندو. جنهن جي ڪاهي پاسي پاڙيءَ جي اوڇي ٽانڪي ڏسجي رهي آهي.

شاهه بيگ ارغون جي پٽ شاهه حسن ارغون پاڻ کي سنڌ ۾ڪجهه اهل حڪمران ڪري ثابت ڪيو. جنهن ٺٽي ۾ پنهنجا پير پختا ڪيا. بکر جو سلطان محمود ڪوڪلتاش سندس اقتدار ۾ ڀائيوار هو. هيءُ اهو زمانو آهي، جڏهن شهنشاهه همايون شير شاهه کان شڪست کائي سنڌ ۾ بخت آزمائڻ ۽ پير ڄمائڻ جا جتن ڪري رهيو هو ۽ هن سنڌ کي پنهنجي جدوجهد جو مرڪز بڻائڻ ٿي گهريو. پر شاهه حسن ارغون ڪانئس وڌيڪ چالاڪ ثابت ٿيو ۽ ڳالهين ٻولهين ذريعي کيس ايران ڏانهن وڃڻ لاءِ راضي ڪيائين ۽ کيس سفر جي لاءِ ضروري خرچ پکو پڻ ڏنائين.

شاهه حسن ارغون جيتوڻيڪ گهڻين خوبين جو مالڪ هو ۽ پوئين تيمور خاني روايتن تي ڪاربند هو، پر تنهن هوندي به ارغونن ۽ ترخانن جي مختلف قبيلن کي گڏ رکڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو. جڏهن انهن ۾ ڳنڀير قسم جا اختلاف پيدا ٿيا تہ اميرن نوابن هڪ هنڌ گڏ ٿي 1554ع:962هه ۾ مرزا عيسيٰ سان وفاداريءَ جو اعلان ڪيو. شاهه حسن ساڻن اختلاف پيدا ڪيو. ۽ لشڪر وٺي وڃي هنن سان جنگيون ڪيائين. نيٺ فيبروري 1555ع ۾ شاهه حسن وفات ڪري ويو. ترخانن ٺٽي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ اتر سنڌ سلطان محمود جي حوالي رهي. منجهن اهائي دشمني هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 1556ع:963هه ۾ پورچوگيزن کي دعوت ڏئي گهرايو ويو. جن ٺٽي جي دولت ۽ سونهن ڦري لٽي باهيون ڏئي ناس ڪري ڇڏي. مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي پٽن ۾ اختلاف شروع ٿيا ۽ مرزا محمد صالح ۽ مرزا باقي بيگ جي وچ ۾ خوني اقتداري راند جي شروعات ٿي. مرزا باقيءَ جا پاڳ پلا هئا جو مرزا صالح 1562ع:970هه ۾ مارجي ويو. مرزا عيسيٰ ترخان جي وفات 1565ع:973هه کان پوءِ اقتدار تان سندس ٻن پٽن مرزا باقي بيگ ۽ جان بابا جي وچ ۾ اختلاف جي شروعات ٿي. نيٺ مرزا باقي بيگ ڪامياب ٿيو. مرزا باقيءَ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ پائينده خان ٿوري وقت لاءِ سندس جانشين ٿيو. پائينده خان کان پوءِ سندس پٽ جاني بيگ ٺٽي جو اقتدار سنڀاليو، پر هن کي بہ شهنشاهه اڪبر ٽپائي ڪنيو.



تصوير 9 - ٺٽين شهر جي جڳهن هيٺان پراڻي ٺٽي جا دڙا جيڪي هلندا وڃي آباد زمين تائين پهچن ٿا ۽ جن مٿان گهاٽا وڻ ڏسجي رهيا آهن.

شهنشاهه اڪبر جي پنهنجي شهنشاهت جي سرحدن وڌائڻ واري حڪمت عملي ۽ قنڌار تي سندس ابائڻي دعوي، سنڌ کي پنهنجي الڳ ۽ آزاد حيثيت ۾ رهڻ ۽ سُک جو ساهه کڻڻ نہ ڏنو. قنڌار ڏانهن فوجي اڳڀرائي واري حڪمت عمليءَ ۾ سنڌ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو. ڪيترين جنگين کان پوءِ مرزا جاني بيگ شڪست تسليم ڪئي. تُرت کيس دهلي روانو ڪيو ويو. اڪبر 1593ع ۾ سندس آڌرياءُ ڪيو ۽ کيس 3000 جو منصبدار ۽ ٺٽي جو گورنر مقرر ڪيو، پر کيس سنڌ وڃڻ جي اجازت ڪانہ هئي. سندس پٽ غازي بيگ پنهنجي وفات: 1022هه / 1614ع تائين ٺٽي جو نالي ماتر گورنر رهيو، پر هن کي بہ ٺٽي ۾ رهڻ جي اجازت ڪانہ هئي. انهن پارن مرزا خسرو چرڪس حڪومت جو ڪاروهنوار هلائيندو رهيو، جيڪو فن، شاعري ۽ عمارت سازيءَ جو ڏاڍو

شوقين هو. هن پنهنجي دور ۾ ڪيترين ئي عاليشان عمارتون جوڙايون. ترخان خاندان جو ٻيو ناليوارو مغل حڪمرانن پاران مقرر ٿيل گورنر مرزا عيسيٰ II مشهور ٿيو، جنهن ٺٽي ۾ عاليشان قبو تعمير ڪرايو.

قنڌار مان ايندڙ ارغونن ۽ ترخانن ٺٽي ۾ تيموري روايتن کي برقرار رکيو. سنڌ، سندن اقتدار واري دور ۾ فارسي ادب ۽ محل ماڙيون اڏائڻ واري فن ۾ تمام وڏي ترقي ڪئي. ساڳي وقت اصلي سنڌي فن به نئين سر ترقي حاصل ڪرڻ لڳو. مغلن جي اچڻ سان ساريون حالتون ئي بدلجي ويون. سنڌ، 1612ع کان وٺي 1737ع تائين پورا 38 مغل گورنر ڏسي ٿي، جيڪي ڪلهوڙن جي ڏينهن يا اورنگزيب جي موت، خاص طور تي نادر شاهه جي حملي 1740ع تائين سنڌ ۾ آيا ۽ ويا. ان کان پوءِ سنڌ دهليءَ جي مغل حڪمرانن جي بالادستيءَ مان نڪري، ايراني تسلط هيٺ آئي. ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ٺٽو سنڌ جي راڄڌاني نه رهيو، ان ريت ٺٽي کي پنهنجي مقدر سان پاڻ نبرڻ لاءِ ڪيس آزاد ڇڏيو ويو.



تصوير 9 - الف - ريسٽ هائوس کان نظر ايندڙ مڪليءَ جو منظر.

# سمن سلطانن جو شجرو

## باني‌پيڙهو 1



# ترخانن جو شجرو

## عبدالعلي ترخان

مرزا عيسيٰ ترخان I
1565-1554ع/973-962 ھ

- مرزا باقي ترخان
  1585-1565ع/993-973 ھ
  - مرزا محمد پائينده
    وفات 1001 ھ/ 1592ع
    - * مرزا جاني بيگ
      جنھن مغلن هٿان 1002ھ/ 1593ع ۾ شڪست کاڌي
      - مرزا غازي بيگ
        (مغل گورنر)
        وفات 1022 ھ/ 1614ع
- مرزا محمد صالح
  وفات 970 ھ/1562ع
- ** مرزا جان بابا
  - مرزا عيسيٰ خان II
    (مغل گورنر)

* مرزا جاني بيگ 1592ھ (1001ھ) ۾ عبدالرحيم خان خانان ۽ مير معصوم بکري جي فوجن سان ڪيترين چوٽون کائي ٻاهڙي واري جنگ ۾ هڪ فوجي اٽڪل نه سمجهڻ سبب شڪست کاڌي. سندس سنڌي فوج جي ساٿ ۽ عوام جي ساٿس گهري سنبند سبب مغلن کيس مان ڏنو ۽ کيس سنڌ جو غير حاضر گورنر مقرر ڪيائون ۽ کيس ڪڏهن به سنڌ ۾ اچڻ نه ڏنائون. مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوءِ ان جي پٽ مرزا غازي بيگ جيڪو پڻ سنڌ جو مغل گورنر مقرر ٿيو (کيس به سنڌ ۾ اچڻ جي منع ٿيل هئي) رڳو ٽي سال سنڌ ۾ رهيو ۽ 7 سال قنڌار ۽ پنجاب جي فوجي مهمن ۾ مصروف رهيو. هن شهزادي 27 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ساڳيو سلسلو مرزا عيسيٰ خان ترخان II سان دهليءَ وارن جو رهيو. هن جي سڄي زندگي سنڌ کان ٻاهر گجرات ۽ سورت جي گورنري ۽ فوجي مهمن ۾ گذري. سنڌ ۾ ترخان حڪمرانن جي حڪومت سندن نائب هلائيندا رهيا. مٿيان سنڌ جا حڪمران مغلن پاران افغانستان. گجرات ۽ ٻين علائقن ۾ دهلي حڪومت جا فوجي فرض ادا ڪندي اتي گذاري ويا ۽ ڪين وصيت پٽاندر سندن جنم ڀومي سنڌ ۾ مڪلي ٽڪريءَ تي دفنايو ويو. ان ڪري گهڻا تاريخ جا ماهر مرزا جاني بيگ جي شڪست 1592ع تائين ترخان دور کي تسليم ڪن ٿا. ان ڪري ليکڪ پاران ٻنهي جي مغلن پاران غير حاضر گورنر واري دور کي "جاگيرداري" وارو دور ڪري لکيو آهي. (سنڌيڪار)

** مرزا جان بابا سنڌ جو نالي ماتر غير حاضر گورنر به نه رهيو ۽ سڳي ڀاءُ ميرزا باقي بيگ جي سازش سبب قتل ڪيو ويو. (سنڌيڪار)



پليٽ 4 - ديوان شرفا خان جو پڪ سرائون مقبرو. جيڪو مرزا طغرل بيگ جي ڇٽي نما مقبري جي ڪاٻي پاسي آهي. جڏهن تہ ان جي ساڄي پاسي ۽ وچ تي مرزا عيسيٰ ترخان ٻئين جو سفيد رنگ جو مقبرو ڏسجي ٿو.



پليٽ 5 - شيخ حماد جماليءَ جي مزار جي پرسان چوڌاري نظر ايندڙ سما خاندان جي قبرن جو مُچلو آهي، بزرگ جو لاڏاڻو 14 هين صدي عيسويءَ سان هو. هن درويش جي مقبري جي ڪاٻي پاسي پڪسرائون مقبرو. ساڄي پاسي ڇٽي نما مقبرو ۽ ٺوري ڀنڊ جي وٽيءَ تي ڄام نظام الدين جو مقبرو ڏسجي رهيو آهي.



پليٽ 6 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو چٽيءَ جهڙو هڪ مدرسو - پرسان ئي ڏيڍيءَ جي تعمير وارا ٿلهه ڏسجي رهيا آهن. ساڄي پاسي هيٺ تي دري آهي، جنهن ۾ سوراخدار پٿر هنيل ڏسجن ٿا.



پليٽ 7 - ساڄي پاسي شيخ حماد جمالي جو تباهه حال مدرسو ۽ کاٻي پاسي عبدالله پٽ تاجي جو چٽي نما مقبرو - ٻنهي اڏاوتن جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان آهي.



پليٽ 8 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي لنگھه تي پٿر جي اُڪير جو ڪم ٿيل ڏسجي ٿو. جنهن جي سر در ۽ پٿر جي چوڪاٺي جي ٻنهي پاسن تي قرآني آيتون اڪيريل نظر اچن ٿيون. هيٺئين پاسي ونگ سان هڪ جارو آهي. محسوس ائين ٿي رهيو آهي، ته در جي چانئٺ وٽ نرم سفيد پٿر (moon stone) جو "ڏُنون" (sell) لڳل هوندو.



پليٽ 9 - سمن جا پٿر انهين اڏاوت سان لاڳاپيل ٻن قسمن جا مقبرا آهن. انهن مان هڪ پٿر جون همچورس يا چوڪنڊيون اڏاوتون آهن. جڏهن ته ٻئي قسم جو تعلق ڇٽيءَ جهڙن مقبرن جو آهي جيڪي پٿرن جي ٿنڀن جي آڌار تي جوڙيون ويون آهن. مقبرن تي به ٻن قسمن جي اُڪير ڏسجي ٿي. هي مقبرا پڪ سراوان به آهن. ڇٽي نما تعمير مٿان ٿانوَ جهڙي نيل (fenial) به ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



پليٽ 10 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي سان گڏ لنگهه به نظر اچي رهيو آهي. جنهن ۾ ٿلهن ۽ سردرن جي هڪ ترتيب موجود آهي. ان ترتيب مطابق هر سردر ڪنڊ وٽ ٻئي سردر سان ملي رهيو آهي. جن کي هيٺان ٿلهه ڏنل آهن.



پليٽ 11 - دريا خان عرف مبارڪ خان جي مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. هيءُ ڄام نظام الدين جو نپايل پٽ هو وزير ۽ فوجي سپهه سالار هو. هن تعمير جو بنياد جو پٿرسن 1490ع ۾ رکيو ويو هو. هن اڏاوت جي مهاڙيءَ ۾ ڪنگرا ۽ پلوپڙو (Parapet) ڏنل آهي. خوبصورتيءَ واسطي مٿي ٻنهي پاسي هڪ هڪ جارو رکيو ويو آهي.



پليٽ 12 - دريا خان جي مقبري جو اندريون پاسو جنهن جي اولهه پاسي واريءَ پٽ ۾ محراب جي تعمير آهي. ان جي هر هڪ پاسي تي پٿر جا پاوا آهن، جنهن تي نهايت نازڪ ۽ نفيس چٽساليءَ جو ڪم ٿيل آهي. وچ صحن تي قبرون آهن، جن مٿان رکيل پٿرن تي خوبصورت اُڪير جو ڪم ٿيل ڏسجي ٿو. دريا خان جي قبر جي پاسي سان ڪُتل پٿر تي تاج جو نشان اُڪيريل آهي. هن اڏاوت جو تعلق پندرهين صدي عيسويءَ سان ڏسجي ٿو.



پليٽ 13 - چنڻيءَ نما مقبري جي ڇت، جنهن کي پٿر جا هڪ ٻئي مٿان گول بار ڏئي ٺاهيو ويو آهي. وچ تي لٽڪڻ (Pendent) ڏسجي ٿو. مٿي چنڻيءَ جي گول دائري جي هر پٿر تي ونگ جهڙو ڇڻ اُڪيريل ڏسجي ٿو. هيءَ تعمير، 15 صدي عيسويءَ جي اوائلي دور سان لاڳاپو رکي ٿي.

# باب ٻيو

## سما دور جا يادگار

(1335ع کان 1520ع تائين)*

### تعارف

**سما** خاندان جي حڪمرانن عمارت سازيءَ جي فن کي هٿي ڏيارڻ ۾ تمام گهڻو حصو ورتو. جنهن کي اسان سنڌي، اسلامي اڏاوت جو نمونو چئي سگهون ٿا. بدقسمتي اها آهي، ته اهي قيمتي يادگار جيترو حق لهڻن، اوترو انهن جي قدر ۽ قيمت ڪٿڻ واسطي سنڌن اپياس ڪونہ ڪيو ويو آهي. هينري ڪزنس[1] انهن يادگارن کي هندي اڏاوتي پس منظر ۾ ڏٺو. هن مطابق جيڪو سامان انهن پراڻين جڳهين ۾ استعمال ٿيل آهي، سو هندن جي مندرن مان آندو ويو هو. ٻئي هنڌ هو ٻڌائي ٿو ته: انهن يادگارن تي گجرات جي عمارت سازيءَ جو اثر آهي، جنهن بابت ڪيس قديم آثارن جي سپرنٽينڊنٽ جي حيثيت سان وڏو تجربو هو. مڪليءَ جو ذڪر ڪندي سنڌس بيان سررچرڊ فرانسس برٽن[2] جي بيان کان وڌيڪ ڪونہ آهي، جنهن چيو آهي تہ "عيدگاهہ کان پنيان بيشمار نمونن جا مقبرا ۽ قبرون آهن. ڪجهہ ڌرتي ڌڏڻ ڪري تباهہ ٿي چڪا آهن تہ ڪي وري وقت جي واءُ ويران ۽ ناس ڪري ڇڏيا. ڪي ٿورا بلڪ تمام ٿورا باقي وڃي بچيا آهن. ڪن کي سندن وارثن تہ ڪن کي عقيدت مندن بچائي ورتو آهي. قبا، ونگون، منارا، ڏيڍيون، راهداريون ۽ هڪ جيترين وٿين تي ترتيب سان ٺٽيل ٺلهہ هڪ وڏي سلسلي جا ڍولن ڍيرن ۽ ڍڳن تي بيٺا آهن. جن جا آثار نڌڪا، پر اَڏَ مٽُ آهن. اهي اهڙا تازا ۽ نوان لڳن ٿا، ڄڻ اڄ نهي تيار ٿيا آهن." هو وڌيڪ تبصرو ڪندي چوي ٿو تہ:" تمام ويجهو وڃي ڏسڻ سان اهو منظر بهرحال ايترو وڻندڙ ناهي. مقبرن تي ڏاڍي خوبصورت اُڪير ٿيل آهي. جيڪڏهن انهن چِٽن ۽ چِٽرن جي تفصيل کي جاچي ڏسبو، تہ ان جي ذري ذري ۾ تڪميل نظر ايندي. وڏا ۽ ڊگها پٿر، جيڪي ڏاڍا شاندار آهن. اهڙي قسم جو هرهڪ پٿر پوءِ اهو جاءِ جي بناوت ۾ ڪم آيل آهي يا پٽين ۾ ڦاٽڪن تي وڏي ڪاريگريءَ سان هلڪي ڪوڪيءَ طرز تي اُڪيريل آهي. هم چورس، گول، پيچدار، اڌ گولايون، چوڪنڊا، پن ول، گل، ڪناري وارا نمونا ۽ قرآن شريف جي آيتن جي خطاطي، ( جنهن جي ڪمال خوبصورتي اها آهي، تہ اها پڙهي ڪانہ ٿي سگهجي) ۽ انهن سيني جا ايترا تہ نت نوان ۽ اڪيچار نمونا آهن، جو ڪنهن اک کي اعتبار ئي ڪونہ ايندو، اتي سڌي ليڪ تہ ملندي ئي ڪانہ. هر هڪ جڳهہ فن ۽ ڪاريگريءَ جو اعليٰ مثال نظر ايندو. اهو ڪنهن هندستان جي سونارن وانگي آهي، جيڪي سونا زيور ساديءَ طرز ۾ جوڙي ڪونہ سگهندا آهن. ائين جيئن ڪنهن سياح لاءِ ان جو مجموعي اثر ڪنهن پڙڪيدار پر ڦوهڙ شيءِ وارو هجي، جيڪو سنجڻ جي تمام گهڻي استعمال سبب پيدا ٿيو آهي. اهڙي قسم جو ذاتي رايو ان ماڻهوءَ لاءِ بلڪل نيڪ آهي، جنهن وٽ عمارت سازي جي خوبصورتيءَ لاءِ پنهنجي ماحول جي لحاظ سان قدر ۽ اهميت آهي، ڪيس ايترو وقت نہ آهي، جو مڪاني ماحول کي نظر ۾ رکي، ان جي روحاني قدر جي ڪٿ ڪري سگهي. جڏهن تہ هيءَ چٽسالي پنهنجو اثر آهستي آهستي ڏيکارڻ شروع ڪري ٿي ۽ روشني ۽ پاڇي جا مختلف تاثر پيدا ڪري ٿي. يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي، تہ سج جي روشني ۾ چمڪندڙ سنڌي پٿر جون ديوارون ۽ ان جي پاڇي جو ابتو تاثر هڪ جُدا نموني جي خوبصورت شيءِ آهي". پرسي براؤن[3] (Percy Brown) هندستان جي (اسلامي دوَر) اڏاوتن بابت يادگار ڪتاب لکيو آهي. پر ڪيس سنڌ جي تعميراتي آثارن کي ڏسڻ جي فرصت ئي ڪانہ ملي، تنهن پنهنجا غير اهم تبصرا ٻين جي اهڙن ئي بيانن تي انحصار ڪندي لکيا آهن.[4]

هيٺ ڏنل حوالن مان سنڌس سطحي خيالن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

* سمن جي حُڪومتي دور بابت سنڌيڪار جو نوٽ باب جي آخر ۾ ڏسو.

ٺوريءَ حد تائين لاڙ واري سنڌ جي جڳهن جي اڏاوتي طرز مغل جڳهين جي اڏاوت واري نموني سان هڪجهڙائي رکي ٿي. عمارت سازيءَ جي فن جو هيءَ هڪ اهڙو نمونو نظر ايندو ته هتان جون ڪي قبرون ۽ قبا، رت جي رشتن جي نشاندهي ڪن ٿا. رنگين ڪاشيءَ جي سرن جي معاملي ۾، جن سان مسجدون ۽ مقبرا تمام گهڻا سينگاريا ويا آهن. تن ڪي عرب ۽ ايراني پنهي اڏاوتي رنگن ۾ رونق وارو بنايو ويو هو، پر انهن جي خوبصورتيءَ جو اهو اڪيلو سبب ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته جيئن پنجاب جو علائقو پنهنجي وجود اندر عمارت سازيءَ جو عنصر گهڻ رکي ٿو، ان جو سبب پٿر ۽ ڪاٺ جي اڻ هوند آهي[5] .... عمارت سازيءَ جو نمونو جيڪو پوئين وچين دور ۾ سنڌ ۾ نظر اچي ٿو، تنهن کي سنڌ جو پنهنجو مڪاني فن چئي سگهجي ٿو. اهو ساڳيءَ وقت سڄي ايران ۾ به هلندڙ هو. پٽين ۾ به قوسي نوڪدار ونگ (Tudor Arch) نموني وارين ونگن جون قطارون، منارا، قبا جيڪي ڪندن وٺان جهڻ آسمان سان ڳالهيون پيا ڪن، جن جي مٿان لوڏي[6] ..... دور جي اڏاوتي طرز جو قبو نهيل آهي. سنڌي عمارت سازيءَ جو هنر قديم آهي، پر ان ۾ فڪر جي ڪمي آهي. ڪاشيءَ جي سرن جا سڀ نمونا، جيڪي اسان ڏسون ٿا، سي به عام نموني جا ۽ روايتي آهن. منجهن دلي لڳاءُ ڪونهي، احساس کان خالي آهن.[7] ..... ان سلسلي ۾ اسان ٻن موقعن تي سرن جي تعمير ۾ سنڌ جي پٿر جي اُڪير واري ڇنساليءَ جي نموني کي ڏسون ٿا.... سمي سلطان ڄام نظام الدين جو مقبرو ....... جيڪو احمد شاهي نموني تي آهي ....... ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان جي (عمارت) ..... سڄي ساري پٿر سان جڙيل آهي، جيڪا پڻ فتح پور سيڪري جي ڍنگ تي جڙيل آهي."

اهي رايا جيتوڻيڪ هڪ وڏي عالم جا آهن، پر بدقسمتيءَ سان شخصي مشاهدي تي ٻڌل نه آهن، ۽ مڪمل طور تي ٻين ذريعن تي مدار رکن ٿا.

سما دور سان لاڳاپيل عمارتون پٿرن ۽ سرن ٻنهي سان جوڙايل آهن ۽ انهن جي تعمير جا به ٻه مختلف نمونا آهن. جن مان هڪڙا پٿرن واري اڏاوت ۾ ته ٻيا وري سرن واري تعمير سان واسطو رکن ٿا. قبرن تي لڳل ڪتبن کان سواءِ جيڪي به پٿر نوان آهن، سي يا ته ڪنهن جبل مان ڪڍي استعمال ڪيا ويا آهن يا ان پُوري پٿر مان جوڙيا ويا آهن. جيڪي مڪلي ٽڪري تي چوڌس پکڙيا پيا آهن. نه فقط ٺٽي، پر سڄيءَ سنڌ ۾ ڪنهن به دور ۾ پٿر سان گڏ مسالي واري ۽ چمڪدار سر جو استعمال ڪونه ڪيو ويو آهي. سما دور ۾ پڪيءَ سر جي عمارتن ۾ به ڪاشيءَ جي سر جو استعمال ڪونه ٿو ملي. سواءِ هڪ مثال جي يعني ڄام نظام الدين جي مقبري جي پرسان قبرن جي چوڦاسي گچ سان لتل چوديواري ۾. اتي ڪارنس وٽ اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي کان واڱڻائي تَرَ تي نيري رنگ جي سادي ڪاشيءَ جي سرن جي هڪ هڪ قطار هڻئي وئي آهي. ان جو هڪ ٻيو مثال ڪلان ڪوٽ وارو قلعو آهي، جنهن جي مٽيءَ جي گاري تي ٻاهران پڪيون سرون ٽڪيون ويون آهن. پٿر جي يادگارن کي ڇئن پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

**الف: مدرسي جي نموني واري ڇٽي**

(1) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو ڇٽيءَ جهڙو مدرسو، جنهن سان لڳ بعد ۾ سندس مقبرو تعمير ڪيو ويو.

(2) شيخ حماد جماليءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف مدرسي نموني، قبيءَ سان ڇٽي.

(3) مسجد جي اولهه طرف شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي ڇٽيءَ جهڙي جڳهه، جنهن ۾ استعمال ٿيل پٿر تي بي انتها خوبصورت نمونا اُڪيريل آهن.

اهي مڪلي ٽڪريءَ تي تمام آڳاٽيون جڳهون آهن ۽ قدامت جي لحاظ سان اڳتي پوئتي ڪري اڏايون ويون آهن. اسان پهرين جڳهه کان ٽينءَ جڳهه تائين درجي بدرجي ارتقا ڏسون ٿا. پهرين ۽ ٻي جڳهه سادي ۽ لائي لسي ڏسون ٿا، پر ٽين اڏاوت بي انتها خوبصورت آهي، انهن جي وچ ۾ ڪاريگري واري ڏات، ڏانءُ ۽ هنرمنديءَ جو هڪ لاڳاپو آهي ۽ قبي جي ناهڻ ۾ اڏاوتي رٿا ۽ خاص هُنري ڏانءُ پڻ شامل آهي، پر بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي جو هيءُ قبو فقط پهرين يادگار طور باقي وڃي بچيو آهي. پر تنهن هوندي به پوريءَ ريت ۽ تفصيل سان پتو پوي ٿو، ته ڪيئن هر چورس ڪمري سر درن

۾ ڪندن وارن مَڪڙن يا گهوڙن کي ڍڪي گول بنياد جي صورت ڏياري، مٿان مناري شڪل واري قبيءَ جي صورت اختيار ڪرائي وئي. پٿر جي پتين جوڙڻ جو طريقو خُشڪ نموني وارو آهي. جيڪو مسلمانن کان اڳ واري دور ۾ استعمال ٿيندو هو. يعني وڏي ڊگهي چوڪُنڊي پٿر کي ٻئي ڊگهي چوڪُنڊي پٿر مٿان بنا ڪنهن گچ گاري جي قبائيندا رکندا ويندا هئا. اهڙيءَ ريت پهرين ٻنهي يادگارن ۾ استعمال ٿيل ٿلهه هر چورس ۽ سادا آهن. پر ٽئين يادگار ۾ ٿلهن تي ڇٽَ اُڪيريل آهن. پهرين ٻن يادگارن جي ڏيڍيءَ جا ٿلهه بہ سادا ۽ لاوا لسا آهن. پر ٽئين يادگار جي ڏيڍيءَ جو پٿرائون چوڪاٺي ڇٽَ اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيتوڻيڪ ان جو نمونو اسلام کان اڳ واري اڏاوتي طرز سان تعلق رکي ٿو. پر حقيقت اها آهي، تہ اها بہ اسلام جي اصول مطابق آهي، ڇو تہ ان ۾ ڪنهن ساهہ واري جيوَ جي تصوير اُڪيريل ڪانہ ٿي ڏسجي.

(ب) قبايون ڇٽيون

(الف) ڇهہ ڪنڊيون ڇٽيون

(4) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي اوڀر طرف پٽ، يارو (Bhitta Yaro) جي ڇهہ ٿنڀي ڇٽي.

(5) قديم مسجد کان اتر - اولهہ طرف قاضي عبدالله پٽ تاجو جي ڇهہ ٿنڀي ڇٽي.

(ب) اٺ ڪنڊيون ڇٽيون

(6) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي وارو اٺ ڪُنڊو ڇٽيءَ سان مقبرو.

(7) ڄام نظام الدين جي مقبري جي اتر ۾ اٺ ڪُنڊي ڇٽيءَ سان مقبرو.

(8) ڄام تغلق شاهہ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ اٺن ڪُنڊن واري ڇٽيءَ سان مقبرو.

(9) ڄام تغلق جي زماني جو تعمير ٿيل اٺن ڪندن واري ڇٽيءَ سان مقبرو.

اهي سڀ ڇَٽيون پٿرن جي ٿلهن تي ٺهيل آهن، جن مان ڪي ڇهہ ٿنڀيون، تہ ڪي اٺ ٿنڀيون آهن. هر هڪ ڪند تي هڪ ٿنڀ لڳل آهي، سيئي ٿنڀ هڪ نموني جا آهن، جيئن ٿنڀ واري مسجد ۾[8] ڪتب آيل آهن، هينري ڪزنس ان مسجد



تصوير 10 - سما دور جي قلعو ڪلان ڪوٽ جي گهٽائي پيرا مرمت ٿي هئي. اولهہ پاسي کان قلعي جي پٽ ۾ مارن جا ڳڙڪا ڏسجن ٿا. ٿوري فاصلي تي مسجد نظر اچي رهي آهي.

جي اڏاوتي سامان کي ٻارهين صدي عيسويءَ جو تصور ڪري ٿو. ٿلهن تي ڇٽَ اُڪيرڻ جو نمونو اسلام کان اڳ واري طرز سان لاڳاپو رکي ٿو. پر ان جو ڍنگ ۽ ڊيپ پڪ سان سنڌي آهي. اهڙي ڪا شاهدي موجود ڪانهي، تہ مسلمانن انهن ٿلهن جي ڄارن مان اُڪيريل ٻـُتن کي ڇيٽي جي مدد سان اُکيڙي ڦٽو ڪيو.[9] هيءَ ٿلهہ گجرات وارن ٿلهن کان ماڳهين مختلف آهن، جن کي مٿي کان تاج جي پرسان گلدان واري گهُگهي رکيل آهي. ان قسم جي چٽسالي گپتا دور جي عمارت سازيءَ

مضبوطي قائم رکڻ واسطي ڪانين جون ڪامون، سرن جي عمارتن ۾ جهل ۾ گهوڙين طور تي ڪونہ هنيون ويديون هيون، ڪاريگريءَ جي لحاظ کان ٻئي طريقا هڪ ٻئي کان مختلف آهن. مڪلي ٽڪريءَ واريون اڏاوتون مستطيل بہ آهن، تہ هم چورس بہ آهن. جڏهن تہ ملتان واريون اَناس جي صورت ۾ آهن. ملتان جي عمارتن ۾ ڪاشيءَ جي سر گهٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پر مڪليءَ تي هن چمڪدار سر جو استعمال فقط هڪ جڳهہ کان سواءِ ٻئي هنڌ نظر ڪونہ ٿو اچي. اهڙي قسم جي هم چورس جڳهن ۾ قُبي جي تعمير ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. اهڙين جاين مان اڄ ڪا بہ سلامت ڪانہ رهي آهي. ٺلهن تي اڏيل ڇٽين وانگي پٿر جي گول ڇلن کي ڍڪي ڇڏڻ وارو طريقي جو هتي رواج ڪونہ هو. هتي صحيح قسم جا قبا تعمير ٿيل ٿا ڏسجن. پر انهن جي جي اڏاوت دوران جيڪي طريقا استعمال ڪيا ويندا هئا. سي خاص قسم جا هوندا هئا. ڪارنس متان ننڍيون ونگون ڏئي هم چورس تعمير کي اناس شڪل ۾ بدلايو ويندو هو. پر سمجهہ ۾ ائين ٿو اچي، تہ ڪاريگر انهن ونگن جي مضبوطيءَ کان اجا پوري ريت مطمئن ڪونہ ٿيا هئا. ان ڪري ڪندن تي ڏيڍيون ٽيڪون هٺي ڪين وڌيڪ مضبوط ڪندا هئا. انهن جي هينان ٿي ٿي سر در بہ هنيل ڏنا ويا آهن. مٿي ونگن جي خانن جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو اناس کي سورهن پاڳن ۾ وندي ٿو ۽ ڏيڍين ٽيڪن وارين ڪندن کي لڪائي ڇڏي ٿو. جيڪو اڳتي هلي قبي جي بيهارڻ لاءِ بنياد فراهم ڪري ٿو. قبي جي تعمير جو طريقو گهڻو ڏکيو هوندو هو. تنهنڪري ان جون پٽيون روايتي پٽين کان موڪريون ۽ مضبوط بنايون ويندون هيون. ملتان ۾ هن مسئلي کي هيئن حل ڪيو ويو آهي، جو قبي جي اڏجڻ جي منصوبي جي شروعات اٺ ڪندي کان ڪئي ويندي هئي، ٻيو تہ قبي جي هيٺئين حصي يعني ڍيڍيءَ جي تعمير وڌي بلنديءَ تي پهچائي پوءِ مٿان قبو جوڙيو ويندو هو. هتي قبي جي ڍيڍيءَ جي اڏاوت غير اهم آهي، ان ڪري قبا تعمير ۾ وينوڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. آرائش ڇدي پاڍي آهي، ڪٿي بنيادن کان پنجن فوٽن تائين پٿرائين اوساري آهي. محراب بہ گهڻو ڪري سادا سودا، شڪل صورت ۾ اڌ قبي جهڙا آهن ۽ مٿن ماڪيءَ جي مانارن جهڙي چٽسالي ڪيل آهي.

**(د) مسجدون**

(12) مڪليءَ جي قديم مسجد

اها شڪل ۽ صورت ۾ مستطيل نظر ايندي. ڏيک ويک ۾ ساموئيءَ جي تباهہ ٿيل مسجد سان هڪجهڙائي رکي ٿي. پر فرق رڳو اهو آهي، تہ مڪلي ٽڪريءَ واري مسجد کي اوپارئون ورانڊو ڪونہ آهي. ڪلان ڪوٽ جي قلعي ۾ اندر ٻڃي ويل مسجد ۾ بہ اهو ساڳيو فرق آهي، تہ ان کي فقط هڪ قبو آهي. هيءَ دهليءَ جي گهڻ قبائي تغلق مسجدن کان بہ گهڻو مختلف آهي ۽ گجرات جي مسجدن کان گهڻي نياري آهي، چو جو هيءَ ٺلهن تي بيٺل ڪانہ آهي، ٻيو تہ هن مسجد ۾ منارو لڳل ڪونهي، هن مسجد ۾ وري مٿي وڃي اذان ڏيڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي ۽ بانگ ڏيڻ لاءِ الڳ منبر يا منارو نهيل ڪونهي.

**(ج) سرن جا نهيل هم چورس قبا**

(13) مَلڪ راڄپال جو مقبرو.

(14) ڪنهن گمنام سلطان جو مقبرو، جنهن جي ڇَتَ لڳل قبر ڍهي وئي آهي.

(15) ڪنهن گمنام حڪمران جو مقبرو.

**(ذ) پڪين سرن جو هم چورس مقبرو جنهن کي واڌو ڪمرو بہ آهي.**

(16) فتح خان جي پيڻ جو مقبرو.

**(ر) پڪين سرن جو تعمير ٿيل مقبرو، جنهن جي مٿان ڏاڪڻ جو مجموعو نهيل آهي.**

(17) ملڪ قائوس سلطان جو مقبرو.

(18) تباهہ ٿيل هم چورس مقبرو.

**(ڙ) پٿرائون هم چورس مقبرو**

(19) ڄام نظام الدين جو مقبرو.

هيءُ پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. ان اڏاوت ۾ ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي، تہ سرن جي انداز کي پٿر جي تعمير ۾ استعمال ڪجي. جيئن وڌ ۾ وڌ سنجتي نموني لاءِ گنجائش ڪڍي سگهجي. خاص طور تي در واري لنگهہ محراب ۽ اولاهين پٽ جي محراب جي اصلي وڏاوڻن تي، بي انتها خوبصورت اُڪير واري ڇٽسالي ڪيل آهي. جيتوڻيڪ اُڪير جي هنر ۾ تڪميل ڏسجي ٿي. پر اڏاوتي تجربي جي گهٽتائي سبب قُبو مڪمل طور تعمير ٿي نہ سگهيو.

ڄام نظام الدين جي مقبري تي اڏاوتي فن ۽ ڪاريگريءَ جو ڪم انتها تي پهتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي وڌ کان وڌ ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي، تہ جيئن سرن واري اڏاوتي طرز کي پٿر جي اُڪير ۾ بدلائجي. اهڙيءَ ريت جو هن تاريخي يادگار کي پٿرائين اُڪير جي نازڪ ۽ نفيس هنر وسيلي اڏاوتي فن جي ڪاريگريءَ جي انتها تي پهچايو وڃي. آرائشي نمونو ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿان بئي هنڌان ورتي ويئي هجي. يا ٿي سگهي ٿو تہ اسلام کان اڳ واري هنر ۽ ڪاريگريءَ کي ڪتب آندو هجي. باقي ڪاريگريءَ جي سيني نمونن کي گڏي، سموئي هڪ نموني طور پيش ڪرڻ هتان جي سنڌي سڄاڻ ڪاريگرن جو ڪمال آهي. ڄام نظام الدين جو مقبرو، سمن جي سڄي دور جي ڪاريگريءَ جو اوج آهي. جيڪو بي انتها خوبصورت آهي. سنڌ جي ڪلاوند ڪاريگر هيءُ مقبرو اڏي پنهنجي محبوب حڪمران لاءِ لافاني يادگار تہ ڇڏيو، پر سنڌ جي ذات ۽ ڏاتءَ کي بہ اَمر ڪري ڇڏيو.

## ڪلان ڪوٽ قلعو

**ڪلا ڪوٽ**[12] **يا ڪلان**[13] **ڪوٽ** (صحيح نموني سان ڪلياڻ ڪوٽ[14] جنهن جي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي "فرحت، تحفظ ۽ خوشحالي") جنهن کي تغلق شاهہ ڄام جوڻي II پٽ صدر الدين ڄام سڪندر (1427ع-1453/832هہ-857) جي نالي پٺيان تغلق آباد بہ سڏيو ويندو هو. جنهن جي لاءِ چيو ويندو آهي. تہ هن ان قلعي جي ڪجهہ مرمت ڪرائي هئي. ان قلعي کي مغل گورنر طغرل بيگ (وفات 1649ع:1059هہ) جي نالي پٺيان طغرل آباد بہ سڏيو ويندو هو. ڪيس دفن بہ مڪلي ٽڪريءَ تي ڪيو ويو. سندس ڇٽيءَ نما مقبرو مرزا عيسيٰ ترخان II جي قبي جي ڏکڻ طرف آهي. (ڏسو باب چوٿون). ان قلعي جي لاءِ چيو ويندو آهي. تہ ان جي ڊگهي تاريخ آهي[15]. ڪلان ڪوٽ ارغونن جي ڏکئي دور ۾ مرزا جاني بيگ ۽ مغل سپهہ سالار عبدالرحيم خان خانان جي وچ ۾ محاذ آرائيءَ وقت وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو هو. پر ان قلعي جي هندو دور واري اصليت متعلق ڪابہ شاهدي موجود ڪانهي. قلعي جي پٽين جي پڪين سرن سان اوساري ۽ گول برجيون هن قلعي جي مسلمان دور جي هجڻ واري اصليت بابت پڪي شاهدي ڏين ٿيون. اهو بہ امڪان آهي، تہ هن قلعي جو بنياد سومرا خاندان جي پوئين دور ۾ ٻارهين صديءَ جي ٻپاڙيءَ ۾ پيو هجي. جڏهن سومرا خلجيءَ سان جنگين ۾ جنبيل هئا ۽ سندن تخت گاهہ محمد طور تباهہ ٿي چڪو هو. ڪي تاريخي روايتون[16] اهو پڻ ٻڌائين ٿيون، تہ ان دور ۾ سومرا ساموئيءَ ۾ پنهنجي عمارتي اڏاوتن واري ڪم ۾ پوريءَ ريت رڌل رهيا. ٿي سگهي ٿو. تہ اهي روايتون هن قلعي بابت وڌيڪ صحيح هجن.

هيءُ قلعو مڪليءَ تي تعمير ٿيل قديم آثارن جي کاتي جي ريسٽ هائوس کان پنج ميل ڏکڻ طرف، پير پٺي جي درگاهہ ڏانهن ويندڙ روڊ کان ڪابي ڏسا ني هڪ ميل کن ڏور ۽ سنڌو درياءَ جي سڪي ويل هڪ واهڙ جي ڪناري تي ٺهيل آهي. درياءَ جي پاسي کان، قلعي جي پٽ (نمبر 2) جنهن جي مٿان گول برجيون نظر اچن ٿيون، ڏاڍو سهڻو منظر پيش ڪري ٿي. درياءَ جو واهڙ قلعي جي اتر واريءَ پٽ ڏانهن ڪجهہ جهوڪ ڏيون بيٺل نظر اچي ٿو. ۽ پوءِ اولهہ پاسي وڪڙ ڪائي وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت قلعي لاءِ ٽن طرفن کان درياءَ جڻ هڪ بچاءُ هو. درياءَ جي اولهہ واري شاخ (واهڙ) هڪ وڏو تلاءُ ٿي ناهي ۽ اهو تلاءُ قلعي لاءِ پاڻيءَ جي گهرج جي پورائي جو وڏو هڪ ذريعو بہ هو. قلعي اندر پاڻيءَ جي بندوبست جا



تصوير 12 - ڪلان ڪوٽ جي زبون حال پڪسرائين مسجد جنهن جو فقط وچ وارو حصو بچيل آهي. ان جو اوپر وارو ٻاهريون پاسو ڪهٽو ڊنل ۽ ناس ٿيل ڪونہ آهي. پر اڏاوت جو اتريون ۽ ڏاکڻون حصو ڊهي ختم ٿي ويو آهي.

ٻيا بہ وسيلا هئا. هن پاسي کان پڪين سرن جي قلعي جي پٽ سنئون سڌو مٽي ويندي نظر اچي ٿي، جنهن ۾ ”مارن“ جا نشان چٽا پٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا (نمبر 10). خشڪ زمين فقط قلعي جي ڏکڻ ڏانهن هئي ۽ ان پاسي ئي شهر سان لڳ ڪنهن ڦٽل ڳوٺ جي آباد ڪاريءَ جا نشان ملن ٿا. قلعي جي ڏکڻ واريءَ پٽ ۾ ٻن ڦاٽڪن جي موجود هئڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا. تعمير جي منصوبي ۾ قلعو شڪل ۾ لمبوترو چوڪُنبو آهي، پر ترتيب ۾ ٽڪريءَ جي ٻي ڊولٽيءَ شڪل سان هلندو ٿو وڃي، قلعي جون ڀتيون (2/1-14) ساڍا چوڏنهن فوٽ ٿلهيون آهن. اڏاوت ۾ ڪچي مٽي ۽ پٿر جي روڙي استعمال ٿيل آهي، ۽ انهن مٿان هر چورس شڪل جون پڪيون سرون لڳل هيون. قلعي جي اندر وارو حصو سرن جي مدد سان پاڳن ۾ ونڊيو ورڇيو ويو آهي. هڪ پاڳو قلعي جي ڏکڻ اولهہ واري ڪنڊ ۾ بہ واقع آهي، جنهن ۾ پڪين سرن جي مدد سان مستطيل شڪل تي پاٽيءَ جو تلاءُ بنايو ويو آهي، اولهہ ڏسا کان پاٽيءَ جي تلاءُ ڏانهن ٽڪريءَ کي ڪپي رستو ناهيو ويو آهي، اهو رستو هڪ ڳجهو ڀيچرو آهي، جنهن جي منهن تي، قلعي جي اندرئين پاسي کان بچاءُ جي مقصد کان سپاهي بہ رکجي پئي سگهيا.

ڏکڻ پاسي وارو ٻيو لنگهہ، قلعي جي ٻي هڪ وڏي چوديواريءَ ڏانهن وڃي وڃي ٿو، ٿي سگهي ٿو تہ اهو رستو اتر اولهہ ڏسا تي تعمير ٿيل مسجد ڏانهن بہ ويندو هجي. پڪين سرن مان تعمير ٿيل موجوده مسجد (نمبر 12) پوئين دور جي اڏاوت سان واسطو رکي ٿي ۽ تَرخان دور کان اڳ جي جوڙايل هرگز ڪانهي، مسجد جي تعمير جو نمونو سما دور ۾ تعمير ٿيل قديم مسجد (هيٺ ڏسندا) کان بلڪل مختلف آهي، جيڪا مڪلي ٽڪريءَ جي اتر ۾ ڪنهن زماني ۾ اڏائي ويئي هئي. ڪلان ڪوٽ واري پوئين دور ۾ نهرايل مسجد ۾ پَڳ ٺُٽ ۽ ڪي ٻيون تبديليون پڪيءَ ريت ٻڌائين ٿيون، تہ ان

گل جو ڇٽ اُڪيريل آهي. ٺٽي ۾ هيءَ پٿر در جي چوڪاٺن ۾ عام استعمال ڪيو ويندو هو. منبر جي ڏاڪڻ جي پهرئين ٻن ڏاڪن تي هڪ جهڙي ڄٽسالي اُڪيريل آهي. مٿين ٽن ڏاڪن جي اُڪير پهرين ٻن کان مختلف طرز جي آهي. هيٺين ٻن تي ستارن جون قطارون آهن. مٿين ٽن تي اوپڙ جي اُڪير ۾ ٻن ول ڏسجي ٿي ۽ ان سان گڏ ڏورين جي لڙهه جهڙي ٽُڪ پڻ ٽيل آهي. جڏهن مسجد پوريءَ ريت تيار ٿي وٺي هوندي، ته ڪاشيءَ جي سرن جي سنجڻ ۽ سونهن ڪري ڏاڍي سهڻي ۽ من موهيندڙ لڳندي هوندي. ٻاهرئين ٻاسي تي اوچن ونگ وارا لنگهه ۽ مغل طرز جي تعمير سبب هيءَ عمارت پنهنجي دور ۾ بي انتها خوبصورت هوندي. *

---

* **ڪلان ڪوٽ اصل ۾ مينا نگر آهي**

ڊاڪٽرداني قلعي جي تعمير واري دور جي تعين ڪرڻ ۾ سخت قسم جي غلطي ڪئي آهي. جنهن لاءِ هيٺان سبب آهن:

1. ٺٽي جو شهر درياءَ جي ڪاٻي ڪناري ۽ ڪلان ڪوٽ ساڄي ڪناري واقع آهي وچ تي سنڌوءَ جي هڪ ڇاڙهه هئي، جيڪا هيٺان وهندي رهندي هئي. تنهنڪري دشمن جي حملي وقت اهو ڏاڍو مشڪل هو، ته ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن فوج ٺٽي شهر جو بچاءُ ڪري سگهي.

2. جيڪڏهن ڪلان ڪوٽ سمن جو ٺهرايل هو، ته اهو ٺٽي شهر جي اتر پاسي کان ڪاٻي ڪناري تي آباد ڪيو وڃي ها جنهن سان نگر ٺٽو آباد هو. ڇاڪاڻ ته سڪندر (اعظم) کان وٺي ڪشڪ دور تائين سڀ حملا اتر پاسي کان ٿيا آهن. پر ڪلان ڪوٽ نگر ٺٽي کان اولهه - ڏکڻ پاسي آهي.

3. حملا آور فوج هميشه شهر تي حملي ڪرڻ کان اڳ ان جي قلعي ۾ رهندڙ گئريسن فوج کي شڪست ڏيندي آهي. پر جتي قلعو ۽ شهر گڏيل هوندو آهي. ته ان صورت ۾ حملي آور فوج جو جنگي طريقو ڪجهه ٻيو ۽ مختلف هوندو آهي.

4. ڄام صلاح الدين ۽ ڄام فيروز وچ ۾ تخت حاصل ڪرڻ واري مسئلي تان جنگيون لڳيون هيون. پر ڪنهن به تاريخ ۾ اهو ذڪر ڪونه ملندو ته ٺٽي نگر جي بچاءَ واري قلعي ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن ڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. ٻر ان دور ۾ ڪلان ڪوٽ جو قلعي جي حيثيت ڪوبه ذڪر موجود ڪونه آهي.

5. جڏهن ارغونن نگر ٺٽي تي حملو ڪيو، ته هن شهر جي قلعي ڪلان ڪوٽ ۾ گئريسن فوج جي جنگ جو احوال ئي موجود ڪونه آهي پر دولهه دريا خان هڪ کليل ميدان ۾ وڙهندو ڏسجي ٿو. اهو ذڪر ڪونه ٿو ملي، ته سندس فوج رات جو موٽي وڃي ڪلان ڪوٽ ۾ ترسندي هئي. جڏهن ارغون فوج درياءَ اڪري ڪاٻي ڪناري پهتي، ته اتي ڪوٽ ته نهيو پر ڪو ننڍڙو ڪوٽ به موجود ڪونه هو.

6. هن دور کان اڳ جڏهن ڄام نظام الدين سنڌ جو حڪمران هو ته اسلام جي مشهور ترڪي خليفي سليمان عاليشا، ڄام نظام الدين ۽ گجرات جي مشهور حڪمران محمود بيگڙي جي گڏيل ساموندي فوج 1505ع ۾ پورچوگيزن هٿان ذليل شڪست کاڌي هئي. پر پوءِ به ڄام نظام الدين نگر ٺٽي جي بچاءَ لاءِ هن شهر کان ڏکڻ پاسي ڪوبه ننڍو وڏو قلعو ڪونه اڏايو هو.

7. سورهين صديءَ جي وچ ڌاري جڏهن پورچوگيزن ٺٽي تي حملو ڪري ان شهر کي ڦري لٽي باهه ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو، ته ان وقت نگر ٺٽي جي بچاءَ لاءِ نام نهاد ڪلان ڪوٽ ۾ رهندڙ گئريسن فوج جو ڪو ذڪر به ڪونه ملندو، ڇاڪاڻ ته نگر ٺٽي ۽ قلعي جي وچان سنڌوءَ جو وهڪرو موجود هو.

8. سورهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن عبدالرحيم خان خانان ۽ مشهور تاريخدان مير معصوم بکري گڏجي سنڌ تي حملو ڪيو، ته مرزا جاني بيگ ساٿڻ مڙسيءَ سان مهاڏو ڏنو هو. پر ٺٽي جي تحفظ لاءِ ان وقت به تاريخ ۾ ڪلان ڪوٽ وارو قومي قلعو نظر ڪونه ٿو اچي. (جاري)

**الف - مدرسي طرز واري ڇتي - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مدرسو**

شيخ عيسيٰ لنگوٽي (لنگوٽي[17] معنيٰ ڪسرت لاءِ لُنگ ٻڌڻ وارو). هُو هندستان جي مڌيہ پرديش جي شهر برهانپور جو وينل هو ۽ اتان الڏي اچي هتي رهيو. مڪليءَ تي هڪ مدرسو کوليو هئائين. هيءُ عالم، علامہ نعمت الله عباسيءَ جي استاد ۽ چوڏهين صدي عيسويءَ جي مشهور بزرگ شيخ حماد جماليءَ جو همعصر هو. هن بزرگ 1427ع:831ھ ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو سرن جو ٺهيل ۽ گچ سان لنبيل آهي، ان جي اڏاوت سندس وفات کان گهڻو وقت پوءِ ٿي. سندس مقبرو ونگ وسيلي هڪ ٻي عمارت ساڻ جڙيل آهي (نمبر 13). ان عمارت کي مدرسي جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. (ڏسو خاڪو تصوير 1). هيءُ پٿرن سان جوڙيل ٻي مثال عمارت آهي. (پليٽ 1). نقشي ۾ هر چورس ۽ هر پاسي جي ماپ 12 فوٽ 9 انچ آهي، ان سان گڏ ڏيڍي بہ اٿس. ڏيڍيءَ جي ماپ هر چورس 7 فوٽ 3 انچ آهي. جيڪا ڏکڻ ۽ اولهہ طرف ڏانهن وڌيل آهي، بعد ۾ ان کي سرن جي تعمير سان ٿورو ڪجهہ اوپر ڏانهن وڌايو ويو آهي. ان اڏاوت ۾ ونگ سان هڪ لنگهہ

بقايا سنڌيڪار جو نوٽ:

9. ڄام نظام الدين جي زماني ۾ محمد خان شيباني ۽ حسين بايقراهہ جي وچ ۾ جنگيون لڳي رهيون هيون. وچ ايشيا ٻري رهيو هو. ساري ڌرتي ٽامون ٿي وئي هئي. اتان جا ماڻهو اچي ٺٽي ۾ آباد ٿي رهيا هئا. ڄام نظام الدين نگر ٺٽي جي امڪاني بچاءَ لاءِ هن شهر جي اتر ۾ بہ درياءَ ويجهو ڪوبہ ننڍو وڏو قلعو ڪونہ اڏايو هو.

**هيٺين سببن ڪري ڪلان ڪوٽ نہ نگر ٺٽي جو قلعو آهي نہ وري اهو سما ڄامن جو تعمير ڪرايل آهي:**

(1) سما دور جي مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ ڪتب آندل سر ۽ ڪلان ڪوٽ جي تعمير ۾ ڪتب آندل سرن جي ڳهاڳ ۾ گهڻو فرق آهي. مڪليءَ واري سر، سما دور سان تعلق رکي ٿي. جڏهن تہ ڪلان ڪوٽ واري سر، تختيءَ ۾ وڏي ۽ سما دور جي اڏاوت لاءِ ڪتب آيل سرن کان گهڻو قديم ۽ مختلف آهي.

(2) قلعي اندر شِوَ مندر جي موجودگي هن جي سنڌي هندو دور جي اڏاوت هئڻ جي نشاندهي ڪري ٿي.

(3) قلعي جي پٽ ۾ وچ تي ڪچين سرن جو استعمال ڏيکاري ٿو، تہ اهو قلعو بارود جي استعمال کان اڳ واري زماني سان تعلق رکي ٿو. جڏهن تہ سما دور ۾ بارود جو واهپو عام هو.

(4) سڪندر يوناني کان وٺي غورين بلڪ ارغونن تائين سڀ حملا خيبر لڪ ۽ بولان لڪ کان ٿيندا رهيا آهن. تنهن ڪري مگر ٺٽي جي بچاءَ لاءِ قلعو ان شهر جي اتر کان هئڻ گهرجي ها. پر هي ڏکڻ اولهہ ۾ آهي.

(5) قلعي کان درياءَ ڏانهن ويندڙ هڪ گهاٽ آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ اهو هاٿي گهاٽ آهي جنهن وسيلي قلعي مان هاٿي ڪيڏي درياهہ ڏانهن آندا ويندا هئا. هاٿيءَ جو جنگي استعمال سومرن ۽ سمن کان گهڻو اڳ ختم ٿي چڪو هو.

(6) قلعي جا برج تير جي پهچ جيتري وٿيءَ تي تعمير ٿيل آهن. جنهن مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ قلعي جي اڏاوت جو زمانو تير ڪمان واري جنگ وارو دور هو.

تنهن ڪري اهو قوي امڪان آهي. تہ ڪلان ڪوٽ نگر ٺٽي جو نہ پر مينانگر جو قلعو آهي. هن ماڳ جو ذڪر سڪندر جي هر مؤرخ ڪيو آهي. جيڪو درياءَ جي هُن پاسي واقع هو. جنهن پاسي ڪلان ڪوٽ جو قلعو هو ۽ قلعو مينانگر کان مٿئين پاسي هو. تاريخن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سمن ڪجهہ وقت لاءِ مينانگر کي تخت گاهہ بڻايو هو. پر وچ ايشيا جي ٻرندڙ صورتحال کي ڏسي درياءَ جي ساڄي پاسي قائم مينانگر کي ڇڏي اچي ٺٽي ۾ تخت گاهہ قائم ڪيائون. جيڪو بَلبن ۽ سندس پٽ محمد "قا آن" جي زماني ۾ گهڻو مشهور هو. پر هن شهر کي بچائڻ لاءِ هُنن اتر کان ڪو قلعو تعمير ڪونہ ڪرايو هو. ڏنو ويندو تہ ڪلان ڪوٽ قلعي سما، ارغون ۽ ترخان دور ۾ ٺٽي جو ڪڏهن بچاءُ ئي نہ ڪيو آهي. قلعي جو نالو بہ ڪلان ڪوٽ نہ پر ڪلياڻ ڪوٽ آهي. ڏنو وڃي تہ نگر ٺٽو جاگرافيائي طور سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ موجود آهي. ڪڏهن تاريخ ۾ ڪڇ ۽ پيچ بہ لاڙ واري حصي ۾ موجود هوندا هئا. هن علائقي جي مشهور شهرن جا نالا (جاري)

ونگ جي شڪل صورت اُڀي ۽ سِينڌ ونگ طرز تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن نموني جون ونگون سما دور جي اڏاوتي طرز سان وابستہ ڪيون ويندیون آهن. تنهن ڪري سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو. تہ هن قسم جي اڏاوتي روايت ان دور جي هوندي. ان لحاظ سان هن مدرسي جي اڏاوت سما دور جي شروعاتي زماني ۾ ڪئي وئي هوندي. هيءَ جڳهہ فقط ٿلهن تي بيٺل آهي. هر هڪ ٿلهہ هم چورس نقشي جي ڪنڌ تي بنايو ويو آهي، ٿلهن ۾ هڪ جيترو مفاصلو آهي ۽ هر ٿلهہ جي مٿان رکيل تاج تي چوُمکي گهوڙي ۽ هينان مَڪڙو رکيو ويو آهي. ٿلهن جي وچ واري وٿي پرديءَ واريءَ پٽ ڏئي بند ڪئي وئي آهي. اها اوساري بنا گاري جي فقط پٿرن سان ڪيل ٿي ڏسجي. ڏيڍيءَ وٽ ٻہ لنگهہ آهن. ڏرتيءَ جي مٿاچري



خاڪو 1. شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي جو نقشو، جنهن جو ڇت وارو تعمير ٿيل حصو هڪ ٻئي مٿان گول ٻار ڏئي جوڙيو ويو آهي. جنهن مٿان ڏيئي ٻارڻ جي مقصد سان ننڍڙي قبي ٺاهي وئي آهي.

(بقايا سنڌيڪار جو نوٽ)

هن دور ۾ ڏسجن ٿا. ميناںگر، ننو نگر، ڄام نگر، سريندر نگر وغيره. هن علائقي ۾ ڪن ماڳن جا اهڙا نالا آهن جن جو اڳيون لفظ ڪلياڻ آهي.

تصوير 11 ۾ سندس بيان آهي تہ قلعي واري مسجد سما دور يعني 16 هين صديءَ کان اڳ جي ڪانہ آهي. پر سمن جو سورهين صديءَ جي ابتدا ۾ ئي ختم ٿي وڃي ٿو. تہ مسجد سمن کان اڳ ڪنهن تعمير ڪرائي؟ ٻيو تہ مسجد ۽ قلعي ۾ استعمال ٿيل سر ساڳئي هڪ قسم جي آهي، جيڪا مڪليءَ جي اڏاوتن واريءَ سر کان مختلف آهي. ان کان سواءِ مينگر ۽ ان جو قلعو ڪلياڻ ڪوٽ سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري آهن. معلوم ٿئي ٿو تہ هنن ٻنهي اڏاوتن جو ان دور سان تعلق ڪونهي جڏهن سنڌ تي خيبر ۽ بولان لَڪ کان حملا ٿيڻ شروع ٿيا هئا. پر ان زماني سان حملن جو امڪان هو. قوي امڪان آهي تہ "دَسِ رجني" جنگين ڪري سنڌ جي حڪمرانن سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري شهر ۾ انهن جا قلعا تعمير ڪيا هجن. وڌيڪ ثابتيءَ لاءِ ڏسو گريگوري ايل. پوسيل (Gregory L.Possehl) جو مشهور ڪتاب "Indus Civilization in Sorashatra" (**سنڌيڪار جو نوٽ پورو ٿيو**).



تصوير 13 - هن تصوير ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي سان گڏ سينڊ ونگ Lancet Shaped arch سان لنگهہ ڏسجي ٿو، جيڪو هڪ پڪ سرائين مقبري ڏانهن ڪُلي ٿو. ان لنگهہ وارو مقبرو هاڻي ڍهي ناس ٿي ويو آهي. جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي واري جڳهہ ۽ سندس سفيد مقبري جي وچ تي آهي. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسوي جي مُنڍ واري دور سان تعلق رکي ٿي.

ڪان ٺورو مٿان پٿرائين پرديءَ ۾ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ ڳڙکيون ڪڍيل آهن. ڏيڍيون اَٺاس شڪل وارن ٿُلهن تي بيٺل آهن. ٿلهن جي بنيادن وارا پاسا چورس آهن، مٿان ڇت سر درن تي رکيل ڊگهن پٿرن سان ڇانيل آهي. اولي مٿان ڪرنگهائينءَ طرز جا سادا ڪُنگرا رکيل ڏسجن ٿا، انهن جي هيٺان پٿرن جو ڇَڄو نڪتل آهي. اندرئين پاسي تي اٺاس شڪل جا اٺ ٿلهہ آهن. هر هڪ ٿلهہ هڪ ڪنڊ تي ۽ هر هڪ پاسي جي وچ تي هڪ ٿلهہ آهي. انهن ٿلهن جا تاج ٻہ مُـڪي گهوڙيءَ جي نموني ٺاهيل آهن، سردر اهڙيءَ ترتيب سان رکيا ويا آهن، جو ڪنڊن وارا ٿلهہ وچ تي اچي ويا آهن. ۽ ساڳئي ماپ جي ٻاهرين ٿلهن جي وچ ۾ وٿي آهي. اهڙيءَ ريت مٿي قبي کي اڳتي وڌيل سردرن جي وڌيڪ ٽيڪ ملي وڃي ٿي. مٿي هن طريقي کي (سردرن ۽ سانگڙين کي آرپار رکي) ٻہ ڀيرا ورجايو ويو آهي، جيڪي اڳتي هلي قبي لاءِ اٺ ڪنڊو بنياد ٺاهئين ٿا. اهڙيءَ ريت ڇڻ ڏاڪڻ وانگي هڪ ٻئي مٿان سردر رکي اٺ ڪنڊي يا چوراس واري وٿيءَ سان ترتيب ڏني ويئي آهي ۽ ڇت کي ڍڪيو ويو آهي. اندرئين پاسي وارا اٺاس وارا ٿنيا، ٻاهرئين پاسي کان وٿي ڇڏين ٿا. ان وٿيءَ کي وچ واري ننڍڙي چورس وٿي لاءِ، رستي طور ڪم آڻي سگهجي پيو. اندر طرف وارا ڇڄا ٻاهرئين طرف کان چوطرفي قبيءَ جي ڇت جي ڪري ڏسي ڪونہ ٿا سگهجن، ڇاڪاڻ تہ اها ڇڻ چوڪنڊيءَ جي ڇت بنجي پوي ٿي. قبي جي مٿان هڪ ٻئي جي مٿان رکيل ڪَلسن جو سلسلو آهي. هيءَ بناوت جي لحاظ سان سادي سودي عمارت آهي، پردين مان روشنيءَ ۽ هوا جي لاءِ ڇڏيل سوراخن جي بناوتي فن کان سواءِ ساري ڪاريگري عام نموني جي آهي ۽ وقت گذرڻ ڪري پٿر ٻہ هيڏي هوڏي ٿي ويا آهن. هيءَ هڪ سادي قسم جو تجربو آهي، گهٽ ڪري ٻين هنڌن تان ماضيءَ جا اڏاوتي نمونا ڏسي ٺاهيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو، تہ اهي ڪن درويشن جا درسگاهہ هجن، جن جو نقل ڪيو ويو هجي.

**مدرسہ نما قبايون ڇٽيون**

هي قديم آثارن جي هڪ ٻئي مُـڇلي (Group) سان لاڳاپو رکن ٿيون، جنهن کي قديم آثارن واري کاتي جي رڪارڊ ۾ مچلو III ڪري سڏيو ويندو آهي. ان جو اصلي مرڪز، شيخ حماد جمالي واري[19] جڳهہ ڇيو وڃي ٿو. سندس والد جو نالو شيخ رشيد الدين شيخ جمال اُچي هو، جيڪو اُچ شريف جو وينٺل هو، هيءَ چوڏهينءَ صدي عيسويءَ جو مڪليءَ جو مشهور بزرگ آهي، سما خاندان جو پايو وجهندڙ ڄام انڙ جي گهر واري سندس ڏاڍي عقيدت مند هوندي هئي، قديم مسجد کان



تصوير 15 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جو هڪ مجموعي منظر. جنهن ۾ مختلف سردرن جو هڪ دائرو نظر اچي ٿو. جيڪي ٿلهن جي آڌار تي بيٺل آهن. هن اڏاوت جو واسطو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 16 - هڪ تعمير جي ڪُنبذ وارو اُڪيريل سردر جيڪو پٿر جي خوبصورت اُڪيريل ڇنيل ٿنڀن جي آڌار تي بيٺو آهي. هن اڏاوت جي ڪاريگري مان پتو پئجي وڃي ٿو، تہ شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي گول ڪمري ڪي اثاس جي شڪل ۾ ڪيئن بنايو ويو آهي.

مدرسي جي عمارت بہ هن لاءِ سلطان اڏائي هجي. ان عمارت جو بنياد متي آهي ۽ اڳئين ذڪر ڪيل مدرسي وانگي هم چورس آهي، جنهن کي ٻارنهن ٿلهہ آهن. هڪ ٿلهہ هرهڪ ڪنڊ تي ۽ ٻہ هر هڪ پاسي تي بيٺل آهن. ڪمري جي چورس کي پٽيون ڏئي ٺاهيو ويو آهي. پٽين ۾ استعمال ٿيل پٿر لسو ۽ سادو آهي. هر هڪ ڪنڊ تي پرديءَ ۾ هوا ۽ روشنيءَ لاءِ جالي ٺهيل آهي. اوپر طرفان در وارو پٽرائون چوڪاٺو تمام نفاست ۽ نزاڪت سان اُڪيريو ويو آهي. (پليٽ 9). پٿر جي ٿلهن جو نمونو (نمبر 17) ڏاڍو دلچسپ آهي. ٿلهن جو ٻاهريون پاسو، جيئن ٻاهرئين طرف کان ڏسجي ٿو، هم چورس آهي، پر بي انتها سادو آهي، ۽ اندريون پاسو جيئن اندران ڏسجي ٿو، ڏاڍو سهڻو ۽ اپريل اُڪير (High relief) ٿيل آهي. هڪ مثال: اُپريل اُڪير طرز جي ڇنساليءَ جا ڪيترائي ياڳا ۽ نمونا ڏيکاري ٿو. ٿلهن تي چوُمُکيون گهوڙيون آهن، جن جي پٿر جي ڪناريءَ تي هيري ڪڻ جي آڏين جي ڇڻ واري اُڪير ٿيل آهي. انهن کان سواءِ گهوڙين جي هيٺئين پاسي کان تمام سنهي اُڪير جا ونگوڙا ٺهيل آهن. ٿلهن جي تاجن جي هيٺان ٿوري ڳچي ۽ ليڪن سان سوڙهي پٽي آهي، پر ٻيو ڪو خاص ڪم ٿيل ڪونہ آهي، ٿلهہ جي تمام مٿانهين حصي ۾ گلدان بدران ابتن پنن جي ڇنسالي اُڪيريل آهي، ان کان هيٺئين حصي ۾ هيري جي اڌ جهڙي اُڪير آهي. تنهن بعد سورج مکيءَ جو گل ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن جي چوڌس مٿين جي ڇنسالي آهي. ان جي هيٺان ايو چوٻاسو ڇنيل ڏسڻ ۾ ايندو. آخر ۾ پنن جي قطار آهي، جيڪي متي ڪڙا نظر اچن ٿا. ٿلهہ جو هيٺيون حصو ڪاڇي ويو آهي. اهڙيءَ ريت اپريل اُڪير ٿلهہ تي روشني ۽ پاڇي جو تاثر ڇڏي ٿي. ساڳيءَ ريت پردي واري پٽ ۾ بہ سورج مکيءَ جي گل جي آرپار ٽُڪ ٿيل آهي. جيڪا گولائيءَ جي اندر آهي. در جي چانئٺ ۾ اڌ گول چنڊ نڪتل آهي. در جا ڪاٻي ۽ ساڄي طرف وارا چوڪاٺا ڏاڍا ٺاهوڪا آهن ۽ ٿلهہ جي تري ۾ هندي اڏاوت جي نموني واري جاري آهي، پر ان تي ڪوبہ بت تراشيل ڪونہ آهي، فقط عربي صورت خطيءَ ۾ اپريل ڪوڪيءَ طرز تي متان کان هيٺ تائين اُڪير

ٽيل آهي. ان کان علاوه هيري ڪٽين جي چٽن جي هڪ قطار آهي، وچ تي 'ڏندن' وانگي ڏسڻ ۾ ايندڙ هڪ بلاڪ آهي. تعمير جو اندريون پاسو پوريءَ ريت شانائتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اندرئين پاسي سر درن تي اُڀريل اُڪير (High relief) طرز تي قرآني آيتن جي خوبصورت (پليٽ 8) خطاطي ٽيل آهي. هيٺ بنيادن وٽ هيرڪٽين جي هلڪي ڪوڪيءَ طرز (Low Relief Style) تي ٽُڪ ٽيل آهي. ڪُنڊ وارا ٽي نلهه (نمبر 16) هڪ ٽيڙو بنائين ٿا ۽ مٿن ٽرچو سر در رکيل آهي. اهڙيءَ طرح هڪ چورس ڪمرو اناس جي شڪل ۾ بدلجي وڃي ٿو. ڪمري جي اندر ڪو ٻيو نلهه نظر ڪونه ٿو اچي. قبي تعمير ٿيڻ وارو سلسلو بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهو ڇلن کي ڍڪي ڇڏڻ واري طريقي (نمبر 27) سان بنايو ويو هجي. ممڪن آهي، ته قديم مدرسي جو نقل ڪيو ويو هجي، جو ته اهو ڪُندن جي پاسن کان سوڙهو ٿيندو وڃي ٿو. بهرحال هيءَ پراڻي دور سان واسطو رکندڙ هڪ خوبصورت اڏاوت آهي ۽ سنڌي ڪاريگرن جي هنر جو هڪ شاهڪار ۽ باڪمال نمونو آهي، جنهن ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڪاريگريءَ جي ڪمال کان گهڻو وقت اڳ اڏاوتي فن کي اوج ڏياريو. ساڳئي وقت قرآني آيتن جي اُڪير جي فن کي اسلام کان اڳ وارن نمونن سان گڏائي ڏيکاريو ويو آهي. ڏٺو وڃي، ته اهي پاڻ ۾ ڪيڏو نه خوبصورت توازن رکن ٿا. آرائشي فن جي لحاظ کان شيخ حماد جماليءَ جو مدرسو ڄام نظام الدين جي مقبري واري وڏي فن ۽ ڪلاجي ڄڻ ته هڪ ننڍي پر بنيادي شروعات هو.

## (ب) چٽين وارا مقبرا

### (الف) ڇهه ٿنڀيون ڇٽيون:

پٽا يارو (هالي درويش جو مقبرو)

پٽا يارو (هالي درويش جو مقبرو) شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي اوڀر طرف آهي. پنهنجي نقشي ۾ هيءَ اڏاوت (نمبر 19) ڇهه ٿنڀي آهي، ان جو اندريون قطر 17 فوٽ 2 انچ آهي، ڪندن تي اُڪيريل چٽن وارا نلهه اٿس. هر نلهه تي چوُمکي گهوڙيءَ نموني جو تاج نهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سڄو تاج بناوت ۾ سادو آهي، پر سندس اهو حصو، جيڪو مڪڙي وانگي موڙ کائي ڦري اچي سر درن کي جهليو بيٺو آهي، تنهنجي هيٺين پاسي کان ٽي ڦيٽا يا سورج مکي جا گُل اُڪيريل آهن. ٻاهرئين پاسي وچ تي هيٺين طرف کان ٿوري گهرائيءَ ۾ هڪ هم چورس دائري اندر ٻه سورج مکيءَ جي اُڪيريل تصوير نظر اچي ٿي. پاسن تي ڏوريءَ واري روايتي اُڪير آهي، جنهن جي گولائيءَ جي وچ ۾ هڪ پَنجو چٽ اُڪيريل آهي. اهي سردر اڳتي وڌيل ڇڄي کي ٽيڪ ڏيو بيٺا آهن. جن کي سوگهي جهلڻ لاءِ اولي وارا پٿر هنيا ويا آهن. مٿن گل ميخ جي مٿي جهڙي چٽسالي ٻن قطارن ۾ نظر اچي ٿي. مٿي اولي ۾ ڪجهه ڪنگرا ڍهڻ کان بچي ويا آهن، مٿن ڏندائين ٽڪ جي ڪري وچ تي ڄڻ ونگ ٺهي پيئي آهي. ان کي قبائينءَ چٽيءَ سان ڍڪيو ويو آهي، مٿان ڍڪي جوڙي ڪلسن سان نيل رکي وئي آهي. ڇانئيل ڍڪ پٿرن جا گول ڇلا هڪ ٻئي مٿان رکي جوڙايل ٿو ڏسجي، جيڪي اوساري ۾ اڳتي وڌندا اچن ٿا. انهن گول پٿرن جي ڇلن جو تعداد ست ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اهي گول ڇلا چٽن سان اُڪيريل آهن. اُڪير ۾ گل جي پنڪڙين جو هڪ سلسلو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پنڪڙين جي اُڪير اهڙي طرز جي آهي جو پنڪڙين مان ونگون ٺهي پيون آهن. چوٽيءَ تي مٿي پٿر جو اُڪيريل لڏڪٽو نظر اچي رهيو آهي. پٿر جا نلهه (نمبر 18) اڳين وانگي روايتي آهن ۽ سندن طرز اسلام کان اڳ وارين اڏاوتن جي نموني جهڙي آهي، فرق رڳو اهو آهي، ته ان جي مٿان ساهواري ڪنهن جيوَ جون تصويرون چٽيل ڪونه آهن. هر هڪ نلهه هڪ يڪو جاندل آهي، جيڪو ٽڪرن ۾ ورهايل ڪونهي. تري وارو پاسو هم چورس آهي. ان کان پوءِ ڪوريل ڳچي آهي، جيڪا گولائيءَ تي آهي. اهڙيءَ ريت ان يڪي پٿر جا پنج پاڱا آهن. ڪن جي شڪل اناس، ڪن جي سورنهن ڪنڊي ته ڪن جي گول آهي. هيٺين هم چورس حصي تي چئن ئي پاسن کان ونگدار جاري جيان ٿوري ٽُڪ ٽيل آهي. اناس شڪل وارن پاڱن تي هلڪي ڪوڪيءَ (Low relief) سان مستطيل جاري جي ٽُڪ ٽيل آهي. تنهن کان پوءِ اهو پاڱو اچي ٿو، جنهن تي اُڀن پنن جي اُڪير آهي. انهن کان پوءِ لڪدار پاسن



تصوير 17 - شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي اُڪير ٿيل خوبصورت ٿنڀ جنهن جي مٿئين پاسي چوڦُڪو تاج لڳل آهي. ان ٿنڀ جو هيٺيون پاسو ڪاڇي ڇٽي ويو آهي. باقي مٿئين پاسي واري حصي تي سڌيءَ سنوت ۾ ڇنسالي جي هڪ خوبصورت طرز چٽيل ڏسجي ٿي. ان ٿنڀ جو فقط اندريون پاسو اُڪير سان سينگاريل ڏسجي ٿو. باقي ٻاهريون پاسا لسا آهن. ٽئين پاسي کان پرديءَ واري دري آهي جنهن تي سورج مکيءَ جي نموني واري ڇنساليءَ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.



تصوير 18 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ جي تعمير ۾ هڪ ٿنڀ تي اعليٰ معيار جي اُڪير ٿيل آهي. هيءَ اڏاوت شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. هن دور جي مقبرن جي اڏاوت ۾ ٿنڀ جي هيءَ اُڪير جو ڪم پنهنجي فن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن جو تعلق 15 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

وارا چورس اڀرن ٿا. جنهن جي مٿان وچ تي گلاب جي گل جي اُڪير وارو چٽ چٽيل آهي. ان کان پوءِ واري خاني ۾ ڏاڪڻ نموني اُڪيريل چورس ڇنساليءَ جو هڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. آخريءَ کان اڳ واري خاني ۾ ٻارين جي ٻِـٽي قطار آهي. آخري خاني ۾ ابتا پن اُڪيريل آهن. ائين لڳي ٿو تہ اهو ڇڻ اسلام کان اڳ واري سنڌي اڏاوت واري دور جي گل ۽ گلدان جي نقالي آهي. اهڙي نموني وارا ٺلهہ سما دور سان لاڳاپيل ٺلهائين ڇٽين جي تعمير جي حوالي سان ڏاڍا مشهور هئا. انهن ٺلهن تي ڇٽن جي اُڪير شيخ حماد جماليءَ جي مدرسي جي ڇٽيءَ ۾ لڳل ٺلهن تي ٿيل اُڪير کان ٿوري گهٽي ٻئي نموني جي آهي. هتي جي ٺلهن تي ٿيل اُڪير واري چترڪاري ڪاريگريءَ جي لحاظ سان وڌيڪ بهتر آهي.



تصوير 19 - شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ طرف ڇهن ٿنڀن وارو چنيءَ جهڙو مقبرو آهي. جنهن کي ڀٽا يارو Bhitta yaro جي مزار ڪري سڏيو ويندو آهي. جنهن ۾ درويش هالو دفن ٿيل آهي. هن چنيءَ جا ڇهه ئي ٿنڀا هڪ جهڙا آهن. ڇڄو، چنسالي‌ءَ وارو پلويڙو، ڪنگرا ۽ ٿانوءَ جهڙي نيل اٿس. قبي وينوڙي طرز جي آهي جنهن جو تعلق 14 صدي جي پوئين دور سان آهي.



تصوير 20 - قديم مسجد جي اتر اولهه پاسي قاضي عبدالله پٽ تاجو جي ڇهه ٿلهائين چنيءَ جهڙو مقبرو آهي. هن مٿان تعمير ٿيل پلويڙو Parapet ، ٿانءَ جهڙي نيل Fineal ۽ مينهن جي پاڻي جي نيڪال لاءِ نيسارو ڏسجي ٿو. جيڪو پلويڙي کان ٻاهر نڪتل آهي. ٿوري پنڌ تي سفيد رنگ جي سيد علي شيرازيءَ جي مزار آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

## قاضي عبدالله پٽ تاجي جو ڇهه ٿنڀو چنايون مقبرو

مير علي شير قانع[22] لکي ٿو ته: قاضي عبدالله پٽ تاجي جو مقبرو، شيخ حماد جمالي‌ءَ جي خانقاه جي پرسان هو. اها چني (پليٽ 7) مدرسي جي اتر اولهه طرف تي آهي، جيڪا ظاهري ڏيک ۾ قاضي عبدالله سان واسطو رکي ٿي. اهو چيو ويندو آهي، ته سندس وفات کان ڪيترو عرصو پوءِ سندس قبر جو پتو پيو هو. سندس جنازي جي نماز سمي سلطان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي پڙهائي هئي. جيڪڏهن اها ڳالهه سچي آهي ته ان مقبري کي چوڏهين صدي عيسويءَ جي اڏاوت چئي سگهجي ٿو. هيءَ ڇهه ڪنڊي تعمير، جيڪا هر پاسي کان 8 فوٽ آهي، سا هر طرح اڳئين دور جي چنيءَ جهڙي آهي. موجوده چنيءَ جي معاملي ۾ هر چورس پر ڏنگي ونگي طرز ۾ ڪيل اُڪير واري چنسالي‌ءَ ڇڄي ٿي، اجا به محفوظ آهي. نيل ۾ لڳل ڪلس موڪرا آهن خود نيل، چنيءَ جي چوٽيءَ تي مٿي وريل دڪيءَ تي اجا تائين بچيل حالت ۾ موجود آهي. تصوير ۾ (نمبر 20) ڏيکارجي ٿو، ٿوري مفاصلي تي گچ سان لنبيل، سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي چوڌاري قبرن جي مُچلي ۾ موجود آهي.



تصوير 24 - اٺ ٿنڀي ڇٽيءَ وارو مقبرو. امڪان آهي تہ هي مقبرو ڄام تغلق پٽ ڄام سڪندر جو دور جي هجي. هن تعمير جا سيئي ٿنڀا چٽسالي‌ءَ وارا آهن. هن جا ڪجهہ ڇڄا، پلوپڙو ۽ ڪنگرا محفوظ آهن. هن تعمير جو تعلق 15 هين صدي عيسوي‌ءَ سان آهي.

پاسي تي زنجيريءَ طرز جي چٽن واري اُڪير ڪيل ڏسجي ٿي. اهڙيءَ طرز جي ٽُڪ عام طور تي مدرسن جي اڏاوتن تي تيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇت جي اندرئين پاسي سجاوٽ اڳينءَ ڇٽيءَ جهڙي آهي.

هن ڇٽيءَ جي خاص خوبي اها آهي، تہ ڌرتيءَ جي مٿاڇري سان لسن پٿرن جا دابڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي يادگار اڃا تائين محفوظ آهن ۽ هن اٺ ڪندي ڇٽيءَ ۾ هڪ بار ڏٺي اوپر طرف لنگهہ ڪان سواءِ ٻين وٿين ۾ پرديءَ واري پٽ طور استعمال ڪيا ويا آهن. محراب واري جاري جو نشان اولهہ طرف ڪان آهي. اهڙي قسم جي پٿرن ڪي تاڙين وسيلي پاڻ ۾ ڳنڍيندا هئا. اها حقيقت اسان کي پٿرن ۾ نڪتل ڪانچن يا جهرين مان معلوم ٿي. سردرن واري سنوت تي فارسيءَ ۾ لکت جون ٻہ سٽون موجود آهن. (نمبر 26) پڙهڻي هن ريت آهي:

بنا کرد این عمارت راهو .....

درعهد جام تغلق (بن) سکندر شاه - بتاريخ الثامن ....

مطلب: هيءَ جڳهہ راهوءَ جوڙائي.

ڄام تغلق (بن) سڪندر شاهہ تاريخ اٺين ......

لکت 'بـِن' جو اکر ڪانہ ٿي ڏيکاري. گهٽو 'ڪري' اها غلطي آهي. شجري مطابق ڄام تغلق سڪندر شاهہ جو پٽ آهي. تنهنڪري اهڙي تصحيح ڪئي وئي آهي. پهرينءَ سٽ ۾ اسان کي راهوءَ جو نالو نظر اچي ٿو. جيڪو هن جاءِ جو



تصوير 25 - خوبصورت چٽسالي ۽ سان هڪ ڇت جو حصو ۽ سردر جي اندرئين پاسي هڪ تحرير جنهن جي ابتدا بسم الله سان ٿئي ٿي ۽ ڪلمو ٻن سٽن ۾ لکيل ڏسجي ٿو جيڪو سما دور جي هڪ اٺ - ڪنڊي مقبري تي موجود آهي.



تصوير 26 - خوبصورت چٽسالي واري ڇت جو هڪ حصو فارسيءَ جي هڪ لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. (ملڪ) راهوءَ جو نالو بہ آهي جيڪو ڄام تغلق پٽ ڄام سڪندر جي دور ۾ ٺهيل هڪ اٺ ڪنڊي مقبري سردر جي اندرئين پاسي اُڪيريل آهي.

جوڙائيندڙ آهي يا ٿي سگهي ٿو، تہ هيءُ مقبرو ئي ان جو هجي. ڄام انڙ I جي ٽن پٽن مان هڪ مَلڪ راهو بہ هو. سندس پڙ پوٽي جو نالو بہ ملڪ راهو هو، جيڪو ملڪ راڄپال جو پڙ ڏاڏو هو. ڏسو هيٺيون شجرو:

ڄام انڙ

|

ملڪ راهو I

|

ملڪ راءِ ڏنو

|

ملڪ راهو II

|

ملڪ انڙ

|

ملڪ راڄپال

(ملڪ راهو ڄام تغلق جو همعصر هو.)



تصوير 27 – شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مقبري جي ڏکڻ ۾ هڪ اٺ - ٿنڀي مقبري جي خوبصورت ڇٽسالي واري ڇت، جنهن جا هڪ ٻئي جي مٿان گول بار ڏنا ويا آهن. منجهس ونگ جهڙو ڇٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن قسم جي سونهن ۽ سنجڻ واري ڇت ٻين مقبرن ۾ به موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 15 صدي عيسويءَ سان آهي.

## (ث) مقبرن وارا ڪوٽ

### مبارڪ خان جي مقبري وارو ڪوٽ

ڪوٽ جي اوڀارين لنگهه تي محفوظ عربيٰ لکت مطابق هن تعمير جي بنياد رکڻ جي تاريخ جمادي الاول 895 هه: 1490ع آهي. لکيل نالو خان الاعظم ميان مبارڪ خان[24] پٽ سلطان نظام الدين شاهه آهي. مبارڪ خان، سلطان نظام الدين جو نپايل پٽ هو، سندس اصلي نالو دريا خان هو. اوڀر واري لنگهه تي سلطان نظام الدين جو سارو شجرو به ڏنو ويو آهي. ان لکت مان مغلن يا ارغونن تي دريا خان جي فتح ظاهر ٿئي ٿي. اها لکت سندس پٽ احمد جو به نالو ٻڌائي ٿي. حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو، ته هن اهو مقبرو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ 1519ع[25] ۾ جوڙايو.

تعمير (پليٽ 12-13) ۾ مقبري جي چوڌاري ڪوٽ آهي، جيڪو ڇن جي پٿر جي گهڙيل هڪ ڪَرين سرن مان جوڙايو ويو آهي. زمين جي سطح کان وني مٿي تائين ڪل ست بار آيل آهن. اندر والاريل ايراضي 72 فوٽ هم چورس آهي ۽ پٽ جي ٿولهه چار فوٽ آهي. پٽ مٿي ٿوري سنهي ٿيندي وجي ٿي. جنهن تي لسا ۽ گول ڪنگرا هنيل آهن. پٽرانوَن چوڪائن سان به لنگهه آهن، جن مان هڪ ڏکڻ ۽ ٻيو اوڀر طرف آهي. مستطيل چوڪاٺ چوديواري کان ٿورا مٿيرا آهن. اوچائي ۾ مٿيري آهي. ان ۾ لڳل پٿر جي چوڪائن مان لنگهي ماڻهو اندر وڃي سگهي ٿو. ڪوٽ جي پٽ اُڪير جي پن سفيرن (قطارن) کان سواءِ لسي آهي. هڪ سفير، ڪنگرن کان هيٺان چورسن ۾ اندر اوپڙ اُڪير واري طرز تي پن ول ناهي ٿي.



تصوير 28 - دريا خان جي پٿر سان اوساريل مقبري جو لنگهه، جيڪو هن تعمير جي ڏکڻ ڏس کان نظر اچي رهيو آهي. هن جڳهه جي ديوار ۽ چوڪندين ڇڄن تي بہ ڪنگرا نظر اچي رهيا آهن. لنگهه جو پٿر وارو چوڪاٺو لسو آهي. هيٺئين پاسي چانئٺ وٽ سفيد نرم پٿر جو (Moon Stone) "دونو" (Sill) لڳل ڏسجي ٿو. سردر تي عربي تحرير موجود آهي. لنگهه ٻنهي پاسن کان پانت پانت جي خوبصورت اليڪي (Geometrical) چٽسالي آهي. ڇٽي پاسن کان خوبصورت درين وارا جارا آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 هين صديءَ جي شروعات سان آهي.



تصوير 29 - دريا خان جي مقبري جو اوڀاريون لنگهه، جنهن تي ڏکڻ واري لنگهه کان مختلف قسم جي چٽسالي نظر اچي ٿي. اُڪير ڪجهه مٿاڇري ڏسجي ٿي، تنهن ڪري چٽي سگهجي ٿو، تہ اها ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. هتي هڪ خوبصورت جاريءَ بدران سادو جارو رکيو ويو آهي. اُڪير جون طرزون بہ ٿوريون چٽيل آهن.

بي اُڪير پٽ جي وچ تي اُڀين هيري ڪٽين جي طرز تي آهي، جيڪي وچ تي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. اوپر واري لنگهه کي لسا ۽ ٻُسا اپيءَ طرز تي پٽر جا چوڪانا آهن (نمبر 29). هيٺ چانئٺ ۾ اڌ چنڊ (Half Moon Stone) نهيل آهي. ٻاهرئين پاسي سردر جي مرڪزي حصي تي عربي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٽر جو چوڪانو پٽر جي ناهيل لنگهه ۾ وهاريل آهي. سونهن ۽ سينگار واسطي مٿاچري تي هيري ڪٽين جي ٽُڪ ڪئي وئي آهي. چوڪاني مٿان سردر تي ڪنگرن جي قطار جي آرائش آهي، جنهن جي هيٺئين پاسي ڪان ڪناريءَ تي هيرڪٽي جي طرز واري اُڪير نظر اچي ٿي. مٿئين پاسي واري ڪناري موتين جي پوپل هار جيان آهي، جتان ڪابي ۽ ساڄي پاسي ڪان مختلف چٽن جون اُڪيريل طرزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ان طرز جي چوڌاري وري آرائشي ڪناري ڏني وئي آهي. ڪيس هيٺ ۽ مٿي ٻن پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي. هيٺئين پاسي وچ تي ڏاڪيدار طرز جو چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُڪيريل سلسلي هيٺان گولاين واري ونگ سان جارا (Nichse) جڙيل آهن. ڪابي طرف تي مٿئين اڌ واريءَ وٿيءَ ۾ سوڙهيءَ ڪنڌ تي سينڌ ونگ آهي، جيڪا گولاين کي ڪاٽي ٿي. جيڪڏهن قطر ڪيجي، تہ ان سان ملي ويندي. چاٽايل وٿيءَ ڪان ٻاهران اوپڙ جون طرز جا چٽ اُڪيريل آهن. ساڄي طرف، ساڳي وٿيءَ ڪي هڪ جيترن ننڍن چورسن ۾ ونڊيو ويو آهي. سڄي آرائش اوپڙ طرز تي اُڪير ڪيل آهي، جيڪا ڏاڍي سهڻي لڳي ٿي. ڏکڻ طرف واري (نمبر 28). در جا چوڪانا لسا سادا آهن. پر ان جي ٻنهي پاسن ڪان ٿيل خوبصورت چٽساليءَ جي اُڪير گهٽين طرزن ۾ آهي، جيڪا ڏاڍي پلي لڳي ٿي. موتين جي مالها جي طرز واري اُڪير ۾، مالها جي ڪناريءَ جي وچ تي اليڪي نمونن جون ڪيترين ئي طرزون ٽُڪَ ٿيل آهن ۽ ڪيترن ئي قسمن جا چورس چٽ نقش ڪيا ويا آهن، جن جي وچ تي جارو ٻٽيل آهي. ان جاري جي پاون جي مٿان هڪ قسم جو ڪُنگرو نهيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻنهي جارن مٿان نوڪدار يا سينڌ ونگ سان خانا آهن. جن ۾ گل جي چوڌاري ڏاڍي دلچسپ اليڪي چٽن جي اُڪير ٿيل آهي. انهيءَ ڪان هيٺان چورسن جي اندر ونگن سان خانا آهن. سردر تي اُپي خط ۾ عربي لکت آهي، جنهن اليڪي چٽساليءَ سان ملي جلي هڪ قسم جي هڪجهڙائي پيدا ڪري ڇڏي آهي. اُڪيريل چٽساليءَ جي طرز جو وجور ڏاڍو صاف ۽ ماپ ۾ نهايت پورو آهي. انهن ۾ حساب جو جيڪو تناسب رکيو ويو آهي، سو بہ واهه جو نهڪي اچي ٿو. شڪلين جي گڏجي وڃڻ سبب ڪنهن بہ قسم جو مونجهارو ڪونہ ٿو ٿئي. سڄي ساري اُڪير جي ڪاريگري پن ول واري عربي نموني کي پٽر تي منتقليءَ جي جهلڪ، اسلامي اڏاوت جي آرائشي طريقي جو اثرائتو اظهار آهي. ڪوٽ/چوڌيواريءَ جي اولاهينءَ ٻانهين جي وچ تي ونگ سان هڪ محراب (نمبر 30) آهي. ونگ قسم جي لحاظ سان سينڌ ونگ آهي ۽ محراب اندرئين پاسي وڌيل آهي. هيءَ محراب بہ پنهنجي نوعيت جي لحاظ ڪان سنڌي آهي، جنهن جا پاوا اُڪيريل چٽن سان پريل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي هڪ پائو آهي. پائي جو جانڌل (Shaft) مختلف قسم جي اُڪيرن سان سينگاريل آهي، اهڙي قسم جو پائو علامتي آهي ۽ خطيب جي عصا جي نشان ڏهي ڪري ٿو. محراب جي اندرئين پاسي خانن ۾ نهڪنڌڙ ۽ سونهنڌڙ اُڪير ٿيل آهي ۽ اهڙيءَ ريت ٻاهريان بہ ٻنهي پاسن ڪان اها اُڪير ڪئي وئي آهي. هيٺئين پاسي تي سينگار (Decoration) جي شروعات هڪ گلدان ڪان ٿئي ٿي، جيڪا هڪ زنجيريءَ سان لٽڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ان جو نمونو بہ سنڌي آهي. ان ڪان پوءِ ڏورين، هيري ڪٽين ۽ هيري ڪٽي جي آڏين، ونگن سان خانن، پاسيرين ونگن جو هڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. هر هڪ قطار هڪ قسم جي اُڪير لاءِ مخصوص ٿيل آهي. ان ڪان بہ اڃا ٿورو اڳتي، محراب جي ٻنهي پاسن تي ان نوڪدار ونگ واري خاني اندر هڪ تارازي ۽ مختلف وَٽَ (نمبر 32) چٽيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن کي ڪاريگر جو نشان چئي سگهجي ٿو. ڪوٽ جي اندر ڪيترين ئي قبرون آهن (پليٽ 13 - نمبر 31) پر انهن مان هڪ، سيرانديءَ ڪان اُپي قسم جي تاج هجڻ ڪري نياري آهي. اهڙي قسم جا تاج فقط بادشاهن ۽ شهزادن جي قبرن تي هنيا ويندا آهن. پٽرائين لوڙهڻ هيٺئين پاسي ڪان پيٽيءَ وانگي چوڪُنڊي آهي، جنهن جون چارئي ڪنڊون هڪ تابوت جيان آهن. پاسن کي ڪنگرن جي چٽساليءَ سان سينگاريو ويو آهي. مُهاڙيءَ تي ونگن وارا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هرهڪ خاني ۾ گلاب جي گُل جي اُڪير ٿيل آهي. خانن کي نکيڙڻ لاءِ لهريدار ڏوري، گڏوچڙ ڏوري ۽ اوپڙ واري طرز جي ٽُڪ ٿيل نظر اچي ٿي. ان پيٽيءَ جهڙي چوڪنڊي پٽرائين

لوڙهڻ مٿان هڪ ٻيو ٻه تراڪڙو پٽرائون لوڙهڻ رکيو ويو آهي، جنهن تي وري گلاب جي گل ۽ ونگن وارن خانن جي اُڪير جون ٻه قطارون آهن. جڏهن ته ڪنڊن تي تابوت جيان پاوا ابتيءَ صورت ۾ اُڀا ڏيکاريا ويا آهن. صفا مٿيون پٽرائون لوڙهڻ ٻه تراڪڙو آهي، جنهن تي عربي رسم الخط ۾ ٻه سٽون لکيل آهن، جن ڪي اليڪي گڏوچڙ علامتن سان وچ تي خانن ۾ ورهايو ويو آهي. پٽرائين لوڙهڻ تي ٿيل سجاوٽي اُڪير يا پٽرائين لوڙهڻ جو خود پنهنجو نمونو، چام تماچيءَ جي مقبري تي ٿيل اُڪير واري ڇٽن کان گهٽو نيارو آهي.

## قبرن جي چوڌاري پڪين سرن جو ڪوٽ

اهڙي قسم جو ڪوٽ ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ - اولهه طرف آهي. ڪوٽ سرن جو ٺهيل آهي، پر پيڙهه وارا بار پٿر جا اٿس. ان جي لام 43 فوٽ 3 انچ ۽ منيو 30 فوٽ 6 انچ آهي. ڪوٽ جو پنهنجو عمق 5 فوٽ 3 انچ آهي. بناوت ۾ جيئن



تصوير 30 - دريا خان جي مقبري اندر ونگ سان محراب جنهن تي خوبصورت اُڪير جي ڪم سان چٽسالي ٿيل آهي. ان جي سامهون واري پاسي کان ٻنهي پاسن کان ننڍڙا خوبصورت پاوا آهن. چٽساليءَ جي ساڳي طرز محراب جي ٻنهي پاسن کان سڌي سنوت وارين پٽين ۾ ڏسجي ٿي.



تصوير 31 - دريا خان جي قبر تي رکيل پٿرن تي خوبصورت چٽسالي نظر اچي رهي آهي. سيرانديءَ واري پٿر تي تاج ڏسجي ٿو. قبر جي تعمير ۾ ماڙ آهي. هيٺئين طبقي ۾ ونگ جهڙا خانا آهن جن اندر گلاب جي گل جهڙو چٽ آهي. عربي تحرير ٻن قطارن ۾ ڏسجي ٿي. جيڪي سنڌي سنوت ۾ آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي جي ابتدائي حصي سان آهي.



تصوير 32 - دريا خان جي مقبري جي اندرئين پاسي نهيل محراب جي ٻنهي پاسن کان ڏندائين ونگ ٿوري ٻاهر تي نڪتل آهي، جن تي هڪ تارازي ۽ مختلف قسم جا ٽي وَٽَ چٽيل آهن. هن قسم جي اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي.

مٿي تيئن سوڙهو ٿيندو وڃي ٿو. اندريون ۽ ٻاهريون پاسو گچ سان لتل آهي. ڏکڻ - اوير واري طرف کان پٽين جي ڪناري واري وٽ تي، واڱڻائي چِٽَ تي نيريون ڪاشيءَ جون سرون اندران ۽ ٻاهران ڪنهن اڏاوتي فن کان اڻ ڄاڻ سيڪڙاٽ ڪاريگر جون هنيل آهن. ڏکڻ - اوير واريءَ ڪنڌ تي ٻاهرئين پاسي کان اهڙيون نَوَ سرون ڪرڻ کان بچي ويون آهن. ڏکڻ واريءَ پٽ جي اندرئين پاسي مٿئين ڪناري جي سنوت تي هنيل گهاٽي نيري ڪاشيءَ جي سرن جا ٻه نشان مليا آهن. اهي ڪاشيءَ جون سرون ڏنگيون ڦڏيون ۽ چسيون آهن. سمجهه ۾ ائين اچي ٿو. تہ ڄڻ ان قسم جي ڪاريگريءَ ۾ ڪاريگر جي اها پهرين ڪوشش هجي. هن ڪوٽ ڪي پنهنجي بناوت ۾ ٽي لنگهه آهن: هڪ اتر ٻيو اوير ۽ ٽيون ڏکڻ کان آهي. امڪان اهو آهي، تہ اولهہ پاسي ڏانهن شايد محراب هجي. ڪوٽ جي اندرئين پاسي ڪيتريون ئي قبرون آهن. جن مان ڪجهہ ڪرنگهي واريون ۽ ڪي تراڪڙي ٺُڪيل پٿر سان جوڙيل آهن. ڪرنگهي

واريون قبرون لسيون ۽ ساديون آهن. پر تراڪڙيون قبرون ڏاڪن سان آهن ۽ انهن جي مٿان سنجڻ بہ ٺهيل آهي. اهڙين ٻن قبرن جي چيرولي۽ سان مرمت ڪئي وئي آهي. اهڙي قسم جي قبر (نمبر 33) مبارڪ خان جي قبر سان هڪجهڙائي رکي ٿي. ان کي بہ سيراندي۽ کان ساڳي قسم ۽ نموني جو تاج لڳل آهي ۽ قبر کي ڪيترين ئي منزلون آهن. سڀ کان مٿئين پٿر کي ننڍڙن هم چورس خانن ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ هيري ڪٽين ۽ ٻين قسمن جي اُڪير ٺهيل آهي. هر هڪ چورس ۾ ڪجهي۽ جي وڻ جي طرز چٽيل آهي، جيڪا سچ جي شڪل جهڙي گول آهي. جنهن منجهان ڪرڙا نڪرندي ڏيکاريا ويا آهن. قبر جي ٻي مهاڙي۽ تي عربي لکت آهي. قبر تي لڳل تاج اهو ٻڌائي ٿو، تہ قبر ۾ دفن ٿيل جو لاڳاپو شاهي خاندان سان آهي. پر بدقسمتي اها آهي، تہ ان شخصيت جي صحيح نموني سان سڃاڻپ نہ ٿي سگهي آهي.



تصوير 33 – ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڏکڻ ڏس تي موجود هڪ قبر، جيڪا چيرولي۽ جي ٺهيل آهي. جنهن جي گول چٽ اندر ڪجهي۽ جو وڻ ڏسجي ٿو. ان چٽ سان واري وٽي۽ تي چٽ جي ٻي طرز بہ ڏسجي ٿي. اهڙا چٽ وچ تي نشان ڏئي الڳ الڳ ڪري بيهاريا ويا آهن. هڪ پڪسري چوديواري بہ آهي، جنهن ۾ اندرئين پاسي سادي قسم جون ڪاشي۽ جون سرون ڪتب آندل آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 5 هين صدي۽ جي آخر سان آهي.

### (د) مڪلي۽ جي پراڻي مسجد

روايت مطابق[27] ڄام تماچي ولد ڄام انڙ، گهٽو ڪري فيروز شاهہ تغلق جي وفات کان پوءِ 1388ع ۾، دهلي۽ کان آزاد ٿي ٺٽي پهتو ۽ حڪمراني۽ جي واڳ سنڀالڻ سان گڏ شيخ حماد جمالي۽ جي خانقاهہ ۽ ان سان لڳ مسجد بہ تعمير ڪرايائين. هي۽ مسجد، جامع مسجد جي حيثيت ۾ استعمال ٿيندي هئي. موجوده وقت مسجد ۾ رڳو نماز ادا ڪرڻ وارو صفو وڃي باقي بچيو آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ ان اڏاوت کي اوپر طرف کان اڳڻ بہ هو. شايد ان اڳڻ ۾ شيخ حماد جمالي۽ جو مقبرو بہ تعمير ٿيل هو، جيڪو هاڻي کنڊر جي صورت ۾ موجود آهي. مسجد جي اولاهين پٽ سان لڳو لڳ ٻاهران هڪڙي تراڪڙي قسم جي قبر آهي، جيڪا متقي ۽ پرهيزگار 'مائي۽ مڪلي۽' ڏانهن منسوب ڪئي ويندي آهي، جنهن جي زيارت واسطي هزارين ماڻهو الائي ڪٿان ڪهي اچي رسندا آهن. سنڌ ۾ عام طور تي ائين چيو ويندو آهي، تہ هن نيڪ عورت جي طفيل هن ٽڪري۽ تي مڪلي۽ جو نالو پيو.

مسجد مستطيل آهي. لام 64 فوٽ ۽ منديو 29 فوٽ اٿس. سندس ٺٺي لنگهہ ونگن سان ٺهل آهن، جيڪي اتر، اوپر ۽ ڏکڻ پاسي کان آهن. ونگون سينڊ – ونگ جي قسم سان تعلق رکن ٿيون. ٻاهرين پٽ پڪين سرن سان جوڙي وئي آهي. جنهن جا بنياد پٿر جا آهن. اوپر طرف واري مسجد جي مهاڙي (نمبر 35) پنهنجي شڪل صورت ۾ ڏاڍي سادي آهي. ان پاسي کان فقط هڪڙي ئي گذرگاهہ ونگ سان آهي، جيڪا اُچي محراب ۾ لڳل آهي ۽ محراب بہ ٻن حصن ۾ ورهايل



تصوير 34 - سما دور جي قديم جامع مسجد جو ڏاکڻيون ڏيک. جنهن جي ساڄي پاسي تي ٺاهيل ڏاکڻ ڊهي فنا ٿي وئي آهي. اڏاوت جي وچ تي ونگ سان لنگهه نظر اچي رهيو آهي. ٻه پيون ونگون ٻه ڏسجن ٿيون. جيڪي نماز پڙهڻ واري جڳهه کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏين ٿيون (معلوم ائين ٿئي ٿو. ته هي مسجد ٽه قبائين آهي، وچ واري قبي کان ساڄي ۽ کابي واري قبي کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ وچ تي ٻه ونگاوان لنگهه آهن. هن تعمير جو تعلق 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.)



تصوير 35 - هن مسجد جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو. جنهن جي وچ تي خاني واريءَ ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. ساڄي پاسي ٻه خانا آهن. جن جي اندر پڻ ونگون جڙيل آهن. سامهون واري پاسي ۾ ڪيترائي هم چورس جارا آهن. هيءَ اڏاوت 14 هين صدي عيسويءَ سان لاڳاپو رکي ٿي.



تصوير 36 - جامع مسجد جو اندريون پاسو، جنهن ۾ محراب جي تعمير نظر اچي رهي آهي. (اوجھڙ ۾) - ڪارنس Cornice مٿان رکيل خانن ۾ ماڪيءَ جي ماناري جھڙي چٽسالي ڏسجي ٿي. اهڙي چٽسالي وچين محراب جي ٻنهي پاسن ڪان به آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 14 هين صدي عيسويءَ سان آهي.

آهي. مٿئين حصي ۾ ونگ سان هڪ خانو آهي ۽ هيٺئين اڌ ڀاڱي ۾ دروازو لڳل آهي. مسجد جي اوڀر- ڏکڻ واري ڪنڊ تي ڪجھ چورسن جي اُڪير ٿيل آهي ۽ اتان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺهيل آهي. ٻي ڪجھ تبديلي هن مهاڙيءَ جي اتر، پاسي ڏانهن ڏسڻ ۾ ايندي، جتي ديوار ۾ بيٺل ونگن سان ٻه اُڀا خانا نظر ايندا، جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان آهن. مٿئين خاني جي ونگ ۾ ماڪيءَ جي ماناري جھڙي اُڪير واري چٽسالي نظر اچي ٿي. هوبهو اهڙي قسم جي فيروزي اڏاوت دهليءَ ۾ به آهي. ساڳي نموني سان پٽين ڪي پشتيون به ڏنيون ويون آهن. هن قسم جي هڪجهڙاين هوندي به ڪاريگري ۽ هنرمنديءَ ۾ وڏو فرق آهي. مڪليءَ جي مسجد پڪين سرن سان جڙيل آهي، جڏهن ته دهليءَ واري فيروزي تعمير پٿرائين اڏاوت آهي. ٻي ڳالھ اها آهي، ته فيروز شاهي اڏاوت جيان "ونگ ۽ شهتير" واري ڪاريگري هتي استعمال ٿيل ڪانه ٿي ڏسجي. ونگ جي شڪل ۽ صورت به الڳ آهي. مسجد جو اندريون پاسو به مختلف نموني جو ٿو ڏسجي. هتي اسان هڪ ڊگھو هال ڏسون ٿا، جنهن کي وچ تي ٻه ونگون هڻي ٽن ننڍن هالن ۾ ورهايو ويو آهي. (نمبر 34) وچون ڀاڱو ٻين ٻن ڪان وڏو آهي. جيڪو اوڀر ۽ اولھ ڪان وڏن ۽ ڊگھين ونگن جي ڪري مختلف نمونن جا تاثر ٿو ڇڏي، جيڪي ڇت تائين مٿي هليون وڃن ٿيون. اولاهينءَ پٽ جي ونگ ۾ محراب جوڙيو ويو آهي، (نمبر 36) جيڪو اڳتي وڌيل ۽ مستطيل شڪل ۾ آهي. ڪارنس ليٽيل سنوت واري سٽاءَ ۾ بلڪل چٽو آهي. هن ڪان مٿان پوروچوٽ تي هلندڙ ونگ اُڀن ٽن خانن ۾ ورچيل آهي. وچ وارو خانو مستطيل آهي ۽ جنهن ۾ دري به آهي ۽ پاسي وارن خانن ۾ ماڪيءَ جي مانارن جهڙي چٽسالي نظر اچي ٿي. اهڙي قسم جي اُڪير جي طرز خاص طور تي سرن سان ٺهيل ۽ سما حڪمرانن جي ڏينهن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ پاسن وارن ننڍن صفن ۾ به محراب جوڙيل هئا، پر پوءِ سرن جي اوساري ڪري بند ڪيا ويا آهن. چورسن جي هر ڪنڊ وٽ محراب جوڙيو ويو آهي، جيڪو هر چورس شڪل کي اٺاس ۾ تبديل ڪري ٿو ۽ قبي جي اوسر جو بنياد ٻڌجي پوي ٿو، جيڪو هاٽي ڪري ختم ٿي چڪو آهي. محرابن جي هيٺين پاسن کي ڏيڍيون ڇڪون هڻي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. هن قسم جو ڪنڊن کي مضبوط ڪرڻ وارو غير روايتي طريقو سما دور جي عمارتن جي خاص خوبي آهي. مرڪزي قبي جي پاسي ۾ ٻه قبا بنايا ويا آهن. وچين صفي ۾ اهم ڳالھ اها به آهي ته چئن ئي ڪنڊن تي ڪاٺ جا لڏڪڻا يا ڏياٽيون لڳايون ويون آهن. انهن تي روشني ڪرڻ لاءِ ڏيئا رکيا ويندا هئا. ڏاڪڻ واسطي هڪ مستطيل قسم جو ڇڇو ٺاهيل آهي، سو به سما دور جي جڳهن جي خاصيت آهي. ان ڏاڪڻ کي مٿي ڇت تي چڙهي ٻانگ ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو. ٻانگ ڏيڻ لاءِ ٻيو ڪو جدا منارو ٺهيل ڪونه آهي.



تصوير 39 - هيءَ ملڪ راڄپال جي مقبري جي اندرئين پاسي نظر ايندڙ عربي تحرير آهي، جيڪا هن ريت آهي: هذا المقام الرجي رحمت الله تعلي ملڪ راجبال بن ملڪ انر بن ملڪ راهو بن ملڪ رائدن بن ملڪ راهو بن فيروز شاه سلطان الاهر برد مصجعه ونور قبره والنس حشش.

ڏنا ويا آهن. تنهن ڪري لنبيل سادي تعمير ۾ چڙهه تہ خانا ٺهيل پيا آهن. قبا ننڍين هم چورس ڏيڍين (Drums) تي بيٺل آهن. پر سرن جي سبب ڪري اڏاوت جو اهو طريقو ڪنهن مخصوص قسم جو پيو لڳي. هم چورس ڪمري کي ڦيرائي اناس جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ واسطي ڪنڊن ۾ ڪناري جي سنوت کان مٿان محراب جوڙيا ويا آهن. پر ڪناري جي سنوت جي هيٺان ڪُنڊن جي مضبوطي واسطي هڪ يا ٻہ ننڍا محراب جوڙيا ويا آهن. ڪٿي ڪنڊن ۾ قوسي لڪدار ٽڪندا (Pendentives) بہ هنيا ويا آهن. هن قسم جو اڳواٽ ئي احتياط ڪرڻ ڪري پٽين جي اوچائي وڌي آهي، جيڪي اندران ۽ ٻاهران گچ سان لنبيل آهن. جيڪڏهن سرن جا اڀا ٻاهر نڪتل ٻار ڏئي ڏگهن خانن سان پٽين جي سطح کي نہ ورهائجي ها تہ جيڪر پٽين جي اوچائيءَ جي سطح لسي ۽ ٻُسي لڳي ها.

## ملڪ راڄپال جو مقبرو

تعمير جي اندرئين پاسي عربي لکت[28] (نمبر 39) ملڪ راڄپال جي شجري متعلق ٻڌائي ٿي، تہ اهو فيروز الدين ڄام انڙ جي اولاد مان هو ۽ اهڙيءَ ريت ان سان ڄام نظام الدين جيان سنڌس ڪُرِ جو هڪجهڙو لاڳاپو ۽ مائٽي هو. مقبري تي ڪابہ تاريخ لکيل ڪانہ آهي، پر ان جي تعمير کي پندرهين صدي عيسويءَ ۾ رکي سگهجي ٿو. هيءُ مقبرو مبارڪ خان جي مقبري جي اتر - اوڀر ڏِسا تي آهي. عمارت هڪ قبائين ۽ ڏيڍي هم چورس آهي، جنهن جي چوڏاري ماپ 24 فوٽ 10 انچ آهي. (نمبر 37-38) پيڙهہ کان وٺي ساڍا ڇهہ فوٽ مٿي پٿر جي اوساري آهي ۽ ان ماپ کان پوءِ پڪين سرن جي تعمير آهي. چئن طرفن کان سينڌ - ونگن جي ڪري ڪليل آهي. لنگهہ جي ٻنهي طرفن کان سرن جا اُڀا ٻار هنيا ويا آهن. جنهن جي ڪري بہ اُڀا ۽ ڏگها خانا ٺهيل پيا آهن. موجوده جڳهہ ۾ محرابن جي اڏاوت پٿر جي ٻارن کان مٿان شروع ٿئي ٿي. اهڙيءَ ريت محرابن ۽ قوسي لڪدار ٽڪندن جي سلسلي کان پوءِ اناس هڪ گولائيءَ ۾ تبديل ٿئي ٿو، جيڪو قبي جي تعمير واسطي هڪ بنياد ثابت ٿئي ٿو. قبائين ڇت جي هيٺان ليڪن وانگي ڏندائين طرز جي خوبصورت سجاوٽ ٿيل آهي.

## سما خاندان جي ڪنهن گمنام شهزادي جو مقبرو

ملڪ راڄپال جي مقبري جي ڏکڻ - اوڀر طرف هلڪو پوئتو آهي. ان پوئتي جي هڪ پاڳي تي مبارڪ خان جي مقبري جي پرسان هڪ قبائين سرن جي اڏاوت آهي. اها تعمير پنهنجي نقشي ۾ هم چورس آهي ۽ هر پاسي جي ماپ 20 فوٽ 7 انچ اٿس. ٽن پاسن يعني اتر، اوڀر ۽ ڏکڻ کان ونگائين لنگهن جي ڪري ڪليل آهي. اولهہ ڏسا کان هڪ سادو محراب جوڙيل آهي. پٽيون گچ سان لنبيل آهن. مقبري جي اندرين پاسي، ڪُنڊون پاڻ ۾ بيهڪ جي لحاظ کان چڱي جوڙجڪ ڏيکارين ٿيون. ننڍو محراب وڏي محراب کي ٽيڪ ڏئي ٿو. ائين ڪرڻ سان ڪمري جو چوڙسو اناس جو ڏيک ڏيڻ لڳي ٿو. بعد ۾ قوسي لڪدار ٽڪندا (Pendentives) هٽي، قبي لاءِ ڏندائي ٻار جو



تصوير 42 - سادو محراب ڏسجي ٿو، جنهن جي ساڄي پاسي هيءَ عربي تحرير آهي:

هذا المقام للرجي الي رحمته الله تعالي تمهيد العمارت بالامر تاج الدنيا والدين. ميان تاج الدين همشيره ميان فتح خان بن سلطان نظام الدين شاه خلد ملکه و السطلنته في سن تهمن و سب ان و تهمن مي اهوا در ماه ربيع الاول روز پنج شنبه.

نظام الدين جي ڌيءَ هئي. اصلي تعمير مٿاهين پٽ تي آهي، جنهن جو نقشو هر چورس ۽ هرپاسي جي ماپ 29 فوٽ 7 انچ اٿس. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ٻي اڏاوت کي ان ۾ شامل ڪيو ويو هو، جنهن جي موڪر 13 فوٽ ٿيندي.مکيه جڳهه کي (نمبر 41) اتر، اوڀر ۽ ڏکڻ ڏسا ڏانهن ونگن سان ٽي لنگهه آهن. ڏکڻ طرف واري ونگ واري لنگهه ۾ در جو پٿرائون چوڪاٺو پيل آهي. اها سما دور جي اڏاوتن ۾ پهرين نواڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. دروازي جي سردر (Lintel) جي وچ تي سورج مکيءَ جي گل جي اُڪير ٿيل آهي ۽ دروازي جي چانئٺ تي چيروليءَ جو پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. مهاڙيءَ ۾ لنگهه جي ٻنهي پاسن تي سرن جي ٻن ٻارن سان ايا ۽ ڊگها خانا ٺهڃي پيا آهن. تعمير جو اندريون پاسو هر چورس ۽ قائوس سلطاني (ڏسو هيٺ) جي مقبري سان هڪجهڙائي رکي ٿو. وڏن محرابن کي مضبوط ڪرڻ واسطي ڪنڊن ۾ ننڍا محراب جوڙيا ويا آهن. جيڪي هر چورس ڪمري کي مٿي وڃي اناس جي صورت ڏين ٿيا. قبو اٺ ڪُنڊيءَ ڊيڊيءَ تي بيٺل آهي. ان جي اندرئين پاسي واري ڇت تي سرن جي ورن وڪڙن واري اوساري ڪيل آهي. اولاهينءَ پٽ ۾ محراب رکيل آهي ۽ محراب مٿان جارو جوڙيو ويو آهي. مقبري اندر گهٽيون ئي قبرون آهن. ڏکڻ - اوڀر واري ڪنڊ تي هڪ وڏي قبر آهي، جنهن جي شڪل صورت پيٽيءَ جيان مستطيل آهي. سندس پاسن کان ونگدار خانن ۾ گلن جي اُڪير واري ڄڻساليءَ جو سلسلو آهي. هن مستطيل پٿر جي مٿان ڏاڪڻ نموني ٽي منزلون آهن. جيڪي ڏسڻ ۾ تابوت وانگر اچن ٿيون. پر رڳو وچينءَ منزل، جا ڪُندن وٽ اُبن پاون جيان ٻونبا سلامت آهن. صفا مٿئين پاڳي جي ڪرنگهائين بٺيءَ واري شڪل آهي ۽ ان جي هيٺئين پاسي عربي لکت آهي. ان جي مٿان وري ونگدار خانن ۾ گُل اُڪيريل آهن. بعد ۾ شامل ڪيل ڪمري ۾ ٻه هڪ وڏي پٿر جي قبر آهي.

(خ) سرن جو هم چورس مقبرو ۽ ڏاڪڻ جي تعمير

ان قسم جون رڳو ٻه جڳهون آهن، جيڪي ٿورو ڏکڻ پَرَ تي، ڄام نظام الدين جي مقبري جي چوڌاري قبرن واري مُچلي ۾موجود آهن. ٻئي نقشي ۾ هڪ جهڙيون آهن. انهن اڏاوتن ۾ نئين قسم جي ونگدار جارن جي شروعات ٿئي ٿي، جيڪي اوساريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مال مسالي کي گهٽائن ٿا. پر دروازن جا چوڪاٺا پنهنجي پراڻي روايت تي قائم آهن، جيڪي سورهينءَ صدي عيسويءَ جي شروعاتي عمارتن سان لاڳاپو رکن ٿا. ان وقت هتي هرات ۽ قنڌار جي اڏاوتي فن جو وڌو اثر پئجي رهيو هو.

## قائوس سلطاني جو مقبرو (1513ع : 919 هه)

هيءَ سرن جي هڪ قبائين هر چورس اڏاوت (نمبر 45) آهي، جنهن جي هر پاسي جي ماپ 33 فوٽ آهي، مٿي ڇت تي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ لاءِ هر چورس 10 فوٽ ايراضي ٻي ٻه ان ۾ شامل آهي، جيڪا اتر - اوڀر واري ڪنڊ تي ڏسي سگهجي ٿي. پيڙهه کان وٺي چار پنج فوٽ مٿي پٿرن جي اوساري ڪيل آهي. پٽيون جيئن مٿي تيئن سوڙهيون ٿينديون وڃن ٿيون. ڏکڻ پاسي واري ٻاهرين مهاڙيءَ جي (نمبر 44) مٿاڇري تي ڪيل مختلف نمونن جي ڄڻساليءَ سان ڏاڍي من موهيندڙ ٿي



تصوير 43 - قائوس سُلطاني Qaus - as - sultani جي مقبري جو محراب، جنهن جي ٻنهي پاسي کان خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب کان چوکنڊن خاني ۾ هر چورس چٽن جي قطار آهي.

لڳي. سرن جي ٻاهر نڪتل اُڀن بارن سان سامهون وارو پاسو پنجن اڀن ۽ ڏگهن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. پڇاڙيءَ وارا خانا بلڪل سادا آهن. وچين ۾ ونگ سان ٺهيل لنگهه آهي، جنهن ۾ پٽرائون چوڪاٺو پيل آهي ۽ گهوڙيون هٽي، مٿان ڇڄا ٺاهيا ويا آهن. در جي چوڌاري پٽيءَ تي پن ول جي وٽندڙ چٽسالي ٺيل آهي. سردر تي لڪت آهي ۽ در جي چانئٺ ۾ اڌ چنڊ ٺاهيل آهي. لنگهه جي ونگ جي بلڪل مٿان ونگن سان ٽي خانا جوڙيل آهن. لنگهه جي ٻنهي پاسن کان خانن ۾ وري ڏگها جارا ٺاهيل آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان آهن، جيئن مبارڪ خان جي مقبري ۾ پٿر جا گهڙيل جهروڪي دار جارا (Oriels niches) موجود آهن، تيئن هتي بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهروڪن جون ونگون ماڪيءَ جي ماناري جهڙيون آهن. ساڄي طرف تي مٿي، اولي



تصوير 44 - قائوس سلطاني جي مقبري جو ڏاکڻيون ٻاهريون پاسو. جنهن جي وچ تي ونگ سان لنگهه ڏسجي ٿو. منجهس پٿر جو چوڪانو آهي. پاسن کان ونگن سان هڪ ٻئي مٿان ٻه ٻه خانا آهن، جيکي ديوار کان ٻاهر لڪل درين کان مٿان آهي. مٿين خانن اندر مخروطي قسم جي چٽسالي موجود آهي. جڏهن ته پلوڙي کي سرن جي ڏندي هڻي خوبصورت بڻايو ويو آهي. هن اڏاوت جو دور 919 هه : 1513ع آهي.



تصوير 45 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو. جنهن ۾ وچ تي نظر ايندڙ لنگهه ۾ پٿر جو ٽنيو کُتل آهي. هن لنگهه جي کاٻي ۽ ساڄي ونگ سان ٻاريون آهن. هن تعمير جي صفا ساڄي پاسي ٻه هڪ لنگهه آهي. جتان گذري ڏاکڻين ڏانهن وڃي سگهجي ٿو.



تصوير 46 - قائوس سلطاني جي مقبري جو اندريون پاسو. جنهن جي سامهون واري پاسي جو وچ ٻاهر تي نڪتل گهگهيءَ نموني جو آهي، جنهن جي درين ۽ پٽ ۾ پٿر جو وڏو پائو لڳل آهي. سنجڻ واري لوڙهڻ، جهالر واريون ونگون، هيٺ بنياد ۾ گلن جي اُکير آهي ۽ ڪرنگهائين لوڙهڻ لڪت سان آهي. جن جي مٿينءَ ڪنڌ ۾ محراب تعمير ٿيل آهن.

پلويڙي (Parapet) کان بلڪل هيٺان، سرن جي ڏندائين هڪ قطار آهي. اوپر واري مهاڙيءَ ۾ (نمبر 45) ڏاڪڻ جي هجڻ ڪري ڪجھ تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ونگ واري مکيہ لنگھہ کي دروازي وارو چوڪانو لڳل ڪونهي. رڳو سردر لڳل آهي، جنهن تي اڌ سورج مکي گل جي قطار چٽيل آهي. اهڙيءَ ريت اسان ڏسون ٿا، تہ فيروز شاهي دور جي عمارتن جي "ونگ ۽ شهتير" (Arch-and-beam) جي اڏاوتي ۽ فني اصول جي بلڪل ويجهو آهن. البت ڏاڪڻ واري لنگھہ کي چوڪانو لڳل آهي. ساڳيءَ ريت مکيہ ونگ واري دروازي مٿان ٽي جارا آهن. قبو اٺ ڪُنڊيءَ ڊيڊي (Drum) جي مٿان بيٺل آهي، جنهن کي مٿي چئن طرفن کان ونگدار دريون جڙيل آهن. اولاهينءَ پٽ ۾ محراب جو وڏاءُ ٽيل آهي. جڳھہ جو اندريون حصو هر چورس آهي ۽ خوبصورت محراب اٿس. (نمبر 43). ان جي مٿان لکت موجود آهي. محراب جي ٻنهي پاسن کان اُڪيريل پاوا آهن، جيڪي سنڌي طرز جي علامتي سجاٽپ آهن. محراب کي قبيءَ سان ڍڪيو ويو آهي. ٻاهرين ونگ جي چوڏاري چوڪانو آهي، ان کان مٿان چورسن جو سلسلو نظر اچي ٿو، جيڪي اُريب (Diagonal) جي رستي پاڻ ۾ گڏيل آهن. ڪُنڊن ۾ ننڍا محراب ڏئي وڏن محرابن کي مضبوط بنايو ويو آهي. محرابن کان مٿان ونگن سان جارا هٽي اناس کي سورنهن ڪنڊو ڪيو ويو آهي. اهڙن جارن جو وڌيڪ سلسلو رکي سورنهن ڪنڊي کي گول بنائي چڙھيو آهي، جنهن مٿان قبو اڏيو ويو آهي، جيڪو هاٿي ڪري ڪنڊر ٻڌجي ويو آهي. هيٺ فرش تي هڪ تَلهو آهي، جنهن جي هڪ پاسي تراڪڙي قبر آهي. (نمبر 46) قبر جي پهرين منزل تراڪڙي آهي. ڪناريءَ تي پن ول جي ٻي مثال اُڪير ٽيل اٿس ۽ پاسن ۾ مرڪزي ونگون آهن. ونگن کي جدا ڪنڊڙ پاڳن ۾ هيري ڪڻ ۽ گلاب جا گل اُڪيريل آهن. ان کان مٿي مختلف سطحن واري تابوت وانگي قبر جي بناوت آهي، جنهن جي ڪنڊن تي لڳل بونبا مٿي اپا آهن. سڀ کان مٿان بنايل پٽرائين لوڙهڻ ڪرنگهائين آهي. قبر جي ڊگهي مهاڙيءَ تي عربي لکت آهي، جنهن کي پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ چئن پنکڙين واري گل، انهن کي الڳ الڳ ڪري بيهاريو آهي. ڪرنگهائين لوڙهڻ جي هيٺئين پاسي ۽ ننڍيءَ ڪناريءَ جي مٿان ڪنگرن جي قطار چٽيل آهي.

### سرن جو تباهہ ٿيل مقبرو

سرن جو ٿهيل ٻيو بہ هڪڙو مقبرو آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيل جڳھ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ان وانگي هڪ - قبائين، هر چورس ۽ ڏاڪڻ لاءِ وڌايل ايراضي چوڪُنڊي آهي. ٽنهي لنگهن مان فقط هڪ اوڀارين ونگائين لنگھ کي پٽرائون چوڪانو پيل آهي. ان چوڪاٺي تي سورج مکي گل اُڪيريل آهن. سردر جي وچ تي بہ سورج مکيءَ جي چترڪاري آهي ۽ ٻنهي پاسن کان اليڪي چٽسالي آهي. سردر جي باقي رهيل ساڄي اڌ تي قرآن شريف جي آيت الڪرسي خطاطي ۾ اُڪيريل آهي ۽ کاٻي اڌ تي فارسي لکت آهي. اندريون پاسو بہ اڳين جاٽايل اڏاوت جهڙو آهي، پر هن کي اولهہ پاسي کان تمام ڊگهو محراب آهي ۽ هيٺ فرش تي چار قبرون آهن. پٽرائين لوڙهڻ تي ڏاڪڻ واري طرز ۽ ونگدار خانن کان سواءِ سورج مکيءَ جي وڏي گل جي چٽسالي ڪيل آهي. پيڙھ کان بہ چار فوٽ مٿي اوساريءَ ۾ پٿر جا بار ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

#### سمن جي دور بابت سنڌيڪار طرفان وضاحت:

* سنڌ جا گھڻا تاريخ جا ماهر ۽ ڄاڻو سمن جي حڪومتي دور کي 1351ع کان 1520ع تائين يعني شاھ بيگ ارغون هٿان ڄام فيروز جي حڪومت ختم ٿيڻ تائين تسليم ڪن ٿا. جڏهن تہ ڊاڪٽر احمد حسن داني ۽ ڪي ٻيا ان دور کي 1333/34ع کان 1524ع تائين مڃين ٿا. سنڌن چوڻ آهي تہ سما حڪومت جو بنياد وجهندڙ تغلق شاھ ڄام جوڻو I دهليءَ جي تغلق حڪومت پاران سيهوڻ ۾ مقرر ٿيل حڪمران 'ملڪ رتن' کي قتل ڪري سيهوڻ تي سما خاندان جي حڪومت قائم ڪئي. مٿئين واقعي جو احوال ابن بطوطہ جي سفرنامي ۾ پڙھ آيل آهي. انهيءَ ريت 1520ع ۾ جڏهن ارغونن سنڌ تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ ٺٽي تي پاڻ حڪومت ڪرڻ لڳا تہ ڪجھ عرصي لاءِ هنن ڄام فيروز کي سيهوڻ جو حڪمران تسليم ڪري، هتي جي ماڻهن جي دلين ۾ ڄام سلطانن جي گهري تعلق کي عارضي طرح تسليم ڪيائون. اهو دور 1524ع تائين رهيو. ان ڪري ڪي تاريخدان ملڪ رتن جي قتل ۽ ڄام فيروز جي رڳو سيهوڻ تائين حڪمراني واري دور يعني 1333/34ع کان 1524ع تائين کي سما حڪومت جو دور تسليم ڪن ٿا.
جڏهن تہ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو حقيقي سما حڪومتي دور 1351ع کان 1520ع تائين مڃي ٿو. باقي منڍ وارو دور سمن پاران سنڌن اقتدار حاصل ڪرڻ واري تحريڪ جو دور چئي سگهجي ٿو. (سنڌيڪار)



پليٽ 15 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي محراب واري ٻاهرئين پاسي جو پُشتو (Butress) ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرئين هيٺئين حصي ۾ ڪارنس جهڙي وَٽ (moulding) آهي. ان ڪان سواءِ ونگن سان خانا (arched panels) آهن. وچ واري حصي ۾ ڪندن وٽ نفيس چٽسالي وارا سخارا (Sikhara) اُڪيريل خوبصورت پاوا، ڇَڄي نموني (Brackets) آهن، جيڪي پُشتي تعمير سان اڳتي پوئتي ڦُرترا هلن ٿا. جڏهن تہ مٿئين حصي ۾ جهروڪو ڏسجي ٿو. هي ڄام نظام الدين مشهور سمي سلطان جو مقبرو آهي، جنهن 1460ع کان 1508ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي.



پليٽ 16 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين مهاڙيءَ جو ڏاکڻيون اڌ. جنهن ۾ در جي چوڌاري خوبصورت اُڪير ڏسجي ٿي. جڏهن ته محراب جي مٿئين حصي کي ٽي دريون نظر اچي رهيون آهن. جيڪي ڏاکڻ جي روشنيءَ جي مقصد لاءِ رکيون ويون آهن.



پليٽ 14 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو اولاهيون پاسو، جنهن جي وچ تي محراب نظر اچي رهيو آهي. مقبري جو پشتي جهڙو هيءُ حصو ڏاڍو خوبصورت آهي. هن پُشتي (Butress) ۾ ڪم آندل پٿر تي نهايت نازڪ ۽ هنج ٽُڪ ٽيل چٽسالي ڏسجي ٿي. هن مقبري جي ڏکڻ ۾ ڄام تماچيءَ جو مقبرو آهي (؟). لکت پٽاندر ڄام نظام الدين جي مقبري جي تعمير جو لڳاپو 1509 صدي عيسويءَ سان آهي.



پليٽ 17 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولهه پاسي محراب پٽ جو اتريون پاسو، جنهن تي هڪ خوبصورت اُڪير واري چٽساليءَ جي پٽي آهي، جيڪا نازڪ ۽ نفيس عربي ڪتابت جي چوڏاري ڦري اچي ٿي. مٿان بدڪن جي قطار آهي.



پليٽ 18 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ هر ڪنڊ ۾ محرابي ونگن (Brackets Pendentive) جي تعمير ٿيل آهي. مٿي ونگن واري لٽڪڻ ۾ خوبصورت اُڪير جي قطار آهي. هيٺ تري ۾ به اُڪير جي ساڳي قطار ڏسجي ٿي، جيڪا اڻ پوري آهي.



پليٽ 19 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اندرئين پاسي وارو محراب، جنهن جي ٻنهي پاسن کان سنڌي طرز جا نهايت خوبصورت پاوا نظر اچي رهيا آهن. محراب ۾ هڪ ٻئي مٿان ٽي ونگون آهن. جيڪي نهايت خوبصورت آهن.



پليٽ 20 - ڄام نظام الدين جي مقبري اندر رکيل محراب واري پٽ، جنهن ۾ محراب واضح نموني سان نظر اچي رهيو آهي. مٿئين پاسي ٻاهر نڪتل جارو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان پاوا لڳل آهن.



پليٽ 21 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو اولاهيون سامهون وارو پاسو. جنهن جي مٿئين پاسي واري ڇڄسالي ۽ جي قطار مڪمل ڪانہ آهي. ان جي ڏکڻ پاسي ڇوديواري اندر سمن جون قبرون آهن. جيڪي پٿر جون آهن. قبر جي سيراندي ۽ ڪان لڳل پٿر تي تاج اُڪيريل آهي ۽ پاسن تي ڪجيءَ جي وڻ جي اُڪير واري ڇِٽُ ٽيل آهي.

# باب ٽيون

## سما دور جا پراڻا يادگار

### ڄام نظام الدين جو مقبرو

**تاريخي پسمنظر:** سما خاندان جي مقبول ۽ محبوب حڪمران ڄام نظام الدين جي مقبري جي تاريخ سندس مقبري تي اُڪيريل آهي.[1] پر مؤرخ، سلطان نظام الدين جي اٽڪل 50 سال حڪمرانيءَ جي عرصي تي متفق نہ آهن، جيڪو پندرهين صديءَ جي پوئين اڌ ۽ سورهين صديءَ جي شروعاتي سالن تي ٻڌل آهي. سلطان جي پٽ السلطان الاعظم و الخاقان العادل الاڪرام ناصرالحق الدنيا والدين ابو الفتح سلطان فيروز شاهہ جي دعوي ۾ شڪ ڏيکاريو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو عربي لکت موجب مقبري جي اڏاوت هن جي نالي ٿيل آهي. مذڪوره لکت مقبري جي اترئين دروازي جي سردر[2] تي موجود آهي، جيڪا 951هہ: 1509ع جي تاريخ ڏيکاري ٿي. پير حسام الدين راشديءَ ان ڪم جو ساري جس دريا خان عرف مبارڪ خان کي ڏني آهي، جنهن جي سوچ ۽ فڪر وسيلي هن مقبري جي جڳهہ طئي ٿي. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ مقبري جو ڪم ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ شروع ٿي چڪو هجي، جنهن لاءِ عام طور تي اهو تصور ڪيو ويندو آهي، تہ هن 1508ع ۾ وفات ڪئي هئي ۽ مقبري جو ڪم موجوده صورت ۾ 1509ع ۾ پورو ٿيو ۽ ان زماني ۾ فيروز شاهہ جي حڪومت هئي. مقبري تي جيڪو بهترين سنجٽ جو ڪم ٿيل آهي، سو وقت جي ڪنهن ڏکي عرصي جي تقاضا ڪري ٿو. اهڙي قسم جي محنت جو ڪم تڏهن ڪيو ويندو آهي، جڏهن ملڪ ۾ امن امان هجي، خوشحالي هجي، جنگ ۽ اندروني فساد نہ هجن، جيئن اسان فيروز شاهہ جو زمانو ڏسون ٿا.

**نمونو:** ڄام نظام الدين جو مقبرو پنهنجي تخليق ۾ لاثاني ۽ سنجٽ جي لحاظ کان بي مثال آهي. ان مقبري جي اڏاوت جو نقشو ڪٿان ٻاهران ڪونہ آندو ويو آهي. اهو سما دور جي ماضيءَ جي عمارت سازيءَ جي تجربن ۽ ماهر ڪاريگرن جي محنتن جو نتيجو آهي. اهو مقبرو سرن جي ڪاريگريءَ جي مهارت، اڏاوتي ڄاڻ ۽ نئين ۾ پٿرن جي اُڪير جي سؤ سالا تجربي جي گڏيل ڪوشش ۽ ڄاڪوڙ جو نتيجو آهي. هڪ قبي لاءِ سرن جي هم چورس جڳهہ، سما دور جي عام تعمير هئي. ڄام نظام الدين جو پٿر مان جوڙيل مقبرو، سندن اها پهرين ڪوشش هئي. اولهہ پاسي کان مسجد واري پٽ ۽ ان سان گڏ ڏاکڻ جي تعمير جو وڌاءُ خاص اهميت جي لائق آهن. پر انهن سڀني اڏاوتي ڳڻن جي ان تعميراتي منصوبي ۾ هم آهنگي فقط ان ئي مقبري ۾ ڪمال تي پهتل آهي. ساڳئي وقت اولاهينءَ پٽ ۾ محراب جو وڌاوڙو، جيڪو مسلمانن جي جاين ۾ عام ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ گجرات جي مسجدن ۾ پڻ عام آهي، سو پهريون پيرو سنڌي يادگارن ۾ پُشتي هنيل صورت ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن تہ موجوده عمارت ۾ هن قسم جو پُشتو هڪ نئين انداز ۾ نظر اچي ٿو. اسان هن مقبري جي هڪ ئي عمارت ۾ گهڻين خاصيتن کي هم آهنگي ۽ خاص ترتيب ۾ هڪ جاءِتو ٿيندي ڏسون ٿا، جنهن ۾ ڪاريگريءَ جي ذات، تعميراتي سونهن ۽ پٽ جي مٿاڇري تي مهارت سان اُڪيريل پن ول جي سونهن ۽ سنجٽ کي پوري توازن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ساڳي وقت ان فن ۾ رازن، ڪاريگرن ۽ ڇيٽيءَ جي ماهر استادن جو فنڪارانا ڪمال پڻ محسوس ڪري سگهجي ٿو. اهي پنهنجي فن سان لاڳاپيل من پسند موضوع ڪٿان بہ آڻي پئي سگهيا. پر ڪين ڏسڻو رڳو اهو ٿي پيو، تہ مسلمانن جي يادگار جڳهن ۾ ڪهڙو اصول ڪتب ايندو. اتر ۽ اولهہ وارين پٽين تي هنج پکين جي اُڪير کان سواءِ ڪاريگرن، ماڻهن ۽ ٻين جانورن جي تصوير جي اُڪير کان پاسو ڪيو آهي. اهڙي قسم جي اعليٰ فني ڄاڻ رکندڙ

ڪاريگرن کي سنڌ جي ماضيءَ جي ورثي ۽ اسلامي اڏاوتي طرز مان لاڀ پرائڻ جو پورو تہ وجھہ مهيا ڪري ڏنو هو، جن ٻنهي کي گڏي پنهنجو طرز ايجاد ڪيو، جيڪو تعميراتي فن ۽ پٿين جي مٿاڇري جي سونهن ۽ سوڀيا جي ڏس ۾ ممتاز هو. اهڙي قسم جي فن، گذريل ڪيترين ئي صدين دوران هن ننڍي کنڊ ۾ تمام گھڻي ترقي ڪئي هئي. پٿ جي مٿاڇري واري چٽسالي اهڙي، تہ اعليٰ معيار جي آهي جنو ڄڻ تہ ڪاٺ ۽ عاج جي اعليٰ اُڪير جي فن کي پٿر جي اُڪير ۾ بدلايو ويو آهي. ڄام نظام الدين جي مقبري جي ڪاريگري پنهنجي همعصر گجراتي مهان ڪاريگريءَ سان ڀيٽائي سگھجي ٿي، جيڪا بنيادي طور قديم جين ۽ هندي اڏاوتي روايتن جو نقل آهي. موجوده مقبرو سنڌي ڪاريگراڻي صلاحيتن جو چٽو مظهر آهي، جيڪو اڏاوت جي اعليٰ ڪاريگريءَ جو اڻ لڀ مثال آهي. ان اڏاوتي فن، گم ٿي ويل روايتن جي ڳجھن خزانن کي پڌرو ڪري وڏو ڪم ڪيو آهي، جيڪو اسلام کان اڳ واري دور ۾ پنهنجي ملڪ سنڌ اندر وڌيو ۽ ويجھيو هوندو. پر مذهب جي نئين جذبي سان سرشار ٿي ماڻهن جي جذبن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ ڄام نظام الدين جي امن امان واري خوشحال دور ۾ انهي فن نئين شڪل ۽ نئين اتساهہ سان جنم ورتو.



تصوير 47 - ڄام نظام الدين جو مقبرو اندرئين اترئين پاسي محراب جي پشتي تي ڪجھہ مٿيرو قبيءِ جھڙي ننڍڙي اڏاوت آهي. جنهن جي ڇت ۾ پاسراٽين جھڙي چٽسالي نظر اچي ٿي. ڪنڊن تي ننڍا محراب آهن. ونگن سان ٻارين جي ٻي قطار ۽ سڌي سنوت ۾ اُڪير جون ڪجھہ سهيڙون آهن. تعمير جو دور 1509 صدي عيسوي آهي.

**ٿاڪ** (Location): هي مقبرو عام ماڻهن ۾ گھڻو مشهور آهي، جيڪو مڪلي جي اتر پاسي موجود آهي. ان مقبري تائين وڃڻ لاءِ پنڌ ان ڪري وڏي ويو آهي، جو وچ تي هڪ نئن آهي، جيڪا اوپر ڏانهن وڃي سنڌو درياءَ جي پراڻي پيٽ ۾ پوي ٿي. سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو ۽ ٻيون قبرون مڪليءَ جو سارو اتر پاسو والاريو بيٺيون آهن ۽ سمن جي قبرن واري ماڳ کان وڌيڪ اوچائيءَ تي آهن. ڄام نظام الدين جو مقبرو هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پنهنجي جاهہ جلال سان ڪَر



تصوير 48 - ڄام نظام الدين جي مقبري جو ٻاهريون اتريون ۽ ڏاکڻيون پاسو. جن تي اُڪير جون هڪ جهڙيون پٽيون نظر اچن ٿيون. اُتي اتر ۽ اولهه پاسي کان لنگهه آهن، جن ۾ پٿر جا چوڪاٺا لڳل آهن، جيڪي هاڻي بند آهن.



تصوير 49 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اترين - الهنديءَ پٽ جو ٻاهريون پاسو. جنهن جي ساڄي طرف هڪ در، ٽي دريون، وچ تي ٽن طبقن وارو محراب جو پشتو ۽ اولاهينءَ پٽ تي اُڪير جون ڇوڏنهن قطارون.

ڪنيو بيٺو آهي. اتان بيهي نظر ڪبي تہ اوير پاسي درياءَ جو وڏو پراڻو پيٽ ۽ ٺٽي جو شهر ڏسڻ ۾ ايندو. پرسان ئي شيخ حماد جماليءَ جو مقبرو آهي. مقبري جي چوڌطرف واري ايراضيءَ کي نهايت ادب ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو آهي. سما خاندان جا حڪمران، شيخ حماد جماليءَ جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. سما دور جون ثقافتي سرگرميون بہ هن خانقاه جي آڳنڌ ۾ منعقد ڪيون ويندڀون هيون. اهوئي ڪارڻ آهي، جو سما بادشاهن جا مقبرا بہ هن ايراضيءَ ۾ موجود آهن. سما دور جي جامع مسجد بہ هن علائقي ۾ واقع آهي. ان جي ڏکڻ ۾ مبارڪ خان، مَلڪ راڄپال، فتح خان جي پيڻ ۽ ملڪ راهوءَ (Malik Rahu) جو مقبرو آهي، جيڪو ڄام تغلق پٽ سڪندر شاهہ جي دور سان لاڳاپو رکي ٿو. ان کان سواءِ هتي ٻيون ٽي قبرون آهن، جن بابت خبر نہ آهي، تہ اهي ڪنهن جون آهن؟ پرسان ئي ڇٽيون آهن جن هيٺان قبرون نهيل ڏسجن ٿيون. ان کان علاوه بنا ڇٽين جي بہ ڪيترين ئي قبرون موجود آهن. ڄام نظام الدين جو مقبرو هتان کان صفا اوير ۾ هڪ ننڍي ٽڪريءَ جي چوٽي تي تعمير ٿيل آهي. جنهن جي هڪ پاسي کان پراڻي ڇٽي ۽ ٻئي پاسي کان هڪ مقبري جي ڀڪ سري چوڌيواري آهي.

**ڄام نظام جي قبر جي اڏاوت جي رٿ:** مقبري جي تعمير ۾ پٿر جون اوچيون ديواريون نهيل آهن. اندر هر چورس ۽ هر پاسي 37 فوٽ ويڪرو صفو آهي. جنهن ۾ ابتدائي دور ۾ ٽي لنگهہ هوندا هئا، جن مان هڪ اتر ۽ ٻيو ڏکڻ ۽ ٽيون اولهہ کان هوندو هو. اولهہ پاسي کان محراب جي تعمير لاءِ ديوار کي "وڌاوڙو" (Projection) ڏنو ويو آهي. اهڙي ريت محراب جي ماپ "9-'10x"3-'4 رکي وئي آهي. هن وقت اولهہ وارو لنگهہ کليل آهي، جيڪو محراب جي وڌاوڙي کان ڏکڻ طرف آهي. اتر وارو لنگهہ پٿر جي ديوار سان مڪمل طور بند ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ڏکڻ وارو لنگهہ اڌ بند ڪيو ويو آهي. اتر واري لنگهہ پرسان قبر (نمبر 56) آهي، جنهن جو لاڳاپو ڪنهن پوئين دور سان ڏسجي ٿو. جنهن ڪري اتر وارو لنگهہ هميشہ لاءِ بند ڪيو ويو آهي. ٻاهرئين پاسي واريون ديواريون جيئن مٿي تيئن سوڙهيون ٿينديون وڃن ٿيون. اندرئين پاسي کي هڪ وڃيون صفو آهي. صفي جي وچ تي چار، اتر - اوير واريءَ ڪنڊ تي هڪ ۽ ڏکڻ - اوير واريءَ ڪنڊ تي ٻارن جون ٽي قبرون آهن. محراب ۽ اوير واري لنگهہ کان اڳتي (نمبر 47) اولهائين پٽ وارو پاڳو، پشتي جي ٿوري پاڳي تي مشتمل آهي. بي انتها خوبصورت گهوڙين (Brackets) جي مٿان جوڙيل جهالر ۽ ڇٽ سان سهٽو جهروڪو ۽ خود نازڪ ۽ نفيس اُڪيريل محراب، جنهن جي قبائين ڇت تي اُڀيون ليڪون اُڪيريل آهن، جنهن جي چوٽيءَ مٿان لڏڪٽو لٽڪي رهيو آهي ۽

محراب جي سامهون اُڪيريل پاوا آهن. اهي ڇهه ته عصيءَ جي علامت آهن. جيڪي سنڌي محرابن ۾ عام جام ڏسبا آهن. پٽ جي مٿان اُڪير جون ٽي قطارون: هڪ قطار ونگدار خانن جي آهي، جيڪا ڇڪ ۽ گهوڙي واري وڏي محراب جي سنوت سمان آهي. ان کان پوءِ اُڪير جي هڪ ٻي قطار آهي، جيڪا ٻاهرئين پشتي جي گهوڙين (Brackets) جي سنوت سمان آهي. آخر ۾ ونگدار خانن جي ٽئين قطار آهي، جيڪا جهروڪي جي سنوت سمان ۽ قبي جي بنياد واري اُڪير کان ٿورو هيٺان آهي، ان جو اهو حصو شايد قُبي جو بنياد بڻجي ها، پر ڪن فني سببن جي ڪري ڪنهن خواب وانگي اڌورو رهجي ويو. ساڳيو حال دهليءَ ۾ التمش[3] جي مقبري جو به ٿيو. مقبري جي اُوچين پٽين جي تعمير مان پري کان ائين معلوم ٿيندو ته ڄڻ اها مڪعبي جڳهه آهي. زيارتين جي دلين تي اهو اثر وهندو آهي، ته هن مقبري جو نقشو ڪعبة الله شريف جي مڪعبي اڏاوت تان ورتو ويو آهي. اها خوش فهمي ماڻهن جي دلين ۾ خام خياليءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. درحقيقت هيءَ جڳهه سرن جي ٺهيل مقبرن جي نقشن جو منطقي نتيجو آهي.



تصوير 50 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اولاهين پٽ جي ٻاهرئين پاسي تي ۽ محراب کان اتر طرف وچ تي عربي تحرير آهي. اُڪير جي هڪ پٽيءَ ۾ هنجن جي قطار آهي، جن جي چهنبن ۾ ڪنول جا گل جهليل آهن. ان کان سواءِ محراب جي پشتي جي ڪنڊ تي نفيس اُڪير وارا سخارا به ڏسجي رهيا آهن.

**نمونو:** اهو عام ماڻهوءَ جو ڪو عام رواجي خيال ڪونه آهي، پر عالمن جو به اهو ئي رايو آهي، جنهن ڪي ادبي ڪتابن وسيلي شهرت به ملي آهي. پوئين دور جي سيني ليکڪن کي هينري ڪزنس جي ان خيال متاثر ڪيو آهي، جيڪو يقين ڏياريندي لکي ٿو: ”اهو گهڻو تڻو هندن جي سامان سان تيار ٿيو آهي. هيءُ اهو ئي سامان آهي، جنهن مان عام طور تي هندن جا مندر جوڙيا ويندا آهن. حقيقت به اها آهي ۽ ڪافي ڪان وڏيڪ ثابتيون به آهن، ته ٻارهين صديءَ کان اڳ جي هڪ يا گهڻن مندرن جو پٿرائون سامان استعمال ڪيو ويو هو. خاص طور تي پٿر جي ٺلهن مان ان ڪي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هيٺ پٿر جي ديوارن ۽ ٻاهرئين پاسي جهروڪي (نمبر 52) مان به معلوم ڪري سگهجي ٿو. ٻاهرئين پاسي پٿر جو سچو مانداڻ، جنهن تي سڄي پشتي ٻڌل آهي ته محراب جو اندريون جارين وارو پاسو، اهو سڀ گجرات جي مسجد[4] جي سجاوٽ وانگي آهي.“ سندن دليلن ۾ ڪجهه غلطيون به آهن. جيڪڏهن محراب واري پشتي کي گجرات جي مسجد تان نقل ڪيو ويو آهي، (جتي اهڙيون قديم روايتون موجود آهن) ته پوءِ اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ڪجهه ڏکيائي ٿئي ٿي، ته انهن ساڳين ذريعن بين ڳالهين ۾ سنڌين جي رهنمائي ڇو نه ڪئي ۽ اتي اڳ ۾ موجود ترقي يافته فن مان ڇو نه نئين ۽ سٺي تخليق ڪئي وئي؟ اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جو سنڌ جا ماهر ڪاريگر پنهنجي تخليق کان سواءِ هندن جي جهڙين تهڙين شين تي راضي ٿي ويهي رهيا. هينري ڪزنس، سخارا (Sikhara) جي ننڍڙي شڪل جو مثال ڏئي پنهنجي دعويٰ کي هٿي ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اهي هندن جي مندرن جي جڳهن ۾ به هوندا آهن ۽ چوي ٿو، ته اولاهينءَ پٽ جي پٺين پاسي سجاوٽ وارو اڻ پورو ڪارنس يا هنج پکين جي اُڪيريل اڻ پوري قطار ان جي ثابتي آهي. اڳتي هلي ڏاهپ وارو فيصلو ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته: ”دروازي جي لنگهه وٽ در جي چانئٺ آڏو پٿر جي هڪ داٻڙي آهي، جيڪا عام طور تي مندرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. جتي ياترا تي آيل هندو ٻاس يا مڃتا جون شيون رکندا هئا. پر مسلمانن جي جڳهن ۾ اهڙيون شيون بي معنيٰ هونديون آهن. لنگهه جي مرمت واسطي سردر کي هٿي



تصوير 50 - الف - تصوير 49 ۾ نظر ايندڙ درين جو سلسلو موجود ڏسجي ٿو.



تصوير 51 - محراب جي پشتي جي ڏکڻ ڏس کان وچيون حصو، جنهن تي ڪنڌ ۾ ورن وڪڙن Curvilinear تي سڪارا Sikhara ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي. ان کان سواءِ ونگن واريون ٻاريون آهن، جيڪي اُڪيريل خوبصورت ننڍڙن ٿلهن جي وچ تي ڏسجن ٿيون. صفا ڪاٻي پاسي مٿي ڇڄي نموني جهلون آهن، جيڪي ور وڪڙ ڪندا هلندا وڃن ٿا.



تصوير 52 - الف - ڇڄي جهڙو جهل ڏسجي ٿي جيڪا ور وڪڙ ڪندي اڳتي هلندي وڃي ٿي.



تصوير 52 - محراب جي پشتي جو مٿيون اولاهيون پاسو، جنهن ۾ ونگن سان ٻاريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. انهن جي ٻنهي پاسن کان هيٺان ننڍيا سخارا آهن. مٿئين پاسي ونگ سان جهروڪو آهي، جيڪو ڇڄن جهڙين جهلن جي آڌار تي بيٺل آهي.

ڏيارڻ لاءِ نئين فني ارتقا ڪئي وئي آهي. ويجهي همعصر هندي اڏاوتن جي ڪاريگريءَ جي فن ۾ وڏو فرق نظر اچي ٿو. سخارا، گهوڙيون (Brackets) ۽ سنجڻ وارا ڪارنس هندي اڏاوت ڪان متاثر ته ضرور آهن. پر اهي ان عمارت ۾ عجيب هڪ جهڙائي رکن ٿا. اهڙي ڪابہ شاهدي ڪانہ ٿي ملي، جنهن مان اهو ثابت ڪري سگهجي تہ اهو سامان ڪنهن هندو مدر مان اُکوڙي آندو ويو آهي. سندن ڪاريگري، وقت جي فن سان هم آهنگ آهي. مقبري جي اڏاوت ۾ جيڪڏهن ڪنهن سامان جي ٿورائي آهي، تہ سا فقط سياسي غير يقيني واري ماحول سبب آهي. پر هندن وٽان اڏاوتي سامان جي نايابي ان جو ڪارڻ ڪونهي. شاهي قبر تي ڪنهن سنجڻ ۽ سونهن واري پٿرائين لوڙهڻ جي عدم موجودگيءَ لاءِ بہ ساڳيون ملڪي عدم استحڪام واريون سياسي حالتون ذميوار آهن. ان ناموزون صورت حال جي باوجود بہ ڄام نظام الدين جي مقبري جي طرز سنڌين جي صدين جي تعميراتي تجربي مان ڦٽي ۽ اُسري نڪتي آهي. ان تعمير جو تصور ۽ بعد ۾ ان تصور کي، پٿر تي اڪيري حقيقت جي روپ ڏيڻ لاءِ ڪاريگرن ۽ ڪلاڪارن پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ڪم ڪيو ۽ اهڙي جڳهہ تعمير ڪئي، جيڪا سنڌ جي ڏاهپ، ڏانوَ ۽ ذات جو لاثاني ۽ لافاني تاريخي يادگار آهي.

## اولاهينءَ پٽ جي ٻاهرين مُهاڙي

مٿان قبي جي نہ هجڻ ڪري هيءَ جڳهہ پري ڪان ائين نظر ايندي آهي، ڄڻ تہ اڌ مان ڪپيل هجي. بهرحال ڪٽي ڪيئن بہ هجي، جيڪڏهن اولهہ واري پاسي ڪان ويجهو اچبو (نمبر 48) تہ اُهو ڪنهن بہ اڏاوت ڪان خالي آهي، پر ان تي پانت پانت جي اُڪير ٿيل آهي ۽ بين بہ ڪيترين ئي وصفن جي ڪري ڏاڍو من موهيندڙ آهي. وچ تي پنڌين پاسي ڪان محراب جو وڏاوڙو وڏي اهميت جي لائق آهي ۽ ان وڏاوڙي ديوار کي بہ پاڳن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ڏکڻ وارو اڌ، در ۽ درين جي سبب ڪري هڪ منفرد ۽ جدا ڏيک ڏئي ٿو ۽ پٿر جي اوساريءَ جي نهرائپ کي هلڪو ڪري ڇڏي ٿو. اتريون پاسو ڇٽي اُپريل اُڪيرجي ڇٽن جي قطارن جو نظارو پيش ڪري ٿو ۽ وڏي هڪجهڙي پٽ کي ڪجهہ رنگ ۽ رونق بخشي ٿو. اولهہ واريءَ پٽ تي جي سڄيءَ جوڙجڪ ان کي ڏاڍو دل لڀائيندڙ بنائي وڌو آهي.

**اتريون اڌ:** پٽ جي هن اڌ (پليٽ 17) تي اُڪير جون ڇوڏنهن قطارون ۽ صفا هيٺ تري ۾ ڏندا آهن. جن جو رخ هيٺ تي آهي. ڏندن جي مٿان اُپيون هيري ڪٽ نموني جي اُڪير ڪيل آهي. ان ڪان پوءِ بي قطار ٻِٽين هيري ڪٽين جي اُڪير جي آهي، جن ۾ گل جي ٽُڪ ٿيل آهي. ان ڪان پوءِ وڏن ڦيٽن جي هڪ قطار آهي، جنهن مان ڪرٽا ڦٽندي ڏيکاريا ويا آهن ۽ هر هڪ ڦيٽي جي چوڌاري گول دائرو نڪتل آهي. تنهن ڪان پوءِ چوٿين گُلن جي آڏين جي قطار انهن جي قطر سان مٿين ليٽيل سنوت جي سڏائي بنجي ٿي. پنجين قطار ۾ خالي چورسن جي اُڪير آهي، جنهن جي وچ ۾ ننڍڙا گل ٽُڪ ٿيل آهن. اهو هڪ سر جو نقشو آهي، جيڪو پٿر جي اُڪير ۾ بدلايو ويو آهي. ڇهين قطار ۾ لهريدار هيري ڪٽيون آهن، جن ۾ گل اُڪيريل آهي. ستين قطار ۾ قرآن شريف جون آيتون نسخ خط ۾ اُڪيريل آهن، جنهن کي هيٺئين پاسن ڪان ئي گولائيءَ تي آٽي شڪل ڏني وئي آهي. انين قطار، طرز ۾ ٽينءَ قطار جيان آهي. پر هتي لهريدار گول چڪري جي بدران گل اُ ڪيريل ڇتسالي آهي. نائين قطار ۾ گلدان ۽ بيگهڙ واري صورت حال ۾ مانڌاٽي نشان ۽ انهن بنهي جي وچ تي ننيڙن پاون جي اُڪير ٿيل آهي. گلدان واري طرز واري ڇتسالي گجرات جي مقبول عام اُڪير آهي، جنهن جو لاڳاپو اسلام ڪان اڳ واري دور سان آهي. پر ٺٽي ۾ ان کي پهريون پيرو ڏٺو وڃي ٿو. موجوده مثال ۾ گلدان، هڪ سوڙهي منهن سان ڪو ٺانءُ آهي، جنهن ۾ پن ابتيءَ شڪل ۾ هيٺ تي نـِميل آهن. مانڌاٽي جي صفا وچ تي هم چورس شڪل آهي ۽ ان هم چورس جي وچ تي گـُل اُڪيريل آهي ۽ اهي مانڌاٽيون وچ تي ڪجهہ چپٽريون آهن. ان قطار ۾ اُڪيريل پاوا ساڳئي طرز جا آهن، جيئن ان جڳهہ ۾ ٻئي هنڌ تي بہ موجود آهن. ڏهين قطار هنج پکين جي آهي، جنهن جي هيٺان ليٽيل نموني تي هيري ڪڻ ۽ مٿان خالي مانڌاٽيءَ جي نشانن واري قطار آهي. هنج پکين جا پـَرَ تورا ڪليل ۽ سندن ڇنهبن ۾ ڪنول جا گل جهليل آهن. اهو هندستاني روايتن جو هڪ مشهور موضوع آهي. عام طور تي هنج ڪابي طرف ڏانهن ڏسندا نظر اچن ٿا ۽ بعض

هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بہ ڏيکاريا ويا آهن. شروعات ۾ پهرئين هنج پکيءَ جي ڳچي پوئتي وريل آهي. ٻارهينءَ قطار جي شروعات هيٺئين پاسي جي ليٽيل چوڪٽڙي سان يا چوُرس نمونن سان ٿئي ٿي. قطارن ۾ مکيہ نمونو سينڌ ونگن وارو آهي. انهن سينڌ ونگن جي وچ تي وٿيءَ ۾ اُڀا چوڪُنڊا خانا آهن. جن ۾ هيري ڪٽيون اُڪيريل آهن. ونگن جي پاسي جي هيري ڪٽين سان سجاوٽ ٿيل آهي. هرهڪ ونگ جي دائري اندر گل جي تصوير اُڪيريل آهي ۽ هڪ هڪ گل ونگ جي نُڪرن تي آهي. ونگ جي نوڪ مٿان بہ گل جو تاج رکيو ويو آهي. ٻن لسين سادين قطارن کان پوءِ ٻارهينءَ قطار ۾ اُڀي وڻ جي هڪ رواجي طرز واري اُڪير نظر اچي ٿي ۽ بيگهڙ تي هڪ آرائشي گول دائرو اُڪيريو ويو آهي. اهو وڻ ڏسڻ ۾ وڪڙ هنيو وينل نانگ جيان نظر اچي ٿو. جنهن جو مٿو وچ تي ڏسڻ ۾ تو اچي. اهڙي قسم جي اُڪير اسلام کان اڳ واري دور ۾ ڦهيل جڳهن ۾ عام جام ڏسبي آهي. مسلمانن جي جڳهن ۾ اوپڙ طرز تي ٻن ول جي چٽرڪاري جو عام رواج آهي. تيرهين قطار گول دائري جي سلسلي تي ٻڌل آهي. ڪن گول دائرن ۾ ٽہ - سگيون، ڪن ۾ چو - سگيون مانڊاٽيون اُڪيريل آهن. آخري قطار ۾ گلن جي آڏين ڪي ورجايو ويو آهي. اهڙو ساڳيو نمونو اسان چوٿينءَ قطار ۾ ڏسون ٿا. اهي سڀ قطارون اپريل نمونو ۾ ٺُڪ ٿيل آهن. انهن ۾ ڪا خاص گهرائي، نہ ڪانہ آهي، پر اهڙيءَ اُڪير جي سبب پٽ جي لسي ۽ هڪ جهڙي پاسي تي جڻ ڪجهہ رونق پيدا ٿي پئي آهي. اهي سينگار ۽ سونهن واريون قطارون هرويرو ڏکي تي ڪونہ ڪڍيون ويون آهن. انهن جي وچ تي مقرر ماپ تي وٿيون ڇڏيون ويون آهن. اهي قطارون محراب جي پشتي جي چوڏاري موڙن ۽ گولاين جي ڪَدَ ڦري ٿيون اچن. خاص توجہ لائق ڳالھ اها آهي، تہ اُڪير جي هر طرز پوري مستطيل پٿر جي اڪيلي داٻڙي تي ڪيل آهي ۽ سڄي ساري اُڪير سنڌ ۾ ئي ڪئي وئي آهي. جڏهن پٿر ڪي اُڪير ڪري پورو ڪيو ٿي ويو، تڏهن ان ڪي ڪٽي ضرورت واري جاءِ تي اوساريو ٿي ويو. هن جڳهہ جي اترين ۽ اولاهينءَ پٽ جي ڏاکڻين حصي تي ساڳي قسم جون قطارون اُڪيريل آهن. خاص طور تي طرزن جي نمونن جو گهٽو ٺٽو مدار، وٿين، وچوٿين ۽ اڏاوتي خوبين ۽ ڳُٽن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**ڏاکڻو اڌ حصو:** (پليٽ 16) ڏهينءَ قطار کان سواءِ سيني اُڪيرن جون قطارون ٻئي اڌ کان هن اڌ ۾ اچن ٿيون. هتي اسان کي هنج پکين جي جاين تي اليڪي هر چورسن جا ڳنڍوڙ چٽ نظر اچن ٿا. پر ان کان وڌيڪ اها ڳالھ بہ آهي، تہ هتي هڪ مستطيل دروازو بہ لڳل آهي، جيڪو مقبري جي اندرئين پاسي جي لاءِ لنگهہ جو بہ ڪم ڏئي ٿو. تہ ساڄي پاسي ڏاکڻ ڏانهن بہ ڪليل آهي. روشنيءَ لاءِ ڏاکڻ ۾ ٽي دريون ڇڏيون ويون آهن. اها سڄي اڏاوت هڪ قسم جو منفرد منظر پيش ڪري ٿي. ٻهريون دروازي جو لنگهہ آهي (نمبر 54). جنهن کي ٻاهرئين پاسي کان ٽي ڏاڪا لڳل آهن. جيتوڻيڪ ان دروازي ۾ استعمال ٿيل چوڪانو يا چانئٺ اسلامي اڏاوتي فني سفر کان گهٽو اڳ واري سنڌي- هندو دور سان تعلق رکي ٿي، پر ان تي ٿيل ٺُڪ جو نمونو الڳ آهي. دروازي جي ٻراٽي قسم جي چوڪاني تي، نئين دور سان لاڳاپيل اسلامي اڏاوتي نموني واري چٽسالي ڪئي وئي آهي. دروازي جي مٿئين ڪناري تي عربي لکت موجود آهي، جيڪا اُڀي ۽ ليٽيل سنوت ۾ اُڪيري وئي آهي. اڌ گل جي اُڪير وارو پٿر جو وڌيڪ داٻڙو ڏئي، ڪابي پاسي واريءَ اُڀيءَ لکت کي ڪجهہ اڳتي وڌايو ويو آهي. پاسيري قسم جي لکت جي مٿان ڪنگرن سان ڇڄو تعمير ڪيو ويو آهي، جيڪو گهوڙين تي بيٺل نظر اچي ٿو. لکت ۽ ڇڄي جي وچ تي، گل جي آڏين جي طرز چٽيل آهي. هيءَ ڳالھ ڌيان ۾ رکڻ ضروري ٿيندي تہ گلن جي آڏين جي هيءَ قطار ساڄي ۽ ڪابي پاسي هرويرو وڌائي وئي آهي، پر هن پاسي کان پٽ جي ڇيڙي تائين ڪانہ ٿي پهچي. اُڪير جو اهو فرق آرائشي سامان جي کوٽ کي نہ، پر پٿر جي اُڪير وارن ڪاريگرن جي لاپرواهيءَ کي پڌرو ڪري ڏيکاري ٿو. ان هوندي بہ در جو چوڪانو پنهنجي اصلي ڪاريگري واري تصور جي جهلڪ ڏيکاري ٿو. اهڙي قسم جو ٻيو نمونو ڪنهن بہ سمي سلطان جي يادگار ۾ نظر ڪونہ ٿو اچي. سيني ۾ جيڪا عام شئي موجود ملي ٿي، سا در جي چانئٺ جي وچ تي چيرولي پٿر جو داٻڙو آهي (نمبر 55). جنهن جي مٿئين پاسي تي گل جي ۽ پاسن کان چوڏاري ٻن ول جي طرز واري اُڪير گول دائرن ۾ ڪئي وئي آهي. هن چيروليءَ جي پٿر جي سينگاريل داٻڙيءَ جي ٻنهي پاسن کان ٻہ بہ سورج مکيءَ جا گل گول دائرن ۾ اُڪيريل آهن. در جي چوڪانن جو ساڄو ۽ ڪابو پاسو، هر هڪ پائي جي هيٺئين سنوت وٽان گهٽو اڳتي وڌيل

تي ٻيٺل آهي. جن مان هرهڪ پاسي تي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ۽ ٻه سامهون آهن. هر هڪ گهوڙي (Bracket) هڪ ڊگهي پٿر جي سانگڙي آهي، جنهن جي ٻاهرئين پاسي تي ڇيڙي وٽ ونگوڙا چٽيل آهن. پاسن تي هلڪي اُپريل طرز تي مختلف قسم جون اُڪيرون چٽيل آهن. ڪشادي دڪيءَ (Platform) کي سامهون واري پاسي کان ڇيڙي کان هيٺين طرف اوپڙ جي اُڪير جي جهالر لڳل آهي. ساڄي يا کابي طرف تي اُڪيرن جا مختلف نمونا آهن. پر وچ وارو پاسو اڻ پورو آهي. تنهنڪري ڪجهه لسو ۽ ٻسو پيو لڳي. مٿئين پاسي جي کابي ۽ ساڄي طرف ڏوريءَ جهڙي وٽ واري آرائشي اُڪير جي وچ ۾ ۽ هيٺئين پاسي اوپڙ يا پن ول واري اُڪيرجي پرسان، چار اُڪيريل دائرا مانڊاڻي واري طرز آهي. جن کي الڳ ڪرڻ لاءِ وچ ۾ ٿي ڪڙا ۽ اُڀا اُڪيريل نشان ڏنا ويا آهن. هن دڪي جي مٿان اڻ اُڪيريل ٿلهه نهيل آهن، جيڪي ونگن سان تعمير ٿيل ٿن درين ۽ ونگن سان جوڙيل ٻن خانن کي ٽيڪ ڏيو بيٺا آهن. سامهون واري پاسي تي ڇتن جي بناوت واري وٿيءَ سان ٺيل آهي ۽ هرهڪ ڪنڊ تي هڪ دري آهي. ونگن واري خانن کي اندرئين پاسي ٻه ڇنسالي واري اُڪير سان سينگاري سهڻو ڪيو ويو آهي. پاوا پانت پانت جا آهن، جيڪي ڇتيءَ وارن مقبرن ۾ ڪم آيل پاون کان بنهه ٻيا ۽ نيارا آهن. کابي پاسي ڪنڊ ۾ لڳل لسو ۽ سادو پائو ڏسي تعجب ٿئي ٿو. شڪ ٿئي ٿو. ته شايد بعد ۾ اصليءَ کي تبديل ڪري ان جي جاءِ تي ٻيو هنيو ويو آهي. باقي رهيل ٻاون کي مٿئين پاسي تي ڊگهي ڏوريءَ واري طرز تي اُڪيريو ويو آهي. سنڌن بنياد هم چورس آهن، جن تي ٻه گلدان ۽ وري مانڊاڻي وار نشانن جي ڇنسالي آهي. مٿان کان ٿورو هيٺ پرو ونگ جي وچ تي ونگڙ ۾ گول گل جي اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پاون جي تاجن هيٺان سنڌن لڪدار ڳچي ڪيٽرن ڪسڪن (Mouldings) سان سينگاريل آهي. پاون جي تاجن کي هيٺان اُپ ڳاٽي گهوڙي هنئي وئي آهي. ونگن لڳل خانن ۾ ونگڙ (Tympanum) واري پاڳي ۾ گل جي ڇتن واري اُڪير آهي. اهڙيءَ ريت ڪنڌي جي ٻنهي پاسن تي نڪرن (Spandreis) تي ٻه گلن جو ڇٽُ ڏسجي ٿو. وچ واري دري پاسن وارين درين کان موڪري آهي. سيئي ونگون مستطيل بيهڪ ۾ آهن. هر هڪ کي جدا ڪري بيهارڻ لاءِ پاون جي مٿان تاج وٽان ٿوري واريءَ جو نشان ڏنل آهي ۽ ونگن وارن خانن جي مٿان ٻيا هم چورس خانا ٻه ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سيئي سينڊ ونگون (Lancet Arches) آهن.

مجموعي طور تي اولاهينءَ پٽ جي پٺئين پاسي تي اُڪير جو گهڻ رخو ۽ نفيس ڪم ٿيل آهي. پٽ جي پٺئين پاسي محراب جي مٿان، اُڪير جو ڪم ڪيترين ئي قطارن جي صورت ۾ هوريان هوريان ٿي مٿي اڀرندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ليٽيل سنوت واريءَ هڪ جهڙائيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. مٿي اپين قطارن جي اُڪير جو. پٽ جي پاسي تي ٿيل ليٽيل سنوت وارين سفيرن جي ڇنساليءَ سان گڏيل سناءُ، اڏاوت جي سنجٽ ۽ سونهن جي طرزن ۾ وٽندڙ ٻوٽا ميل رکي ٿو. ان کان سواءِ اسلام کان اڳ واري لاڳاپيل سنڌي تعمير جي طرز جهڙوڪ: سخارا، گهوڙيون ۽ پاوا، جن کي ونگن وارين درين ۽ خانن ۾ گهٽو ٽٽو استعمال ڪيو ويو آهي، تن جي پاڻ ۾ هم آهنگيءَ جي سلسلي کي ڪٿي ڇڄگو ڪونه ويو آهي، پر ان جي برخلاف انهن عنصرن ڪُندن کي وڌيڪ سهڻو ۽ من موهڻو بنائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف پٽ جي لسي متاڃري تي اُپي نموني وڌاوڙي جي صورت ٻه ڏني آهي. اهي سنڌي - هندي اڏاوتي فني سجاوٽ ۽ سونهن وارا عنصر خانن واري آرائش کي وڌائڻ ۾ وڏي هٿي ڏين ٿا ۽ تن قطارن ۾ هوريان هوريان ٿي اڀرندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جهڙوڪ: هيٺ ننڍن خانن جي صورت ۾، وچ تي وڏن خانن واري شڪل اندر، اهائي سونهن مٿي وري درين جي صورت ۾ موجود آهن. عمارت جي وچ تي، جهروڪي جي تعمير جاءِ جي نهرائپ کي ڇڻ هلڪو ڪري وڌو آهي. تعمير ۾ مٿئين درجي جي پاسي ۾ درين جوڙڻ جو پلو نمونو پيش ڪيو آهي. نظاري ڏسڻ لاءِ جهروڪي ڏانهن مٿي ويندڙ ماڻهو انهن درين وٽان لنگهي ٿو. گلدان جي ڇتن واري اُڪير کي مختلف قسم جي گڏوچڙ ۽ جدا نمونن ۾ جدا مقصدن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. نمونو اهڙو ته سهڻو آهي، جو



تصوير 59 - اتر واريءَ پٽ جي هيٺين پاسي جي اُڪير ۽ سنجڻ. جنهن ۾ هر چورس اُڪير وري ڏاڪن وانگر رکيل آهي جيڪا هڪ گل جي قطار جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان کان پوءِ وري بہ گل جهڙي اُڪير جي قطار آهي. جنهن جي چوڌاري هر چورس اُڪير واري جڙَن جي طرز ڦري اچي ٿي. در جي چوڪاٺي جي چوڌاري بہ گول دائري جي پٽي آهي.



تصوير 60 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اوڀارين مهاڙيءَ جي اُڪير جي چٽساليءَ واري خوبصورتي، جنهن ۾ عربي تحرير جي فن خطاطيءَ جو ڪمال ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جو سلسلو اتر پاسي کان هلندو ايندو ڏسجي ٿو، جيڪو مٿي نظر ايندڙ ونگائي دريءَ جي ٻنهي پاسن کان بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ماٿهو ڏسي ڪَڪ ڪونہ ٿيندو. اڄوڪي دور ۾ موجود هن تاريخي يادگار ۾ پٿين جي مٿاڇري تي گهڻ رنگي گلڪاري نہ آهي. اها عمارت جي فني مهارت جي اظهار ۾ رلي ملي، مجموعي دلچسپي ۽ ڇڪ جو سبب ٿي پئي آهي. اها ڇڻ تہ متانئس ڳاڻ ۽ ڳارو ڏيون، جيوت ڏارا وانگر چوڌاري گهيرو ڪري بيٺي آهي ۽ ليٽيل سنوت واريءَ طرز ۾ پٽ جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي ڏانهن وڌي وڃي ٿي. هن يادگار جي مسجد واري الهندي مهاڙي بي انتها خوبصورت ۽ من موهيندڙ اڏاوت آهي.

**اترين مُهاڙي:**

اترين مهاڙيءَ[56] تي موجود آرائشي قطارون اولاهينءَ مهاڙيءَ کان شروع ٿي، هن پاسي ڏانهن اچن ٿيون. سندن چٽساليءَ جو نمونو اولهہ واريءَ پٽ جهڙو آهي. پر اسان کي ڏهين قطار ۾ اهم تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پندرهن هنج پڪين جي اُڪيريل تصويرن کان پوءِ ٽن قسمن جا مختلف نمونا انهن جي جاءِ وٺن ٿا. آخري هنج پڪيءَ جي تصوير کي هڪ جدا پٿرائين دابڙي تي اُڪيريو ويو آهي. ان کان پوءِ وڻ جي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهڙيءَ ريت ڏهين ۽ يارهين هنج پکيءَ جي وچ تي هڪ لسو بُسو پٿر جو دابڙو رکيو ويو آهي. اهڙن قسمن جي پٿر جي دابڙن جي استعمال هينري ڪزنس کي ويساهہ ڏياريو هو، تہ اهڙو اُڪيريل پٿرائون سامان هندن جي مندرن مان پٽي آٽي هن اڏاوت ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن اهو ڪٽي پيو، تہ وڻ جي طرز وارا پٿراوان دابڙا استعمال ڪيا ويا، جيڪي هنج پکين جي قطار ۾ بي جوڙ آهن. اهڙي ويساهہ ڪرڻ جو ڪوبہ سبب ڪونهي تہ هنج پکين جي اُڪير وارا دابڙا، هندن جي مندرن مان اکوڙي آندا ويا آهن. اهڙي قسم جي هنج پکين جي طرز وارا پٿر بديع الزمان جي مقبري ۾ بہ استعمال ڪيا ويا آهن. (ڏسو ايندڙ باب). انهن دابڙن جي وٿين تي ٿيل اُڪير، اڏاوتي يادگارن جي ٻين هنڌن تي ٿيل اُڪير جهڙي آهي. انهن هنج پکين جو ڏيک اهڙو اڻ ڇٽو آهي، جو اهي جاندارن جي تصوير هجڻ بدران ڪنهن سجاوٽ جي طرز واري ڇٽن جو نمونو معلوم ٿي رهيا آهن. اسلامي اڏاوتي طرز جي ڪوٽ کي ڏاکٽي مهاڙيءَ ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ ريت اهڙي سامان جي عام ڪوٽ بہ هئي. اهو گهڻو ڪري سياسي مشڪلاتن جو دور هو، جن جي ڪري هن يادگار کي گهٽين ڳالهين ۾ اڻ پورو ڇڏيو ويو. وڻ جي طرز هندستاني روايتن ۾ حياتيءَ جي وڻ ڏانهن اشارو آهي، سا بہ مختلف قسمن ۾ موجود آهي ۽ ٻين طرزن جهڙوڪ: هيري ڪڻ، زنجيري ۽ ڄافريءَ سان ٻيگهڙ تي ڪتب آيل آهي. اها تمام سٺي ڳالهہ ٿيندي، جو ان وڻ کي گجرات جي يادگارن ۾ نظر ايندڙ اهڙي قسم جي چٽساليءَ واري طرز سان ڀيٽائي ڏسجي.

ان پاسي، اصلي اڏاوت جي وچ تي، ونگ سان هڪ لنگهه هوندو هو. جنهن ۾ مستطيل پٽرائون چوڪاٺو لڳل هوندو هو. ان جهڙا چوڪاٺا اسان ٻين سما سلطانن جي مقبرن ۾ به ڏسون ٿا. ان ڪان پوءِ اهو در ۽ مٿئين دري پٿر جي اوساريءَ سان پوريءَ ريت بند ڪيا ويا آهن. دروازي جي ٻاهران پوئين در سان لاڳاپيل هڪ قبر ٺهيل نظر اچي ٿي. در جي مٿان ونگ ٻڌل دريءَ ۾ مستطيل نموني جو چٽسالي وارو آرائشي چوڪاٺو لڳل آهي، جنهن تي اُڪير جون چار قطارون آهن. ويجهي اُڪير چوُسگي مانڊاٽي طرز جي آهي ۽ ڪنڊ ۾ گلدان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٻيءَ ۾ هيري ڪٽين ۽ گلن جي ٻيهگڙ تي قطار آهي. ٽينءَ ۾ زنجيريءَ جي هڪ گڏوچڙ طرز استعمال ڪيل آهي ۽ آخريءَ ۾ جافريءَ جي منجهه سان هيري ڪٽين جي قطار آهي. اهي سڀئي طرزون ڏڳهائيءَ ۾ هڪ جيتريءَ ماپ تي ڪونه ٿيون پهچن. اهڙيءَ ريت ان ڳالهه مان به سمجهجي ٿو، ته ان قسم جي سامان جي به کوٽ هئي. ونگ جي سڌاءَ ۾ مٿين جهڙي وَٽ ۽ هيٺان اوپڙ جي طرز آهي. پٽرائين چوڪاٺي جي هيٺان تري ۾ چوڪنڊو جارو آهي، جنهن ۾ اندر ڏگهي ۽ اُڀي طرز جي هيري ڪٽيءَ جو چِٽُ آهي. مٿان ونگ سان خانو آهي، جنهن ۾ اوپڙ جي اُڪير ڏسجي ٿي. دروازي جا مٿيان پاڳا چوڪندي خانن ۾ ورهايل آهن، جن ۾ اندر چوڦلا گل آهن. پر چوڪاٺي جي ساڄي ۽ کاٻيءَ ٻانهينءَ جي وٽ تي سنگار ۾ تفاوت آهي. ساڄي پاسي واري ٻانهينءَ تي پائو ۽ نيل نظر اچن ٿا. کاٻي طرف پائي کان سواءِ فقط نيل آهي. ان جي جاءِ تي کاٻي ٻانهينءَ تي اندرئين پاسي کان روايتي قسم جي اوپڙ طرز جي چٽسالي واري اُڪير آهي، جيڪا سر در وٽ پهچي ڪٽي وڃي ٿي ۽ ساڄي پاسي تي اهڙي قسم جي ڪاٻه اُڪير ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ڇڄي ڪان هيٺان سردر تي عربي لکت آهي. ڇڄي ڪان مٿان عربي لکت جو ٻيو حصو آهي. سردر هيٺان وچئين داٻڙي تي طغرا خط ۾ لکت آهي. در جي چانئٺ تي اُڪيريل گول چنڊ وارا پٿر روايت مطابق رکيل آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان سورج مکيءَ جي تصوير آهي. ان پاسي جي سڄي سينگار ۽ ٻيهڪ ۾ هڪجهڙائپ ڪجهه گهٽ آهي. پر آرائش ساڳيءَ ريت ليٽيل سنوت ۾ آهي. ٽنهنڪري پٽ جي هڪ جهڙي مٿاڇري ۾ ڪجهه نواڻ ڏسجي ٿي.

### اوڀارين مهاڙي

اوڀارين مهاڙي،[60] جنهن جي اوڀر ۾ درياءَ جو پراڻو پيٽ آهي، ان تي به اتر واريءَ مهاڙيءَ جيان سنجڻ ۽ سونهن لاءِ چٽسالي اُڪيريل آهي. فرق رڳو اهو آهي، ته در جي پرسان هن پاسي ڇڄي جي هيٺان جافري لڳل دري آهي[61] ۽ ان جي مٿان ونگ واري دري ناهي وئي آهي. ونگ واري مٿئين دري پٿر جي چوڪُنڊي جوڙجڪ ۽ ٻيهڪ ۾ هنيل آهي. سندس ونگ جي



تصوير 61 - ڄام نظام الدين جي مقبري جي اوڀارينءَ پٽ ۾ جافري لڳل دري ڏسجي ٿي. جنهن ۾ چٽساليءَ جا انڪُندا آهن. جيڪي دريءَ جي ونگائينءَ جاريءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. صفا مٿئين پاسي هڪ گل جي چٽسالي واري طرز آهي. هن چوڪندي خاني ۾ ونگائي جافري ڪري اهڙا ٽڪندا spandrels ٺهي پيا آهن. جن جو ڪندون هڪ ٻئي ڪان گهٽ وڌ آهن. جن ۾ چٽساليءَ جا نمونا به مختلف آهن. جيڪي امليڪي ۽ ڪٽي گڏوچڙ امليڪي ۽ اليڪي چٽ آهن.

رُخي اُڪير دل تي ڏاڍ اثر ۽ رعب ويهاري ٿي. ڪنڊن وارا مقبري جا محراب (نمبر 65) ٻاهر نڪتل پٿرن جي وڏاوڻن تي جوڙيل آهن. محراب جي ونگن ۾ هنيل گهوڙيون ۽ لڏڪٽا آهن، جن سان محرابن کي وڏيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. محرابن مٿان ڇٽن جي اُڪير جي آرائشي قطار آهي. ا ن جي مٿان ونگن تي خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ هيٺئين پاسي وارين قطارن تي ڏيان ڪجهہ گهٽ ڏنو ويو آهي. انهن مان ڪجهہ قطارون اڻ پوريون بہ رهجي ويون آهن. ساڄيءَ ريت اندرئين صفي ۾ نهيل قبرون بہ مقبري جي مٿئين آرائشي تعمير سان ميل ڪونہ ٿيون کائين. ٻئي پاسي جهڙي تهڙي لسي ۽ سادي نموني سان درن کي پٿرن جي اوساريءَ سان بند ڪيو ويو آهي. جنهن سان اندرئين پاسي جو سنجٽي سٺاءُ ۽ هم آهنگي ختم ٿي وئي آهي. مقبري جي محرابن جي هيٺئين پاسي رڳو ٽي ڇٽساليءَ جون آرائشي قطارون آهن، جن تي ڏاڪڻ طرز جهڙا چوُرسا چٽيل آهن. منجهن گل جي تصوير بہ اُڪيريل آهي. سندن وچ واريون وٿيون هڪ - ڪَريون ڪونہ آهن. ٻہ قطارون تہ هڪ ٻئي جي پر ۾ آهن ۽ ٽئين قطار فرش جي سطح کان ٿورو مٿيرو آهي. گلن جي آڏين جي چوٿين قطار، جيڪا محراب جي ڪابي پاسي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا بہ جيڪر ساڄي وارو خالي پاسو پري ها ۽ وٿيءَ واري مسئلي کي حل ڪري ڇڏي ها، پر ائين ڪونہ ڪيو ويو آهي. محرابيءَ ونگون بلڪل لسيون ۽ ساديون آهن. پر تنهن هوندي بہ منجهن چوڪُندا خانا رکيا ويا آهن، جن جي نَڪرن تي گلن جون تصويرون اُڪيريل آهن. اهڙي قسم جا محراب اندرئين پاسي، چوڏاري ۽ اولهہ پاسي واري محراب مٿان بہ جوڙيل آهن. محرابن ۾ لڏڪٽي نموني جهڙو هڪ وڏايل خوبصورت ڊگهو پٿر آهي، جيڪو هڪ نوڪدار تري ۾ ڪتل آهي. سندس ٻاهرئين ڇيڙي تي گلدان جهڙي اُڪير ٿيل آهي. ان لڏڪٽي جي پٿر يا سنگيءَ مٿان سردر رکيل آهي، جنهن جي وچ تي وڏي گل جو چتر چٽيل آهي. ان سردر مٿان، اندر تي پيئل ونگ تي هڪ خانو آهي، جنهن جي ونگڙ ۽ ٻاهر نُڪرن تي گول گل چٽيل آهن. انهن محرابن جي مٿان اُڪير جون ٽي قطارون آهن. هيٺينءَ قطار ۾ اُڀريل طرز ۾ گول گل جي طرز واري ڇٽسالي اُڪيريل آهي. هر هڪ گل جي تصوير کي هيري ڪٽيڻءَ جي اُپ ڳاٽي چترڪاري نيارو ڪري بيهاري ٿي. ٽيون گول دائرن وارو نمونو آهي، جن جي وچ تي اوبڙ واري گڏوچڙ طرز آهي. انهن قطارن جي مٿان محرابن جي ٻيءَ قطار جو سلسلو جيڪو لڏڪٽن ۽ سردرن مٿان جوڙيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان



تصوير 65 - ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ اولاهيـ ۾ رکيل محراب اندر ڪنڊ واري محراب Squinch ۾ ڇڄي وانگي پٿر رکيل آهن. جنهن جي آڌار تي محراب جي ونگ بيهاريو ويو آهي ۽ محراب اندر ڇڄي جهڙو هڪ پٿر لڳل آهي، جنهن هيٺان لٽڪڻ Pendentive هنيو ويو آهي.



تصوير 66 - ڄام نظام الدين جي مقبري اندر تعمير ٿيل مڪيہ محراب جي مٿان جهلڻ جهڙي ڇڄي جي آڌار تي بيهاريل جارو آهي. جنهن جي اندرئين پاسي ٻہ ڇنسالي آهي. مٿئين پاسي وَرن وڪڙن وارن جهلڻ مٿان ڇڄن جي اڏاوت ٿيل آهي. ڄاڻايل جاري جي ٻنهي پاسن کان سڌيءَ سنوت ۾ ونگن سان خانا آهن.

کان پوءِ اناس بدلجي سورنهن پاسائون منڊپ بنجي پوي ٿو. سيئي ونگون. پٽين ۾ ٿورا وڏاوڙا ڏئي بنايون ويون آهن. آخري ونگن جي مٿان ڏوريءَ جي طرز واري ڇنسالي جي اُڪير آهي ۽ هيٺئين پاسي کان جهالر رکي وئي آهي، جيڪا پٽ جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. محرابن ۽ ونگن جي بيهڪ، جن تي اُڪير جي طرزن جي ڇنساليءَ جهجهي آهي، تن پٽر جي پٽ جي نهرائپ کي گهٽي ياڳي گهٽائي ڇڏيو آهي. اهڙي طريقي اختيار ڪرڻ سان اسلامي اڏاوتي روح کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

اولاهينءَ پٽ تي ڏاڍو نازڪ نفيس ۽ سهڻو ڪم ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جتي محراب هڪ خوبصورت ونگ جي صورت ۾. انهيءَ پٽ جي ٿولهہ ۾ اندر واڌ ڪائيندي نظر اچي ٿو. سيني آرائشي قطارن جي مٿان محرابن جي سنوت سمان هڪ جارو آهي،[66] جنهن کي خوبصورت ڇٽيل گهوڙيءَ جي ٽيڪ سان مٿي بيهاريو ويو آهي. ان جو هيٺيون پاسو لڏڪٽي نموني تي آهي، جيڪو گل جي اُڪير سان ختم ٿئي ٿو. اهي جهلون شينهن جي ڄنگهن جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پر شينهن جو مٿو ڪٽي ٻہ اُڪيريل نظر ڪونہ ٿو اچي. ان هوندي بہ ونگ ٻڏل مٿئين جاري جو ترو ڇنساليءَ سان اُڪيريل آهي. ساڄي ۽ کاٻي طرف ٻانهينءَ واريون قطارون، جن ۾ پاوا لڳل نظر اچن ٿا. جيڪي مٿي ور وڪڙ ڪائي ۽ اُڪيريل گهوڙين کي جهليون بيٺا آهن ۽ گهوڙي مٿئين لهنواري ڇڄي کي ٽيڪ ڏيو بيٺي آهي، جنهن کي ٻنهي پاسي کان جهلون بہ لڳل آهن. جاري جي ٻنهي ٻانهين تي کاٻي ۽ ساڄي پاسي ڇڄي جي هيٺان اوبڙ ڇٽن جي اُڪير ٿيل آهي. سڄي جوڙ ۽ بناوت شينهن ويهڪ بنائڻ لاءِ ڪئي وئي آهي، جنهن کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ ڄڻ ڪو پينگهو آهي.

**محراب**

محراب جي ماپ ساڍا ڇهہ فوٽ آهي، جيڪو ٽن لاڳيتن ونگن تي ٻڌل آهي. (نمبر 67) پاسن ۾ ساڄي ۽ کاٻي پاوا لڳل آهن. (نمبر 68) محراب جي مٿينءَ ونگ جي سنوت، مقبري ۾ چوڏس اناس وارين ونگن جي سنوت جهڙي آهي. ان جي ونگڙ (Tympanum) ۾ عربي لکت جون چار سٽون آهن. ٻي ونگ چوڪُندي بيهڪ (Framc) جي وچ ۾ آهي ۽ پاسي کان ٻاهران عربي لکت ۽ نُڪرن ۾ گلن جون تصويرون آهن. ونگ گهوڙيءَ جي تاج مٿان شروع ٿئي ٿي ۽ ونگ شروع ٿيڻ واري



تصوير 67 – اولهه وارو محراب. جنهن مٿان هڪ ٻئي هيٺان ٽي ونگون آهن. محراب جي ٻنهي پاسن ڪان پٿر جا خوبصورت پاوا ڏسجن ٿا. ٽئين ونگ هيٺان ٻٽاپاوا آهن. وچئين ونگ جي بنيادن وٽان هڪ اهڙي شئي ايرندي نظر اچي ٿي، جيڪا سجاٽي ڪانہ ٿي سگهجي. هيءُ اهڙو طريقو آهي، جنهن ۾ ديوار ۾ ڇڄي وانگي ٻنوڙو (Corbelled) رکي ونگ ٺاهي ويندي آهي.



تصوير 68 - ڄام نظام الدين جي مقبري ۾ ٺاهيل محراب جي ٻاهرين پاون جا خوبصورت. نازڪ ۽ نفيس اُڪيريل ڇٽ ۽ هر چورس بنياد تي بيٺل ونگن وارا خانا نظر اچي رهيا آهن. پاون جا مٿيان پاسا مٿي رکيل ٻن ٿانون جهڙي ڇٽن واري طرز وٽ پهچي ختم ٿين ٿا. پاون جي هيٺئين پاسي تاج جهڙي طرز جو ڇٽ آهي، جيڪو گلن جهڙي طرز جي اُڪير جو هڪ تسلسل آهي.



تصوير 68 - الف - محراب جي اندرئين پاسي ڇٽسالي‌ءَ جو تسلسل.

هنڌ تي ڪناريءَ سان، هيري ڪٽيءَ جي طرز جي اُڪير ٿيل آهي، جيڪا ونگ جي هيٺان گڏ ان جي چوڏاري ڦري اچي ٿي ۽ ٻئي پاسي ونگ واري شروعات واري جاءِ ۽ تاج وٽ پهچي ٿي. ونگ واري گهوڙيءَ مٿان رکيل تاج واريءَ جاءِ تي عام طور مندرن ۾ هنج پکيءَ جي مورتي اُڪيريل هوندي آهي. پر ان جي بدران هتي گل جي طرز جي چٽسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٽينءَ ونگ جي ڪنارين وارين پٽين تي بہ هيري ڪٽين جي اُڪير ٿيل آهي، جيڪي ونگ جي بنياد يعني لڏڪڻ وارين گهوڙين وٽان شروع ٿين ٿيون. ونگ جي شروعات واري هنڌ وٽ گل جي شڪل جهڙي اُڪير آهي. نُڪرن تي گلاب جي گل جي نُڪ ٿيل آهي. ان کان سواءِ ٻي ڪابہ آرائش ۽ سنجٽ نہ آهي. ونگ جي اندر لٽڪت سان هڪ چوڪُنڊو ڍانچو آهي، جيڪو مٿي گل جهڙي لڏڪٽي وٽ ختم ٿئي ٿو.

ٻاهريون پائو، (نمبر 68) ڪٽ جي پائي وانگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جيڪو آرائشي هجڻ سان گڏ سادو پڻ آهي، پر ان جي اڏاوت ۾ ڪوبہ تعميراتي مقصد رکيل نہ آهي. ڪيس ٽن پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هر چورس مهاڙيءَ وارو بنياد، ٻٽيءَ ونگ وارو اُڪيريل خانو، ان جي مٿان ڳٽا، ان کان پوءِ سنجٽ سان سنهي ڳچي آهي، جنهن جي مٿان هر چورس ڏيدي رکيل



تصوير 69 – محراب جي ڏاکڻين مهاڙيءَ جي ٻئين ۽ ٽئين ونگ جي وچ وارو حصو جنهن ۾ مٿين ٻن پٽين تي عربي تحرير ڏسجي ٿي. ٻيٺئين پاسي بہ اُڪير جون مختلف طرزون آهن. وٽ واريءَ مٿئين چٽسالي ۾ هر چورس طرز جي اُڪير جي وچ تي وڻ – چٽ آهي. ان کان سواءِ هر ٻورس چٽ جي وچ ۾ گل جي طرز واري چٽسالي ڏسجي ٿي.

ڏسجي ٿي. ان ڏيڍيءَ مٿان اُڪيريل ٻـُونبو آهي. پائو هيٺئين پاسي کان اناس آهي. هر هڪ پاسي تي ونگن وارن ٻن خانن جي وچ تي اوپڙ جي طرز جي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. ڪين جدا ڪرڻ لاءِ وچ تي لهريدار ليڪون آهن. وچ تي هيري ڪٽيءَ ۽ مانڌاٽيءَ جي طرز جي چٽسالي پڻ آهي. مٿئين گول حصي ۾ گلدان آهن. جن جا منهن هڪ ٻئي جي پرسان آمهون سامهون آهن. اهڙي قسم جا پاوا، سنڌ ۾ عام جام ڏٺا ويندا آهن. ٻي ونگ هر چورس پائي مٿان شروع ٿئي ٿي، جنهن تي اوپڙ جي روايتي چٽساليءَ واري اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اندرئين پاسي تسبيح جي مڻين جهڙي ٽُڪَ ٿيل آهي. جيڪا ٽئين ونگ جي ٻـنَـنِ پاون وٽان شروعات ٿئي ٿي. حقيقت اها آهي، تہ ٻاهرئين پائي، چوڪندي اڏاوت جي بار کي ٽيڪو ڏنو آهي ۽ اندرئين پاون تي ونگ جو بنياد رکيل آهي. ٻئي پاوا هڪ نموني جا آهن. اُڪير واري سنجٽ ۾ ٻاهريون پائو مختلف آهي. اهي پاوا اُڀيءَ ترتيب ۾ چئن ياڳن ۾ ورهايل ڏسجن ٿا، جن مان ٽي اناس ۽ هڪ چوُراس پاسو آهي، جيڪو وڌيڪ چئن



تصوير 70 – محراب جي اندرئين ٻئين ۽ ٽئين ونگ جي وچ واري حصي جي خوبصورت چٽسالي، جنهن ۾ طرز جون اهي ساڳيون قطارون ڏسجن ٿيون، جيڪي ڏاکڻين پاسي آهن. پر هن پاسي وڻ جي اُڪير جا وڌيڪ نمونا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڪنهن حد تائين گجراتي اُڪير سان ويجهڙائي رکن ٿا.

ياڳن ۾ ونڊيل آهي. انهن ونڊيل ياڳن تي مختلف قسم جي اُڪير جي چٽسالي ٿيل آهي. ٻيو ياڳو اناس آهي، جنهن تي خانا، چوُرس ۽ گـُل، واري وَنيءَ سان اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٽئين خاني ۾ ٻن سوڙهن منهن سان ٻنا ٿانوَ آهن. مٿي تاج تي اُڀائيءَ ۾ هر چورس پٿر جا ڏاٻڙا لڳل آهن. هيٺئين ڏاٻڙي ۾ اسان ٻنـين ليڪـن ۾ اڻ چٽـي انساني تصوير ڏسون ٿا. اهڙي ساڳي قسم جي تصوير اسان کي مبارڪ خان جي مقبري ۾ بہ نظر اچي ٿي. ٻيءَ ۾ مانڌاٽي چِٽَ جي چوڏاري خانيدار طرز جي اُڪير آهي. ٽئين ۾ اوپڙ جي هر چورس طرز وارو نمونو چٽن ۾ اُڪيريل آهي.

محراب کي ٽي مهاڙيون آهن. اتر ۽ ڏکڻ واريون 3x3 فوٽ آهن. ٻئين ۾ ٽئين ونگ جي وچ تي اولهہ واري محراب جي هُري وڏيڪ ويڪري آهي. پهرين ٻن مهاڙين تي مٿي عربي لکت ۾ اُڪير جون چار قطارون آهن. ٻن مهاڙين جي چوٿين ۾ ٻئين قطار، نموني ۾ هڪ جهڙيون آهن. مٿينءَ قطار ۾ اوبڙ طرز جي چٽسالي ٽيل آهي. هر هڪ اوبڙ واريءَ اُڪير ۾ مرڪز جي چوڌاري منجهيلا گول آهن. هيٺينءَ قطار ۾، چوڪندن اندر چٽن پنکڙين وارن گلن جي چترڪاري وارو اُڪيريل سلسلو آهي. ڏکڻ پاسي واري ٽينءَ قطار ۾ ٽي اُڀا خانا آهن، جن جي وچ تي هارن جي لڙهي اُڪيريل آهي. وچئين قطار ۾ وڻ چٽيل آهي، جنهن جون ٽاريون مٿي ۽ پاسن تي پکڙيل نظر اچن ٿيون ۽ چٽن ڪندن ۾ چار سورج مُکي چٽيل آهن. ساڄي پاسي اوبڙ طرز جو گهاٽو نمونو آهي. کاٻي پاسي واري خاني ۾ آڪڙي چوڪندي اندر چٽن ئي ڪندن تي چار گل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڻن گڏ ڇهن پنکڙين وارن چٽن جي طرز بہ موجود آهي. پهرينءَ قطار ۾ ونگن وارا خانا اُڪيريل آهن.



تصوير 71 - محراب جو صفا اندريون پاسو. جنهن جي هر پاسي تي ٻٽا پاوا رکيل آهن. هڪ پاسي اهي ٻٽاپاوا هڪ ونگ کي ٽيڪ ڏيون جهليو بيٺا آهن، تہ ٻئي پاسي ونگ جي مٿان نظر ايندڙ خانو بہ انهن جي آڌار تي بيٺل ڏسجي ٿو. سامهون وارو پاسو ونگن وارن ٽن خانن ۾ ورهايل آهي. جيڪي اُڀيءَ طرز جا آهن. ليٽيل سنوت ۾ اُڪير جي طرز جون قطارون ڏسجن ٿيون، جن کي سنهڙا ٻنوڙا يا وٽيون ڏئي الڳ ڪيو ويو آهي.

کاٻي پاسي زنجير ۽ گلدان جي طرز سان گڏ ٻنهي پاسي گل اُڪيريل نظر اچن ٿا. وچينءَ تي وڻ جي طرز چٽيل آهي، جنهن جي هر هڪ پاسي تي زنجير ۽ گل اُڪيريل آهي. آخري خاني جي مٿئين حصي ۾ وڏو سورج مکي چٽيل آهي. هيٺئين حصي ۾ اوبڙ طرز سان لاڳاپو رکندڙ بہ پن آهن، جي هيٺ تي وريل نظر اچن ٿا. ڏاکڻي مهاڙيءَ جي ٽئين قطار جي چوڪندي ۾ ٽي خانا آهن. پهرين ٻن قطارن ۾ مختلف ٻوٽن وارا گلدان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٽئين ۾ وڻ جي طرز آهي، جنهن

تي وئي آهي. ونگڙ ڪان هيٺان مهاڙيءَ ۾ بہ ڪسڪيدار پٽيون (Moulded bands) آهن. هيٺئين ڪسڪيدار پٽي پهرين چوڪُنڊي قطار جي مٿان آهي. مٿئين پٽي ڇهن خانن جي وچ تي آهي، يعني ٽي خانا هيٺان ۽ ٽي خانا مٿان آهن ۽ اهڙيءَ ريت ڪل 49 خانا آهن. سڀني ڪان هيٺين خانن ڪان هيٺ پٽين جون ڪيئي قطارون آهن. مٿان ڪين پنن واري ڇٽن جي اُڪير سان خوبصورت بنايو ويو آهي. هيٺ ديوار جي بنياد مٿان سنوت تي هيري ڪٽين ۽ گلن جي طرز جي هيٺان گلن جي آڏين جي قطار ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ليٽيل سنوت وارين قطارن ۾ هنيل 49 خانن هيٺان ڇهہ خانا هڪ جهڙي چٽساليءَ واري اُڪير جي طرز سان لاڳاپيل آهن. سڀ ڪان هيٺئين چئن پنکڙين وارن گلن جي قطار آهي. ان ڪان ٻيءَ قطار ۾ گلدستي جي طرز واري چٽسالي پڌري آهي. ٽينءَ قطار ۾ ونگن وارن خانن اندر گول گل اُڪيريل آهن. چوٿينءَ قطار ۾ بہ اڌ گول هڪ ٻئي کي ڇُهن ٿا. پنجينءَ قطار ۾ سورج مُکي گل اندر اُڪيريل آهن. ڇهين قطار ۾ لڪدار پاسن وارا چورسا آهن. ستينءَ قطار ۾ مختلف قسم جون اليڪي چٽساليءَ واري اُڪير جون طرزون آهن. اهڙو گهڻ - رُخو سنجٽ وارو محراب، سياحن جو ڌيان هڪدم پاڻ ڏانهن ڇڪائي وٺي ٿو. مختلف نمونن جون ايڏيون ساريون قطارون شايد ماڻهن کي خلقڻهار جي ياد ڏيارڻ لاءِ ناهيون ويون آهن.

## نتيجو

مجموعي طور تي ڄام نظام الدين جو مقبرو سنڌي ڪاريگرن جي پٿر جي اُڪير جي فن ۾ ڪلا ۽ ڏات جو نادر نمونو آهي. ڪجهہ نمونا جهڙوڪ: وڻ جي طرز يا گلدان ساڳي نموني سان گجرات جي اسلامي اڏاوتن ۾ بہ استعمال هيٺ رهيا آهن. اهڙيءَ ريت اولهہ پاسي کان محراب جي پنئين پاسي تي پشتي جي تعمير جو مثال بہ گجرات جي اسلامي اڏاوت ۾ ملي ٿو. پر مقبري جي تعمير جو سڄو نقشو سنڌي ذهن جي پيداوار آهي. شڪل ۽ خيال ۾ سچي اڏاوت اسلامي آهي. ان جي اڏاوت جو طريقو، پٽ مان اڀُتي وڌيل ونگ، ڇڪن، گهوڙي ۽ سردرن جو استعمال ۽ سچي پچي گول ونگ، هن جڳهہ کان سواءِ ڪٿي بہ نٿا ڏسون، جيڪي عام طور تي مقبرن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هتي اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو، تہ هتان جو ماڻهو اهڙو ونگ ناهڻ جي ڄاڻ رکي ٿو ۽ ڪڏهن اهي پراڻي هنر مطابق بنايون بہ وينديون هيون. پراڻي هنر جي بنيادي ڪمزوري ڇٽيي جو هيڏي وڏي ڪمري جي مٿان قبو تعمير نہ ٿي سگهيو. ان هوندي بہ هتان جا ڪاريگر واڌايون لهڻ جو انهن اڏاوتيءَ جي فن واري هر پانت جي طرز ۾ ڪمال حاصل ڪيو. انهن هڪ اسلامي طرز جو مقبرو تعمير ڪيو، ان ۾ مثالي قسم جي نواڻ آندي ۽ پنهنجي اصلي سنڌي تعميراتي فن ۽ اصولن کي بہ هتان ڪونہ ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت پنهنجي خيال کي ايتري قدر تہ وسعت ڏني آهي، جو انهن بنهہ پراڻي اڏاوتي نقشي ۽ خاڪي تي بلڪل نيون ۽ اُچت شيون آنديون آهن. نہ فقط ايترو پر هو پٽ جي مٿاڇري کي سنجٽ ۽ سونهن ڏيڻ ۾ گهٽو اڳتي نڪري ويا آهن. انهن وڏين پٽين جي لسائيءَ، بُسائپ پريل سادگيءَ ۽ هڪ جهڙائيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسلامي اڏاوت جي حيثيت ۾ ڄام نظام الدين جو مقبرو، سنڌ جي پراڻي اڏاوتي روايتن جي خيالن مان اپري ۽ اُسري نڪتو آهي. هن تعمير پراڻن اڏاوتي اصولن کي اسلامي تعمير جو نئون اصطلاح ڏئي اڏاوت جي گهر تي ويل روايتن کي ڄڻ وري زندهہ ڪري ڇڏيو آهي.



تصوير 71 - ب - مسجد اندر محراب جو هڪ نادر نمونو



پليٽ 22 - (1584ع-1572ع) چوڏيواري اندر نهيل مرزا باقي بيگ ترخان جي مقبري جو محراب جي اندريون پاسو، جنهن جي صفا مٿئين حصي ۾ ڪنگرا اڏيل آهن. هيٺئين پاسي اُڪير جي سادي طرز آهي. محراب سادو آهي. پر ان واري خاني جي ڪُنڊن ۾ هڪ هڪ گل جي اُڪير ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ محراب جي هر هڪ پاسي تي هڪ پائو موجود آهي. سامهون نظر اندر قبر تي رکيل پٿر ترخاني طرز تي اُڪيريل آهن، جنهن مطابق قبر جا پٿراوان لوڙهڻ مختلف ڀاڱن ۾ ورهائجي ويا آهن.



پليٽ 23 - زنانين قبرن جي وانگاڙي جي لنگهه وارو در. هي زنانيون قبرون مرزا باقي بيگ ترخان جي گهراڻي جي عورتن جون آهن. هيءَ زناني چوديواري مرزا باقي بيگ جي مقبري سان بعد ۾ شامل ڪئي وئي آهي. لنگهه جي پٽريلي چوڪاٺي تي ڏاڍي خوبصورت اُڪير ڪئي وئي آهي، جنهن جي مٿان ڪنگرن جي تعمير ۽ ان جي هيٺان اُڪير جون ٽن طرزن جون ٽي قطارون آهن.



پليٽ 24 - مرزا باقي بيگ جي وڏي چوديواريءَ اندر مردن جي قبرن جي ننڍي چوديواري جي لنگهه جي در جو چوڪاٺ. جيڪو سادو نظر اچي رهيو آهي. تعمير جي مٿان ڪنگرا ۽ انهن جي هيٺان اُڪير جون ليٽيل سنوت ۾ ٽن نموني جي چٽن جون قطارون آهن.



پليٽ 25 - بديع الزمان جي اَٽ - ٿنيي ڇٽيءَ جهڙي مقبري جو اندريون مٿيون پاسو، جنهن تي هڪ مور جي تصوير آهي، جيڪو نانگ تي چڙهيو بيٺو آهي ۽ ڪاوڙ مان ڪيس ڏهنگا هڻي رهيو آهي. تعمير جو تعلق 1602 صدي عيسويءَ سان آهي.



پليٽ 26 - بديع الزمان جي مقبري جي ٻئي ٿنيي جو اندريون پاسو، جنهن تي مٿي ٻه بدڪون نظر اچن ٿيون، جيڪي هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيون بيٺيون آهن. ان ڪان سواءِ ٻين پٽرن تي ٻه ڪجهه ڇٽساليءَ جون طرزون اُڪيريل آهن. جيڪي گهٽي عرصي گذرڻ ڪان پوءِ ڀُري ڇٽي ويون آهن. ڪنهن طرز جو صحيح پتو پئجي ڪونہ ٿو سگهي.



پليٽ 27 - سلطان ابراهيم خان جي اولهہ پاسي اٺ - ٿنڀي ڇٽيءَ وارو مقبرو آهي. جنهن جي ٿنڀن تي ڪنهن بہ قسم جي چٽسالي نہ آهي. پر ان اندر موجود قبرن تي ترخاني طرز جي چٽسالي ٿيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



پليٽ 28 - ٿلهي تي طغرل بيگ جو ڇٽي نما مقبرو، جنهن جي اولهہ پاسي تي اُڪيريل مسجد آهي. ان جي ٻنهي پاسن کان ننڍڙا مينارا تعمير ٿيل آهن. ڇٽيءَ جهڙو هي مقبرو ٻارهن ٿنڀن تي بيٺل ڏسجي ٿو، جنهن ۾ اُڪيريل طرز موجود آهي.



پليٽ 29 - طغرل بيگ جي مقبري جا هر چورس ماپ جا ٿنڀ، جن تي چٽسالي ۽ جو خوبصورت نمونو نظر اچي ٿو ۽ سردر ٿنين تي رکيل آهن. جڏهن تہ ڪندن وارن ٿنين تي ٿي سردر رکيل ڏسجن ٿا. هن مقبري ۾ اُڪير جي هڪ نئين طرز نظر اچي ٿي.



پليٽ 30 - جان بابا جي مقبري جي چوديواري جي ڏاکڻي ۽ اوڀارين مهاڙي. ڏکڻ واري پٽ ۾ ٿنڀن جي مدد سان ڏيڍي تيار ڪئي وئي آهي. لنگهه واري در جو مٿيون پاسو اوچو آهي. ان جي پٺئين پاسي هڪ مقبرو ڏسجي ٿو. جيڪو ڍهڻ کان بچي ويو آهي.



پليٽ 35 - جان بابا جي مقبري جي ٻاهرين ديوار ۾ نظر ايندڙ آکڙي طرز جي اُڪير وارا خانا - اهڙي آکڙي اُڪير مٿان پوپٽ رکيو ويو آهي. طرز اڳئين جهڙي آهي.



پليٽ 31 - جان بابا جي مقبري جي ڏاکڻئين اندرئين پاسي تي نظر ايندڙ اُکير. لنگهه جي در جي چوڌاري نظر ايندڙ خاني ۾ هڪ بنا اُکير جي پٿر جو چوکاٺو آهي. جنهن جي چوڌاري نهايت اعليٰ معيار جي اُکير ڏسجي ٿي.



پليٽ 32 – جان بابا جي مقبري ۾ تعمير ٿيل محراب جو پٺيون پاسو جنهن تي اعليٰ طرز جي اُڪير واري چٽسالي نظر اچي ٿي. محراب جي اتر – اولهه واري ڪنڌ کي ڪيترن ئي ونگاين ڀارين ۾ ونڊيو ورهايو ويو آهي. جن اندر آڪڙي طرز جي اُڀريل اُڪير سان گڏ ٻيون بہ چٽساليءَ جون گلن جهڙيون طرزون آهن. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل وچڙيل آهن.



پليٽ 33 - جان بابا جي مقبري جي محراب جي ٻئين پاسي اولاهين پاسي وارو مٿيون حصو. جتي ونگن سان ٺهيل خانا ڏسجن ٿا ۽ هر هڪ خاني اندر آڪڙي طرز سان پوپٽ ۽ گلن جهڙيون مختلف طرزون گڏيل وچڙيل صورت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.



پليٽ 34 - جان بابا جي مقبري جي اندرئين پاسي واري ڪنڊ. جتي نظر ايندڙ ونگائن خانن اندر آڪڙي طرز واري چٽسالي موجود ڏسجي ٿي. تقسيم ڪرڻ وارن پٽين ۾ به هلڪي اپريل آڪڙي قسم جي ساڳي طرز رکيل ڏسجي ٿي.



پليٽ 36 - مرزا جان بابا جي مقبري جي محراب جو خوبصورت اندريون پاسو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت پاوا رکيل آهن. ٻتي ٻارڻ لاءِ ڄڄي جهڙي ڏياکي تعمير ڪئي وئي آهي. ونگ جي اندرئين پاسي پٿر جي ڏنڊڙي ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ اليکي (geometric)، امليکي (Foral) ونگائون ۽ آڪڙي طرزون بہ آهن.



پليٽ 37 - جان بابا جي قبي جهڙي مقبري جي ڇت جو اندريون پاسو، جنهن تي گول نموني جا خانا آهن صفا وچ تي
مٿي گل جي چٽسالي ڏسجي ٿي، جنهن جي چوڌاري ڏنڊڙيءَ جهڙو چٽ موجود آهي.



پليٽ 38 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ ونگ سان لنگهه وارو در، جنهن ۾ پٿر جو چوڪاٺو ڪتب
آندو ويو آهي. جنهن جي چوڌاري هڪ چوڪنڊي ٻاري آهي. ٻنهي پاسن کان ديوار کان ٻاهر تي نڪتل جارا ڏسجن ٿا. هر هڪ
جارو چوڪنڊي ٻاريءَ سان ونگ جي وچ تي آهي. پٿر تي ڪيل ٽڪ يا اُڪير مٿاڇري آهي. اهو سنه 1054ھ/1744ع.



پليٽ 39 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري واري چوديواري جي اتر واري پٽ جو اندريون پاسو، جنهن ۾ وچ تي وڏيءَ ونگ سان لنگهه آهي. در جي ٻنهي پاسن جي پاسي سان هڪ هڪ جارو آهي، جيڪو پٽ کان ٻاهر نڪتل آهي. ان کان سواءِ پٽ ۾ گهرا اُڪيريل چٽساليءَ وارا جارا به نظر اچن ٿا. پٽ تي ٿيل اُڪير به مٿاچري آهي.



پليٽ 40 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري ۾ الهندي پاسي ٺهيل محراب جي اندرئين پاسي هڪ چوکنڊي اڏيل آهي، جنهن ۾ پڻ مٿاچري اُڪير ڏسجي ٿي. محراب جي وچ تي پٿر مان گهڙيل ڄارين واري دري آهي. سامهون واري هر پاسي تي هڪ پائو لڳل ڏسجي ٿو.



پليٽ 41 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سامهون وارو ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ ٽنين سان ورانڊو آهي، جيڪو چوڌاري ڦري اچي ٿو. ساڳئي قسم جو ورانڊو مٿينءَ ماڙ تي بہ آهي. وچ تي اوچي چوڪندي ٻاري جڙيل آهي، جنهن تي عربيءَ تحرير جون ٽي قطارون آهن. مٿان قبو آهي جنهن جا پاسا ٿورو ٻاهر تي نڪتل آهن. جنهن جي چوڌاري ننڍڙيون قبرون تعمير ٿيل آهن ۽ هر هڪ قبو ٻن ٿنين جي وچ واري ورانڊي جي حصي تي ٺهيل آهي. جڏهن تہ وڏو سفيد قبو اٺ ڪندي مٿان تعمير ٿيل ڊيدي (Drum) تي جوڙيل ڏسجي ٿو. هن تعمير جو تعلق 1054 هہ : 1644ع سان آهي.



پليٽ 42 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڏاکڻي پٽ ۾ تعمير ڪيل ٿن ونگائن جي پهرين اڏاوت آهي. هر در جي اوچائي ٻن ٿنين جيتري آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ٿنڀ هڪ ٻئي مٿان رکيا ويا آهن. ونگن جي اندرئين پاسي پٿر جي ڪنگري يا ڏنڊڙي لڳل آهي. هن پاسي ڇڄي وارو پلويڙو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. تنهنڪري اٺن ڪنڊن وارو مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو ڏيڍيءَ سوڌو ڇٽيءَ ريت نظر اچي رهيو آهي.



پليٽ 43 - هيٺئين ورانڊي جي ڇت ٿنڀن جي آڌار تي بيٺل سودرن تي تعمير ٿيل آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڇٽ هر چورس خانن ۾ ورهايل آهي ۽ هر خاني ۾ گل جي ڇڻسالي ڏسجي ٿي. هن قسم جي تعمير اسلام کان اڳ واري سنڌي دور سان لاڳاپو رکي ٿي. ان زماني ۾ هال يا منڊپ تعمير ڪرڻ جو اهو طريقو هوندو هو.



پليٽ 44 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ورانڊي جو ٻاهريون منظر. جنهن ۾ صفا آخر ۾ ٻٽي ورانڊي جي ٿنڀن جي هار قطار پڻ نظر اچي رهي آهي. هي ٻن ورانڊن تي ٻڌل اهم اڏاوت آهي. جنهن جا ٻٽي ورانڊا مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوڌاري ڦري اچن ٿا.



پليٽ 45 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري ۾ هڪ نراليءَ طرز جو ٿنڀ جنهن تي مٿي تاج (Capital) وٽ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. ان کان سواءِ هر چورس ٿنڀ واري حصي تي امليڪي چٽسالي بہ نظر اچي رهي آهي، جنهن جي اُڪير هيٺ گهري نہ پر مٿاچري آهي.

# باب چوٿون

## ارغون ۽ ترخان دور جا يادگار

### (پٿر جا نهيل يادگار)

### 1520ع کان 1593ع تائين ۽ جاگيردارن جا 1612ع تائين *

**ارغون** ۽ ترخان، ٻئي ذاتيون ترڪ نسل جي قبيلن سان لاڳاپو رکن ٿيون، جن جو لاڳاپو وچ ايشيا سان هو. اهي قبيلا امير تيمور جي شروعاتي دور وارن حملن ۾ ساڻس گڏجي افغانستان پهتا ۽ انهن علائقن تي پنهنجن پوئيرن جي حڪمرانيءَ وارن ڏينهن ۾ قنڌار ۽ هرات ۾ رهي پيا. مرزا شاهه رخ هرات کي پنهنجي سياسي ڪار وهنوار جو مرڪز بڻايو. سندس سرپرستيءَ جي ڪري هرات، تيموري مڪتب فن جو مرڪز بڻجي پيو. جڏهن صفوين ان علائقي تي حملو ڪيو، ته ان فن ۽ ڪاريگريءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. اڏاوتي فن جي ڪيترن ئي ڪاريگرن ۽ ٻين هنر مندن لڏپلاڻ ڪري اچي صفوي مڪتب واري اڏاوتي فن کي شاهوڪار بڻايو. ارغون ۽ ترخان سنڌ ڏانهن هليا آيا. انهن پاڻ سان گڏ تيموري مڪتب جو فن به آندو. هُو جڳهن ٺاهڻ جو نئون طريقو ۽ اڏاوتي فن جو نئون ڍنگ پاڻ سان گڏ ڪٺي آيا. اهي انهن علائقن مان آيا هئا، جتان جي سرن جي نمونن کي وڏي شهرت مليل هئي. ڪاشيءَ جي چمڪندڙ سر جي استعمال ۾ واڌاري، جڳهن ۾ سنجٽ، سونهن ۽ رنگيني پيدا ڪئي هئي. اهي ڪاشيءَ جون سرون، صاف نيريون، اڇتُهيون واڱڻائي، ڦڪيون ۽ پن ول جي صورت ۾ گهڻ-رنگيون هيون، جن ۾ گل ۽ پن هڪ رنگ جو ته ترُ ٻئي رنگ جو هو. ننڍو اهڙيءَ جاءِ تي قائم هو، جتي پٿر ڏاڍي سولائيءَ سان ملي سگهيو ٿي ۽ جتي پٿر جي گهاڙ ۽ چنساليءَ واري اُڪير واري فن جون پراڻيون روايتون موجود هيون. اها به هڪ فطري ڳالهه هئي، جو پٿر جي گهاڙ جو ڪم ان دور ۾ به هلندو رهيو. پراڻين ۽ مضبوط روايتن اجا به وڌيڪ ترقي حاصل ڪئي. وقت جي گهرج پٽاندر اُن فن ۾ نيون تبديليون آنديون ويون. ان ڏس ۾ پٿر جي اڏاوتن ۾ ڪجهه نئون واڌارو يا سڌارو ڪونه ٿيو ۽ پراڻن اڏاوتي اصولن پٽاندر جڳهون ٺاهيون وينديون هيون. جڏهن ته قبائين اڏاوت ۾ ڪجهه سڌارو ۽ نواڻ آئي ۽ پٽ جي مٿاڇري جي چترڪاريءَ واري خوبصورتيءَ ۾ به جٽي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پٿر جي اُڪير جا ڪيترائي نمونا ڪاشيءَ جي سرتي نظر اچن ٿا ۽ ڪٿي اليڪي چترڪاريءَ کي گلڪاريءَ واري چترڪاريءَ مٿان حاوي ڏسون ٿا. قبرن مٿان تراڪڙي پٿرانهين لوڙهٽ رکڻ ۽ سيرانديءَ کان چوئنن جو نئون رواج پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ان دور جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن شهنشاهه اڪبر سنڌ فتح ڪري ان کي پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو، ته ان دور کان پوءِ اسان ترخانن کي مغلن جي اطاعت ۽ سندن نوڪري قبول ڪندي ڏسون ٿا. هيءُ اهو زمانو هو، جو ترخانن کي سنڌ کان ٻاهر گورنر ڪري مقرر ڪيو ويندو هو. ترخانن ان دور ۾ عمارتي فن ۾ ڪاريگري ٻاهران کان نئين اندر آندي. قبائين تعمير ۾ نواڻ، مرزا جاني بيگ ۽ طغرل بيگ جي مقبرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. پر انهن ٻنهي کان وڌيڪ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو قبو اهم آهي، جنهن کي مغل دور ۾ دکن جو گورنر مقرر ڪيو ويو هو. ان مقبري جي تعمير جو بنياد گجراتي اڏاوتي نموني تي آهي. چنساليءَ واري اُڪير جو گهڻو ڻڙو نمونو مڪاني سنڌي ڪاريگرن ۽ هنرمندن وٽان اختيار ڪيو ويو آهي. جيڪو اڳ ۾ ئي هتي پنهنجي مضبوط ۽ پختي بنيادن سان موجود هو.

پٿرانهين اڏاوتن تي لکڻ کان اڳ انهن کي هيٺين ڀاڱن ۾ ورهايون ٿا:

---

* 1520ع کان 1593ع تائين ارغون ۽ ترخان حاڪمن جا يادگار جوڙايل آهن. جڏهن ته ان کان اڳتي 1612ع تائين مُغل حاڪمن طرفان ترخانن کي غير حاضر گورنر جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو ويو. ان ڪري ليکڪ کين جاگيردار لکندي سندن تعميرات جو تذڪرو ڪري ٿو. (سنڌيڪار)

(الف) (1) هڪ قباوان هم چورس مقبرا

**(ب) مقبرن جي چوڌاري ڪوٽ**

(2) مرزا عيسيٰ پهرئين جو مقبرو

(3) امير سلطان محمد جو مقبرو

(4) مرزا سليمان جو مقبرو

(5) مرزا صالح جو مقبرو

(6) مرزا باقي بيگ ترخان جو مقبرو

(7) هبشاد بائي (اهنسا بائيءَ) جو مقبرو

**(ج) ڇٽيدار مقبرا**

**الف: اناس اڏاوتون**

(8) بديع الزمان جي مقبري پرسان مقبرو

(9) بديع الزمان جو مقبرو

(10) مرزا عيسيٰ پهرئين جو ڪوٽ اندر مقبرو

(11) سلطان ابراهيم خان جي مقبري جي اولهه ۾ مقبرو

**ب: چؤرس اڏاوتون**

(12) سلطان ابراهيم خان جي مقبري جي ڏکڻ طرف مقبرو

(13) عبدالله شاهه اصحابيءَ جي زيارت گاهه کان اولهه پاسي مقبرو

**ت: ڇٽيءَ وارا مقبرا ۽ پٽ واري مسجد**

(14) مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبرو

(15) طغرل بيگ جو مقبرو

**د: قبرن جا پٿراوان لوڙهت (Cenotaphs)**

(16) پٿرانهون لوڙهت، جنهن مٿان مور ۽ شمشاد وڻ جي طرز جي ڇٽن واري اُڪير آهي

(17) چوکنڊي نموني جي قبر

(18) جان بابا جو مقبرو

(19) مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو

بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي، تہ ارغونن سنڌ تي 1520ع کان 1555ع تائين هڪ مختصر مُدت حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ سندن دلچسپي ٺٽي کان وڌيڪ قنڌار ۾ رهي. ٺٽي ۾ ڪنهن بہ ارغون جي قبر نٽي ملي. تنهن ڪري ان دور سان لاڳاپيل ڪوبہ يادگار هتي موجود ڪونهي. البت هڪ نئين ڊنگ جو پٿرانهون قبو ضرور موجود آهي، جيڪو ڪنهن گمنام ماڻهوءَ سان واسطو رکي ٿو، جنهن ۾ حقيقي گول ونگ هجڻ جي ثابتي ملي ٿي (نمبر 72). ان جي ڪنڊن تي (نمبر 73) محراب بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڳيءَ ريت مٿئين حصي جي اناس واريءَ صورت ڪي ڇڏي قبي جي تعمير ۾ پراڻي اڏاوتي طرز استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سرن جي چوڌاري بار جي ڇلي جهڙي گولائيءَ کي سرن جي هر هڪ بار جي گولائيءَ سان ڍڪيو ويندو آهي. پر ان قسم جي تعمير هم چورس اڏاوت تائين محدود آهي. قبي جي سڄي اڏاوت گهٽ ڪري اناس جي بٺايل محرابن مٿان ڪئي ويندي آهي ۽ قبي جو سڄو سارو بار انهن مٿان رکيل هوندو آهي يا وري گڏيل قسم جون ونگون هونديون آهن. جيڪي قبي جو بار ڪٽنديون آهن. پراڻي قسم جا قبا سرن جي پراڻي طرز جي تعمير سان

واسطو رکن ٿا. پر قبن جي پوئين دور جي طرزِ اڏاوت گجرات جي اڏاوتي اثر سان لاڳاپو رکي ٿي. قبر جي مٿان مور پکيءَ جي سنجٽي تصوير جي طرز هتان جي نج سنڌي طرز آهي. پر سروَ وڻ واري چٽساليءَ جي طرز ٻاهران کان هتي آيل آهي. ان ڏس ۾ مرزا جان بابا جو مقبرو سنڌي اڏاوتي فن جو ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو گجراتي فن جو نمونو آهي. سنجٽ جي جهجهائي اتر - اولهه جي پاسي سان واسطو رکي ٿي، جهڙوڪ: آڪڙي چٽساليءَ طرز هيٺ لڙڪندڙ ڪورون گڏوچڙ اوپڙ واري طرز (Arabesques) ۽ ڏندائين ونگون وڏي اهميت رکن ٿيون. ساڳئي وقت قبي جي تعمير جو بنياد حقيقي گول ونگ ٻڌڻ جي هنرمنديءَ تي مدار رکي ٿو.



تصوير 72 - ارغون دور جو هڪ مقبرو، جنهن بابت ڪا ڄاڻ نہ آهي، تہ اهو ڪنهن تعمير ڪرايو ۽ منجهس ڪير دفن آهي؟ هن تعمير ۾ ونگ سان لنگهہ آهي، جيڪو پٿر جي ڪام جي مدد سان جوڙيو ويو آهي. هن لنگهہ جي ٻنهي پاسن کان پٽ ۾ گهرو اُڪيريل هڪ هڪ جارو آهي. هن مقبري جي تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 73 - هڪ قديم دور جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪنڊن تي محراب جوڙي تعمير کي اٺ ڪندي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن مقبري ۾ اندرئين پاسي اُڪير جو فقط هڪ نمونو آهي، جنهن ڪارنس Cornice کي وڏيڪ خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي.



تصوير 74 - ساڳي تعمير جي ٻاهرئين پاسي اڌ جيترو مٿي اوچائي تي اُڪيريل پٿرن جي هڪ قطار آهي، جنهن ۾ ڪجهہ وٿي تي اُڪيريل چٽساليءَ وارو پٿر ڪتب آندو ويو آهي. اهڙي اُڪير نہ ابتدائي سما دور ۽ نہ وري پوئين ترخان دور ۾ نظر اچي ٿي.

(الف) هڪ - قبائون هم چورس گمنام مقبرو

هيءُ مقبرو شيخ جيئي جي مقبري جي اتر ۾ پرپرو اڪيلائيءَ ۾ آهي. جڳهه سڄي ساري پٿر مان جوڙي وئي آهي. شڪل صورت ۾ (نمبر 72) هم چورس آهي ۽ هن جو هر پاسو 31 فوٽ 2 انچ آهي. چئني پاسن کان ونگ سان لنگهه اٿس. سما دور جي عمارتن جيان هن ونگدار لنگهه ۾ پٿر جو چوڪانو اهڙيءَ ريت جوڙايل آهي، جو سردر مٿان به ونگ سان هڪ دري آهي. سڀ ونگون پٿر جي چپر جهڙن ٽڪرن سان اوساريءَ ڪري جوڙيون ويون آهن ۽ اهي ويڪريون ۽ سما دور جي سينڌ ونگ کان بلڪل نياريون آهن. لنگهه واريون ونگون ٺورو ٻاهر تي نڪتل ويڪرن چوڪنڊي ۾ نهيل آهن. ونگ جي هر پاسي کان پٽ ۾ پيينل ونگن سان خانا آهن. بنيادن جي سنوت (نمبر 74) سان هيري ڪٽين جي لانڌ حاشي تائين آهي. ان کان مٿان سنجڻ جي اُڪير جي قطار آهي، جنهن ۾ هم چورس ماپ جا خانا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هر خاني ۾ جدا طرز جي چٽن واري اُڪير آهي. پهرئين ۾ اپريل چوڙسا آهن، جنهن جي وچ تي مُستڪو (Boss) آهي. تنهن کان پوءِ لڪدار چوڙسا آهن. هن طرز کي به پيرا اڳتي به ورجايو ويو آهي، ٽئين خاني ۾ هڪ ونگ آهي، جنهن جا هينيان پاسا مٿي وريل آهن چڻ گل لالا جي تصوير بڻجي پئي آهي. چوٿون چئن پنکڙين وارو گل آهي. پنجين جي وچ تي مانڊاڻيءَ واري نشان جي مرڪز تي گل اُڪيريل ٿو ڏسجي. آخريءَ ۾ ڏاڪيدار مانڊاڻيءَ جي طرز واري چٽسالي آهي. اها هڪ حيرت جي ڳالهه آهي ته سورج مکيءَ ۽ گلاب جو گل جيڪي سما دور جي چٽساليءَ ۾ عام جام اُڪيربا هئا. سي هتي بلڪل غائب آهن. اندرئين پاسي ۾ به وڏي تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪُنداوان محراب (نمبر 73) جيڪي پيڙهه جي اوساريءَ کان ٺورو مٿان، مٿي ڪچن ٿا، سي سڄي اندرئين صفي کي اناس ۾ بدلائي ڇڏين ٿا. تنهن کان پوءِ ڪنڊن تي وڌيل پٿرن جون گهوڙيون آهن، جيڪي هنيل ٽيڪن ۽ سر درن کي وڏو ٽيڪو ڏين ٿيون. جنهن کان پوءِ اناس سورهن پاسن ۾ بدلجي وڃي ٿو. سردرن تي فقط هڪ ئي قسم جي هم چورس ۾ چئن پنکڙين واري گل جي اُڪير جي هڪ لانڌ آهي. قبو هينئر ته ڪري تباهه ٿي چڪو آهي، پر اُهو اڳ ضرور ڇڳو وڏو هوندو.

سنجڻ جي ڪوٽ هجڻ ڪري جڳهه لَسي ۽ ٻُسي لڳي ٿي. پٽين جوڙڻ جو عام طريقو اهو آهي، ته وڏن چوڪنڊن پٿرن جا دابڙا گاري گچ کان سواءِ هڪ ٻئي جي مٿان رکي پٽ جوڙي ويئي آهي. ڪاريگريءَ جي طريقي ۾ هڪ بنيادي تبديلي نظر اچي ٿي. سيني حقيقي ونگن جي تعمير واسطي چيراون پٿرن جي الڳ اڏاوت موجود آهي، جيڪا حاشي جي پٿرن واري بار جي مٿان پنهنجي جدا صورت ۾ شروع ٿئي ٿي. ان ۾ استعمال ٿيل پٿر ننڍا آهن. ننڍن پٿرن جي بارن مٿان واري سان چوڪُندا ڍگها پٿر پڻ رکيا ويا آهن. حقيقي ونگ ۽ حقيقي ڪنڌائين محراب جي اڏاوت لاءِ هڪ نئون طريقو پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. بدقسمتيءَ جي ڳالهه اها آهي، ته پٿر جي جاين ۾ اڏاوت جو اهو طريقو استعمال ڪونه ڪيو ويو آهي، شايد ان ڪري جو هتان جا ڪاريگر ان طريقي کان پوري طرح واقف نه هئا، جو اهڙا يادگار تعمير ڪري سگهن. جڏهن ته اهڙي قسم جي تبديلي سرن جي عمارتن ۾ ضرور نظر اچي ٿي.

(ب) مقبرن جي چوڌاري ڪوٽ

## مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو مقبرو

مرزا عيسيٰ خان ترخان I گهراڻي جو پهريون حڪمران هو. هو 963هه مطابق 1555ع ۾ اقتدار ۾ آيو ۽ 973هه مطابق 1565ع ۾ سندس وفات ٿي. ڪيس مڪلي ٽڪريءَ جي ڪناري تي، عبدالله شاهه اصحابي جي مقبري جي اوير ۾ هڪ ڪوٽ اندر دفنايو ويو. سندس مقبري تي پٿر جي چٽسالي واري اُڪير جو ڪم ٺٽي جي چٽرڪاريءَ جي ڪم کان بنهه نيارو ٿيل آهي. سما خاندان جي زوال کان پوءِ اها هڪ وڏي تبديلي هئي. پٿر جي اُڪير جي ڪم ۾ هڪ نئون لاڙو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳئي وقت قبرن جا چٽيل پٿراوان لوڙهڻ ۽ چوڻنَ پڻ نئين نموني جا آهن.

مقبري جو ڪوٽ (خاڪو 2) نقشي ۾ چوڪندو آهي، جنهن جا سامهون وارا پاسا 98 فوٽ 3 انچ x 78 فوٽ 10 انچ

کي جدا جدا رکڻ واسطي وچ تي اُڀيءَ طرز تي چترڪاري ڪيل آهي ۽ اڻ چٽيءَ اوپڙ جي نموني تڪ ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ ڄڻ تہ اُڪير جي هيءَ طرز ڪاشيءَ جي سر جي گل ٻوٽي جو ڪو نقل آهي. هرخاني جي ونگڙ ۽ ڪُـنڊن تي گلن جون تصويرون چٽيل آهن. ڪوٽ واريءَ پٽ مٿان ڪنگرا هنيا ويا آهن. مٿئين ڇيڙي وٽ ڏورين جهڙي طرز جي گڏيل سڏيل اُڪير جي چٽساليءَ جون ٻہ قطارون آهن. محراب جي چوڪاٺي وٽ اڏاوت ڪجهہ مٿي اڀريل آهي. ٻنهي چٽساليءَ واري اُڪيرن جي وچ تي پٽ تي چوڏاري عربي لکت آهي. محراب جو مٿيون پاسو اجا بہ وڌيڪ مختلف چٽن جي نمونن سان سينگاريل آهي. ٻنهي پاسن کان سامهون سنڌي طرز جا پاوا لڳل آهن.

## امير سلطان محمد جو مقبرو

مقبري تي خطاطيءَ ۾ اُڪيريل لکت موجب امير سلطان محمد پٽ امير حاجي بيگ مغل وفات 963هہ مطابق 1556ع*. هيءَ مقبرو، سلطان ابراهيم جي وڏي ڪوٽ اندر هڪ ننڍي ڪوٽ ۾، عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار جي ڏکڻ ڏانهن آهي. اهو ڪوٽ (نمبر 75) پنهنجي نقشي ۾ هر چورس آهي ۽ اولهہ پاسي کان محراب جو وڏاوڙو ڏنل اٿس، مٿيري هجڻ ڪري، اندر وڃڻ لاءِ ڏکڻ طرفان تہ - ڏاڪي چاڙهي بہ ناهيل اٿس. لنگهہ واري اڏاوت چوڪنڊي آهي. ڏنل اولي جي مٿان سونهن ۽ سنجڻ خاطر ڪنگرا رکيل آهن. پٿيون لسيون ۽ ساديون آهن، پر منجهن ونگن تي دريون جوڙيون ويون آهن، جيڪي چوڪنڊي اڏاوتن ۾ اندر تي هنيل معلوم ٿين ٿيون. چاري جهڙي اليڪي طرز تي جافري استعمال ٿيل آهي، جنهن مان آر پار نظر پوي ٿي. محراب جو اندريون پاسو بنهہ سادو آهي. ٻنهي پاسن کان



تصوير 75 - امير سلطان محمد جي مقبري جي چوديواري، جنهن جي محراب ۾ جاري واريون دريون ۽ ٻنهي پاسن کان سامهون پاوا رکيل آهن. هن تعمير جو دور 963 هہ ۽ 1556 عيسويءَ آهي.

پاوا لڳل اٿس. ڪوٽ جي وچ تي فقط هڪ قبر موجود آهي، جنهن جي سيرانديءَ کان هڪ چوڻنو لڳل آهي، جنهن تي سوڙهيءَ وٽ سان عربي لکت[2] آهي. هينري ڪزنس،[3] ابراهيم خان جي هن مقبري کي غلطيءَ وچان نواب امير خالد خان ڏانهن منسوب ڪري ٿو.

---

* ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي هجري سالن کي مختلف عيسويءَ سالن سان پيش ڪيو ويو آهي. (سنڌيڪار)

واري پٿرانهين لوڙهڻ تي بہ خوبصورت اُڪيريل سَنگينون رکيون ويون آهن. هڪ پيرانديءَ کان ۽ ٻي سيرانديءَ کان آهي. انهن سنگينن کي ڪنڊن تي تابوت جيان پاوا آهن. هيٺئين پٿرانهين لوڙهڻ کي ليٽيل سنوت ۾ ڇهہ اُڪيريل خوبصورت قطارون آهن. وچئين قطار وڏي اهميت واري آهي. جنهن ۾ جهالردار (Lobed) ونگن جي لانڍ آهي. هرهڪ ونگ الڳ آهي ۽ جنهن تي گل



تصوير 76 - سلطان سليمان پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي وانگاڙي اندر قبرن جا پٿر جو ڪتبو سلطان سليمان جي قبر جي سيرانديءَ هڪ اوچو پٿر نصب ٿيل ڏسجي ٿو. جنهن ۾ ونگائون جارو آهي. شايد اهو چراغ ٻاري رکڻ لاءِ ڏيانيءَ طور تعمير ڪيو ويو هوندو. ان جي مٿئين پاسي تاج Crown جي اُڪير ڏسجي ٿي. سلطان سليمان 1557ع ۾ وفات ڪئي هئي.



تصوير 77 - مرزا صالح پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان I جي مقبري جي چوديواريءَ اندر پٿر جون قبرون. معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ جنهن قبر لاءِ پاسي سان بہ ڏگها پٿر جا ڪتبا ڪُتل آهن سا مرزا صالح جي آهي. قبر کي چئن ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن، هن 970 هہ/1563ع ۾ وفات ڪئي هئي. هتي هڪ ٻي بہ قبر آهي، جنهن کي چئن ئي ڪنڊن تي پاوا لڳل آهن. شايد اها مير زاهد محمد ترخان جي آهي جنهن 966 هہ/1559ع ۾ وفات ڪئي هئي.

واري چنسالي اُڪيريل آهي. (Lobed) ونگن جهڙو ڇڻ سما دور ۾ ڪونہ ٿو ملي. سپ کان مٿي گول دائري واري طرز آهي، جيڪا پراڻي آهي. اهڙي قسم جي طرز سمن جي يادگارن ۾ ڏٺي وڃي ٿي. سپ کان مٿيون چوڪندو پٿرانهين لوڙهڻ ٽن ليٽيل ۽ هڪ اُڀيءَ لِيڪ سان ڇهن خانن ۾ ورهايو ويو آهي. هرهڪ خاني ۾ عربي لکت نظر اچي ٿي. سيراندي ۽ پيرانديءَ وارا چوٽنا ٽن موڙن واري ونگ وٽ ختم ٿين ٿا. جن جي هرهڪ مهاڙيءَ ۾ گل ڇڻ جي اُڪير ٿيل آهي. ڪجهہ هيٺ پرو، ٻن ليڪن مهاڙيءَ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ هر هڪ ڀاڱي ۾عربي لکت موجود آهي. ساڄي پاسي تي ٻئي نمبر واري قبر، نموني ۽ طرز ۾ وچينءَ وڏيءَ قبر جو هوبهو نقل آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ ڪيس سيراندي ۽ پيرانديءَ وارا پٿر ڪونہ آهن. باقي هيٺئين پٿرانهين لوڙهڻ تي تابوت جيان ٻونبا ضرور آهن. سنجڻ ۽ سونهن واريون اُڪيرون بہ نياريون آهن. کاٻي پاسي کان ٽئين نمبر قبر اڌ پوري آهي. ان تي سنجڻ بہ اڌ پوري ٿيل آهي. مٿانئس تابوت جهڙي شڪل صورت بہ ڪانہ رکي ويئي آهي. ڏکڻ - اولهہ واري پاسي تي ٻيو ٿلهو آهي، جنهن تي چنساليءَ واري اُڪيريل پٿر سان بہ قبرون نظر اچن ٿيون.

هن ڪوٽ جي ٻاهران پٿر جون بہ قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن تي چوٽنا پڻ لڳل آهن.

## مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ

مرزا باقي بيگ جي مقبري جو ڪوٽ (خاڪو 5)، عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار جي سڌو سنئون ڏکڻ ۾ آهي. اهو وانگاڙو پٿرن جي ننديءَ پٽ تي ٻڌل آهي، جنهن کي ڏکڻ پاسي کان سادو لنگهہ ٺهيل آهي. ٻاهرئين وڏي ڪوٽ جي ماپ هن ريت آهي: ڏکڻ ۾ اتر وارين پٽين جي ماپ 138 فوٽ ۽ اولهہ ۽ اوڀر وارين پٽين جي ماپ 130 فوٽ آهي. اولهہ واري پٽ ۾ بہ محراب جوڙيل آهن. ان وڏي ڪوٽ اندر ٻيون بہ چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي اصلي ڪوٽ جو وانگاڙو 25 فوٽ ساڍا 7 انچ x 25 فوٽ ساڍا 5 انچ اندر آهي. ان کي اتر طرف کان مرداڻو ڪوٽ 68x95 فوٽ 8 انچ ڏئي وڌايو



خاڪو 5. مرزا باقي بيگ جي پٽ سان نهيل مقبري جي چوديواري جو خاڪو. جنهن ۾ اندر ننڍڙيون چوديواريون آهن. مرزا باقي بيگ جي قبر هر چورس آهي جنهن جي چوڌاري پٿ ڏني وئي آهي ۽ اها قبر چوديواري وچ تي ڏسجي ٿي. هن جي اتر پاسي سنڌس خاندان جي بين ماڻهن جي قبرن جي چوديواري آهي. اتر ڏانهن مرزا باقي بيگ جي قبر جي اوير پاسي مرزا بديع الزمان جي قبر آهي، جيڪا اٺ ٿنڀي ڇٽي هيٺيان آهي. هن 1562ع ۾ وفات ڪئي هئي. هن چوديواري جي اولاهين پٽ پرسان هڪ گمنام قبر آهي. جنهن مٿا اٺ ٿنڀي ڇٽي ٺهيل ڏسجي ٿي.

ويو آهي. تنهن کان پوءِ ان جي اتر - اوير طرف کان زنانو ڪوٽ ڏنو ويو آهي. ان زناني ڪوٽ کان ڏکڻ تي ڪجهہ پوئين دور سان واسطو رکندڙ ڇٽين تي ٻڌل بہ مقبرا آهن. مرزا باقي بيگ جي مقبري تي فارسي ۾ تاريخي لکت[6] موجود آهي. پڙهڻي هن ريت اٿس: وفات حضرت جنت مکاني الواصل الي الجوار الملک الرحمن مرزا محمد باقي بن محمد عيسيٰ ترخان سال 993هه /1585ع اربع 8 شوال.

مرزا باقيءَ جي مقبري وارو ڪوٽ عام زمين کان 4 فوٽ کن مٿي آهي. اندر وڃڻ لاءِ ڏکڻ پاسي کان ڇوڙ ڏاڪو لنگهہ آهي. اولهہ پاسي واري پٽ ۾ محراب آهي. ننڍي ڪوٽ تي واري وٽيءَ سان چوڪنڊا ونگدار خانا ۽ جافريءَ تي دريون آهن. اتر ۽ اوير پاسي اهڙي قسم جا ٽي ٽي خانا ۽ ڏکڻ ۽ اوير طرف بہ بہ خانا آهن. ايرندي مهاڙي (نمبر 78) تي، ونگ جي وَنگڙ واري حصي ۾ گول گل جي اُڪير واري چٽسالي ڏسجي ٿي. پر هيٺ تي آڪڙي نموني تي هيٺ لڙڪندڙ چورسا آهن. ساڳيو چٽساليءَ جو نمونو دروازي جي چوڪاٺي تي بہ ورجايو ويو آهي. هر خاني کي جدا ڪرڻ لاءِ وچ تي اُڀي طرز جي اُڪير آهي. اندريون وٽيون پنج ڦاڪي پن ۽ ان مان نڪرندڙ موڙن سان پريل آهن. سردرن تي ليٽيل طرز جي اُڪير آڪڙي



تصوير 78 - مرزا باقي بيگ جي مقبري جي چوديواري جو لنگهہ. جيڪو چوڪنڊو ۽ اوچو آهي، مٿان ڪنگرا تعمير ٿيل اٿس. هيٺان پٿر جو چوڪاٺو لڳل آهي. پاسي وارين پٽين ۾ جافريءَ سان دريون آهن. هن تعمير ۾ خاص فرق واري ڳالهہ هيءَ آهي تہ اُڪير جي طرز بلڪل نئين آهي. جيڪا ترخان دور سان تعلق رکي ٿي. هن 1586ع ۾ وفات ڪئي هئي.

چوُرس لڙڪندڙ اُڪير موجود ڪانہ آهي، پر انليءَ جي روايتي منڊيئڙي (X) جهڙو چٽ ملي ٿو. جيڪو چٽي نموني اُڪيريل ڪونہ آهي. سردر جي هيٺان وچئين داٻڙي تي هم چورس دائري اندر ہ گلاب گل اُڪيريل ملن ٿا. دروازي جي مٿان واري اڏاوت تي ٻاهرئين پاسي ڪرنگهيدار سادن ڪنگرن جي قطار آهي. ان اڏاوت جي مٿئين پاسي عربي لکت جي قطار ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن جي هيٺان ۽ مٿان آڪڙي طرز جي ٻٽي ڪنارِي آهي، جيڪا عربي لکت سان گڏ ٻنهي پاسن ڏانهن هلندي وڃي ٿي، ان جي هيٺان هلڪي اڀار ۾ ڏاڪيدار طرز وارن چوُرسن جي وچ تي گل جي تصوير اُڪيريل آهي. سڄي صورتحال ۾ سنجٽ نئين ٿي لڳي. پٽ جو اندريون پاسو ساڳيءَ طرز جي اُڪير سان سينگاريو ويو آهي. اولهہ پاسي، محراب مٿان چوُڪُندو سردر آهي (پليٽ 22). مٿس اُڪير جو نمونو لنگهہ تي ٿيل اُڪير جهڙو آهي. ساڳيءَ ريت ڪلنگيءَ طور ڪنگرا ہ رکيا ويا آهن. ساڳي نموني سان عربي لکت ۽ ان سان ڪناريون آهن. عربي لکت جي ہي قطار هيٺان ہ رکي وئي آهي. محراب جو نمونو اڌ چوُرس آهي. ان تي آڪڙي نموني جهڙي جهالر جهڙي لٽڪندڙ اُڪير آهي، جن جو تعداد فقط ٽي آهي. ٻنهي پاسن کان سامهون سادا پاوا آهن. ڪوٽ اندر ٻٽايل ٿلهي جي وچ تي پنج قبرون آهن. ڪاٻي کان ٻئي نمبر تي مرزا باقي بيگ جي قبر آهي. ان قبر جو پترانهون لوڙهڻ ترخان نموني جو آهي. جنهن تي ليٽيل سنوت ۾ لکت جون ٽي سٽون آهن. سيرانديءَ کان چوُنئو ڪُتل نظر ڪونہ ٿو اچي.

عورتن جي قبرن جي چوديواري ۾ اندر وڃڻ لاءِ لنگهہ ہ سنجٽ ۽ سونهن وارو آهي (پليٽ 23). پٽ ڪان مٿي هڪ اوچي چوُڪندي اڏاوت آهي. مٿانئس اولي تي ڪنگرن جي قطار رکي وئي آهي. دروازي جي چانئٺ جي وچ تي گول چنڊ (Moon Stone) نهيل آهي. سردر جي وچ واري مرڪزي داٻڙي تي گل جي تصوير اُڪيريل نظر اچي ٿي. باقي ٻين قطارن ۾ چٽساليءَ ۾ سورج مکيءَ جون طرزون آهن. سردر ۾ ڪنگرن جي وچ تي اُڪير جون ٽي قطارون آهن. ڪين نڪيڙي بيهارڻ لاءِ وچ تي پٽيون رکيون ويون آهن. صفا هيٺئين قطار ۾ جهالرن واري ونگن وچ ۾ چٽيل گلن جون طرزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. آخر ۾ ونگن جي قطار آهي، جن جي وچ ۾ ہ گول گل چٽيل نظر اچن ٿا. نڪيڙ ڪندڙ پٽيون بلڪل نئين طرز جون آهن. نڪيڙڻ لاءِ ہ سنجٽ واريون پٽيون مناسب ڏيکهہ ڏئين ٿيون. ٻئي پاسي واريءَ پٽ سان گڏ هلنديون وڃن ٿيون. اندرئين پاسي پنج قبرون آهن. مٿن عربي لکت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڪوٽ جو اندريون پاسو خاص طور تي پوءِ نئون ملايل ٽڪرو بلڪل سادو آهي. پر پراڻين پٽين تي اليڪي ڪناريءَ سان جهالردار ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون.

سندن خانداني قبرستان ۾ اندر وڃڻ واسطي اوپر ڏسا ڪان پترانهين در (پليٽ 24) مٿان اڏاوت ٿيل آهي. لنگهہ جي سامهون اولاهينءَ پٽ ۾ محراب نهيل آهي. لنگهہ واريءَ اڏاوت مٿان مختلف طرزن جي سنجتي اُڪير ٿيل آهي، جيڪا موجوده حالتن پٽاندر چٽساليءَ جو گڏوچڙ طرز جو سهڻو نمونو آهي. ساڳيءَ ريت سردرن کان وٺي مٿين ڪنگرن واري اولي تائين وچ تي ہ عربي لکت موجود آهي ۽ مرڪز ۾ گل جي تصوير چٽيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مٿين ۽ هيٺئينءَ قطار ۾ ونگن اندر گل جي ساڳيءَ طرز جي ٽُڪ ٿيل آهي. فرق رڳو اهو آهي، تہ مٿيون ونگون ڪجهہ جهالردار آهن. موجوده در جي چوُڪاني ۽ ٻين ٻن درن جي چوُڪانن ۾ فرق اهو آهي، تہ ان ۾ هنر ۽ ڪاريگري تمام گهٽ آهي. اندرئين پاسي سَنجتي اُڪير آهي. ٻاهرئين پاسي ٻنهي پاسن کان پاوا هنيل آهن. ڪوٽ اندر ڪيتريون ئي پتراوان لوڙهڻ موجود آهن. هت ٻن چٽيءَ وارن مقبرن جو ہ ذڪر ڪجي ٿو.

## هبشاد (يا اهنسا) ٻائيءَ جو مقبرو

هيءُ قبرن جو هم چورس قسم جو ننڍو ڪوٽ، مرزا باقي خان ترخان جي مقبري جي ڪوٽ جي ڏکڻ ڏانهن آهي. اندر وڃڻ لاءِ لنگهہ واري در ۾ تہ ڏاڪي چاڙهي جـُڙيل آهي. ان ڪوٽ جي چٽسالي واري اُڪير مرزا باقيءَ جي ننڍي ڪوٽ تي ڪيل چٽن جهڙي آهي. يعني پٽين تي ونگن سان خانا ۽ واري وٽيءَ تي جافريءَ سان دريون آهن. موجوده حالت ۾ درين جي جافريءَ جا گول دائرا، جن جي وچ ۾ گل ۽ ستارا اُڪيريل آهن، هڪ ٻئي کي ڪاٽا ڪن ٿا، جيڪي اُريب وسيلي هڪ ٻئي سان مليل آهن. اندر ۽ ٻاهر هڪ ئي نموني جي چٽساليءَ سان اُڪيريو ۽ سينگاريو ويو آهي. محراب

واري پٽ (نمبر 79) جي مٿئينءَ قطار ۾ جهالر واري ونگ ۾ گول گل جي اُڪير ٿيل آهي. ڪناريءَ تي چوڙسن ۾ قطرن جي طرز نظر اچي ٿي. محراب جي ونگ ٽن چوڪُنڊن ۾ ورهايل حصن واري سردر هيٺان آهي، جنهن جو مٿيون پاسو ديوارن ڪان گهٽ اوچو آهي. ان تي ٻـ ساڳئي قسم جي چٽن جي اُڪير نظر اچي ٿي، جهڙي اسان پاسن وارين پٽين تي ڏسون ٿا. هيٺئينءَ قطار ۾ جهالر واري ونگن جي اُڪير ٿيل آهي، جيڪي واري وٽيءَ سان هڪڙيون ابتيون ۽ ٻيون سبتيون آهن. ٽينءَ قطار ۾ هڪ نئون تاثر آهي، جن مان ڪي مختلف ماپن جي گول گلن جي ليٽيل سنوت ۾ تـ ڪي اُڀي نموني ۾ اُڪيريل آهن. محراب جي چوڦير ٽن ٻيهڪن ۾ مخلف قسمن جون اليڪي ۽ امليڪي طرزون چٽيل آهن. اڏاوت جي اندرئين پاسي ڏاڪڻ نما چوڙس آهن، جن مان هر هڪ تي گل جي تصوير نظر اچي ٿي. ان ڪان پوءِ گلن جي هڪ قطار آهي، جيڪي شڪل صورت ۾ هڪ ٻئي ڪان نيارا آهن. محراب اَٽ ڪُنڊيءَ جي اڌ شڪل جهڙو آهي، جنهن ۾ آڪڙي طرز جي ونگ ۾ نئينءَ طرز ۾ چٽيل گل آهي. محراب جي پاسن ۾ پاوا ڪونـ لڳل آهن. ٺلهي تي ترخان اڏاوتي نموني جون ٻـ قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جن جي لکتن مان 994 هـ /1586ع ۽ 1000هـ /1592ع جون تاريخون ظاهر ٿين ٿيون.

## چٽيدار - مقبرا

### (الف) اٺاس اڏاوتون

انهن مقبرن وارين چٽين جي طرز پراڻي آهي، پر منجهن نئين نموني جا ٿنڀ ۽ نئين نموني جي سنجٽ ٿيل آهي.



تصوير 80 - ترخان دور جو هڪ گمنام اٺ - ٿنڀي چٽي جهڙو مقبرو جيڪو مرزا باقي بيگ ترخان جي وسيع چوديواريءَ اندر آهي جنهن جي ٿنين جو ڪندون ساديون آهن. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسوي جي ابتدائي دور سان آهي.



تصوير 79 - هبشاد ٻائي (اهنسا ٻائي Ahinsa Bai) جو پٿر سان جوڙايل مقبرو، چوديواريءَ ۾ ناهيل محراب جي اوچيءَ اڏاوت تي اُڪير واري چٽسالي ٿيل ڏسجي ٿي. ونگائين محراب جي چوڪُنڊي خاني جي ڪندن تي ٻـ گل چٽيل آهن. محراب جي هر هڪ پاسي تي خاني سان ونگ آهي، جنهن جي مٿئين پاسي وچ تي هڪ گل اُڪيريل آهي. ان ڪان پوءِ ٻنهي پاسن ڪان پٽ ۾ جافريءَ تي ٻـ دريون ڏسجن ٿيون. هن تعمير جو تعلق 1000 هـ /1592ع آهي.

## بديع الزمان جي چٽيءَ پرسان هڪ گمنام مقبرو

هن مقبري (نمبر 80) تي ڪنهن ٻـ قسم جي تاريخي لکت[7] ڪانـ آهي. پٿرانهين لوڙهڻ تي قرآني آيتون اُڪيريل آهن. اهو مقبرو باقي بيگ ترخان جي وڏي ڪوٽ اندر، ڏکڻ - اولهـ واري ڪنڊ تي آهي. مقبرو اٺاس شڪل تي ۽ اڏاوت بنهـ سادي آهي، جنهن تي ڪنهن ٻـ قسم جي آرائش ۽ سنجٽ ڏسڻ ۾ ڪانـ ٿي اچي. قبي مٿان هڪ نئين قسم جي نيل

مٿي لڳو پيو آهي. ان مقبري جا ٿنيا ٻين يادگار ٿنين کان هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ نواڻ رکندڙ آهن. موجوده مثال (نمبر 82) ٿلهن جي هر چورس بنيادن جي چئن ئي پاسن کان اُپيءَ طرز جي منارن جهڙي اُڪير واري چٽسالي ٿيل آهي. ٿنڀ جي هيٺئين پاسي واري چوُرس ، ابتي وريل گهوڙي جي طرز جي خاڪي هيٺان گل جي ٽُڪ ٿيل آهي. ٿنڀ جو اناس حصو، ليٽيل قسم جي ڇهن خانن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ پاڱو ڪوڪيءَ طرز واري چٽسالي جي نموني ۾ اُڪيِريو ويو آهي. پهريون پاڱو ٻاهر تي نڪتل ونگ تي ٻڌل خانو آهي. ٻئي پاڱي ۾ آڪڙي طرز آهي، جيڪا ليڪن وسيلي ڳنڍيل آهي. ان کان پوءِ هيري ڪٽين جو سلسلو اچي ٿو. پوءِ روشنيءَ جي گل واري چٽساليءَ جي طرز آهي. پوءِ ڏاڪن تي چوُرس جي طرز اُڪيريل آهي. آخر ۾ ننڍڙن چوُرسن جي چٽسالي آهي. ڳچيءَ تي ٽن مرحلن وارا آرائشي گول دائرا آهن. تاج تي ٽي پٽا آهن، جيڪي هرهڪ پاسي هليا وڃن ٿا ۽ ان تاج جي ٻاهرينءَ ٻانهن تي علامتي روشنيءَ جي گول دائري جي چوڌاري هڪ چوُرس اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ساڳيءَ ريت سردر واري مرڪزي دابڙي جي ٻنهين پاسي دل جي طرز تي اُڪير جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي. سردر جي ٻاهرئين پاسي تي سادي پن جي طرز جي ٽُڪ ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪي هيٺ تي وريل آهن. موجوده تعمير ۾ نہ ڪنگرا آهن ۽ نہ وري ڪي ڇڄا. قبو ڳچ سان لِتل آهي ۽ ٻاهرئين پاسي نوڪدار ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مٿانئس ٻن ڪلسن جي نيل چڙهيل آهي. اندرئين پاسي ڏسجي ٿو، تہ هڪ ٻئي جي مٿان گول دائري ۾ بار ڏئي قبو تعمير ڪيو ويو آهي. هرهڪ گول دائري واري بار ۾ خانن جي اُڪير ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اندرئين پاسي کان قبي جي وچ تي لڏڪٽو هيٺ لڙڪي رهيو آهي. سردرن جا اندريان ۽ ٻاهريان پاسا ساڳيءَ طرز جي اُڪير وارن چٽن سان سينگاريل آهن. شايد اها سورج مکيءَ جي طرز آهي. سنڌس نمونو سما دور سان لاڳاپيل چٽنين ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن مقبري جي



تصوير 83 - مرزا عيسيٰ ترخان I جي مقبري واري چوديواري اندر خوبصورت اُڪير سان اٺ ڪنڊائون مقبرو، جنهن جي ٿنڀن تي ترخان دور سان لاڳاپو رکندڙ نئين طرز جي اُڪير ڏسجي ٿي. هيءَ 17 هين صدي عيسويءَ جي اڏاوت آهي.



تصوير 84 - ساڳئي مقبري سان واسطو رکندڙ ڇت واري اُڪيريل چٽسالي، جيڪا سما دور جي ڇت کان بلڪل الڳ آهي.

ٻاهرين قبرن مان هڪ قبر جي پٿرانهين لوڙهڻ تي 1022هه /1613ع سن لکيل آهي ۽ هم چورس ۽ آرائش ڪيل ڍڪي تي رکيل آهي. قبر آڙماڙ شڪل ۾ آهي. هيٺئين پٿرانهين لوڙهڻ جي ڊگهي پاسي تي مختلف ڇهن چوڙسن اندر گلن جون تصويرون اُڪيريل آهن. مختلف اُڪيريل طبقا، هيٺئين ڍڪيءَ ۽ تابوت جهڙي پيٽيءَ جي وچ تي اڀچي وجن ٿا. جنهن جو مٿاڇرو زنجير سان ورهايل خانن تي ٻڌل آهي، جن ۾ عربي لکت نمايان آهي.

(ب) هم چورس اڏاوتون

هيءَ نئين قسم جي اڏاوت آهي، جيڪا اسان هتي ڏسون ٿا. اسلام کان اڳ واري دور ۾ اها گهڻي مشهور ۽ نامياري هئي. گجرات ۾ اسلامي طرز وارين عمارتن جي لنگهه وٽ[11] اهڙيون اڏاوتون جوڙيون وينديون هيون. سٿاءَ ۾ هم چورس هوندي هئي. قبو اٺن يا ٻارهن ٿلهن تي ناهيو ويندو هو. ان اڏاوت جو فرشي خاڪو اهڙو آهي، جهڙو شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جي مدرسي (ڏسو باب ڇهون) جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر ان ۾ ڏيڍي ناهيل ڪانه آهي. قبي جي بناوت حقيقي (True Arch) ونگ جي نئين طريقي سان ڪئي وئي آهي. اٺن ٿلهن جي حالت ۾ ڪُنڊن تي ڇڪ وارا سردر - جيڪي هم چورس نقشي کي اٺاس ۾ بدلائيندا هئا. سي هيٺين سردرن تي رکيا ويندا هئا. پر ٻارهن ٿلهن واري ڇٽيءَ جي حالت ۾، ڇڪ وارا سردر رڳو ٻن ٿلهن تي رکيا ويا آهن. اهڙيءَ ريت هڪ پاسي تي ٽي ٿلهه هڪ قطار ۾ بيٺل آهن ۽ ٻن وچ وارن ٿلهن جي وچ تي تمام گهڻي وٿي ڇڏي وئي آهي.

## ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءُ (نمبر 86) ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو، سلطان ابراهيم جي مقبري کان سوگز کن ڏکڻ طرف، هڪ ٿلهي تي ٺهيل آهي، جنهن جي هر پاسي جي ماپ 25 فوٽ 10 انچ آهي. ٿلهي جي مٿي اوچائي 4 فوٽ 10 انچ ٿيندي. ڇٽيءَ جي پنهنجي حقيقي ماپ 15 فوٽ 1 انچ آهي، جيڪا ٿلهي جي هڪ پاسي تعمير ٿيل آهي. ٻئي پاسي گهٽيون ئي قبرون موجود آهن. ڇٽيءَ جا سيئي ٿنيا جانڊل صورت ۾ سادا آهن. سندن گهاڙ هم چورس اٿن، پر هيٺان چوڙس بنيادن وٽ ڪنڊون ماريل اٿن.



تصوير 85 - عبدالله شاهه اصحابي جي مزار کان اولهه پاسي اٺ - ٿنبي ڇٽي جهڙو مقبري جي اڏاوت، جنهن جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪيترين ئي قبرون آهن. سيئي ترخان اڏاوتي طرز جون آهن. هن مقبري جا ٿنڀ بہ اٺ ڪنڊا ۽ لسا آهن. تعمير جو تعلق 17 هين صدي عيسويءَ جي ابتدا سان آهي.



تصوير 86 – هر چورس ماپ جو اٺ – ٿنڀي ڇٽي جهڙو هڪ مقبرو، جنهن جي ٿنڀن تي ڪنهن بہ قسم جي اُڪير نظر ڪانہ ٿي اچي. هر هڪ ٿنڀو پاسن جي وچ تي آهي ۽ اڏاوت ڇٽن ڪندن واري ڏسجي ٿي. هتي قبي جي تعمير جي نئين طرز ڏسجي ٿي، جنهن ۾ ونگ سان خانا رکيا ويا آهن ۽ قبي جو بنياد بہ ان ترتيب سان رکيو ويو آهي. تعمير 17 هين صدي جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي.

جاندلن جي ڳچي، ڪنهن ابتي ٿانو جيان معلوم ٿئي ٿي. سندن تاج ستاري سان اُڪيريل ڇوُمڪا آهن. ٻاهرين مهاڙيءَ جي پاسي کان ڇٽي اپريل طرز ۾ اُڪيريل آهي. ڇت وارو اولو ڪنگرن سان سينگاريل آهي. چوڏاري ڏيڊي ۽ ڇڄو لڳل اٿس. هن ڇٽيءَ ۾ ڪل اٺ ٿنڀا آهن. چار ٿنڀا ڇٽي. ڪُندن وٽ ۽ هڪ هڪ ڇٽي ڪُندن جي وچ تي آهي. ڇڪن وارا سردر ليٽيل سنوت ۾ رکيل آهن. اٺ ڪندي جي مٿان ونگن وارا ناهيل خانا اڏاوت کي گول پاسن ۾ تبديل ڪن ٿا ۽ ان جي مٿان قبي جو بنياد رکيو وڃي ٿو. ونگن وارا خانا قبي جي ڳچي ۽ ڊيڊيءَ (Drum) کي ڊگهو ڪن ٿا، تنهنڪري قبو مٿي اوچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. نيل واري چوٽي ٽن ڪلسن سان جوڙي ويئي آهي. ڇت جو اندريون پاسو اليڪي طرز جي چٽساليءَ سان اُڪيريل آهي. صفا چوٽيءَ تي گل جي اُڪير ڪئي ويئي آهي. ڇٽيءَ اندر ترخاني نموني جون ٻہ قبرون آهن.

## ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءُ مقبرو، عبدالله شاهہ اصحابي جي مزار کان اٽڪل 50 گز اولهہ طرف آهي. ڇٽي چورس مٿيري دڪي تي بيٺل آهي. هرپاسي جي ماپ 23 فوٽ آهي. ڇٽي ان کان ننڍي آهي. جنهن جي چورس ماپ 16 فوٽ آهي. مقبرو ٻارنهن ٿنڀو آهي. هر پاسي تي ٽي ٿنڀا قطار ۾ آهن. ڪندن وارا چار ٿنڀا ڪُنداٽتا آهن. باقي وچ وارا اٺ ٿنڀا هم چورس آهن. جن جا اندريان پاسا ڪُندن وٽ ماريل آهن. بنياد هم چورس ۽ چوڪندا آهن. مٿن اُڪير واري چٽسالي ترخاني نموني جي ٻن جي

طرز تي ڪيل آهي. هتي پهريون پيرو اسان کي ٺٽيي جي چوڪنڊي تاج هيٺان ٻاهرئين پاسي کان ماڪيءَ جي مانارين جهڙي چٽسالي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اندرئين پاسي ور وڪڙ ۽ ليڪن جهڙي اُڪير آهي. ٿنڀن تي رکيل ڇڪن وارا سردر هم چورس نقشي کي اناس جي صورت ڏين ٿا. اڳتي هلي ونگدار خانا ان اناس کي گول دائري جي شڪل ڏين ٿا. جيڪو قبي جو بنياد بڻجي ٿو. قبي جي اندرئين ڇت سادي آهي. پر سردرن جا اندريان ۽ ٻاهريان پاسا چٽسالي سان اُڪيريل آهن. مقبري اندر هڪ پٿرانهين ۽ سادي قبر موجود آهي.

### (ج) مسجد واريءَ پٽ سان ڇٽيءَ وارو مقبرو

اهڙي قسم جي ڇٽيءَ وارن مقبرن سان پٽ واري مسجد گڏيل هوندي آهي. هتي اسان کي نئين نموني سان قبي جي اڏاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان قسم جي اڏاوت ۾ گڏيل وچڙيل قسم جي ونگن جي ڪاريگريءَ کي استعمال ڪيو ويو آهي. ونگن جي آخري مرحلي کان پوءِ قبي جي اڏاوت شروع ڪئي ويئي آهي. اهڙي قسم جي ڇٽين جي تعمير دکن[12] ۾ عام جام آهي. امڪان اهو آهي، تہ مغل شهنشاهن پاران، دکن ڏانهن ترخان گورنر بدلي ڪيا ويا هئا، شايد انهن وسيلي هيءَ اڏاوتي فن هتي پهتو هجي.

### ڇٽيءَ وارو گمنام مقبرو

هيءُ مقبرو، مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي آهي. ڇٽيءَ جي هم چورس ماپ 14 فوٽ 6 انچ آهي ۽ مٽي جي ٿلهي جي اوچائي 3 فوٽ 4 انچ آهي. ستاءِ هم چورس اٿس ۽ جيڪو ٻارهن ٿنڀن تي بيٺل آهي، (نمبر 87). هرهڪ ڪنڊ تي هڪ ٿنڀو آهي. سڀ ٿنڀا گهاڙ ۾ هم چورس ۽ شڪل ۽ صورت ۾ سادا آهن، پر مٿانئن ماڪيءَ جي مانارن جهڙا تاج رکيل آهن. مٿيون پاسو چوڪو اٿن. ٻاهريون پاسو ستارن جهڙي طرز واري چٽن سان سينگاريل آهي. اهڙي ساڳي چٽساليءَ واري طرز نمبر 12 ۾ ڏسي سگهجي ٿي. ڇڪن وارا سردر ٻن ٿنڀن تي رکيل آهن. ان کان پوءِ هم چورس نقشو اناس ۾ بدلجي وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ گڏيل وچڙيل ونگن (نمبر 88) جو سلسلو ان کي مٿي هلي گول دائري جي شڪل ڏئي ٿو، جيڪو پڻ قبي جو بنياد آهي. گڏيل وچڙيل ونگن ۾ وڏي گل جي تصوير اُپريل طرز ۾ اُڪيريل نظر اچي ٿي. گهڻ - مرڪزي ونگ ۾ اڌ گل جي اُڪير آهي. قبي جي ڇت لهريدار طرز تي جوڙيل آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ سرن جي ڪاريگريءَ کي پٿر جي اُڪير جي چترڪاري واري ڪاريگريءَ[13] ۾ بدلايو ويو آهي. قبو هن وقت ڪري پيو آهي. ڇٽيءَ جي اندرئين پاسي ٻہ ڪچ سان لِتل قبرون آهن. مقبرو سرن جي ڪوٽ اندر آهي. جنهن جي اولهہ واريءَ پٽ ۾ سرن جي محراب جا اهڃاڻ ملن ٿا.

### مرزا طغرل بيگ جو مقبرو

مقبرو (پليٽ نمبر 28) هڪ چوڪُنڊي ٿلهي تي نهيل آهي. ٿلهي جي اوچائي 4 فوٽ آهي. مٿي وڃڻ لاءِ چڙهڻ ڏاکڻ سان چاڙهي نهيل آهي. مقبرو هم چورس 27 فوٽ آهي. ٻارنهن ٿنڀا ناهيل اٿس. مقبرو ٿلهي تي اوپر ڏانهن آهي. اولهہ پاسي ساڻس پٽ واري مسجد (نمبر 89) آهي. مقبرو 16 فوٽ 3 انچ هم چورس آهي، جيڪو ٻارهن هم چوُرس اُڪيريل ٿنڀن تي بيٺل آهي. مٿانئس مخروطي قبو آهي. ٿلهي جي هيٺان ٻاهرئين پاسي چٽن واري اُڪير جو ڪم ٿيل اٿس. وٽيل ڏوري جهڙي اُڪير ٿيل آهي. ٿنڀن جي ٻاهرئين پاسن تي گهري ڪوڪيءَ طرز ۾ اُڪير ٿيل نظر اچي ٿي. اَڪڙي طرز جي ٽڪ واري چٽسالي پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن ۾ مانڊاٽيءَ نموني وارا نشان آهن. نلهن جا بنياد لَسا آهن. تاجن وٽ ماڪيءَ جي مانارن جهڙي سنجڻ ٿيل آهي. (نمبر 91) ٿنڀن جي اندرئين پاسي کان ڪندا ڏار اُڪير ٿيل آهن. ڇت وارو اولهہ بہ ٻُسو ۽ سادو آهي، پر مٿس ڪنگرا ۽ ڇڄو رکيل ڏسجي ٿو. ڇڪن وارا سردر (پليٽ 29) ڪندن وارن ٿنڀن تي رکيل آهن. جيڪي هم چورس نقشي کي اناس ۾ تبديل ڪن ٿا. انهن سردرن تي چوڪنڊي طرز جي چٽن واري اُڪير ٿيل آهي، جيڪا اڳتي هلي اڌ ستاري وٽ ختم ٿي وڃي ٿي. سردر مٿان رکيل داڙو لهريدار طرز جي اُڪير ڏيکاري ٿو. تنهن کان پوءِ گڏيل وچڙيل ونگن جو سلسلو اناس کي (نمبر 90) گول دائري جي شڪل ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو، جيڪو قبي جو



تصوير 87 - جان بابا جي مقبري جي ڏکڻ ڏسا تي هڪ گمنام مقبرو، جيڪو ڇٽي جهڙو آهي. جنهن جي هر چورس لسن ٿنڀن جي تاجن Capitals وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي اُڪيريل ڏسجي ٿي. هن تعمير جو تعلق 17 هين صدي جي وچئين دور سان آهي.



تصوير 88 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ڏکڻ پاسي هڪ گمنام مقبري جي ڇت، جتي جافريءَ سان ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هيءَ تعمير 17 صدي عيسويءَ جي وچ واري زماني سان تعلق رکي ٿي.

بنياد ٻڌجي ٿو. ڇٽيءَ اندر هڪ قبر آهي، جنهن تي 1059هه /1649ع سن لکيل آهي. اولهه ۾ پٺ واري مسجد (نمبر 92) جي وچ تي وڏو محراب آهي، جنهن جي مٿان چوڪُنبو سردر تعمير ٿيل ڏسجي ٿو. پاسن ۾ ٻه ننڍڙا محراب اٿس. پٺ جي ٻنهي ڇيڙن وٽ، هر چورس بنيادن سان ٻه ننڍڙا منارا تعمير ٿيل آهن. ان مسجد جي پٺ جي اوڀارين مهاڙي نهايت خوبصورت ناهيل آهي. مقبري تي ٻه ساڳيءَ قسم جي گهري ڪوڪي اُڪير واري چٽسالي ڪئي ويئي آهي. وچئين مکيه محراب (نمبر 92) جو اندريون پاسو ونگدار خانن ۾ ورهايو ويو آهي. هرهڪ خاني ۾ گُگهي جهڙي گلدان جي طرز جي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. محراب مٿان چوڪُنبي اڏاوت جي اندرين ونگ جدا پٿرن سان ترتيب ڏني ويئي آهي، جيڪا صحيح نموني گول شڪل ۾ ٻڌل آهي. منجهس زنجيريءَ جي طرز جهڙا مختلف چٽساليءَ جا نمونا اُڪيريا ويا آهن. ونگ جي نُڪرن تي گگهيءَ جي طرز جي اُڪير ٿيل آهي. مٿان فارسي لکت موجود آهي. وري ٻه درن واري آڪڙي طرز واري چترڪاريءَ جو ورجاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جي وچ تي چوڪور چٽساليءَ واري هلڪي اُڪير ٺهيل آهي. اُڪير جو تفصيل ڏاڍو دل کي وڻندڙ آهي.

## قبرن جا پٿراوان لوڙهه (GRAVE CENOTAPHS)

### پٿرانهين لوڙهه مٿان سرُو وڻ جي اُڪير

هڪ پٿرانهين قبر نورالدين پٽ شاهه منصور، حڪيم تبريزيءَ سان تعلق رکي ٿي، جنهن 25 ذوالحج 948هه پٽاندر اپريل 1542ع ۾ وفات ڪئي.[14] سندس قبر جي پٿرانهين لوڙهه مٿان، گل ٻوٽي ۽ ساهه وارن جيوَ جون تصويرون عام جام ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. سيرانديءَ واري پاسي هڪ گل جي خوبصورت چٽساليءَ جي اُڪير ڪئي وئي آهي (نمبر 93) جنهن جي



تصوير 89 - طغرل بيگ جو مقبرو ۽ اولهه پاسي تعمير ٿيل مسجد. جيڪا اوپر - اتر پاسي کان نظر اچي رهي آهي. مقبرو يارهن ٿنڀن تي بيٺل ڇٽيءَ تي ٻڌل آهي. هن جڳهه جو لاڳاپو 1059 هه/1649ع سان آهي.



تصوير 90 - طغرل بيگ جو مقبرو. جنهن ۾ خانا ۽ گڏيل وچڙيل قسم واريون ونگون آهن. قبي جي تعمير ۾ نواڻ نظر اچي ٿي. هن تعمير جو دور 1059 هه/1649ع وارو آهي.



تصوير 91 - طغرل بيگ جي مقبري جي اولاهين پٽ پر ٺاهيل خوبصورت مسجد جنهن جي اُڪيريل ٽنپن تي ٽيل
ڪم ٽُڪ جيان گهرو آهي.



تصوير 94 - هڪ ٽلهي تي چوڪنڊي نموني جهڙيون قبرون، جن جي پٿرن کي هر ڪنڊ تي پاوا لڳل آهن. عورتن جي قبرن جي پٿرن تي ٻن چوڙين جي اُڪير ڏسجي ٿي. تعمير جو واسطو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 95 - چوڪنڊي طرز جي قبرن جي پليٽ فارم تي اُڪير جا نمونا هيٺئين لوڙهڻ تي ور وڪڙ ليڪون، پٽين سان چٽسالي ۽ ڪونج چٽ Sigmas جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. مٿئين ٻن تختين تي ڏاڪڻ جي ترتيب تي هر چورس ٽڪ کي قطار ۾ رکيو ويو آهي. اها طرز پڻ پراڻي آهي، جنهن کي نئينءَ ترتيب سان اُڪيريو ويو آهي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 17 هين صدي عيسويءَ سان آهي.



تصوير 96 - ٻن مان هڪ قبر جي تصوير، جيڪا ڪنهن عورت سان لاڳاپو رکي ٿي، جنهن تي سنڌ جي نون None طرز جي ڳهڻ (زيور) اُڪير ٿيل آهي. وچ تي چندن هار torque ۽ پاسن تي ڪنگڻ armlet ان ڪان هيٺ منديون ear rings مٿان پنڙا Finger Rings ۽ قبر جي پاسي تي پٽيون يا ڪڙيون anklets اُڪيريل آهن.



تصوير 97 - ٻن مان هڪ مرداڻي قبر جنهن تي هٿيار بند گهوڙيسوار جي تصوير اُڪيريل آهي. گهوڙو مڪمل طور سنجيل ڏسجي ٿو ۽ مٿي اُپڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سوار جي مٿي تي پٽڪو ٻڌل آهي. هن جي ساڄي هٿ ۾ گهوڙي جي واڳ جهليل آهي. جڏهن ته سندس کاٻو هٿ تلوار جي مُٺيءَ تي رکيل ڏسجي ٿو.

ڪنن جون واليون، ٻه ٻانهوننا ۽ ٻه ڪڙيون (نمبر 95) آهن. پٿرانهين لوڙهڻ تي اليڪي سنجڻ سان سينگاريل آهي، جيڪا ترخانن جي پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. اڌ هيري ڪٽين واري طرز خاص ان دور سان واسطو رکي ٿي. ساڳئي نموني سان گول دائرا جي وچ ۾ لڪدار چوڙسا نهيل آهن. اها خاص اُڪير اهڙي آهي، جهڙا هڪ مرڪزي چوڙس زيورن جا نشان چوڪنديءَ جي قبرن تي به مليا آهن[15]، جيڪي سترهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن سان تعلق رکن ٿا. جن جي دور ڪي سندن آرائش واريءَ طرز سان يقيني طور تي ثابت ڪيو ويو آهي، جهڙي ريت اسان موجوده اُڪيرڪاريءَ واري طرز ۾ ڏسي سگهون ٿا.

## جان بابا جو مقبرو

جان بابا، مرزا عيسيٰ خان ترخان I جو پٽ، مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو پيءُ هو. مرزا صالح جي وفات کان پوءِ پنهنجي پيءُ مرزا عيسيٰ خان ترخان جو پيارو ٻٽيو ۽ سندس وفات کان پوءِ جانشين طور چونڊيو ويو. سندس ڀاءُ مرزا باقي بيگ جي دشمنيءَ سبب ڪيس بي رحميءَ سان قتل ڪرايو ويو.[16] هڪ لکت[17] موجب، سندس قتل 978 هه/1570ع ۾ واقع ٿيو. سندس مقبري لاءِ چيو ويندو آهي، ته هن جي پٽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II 1070هه /1608ع [18] ۾ ٺهرايو هو. عام طرح اهو سمجهيو[19] ويندو آهي، ته ان يادگار عمارت[20] تي گجراتي اڏاوتي فن جو وڏو اثر آهي. اهو سڀ ان ڪري آهي جو ان يادگار تي پٿر جي اُڪير جو ڪم جهجهي انداز ۾ ڪيل آهي. پر هيٺ ڏيکاريو ويندو، ته پٿر جي اُڪير جي طرز هتان جي سنڌي روايتن تان ڪنيل ۽ ورتل آهي. جيتريقدر مقبري ۾ استعمال ٿيل پوري پٿر جو تعلق آهي، سو به سنڌ جي ٽڪرين مان هٿ ڪيو ويو آهي.

مقبري (نمبر 100) جو ڪوٽ چوڪندو آهي. سندس اندرين ماپ 48 فوٽ 34 انچ آهي. ڏيڍيءَ جي اڏاوت ٺلهن تي ٿيل آهي. ان جي ماپ 25 فوٽ 6 انچ x 20 فوٽ 2 انچ آهي. ڏکڻ ڏس کان اها هڪ جدا تعمير هئي، جيڪا پوءِ ڳنڍائي ويئي آهي. اها گهٽو پوءِ جي جوڙيل آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو اصل اڏاوت سان ڪوبه واسطو ڪونه آهي. ٻيو ته انڪري ڏکڻ واري مهاڙيءَ جو سچو منظر ڍڪجي وڃي ٿو. خاص طور تي ڏکڻ پاسي وارو در، جيڪو ان جڳهه لاءِ خاص رستو آهي، بند ٿي ويو آهي. هاڻي اولاهينءَ پٽ جي ڏاکڻي دري ڪولي اندر وڃڻ لاءِ لنگهه ٺاهيو ويو آهي. اتر - اوڀر واريءَ ڪنڊ کان عورتن جي قبرن جو ڪوٽ آهي، جنهن جي ماپ 11 فوٽ 3 انچ x 10 فوٽ 8 انچ آهي. لنگهه ڏکڻ پاسي کان ڇڏيو ويو آهي. اولهه



تصوير 101 - جان بابا جي مقبري اندر تعمير ٿيل محراب وارو حصو ۽ ان جي اوچائي. مکيہ محراب جي مهاڙي ۾ ونگائين اڏاوت ڏسجي ٿي. ان ونگ جي شڪل ذري گهٽ گول آهي. پاسي سان ٻہ چوڪندا خانا آهن، جن ۾ گول قسم جي اُڪير موجود آهي. محراب واري خاني جي ننُڪرن ۾ هڪ هڪ اُڪيريل گل چٽ ڏسجي ٿو. اندرئين پاسي اُڪير جون ليٽيل سنوت ۾ پٽيون ڏسجن ٿيون. هن جي ٻنهي پاسن کان خوبصورت سنڌي اڏاوتي طرز جا پاوا آهن.



تصوير 104 - جان بابا جي مقبري جي چوديواري اندر پٿين وسيلي ٺهيل ٽي مقبرا، جن جا ٿنيا هر چورس ۽ لسا آهن پر سندن مٿئين پاسي تاجن وٽ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي اُڪير ٿيل ڏسجي ٿي. هنن ٽنهي مان فقط وچيون مقبرو صحيح سلامت آهي.

ٻسا ۽ هر چورس آهن. پرمٿي تاج وٽ ماکيءَ جي ماناَرن جهڙي اُڪير ڏسجي ٿي. اهڙي ساڳي چٽسالي اسان ٻين ترخاني اڏاوتن تي پڻ ڏسون ٿا. ساڳيءَ ريت آرائشي قسم جون اُڪيريل چوَمکيون گهوڙيون آهن. اهڙيون ساڳيون گهوڙيون طغرل بيگ جي مقبري ۾ به ڏسڻ اچن ٿيون. مٿن چِٽکن وارا سردر رکيل آهن. (نمبر 99) سندن مهاڙين وارن پاسن تي چوڪنڊا خانا اُڪيريل آهن، جيڪي اڳتي هلي مقبري 14 ۽ 15 جيان ستارن واري اُڪير وٽ پهچي ختم ٿي وڃن ٿا. انهن مٿان تراڪڙن پٽرن جا ٻار ڏنا ويا آهن، جيڪي ٻين عمارتن مان اکوڙي آندا ويا ٿا پائنجن.

## پٿين جو ٻاهريون پاسو

بنيادن کان مٿان، پٿين جو ٻاهريون پاسو پينل نموني ونگن سان خانا هٽي سينگاريو ويو آهي. هرهڪ خاني جي شڪل چوڪُنڊي آهي. فرش جي سنوت کان وني ونگدار خانن جي ترن تائين، ٻاهرئين پاسي واريءَ پٽ تي اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن ۾ هيٺئين پاسي ڏندي، وچ ۾ آڪڙي طرز ۽ مٿان لڏڪٽا رکيل آهن. (پليٽ 35). هن قسم جي اُڪير جي طرز ڏيڍيءَ جي اوپارٿين حصي کي ڇڏي، باقي پٽ جي ٻاهرئين پاسي کان چوڌاري ڦري اچي ٿي. پر ٻئي پاسي کان ونگون ۽ خانا کونہ آهن. (پليٽ نمبر 30) چوڪنڊن خانن جي ٻانهين تي هڪ ٻئي مٿان آڪڙي شڪل جي اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هرهڪ کي نکيڙي بيهارڻ لاءِ ليٽيل سنَوت ۾ آڪڙي طرز جي اُڪير آهي. ونگن وارن خانن اندر آڪڙي قسم جي اُڪير جيڪا مانڊاٽي جيان آهي. هيٺان ۽ مٿان لڏڪٽا لڳل اٿس. چٺن پاسن کان چار گل اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ پنجون وڏو گل مٿان ٽڪ ٽيل نظر اچي ٿو. پاسن وارين ٻانهين کان سواءِ اهي سڀ اپريل طرز (High relief) ۾ اُڪيريل آهن. ونگ جي اُپي پاسي تي اوپڙ جي طرز چٽيل آهي، جن ۾ ولين کي پن آهن ۽ موڙ گول طرز جا آهن. ساڳي طرز اسان ان جڳهه ۾ کنهن ٻئي هنڌ به ڏسون ٿا. پرنُٽکرن وٽ عشق پيچان ولَ (Ivy) جي پنج ڦاکي پن جي تصوير نظر اچي ٿي. پٽ جي مٿئين پاسي تي ڇهن قسمن جي آرائش آهي، جيڪا سڄي هلڪي اُپريل طرز ۾ اُڪيريل آهن. هيٺينءَ ۾ مانڊاٽي نشانن سان چوَرسن جو سلسلو آهي. ٻئي ۾ مرکب ڏوريءَ جي طرز آهي، جنهن ۾ کيترائي دائرا ٻڌجي پون ٿا. ٽئين زنجيريءَ واري چٽسالي جي طرز آهي. چوٿين پيچدار چٽساليءَ جي طرز آهي، جنهن ۾ آڪڙي طرز جي وَنگ اندر گل جي اُڪير آهي، جنهن جي بيگهڙ تي انساني ڏڙ آهي. اندريون پاسو جافري يا آڪڙي طرز واري چٽساليءَ سان پريل آهي. انسان جي مٿي وٽ اڌ گل جي اُڪير نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ به اڳئين چٺن جيان زنجيري طرز جي چٽسالي آهي. آخر ۾ گڏوچڙ ڏوري واري طرز جو ورجاءَ کيو ويو آهي. اهڙي قسم جي چٽسالي پٽ جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. فقط اوپر پاسي کان اها پڳل آهي.

## محراب جو پٺيون پاسو

اولاهين پٽ ۾ محراب (نمبر 99) جي مٿان چوڪنڊي اڏاوت کئي ويئي آهي. مٿس چٽسالي تمام جهجهي آهي. محراب جو هيءُ وڏاوڙو ڪاريگرن جي هنر ۽ ڪاريگريءَ جو مرڪز بڻيل آهي. اولي واريءَ پٽ مٿان وڏاوڙي وارو مٿاچرو اوپڙ طرز جي چٽساليءَ سان پريو پيو آهي (پليٽ 33) هتي ونگن وارن خانن ۾ آڪڙي قسم جي طرز واري اُڪيريل چٽساليءَ جو ورجاءَ کيو ويو آهي. اُڪير اهڙي ريت کيل آهي جو هڪ انچ به چِٽ کان واندو کونہ آهي. ان آڪڙي اُڪير جو اندريون ۽ ٻاهريون پاسو اوپڙ جي نئين طرز جي چٽن سان پريل آهي. تنهن کان بعد هڪ لڙهہ جي صورت ۾ جهالردار ونگن جو سلسلو آهي، جيڪو ور وکڙ کائيندو اڳتي نکري وڃي ٿو ۽ انهن ورن ۽ وکڙن اندر کيترن ئي قسمن جون اُڪيرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. دروازي جي چوکاٺي جون ٻانهيون اليکي سنجٽ سان سينگاريل آهن. اٿين جيئن اهي آڪڙي اُڪيرون اولهہ واري پٽ تي اُپي نموني چٽيل آهن. جيڪڏهن کين پاسي کان ڏسجي ٿو، تہ ليٽيل سنوت ۾ نظر اچن ٿيون (پليٽ 32).
هڙيءَ ريت ان جي وَٽ واريءَ اُڪير سان ڏاڍوسبنڌ آهي. هيءُ وڏاوڙو محراب مٿان چوڪنڊي اڏاوت کان اوچائيءَ ۾ کجهہ ننڍڙو آهي. سندس الهندي مهاڙي آڪڙي ونگن وارين طرزن سان سينگاريل آهي ۽ منجهس وچ تي گل جي تصوير چٽيل آهي. ان قسم جو سلسلو، ليٽيل اُڪير واري طرز ۾، مٿي ۽ هيٺ وارين قطارن اندر ڏسي سگهجي ٿو. محراب جي پٽ جي



تصوير 102 - جان بابا جي مقبري جي ديوار ۾ نظر ايندڙ خانا جن ۾ آڪڙي طرز وارن چٽن سان پوپٽ نظر اچن ٿا ۽ مٿان گل جهڙي اُڪير آهي. خانن کي الڳ ڪرڻ وارن پٽين تي بہ ساڳئي قسم جي اُڪيريل چٽسالي آهي. مٿي ڪارنس تي اُڪير جون ٽي پٽيون آهن.



تصوير 103 - محراب جي پٺئين طرف وارو اولاهيون ۽ ڏکڻ - اولهہ وارو پاسو، جن تي خوبصورت خانن واري طرز موجود آهي. جنهن ۾ آڪڙي اُڪير واري طرز سان گڏ رڪيل پوپٽ آهن، جيڪي گُنوچڙ گلڪاريءَ سان گڏ نظر اچي رهيا آهن.

مٿاچري تي ٿيل اُڪير واري چٽساليءَ جي گهٽائي نظر اچي ٿي. جيڪڏهن ڪيس ڇدي پاڍي اُڪير جي پيٽ ۾ ڏنو وڃي تہ سنگتراش جو مقصد چٽيءَ ريت سمجهہ ۾ اچي ويندو. محراب مـن موهڻو آهي. ڏسڻ سان ئي هن ڏانهن هڪدم ڌيان ڇڪجي ويندو. ان قسم جي ضرورت ڪي اسلامي طرز واري اڏاوت جي ڄاڻو ڪاريگرن پورو ڪيو هوندو. هيءَ ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي، تہ گجرات جي اڏاوتي فني نموني جيان، اسان کي هتي ڪٿي بہ وڻ جي اُڪير نظر ڪانہ ٿي اچي. هتي اسان کي اهي طرزون نظر اچن ٿيون، جيڪي ترخان دور جي اڏيل عمارتن ۾ موجود آهن.

## در وارو لنگهہ

ڏاڪڻي در واري لنگهہ مٿان چوڪُندو سردر آهي. جنهن جي چٽساليءَ جو نمونو بلڪل سنڌي آهي. اهو پٽ کان مٿي اوچو ۽ چوڪندي شڪل صورت ۾ وچ تي ڏاڪا، سامهون گهوڙين سان ٺهيل ڇڄو اٿس. ڇڄي جي ٻاهرئين پاسي هيري ڪٽ طرز جي چٽساليءَ جي قطارآهي. اوچي سردر مٿان تاج وانگر ڪنگرن جي قطار هڻي ويئي آهي (نمبر 100). هرهڪ ڪنگري مٿان ستارو اُڪيريل آهي. اهڙا ڪنگرا ڪاهي پاسي کان ڪجهہ بچي ويا آهن. محراب جي ان اڏاوت جي ڏاکڻي مهاڙي، اڪيچار قسمن جي اُڪير واري چٽساليءَ سان سينگاريل آهي. انهن ۾ مکيہ ۽ اهم چٽساليءَ جون طرزون ونگ وارن خانن ۾ آڪڙي نموني چٽيل آهن. منجهس گلاب جي تصوير اُڪيريل آهي. اهڙي قسم جي اُڪير پاسي وارين پٽين تي بہ ڏسي سگهجي ٿي. ٻين پاسن وارين پٽين جي اُڪيرن جا نمونا بہ ساڳي قسم جا آهن. در جي چانئٺ ۾ گول چنڊ جي پٿر (Moon Stone) تي ۽ مٿي سردر تي چوُرس داٻڙيءَ تي اليڪي چٽساليءَ جي وچ تي لهريدارگلن جون تصويرون آهن. هن چوڪنديءَ اڏاوت جي اندرئين پاسي (پليٽ 31) جي اُڪير، مٿئين اولي جي پٽ کان وٺي، در جي سڌائيءَ وارن ونگن وارن خانن تائين ڏاڍي سونهندار سنجڻ ڪئي ويئي آهي. چوڪندن خانن ۽ ڏندائين ونگن وارن چوڪُندي خانن ۾ اُڪير جي طرز ساڳي آهي. ٻنهي جي پاسن تي اپريل طرز جي اُڪير ۾ گل جي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ونگڙ جي حصي ۾ نـُڪرن ۾ عشق پيچان (Ivy) جي ول جي طرز وار چٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو، جيئن ڪو تصويرن جو مها چار وڇايل هجي! ڄڻ اهو ڪاشيءَ جي چٽساليءَ جو ڪو نمونو هجي، جنهن کي پٿر جي اُڪير سان بدلايو ويو آهي. خط نسخ ۾ بسم الله ۽ ڪلمي جي لکت کان سواءِ ان چوڪور خاني اندر تير جي اٽيءَ جيان اپيچي اُڪير جي طرز پڻ ڏسڻ اچي ٿي. ان اڏاوت جي ٻنهين پاسن کان ونگن جي خانن سان چوڪندا وڏا خانا آهن. محراب جي اڏاوت جي پيٽ ۾ ٻانهيون ۽ سردر بلڪل لسا ۽ سادا آهن. ائين پائنجي ٿو، تہ اڏاوت جو ڪم اڌ ۾ ڇڏيو ويو آهي.

## اندروني ڇنسالي

پٽ جي اندرئين پاسي تي بہ ساڳي نموني جا خانا (نمبر 102) آهن. جڏهن تہ مٿئين اولي کان هيٺان وارا اُڪير جا ور وڪڙ ۽ ڪجھ ٻيءَ پانت جا آهن. ساڳيءَ ورن جي اُڪير واري ڇنسالي عورتن جي حصي ڏانهن اندران ۽ ٻاهران هلي وڃي ٿي. اوپر ڏس کان ڪجھ ٻاريون اڻ پوريون ڇڏيون ويون آهن.

## محراب

محراب (نمبر 101) الهندي واري پٽ تي آهي. ٻنهي پاسن کان وَنگايون دريون اٿس. سٽاءَ ۾ اڌ اناس آهي، جيڪو ڇئن ونگن جي قطار ۽ ٽن ناليسرن جي هيٺان آهي. مقبري جو هيءُ حصو وڏ ۾ وڏ خوبصورت آهي. ساڳيءَ ريت ٻاهران بہ محراب کي گهٽي کان گهٽو سينگاريو ويو آهي. محراب تي ڇنسالي واري اُڪير واضح ۽ فطري آهي. (پليٽ 36) محراب جي ٻاهرئين پاسي سامهون سنڌي طرز جا بہ پاوا آهن. بہ گهوڙيون بہ جُڙيل نظر اچن ٿيون. گهٽو ڪري اهي ڏيئن رکڻ لاءِ ڏيانيءَ طور بنايون ويون هونديون. پاون جا بنياد چوُرس آهن. مٿن مانڌاٽي نشانن جي اُڪير آهي. پاون جا مٿيان پٽر اناس شڪل جا آهن. اُڪير جي لحاظ کان ان کي اجا بہ ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. يعني پائي جو پٽر وچ تي هر چورس ۽ پاسن کان اناس آهي. هرهڪ اناس پاسو زنجيريءَ جي اُڪير وارن ڇٽن سان سينگاريل آهي. مٿان تاج رکيل اٿس. محراب جي اندرئين ونگ کي اندرئين پاسي کان ڏندڙي لڳل آهي ۽ هيٺان گول دائرن تي اوپڙ جي ڇترڪاري آهي. ونگ جي نُڪرن ۾ گل اُڪيريل آهن. منجهس ترخاني قسم جي ٻن ڇٽ جي جهجهائي آهي. اهو خانو چوڪُنڊي ورن تي ڏيانيءَ جي چوڏاري قري اچي ٿو. مٿانئس چوُرسن جي هڪ قطار آهي. جن ۾ گلن جون تصويرون اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ٻيءَ ڏندائين ونگ جي وَنگڙَ ۾، جيڪا گڏوچڙ طرز جي لڙھ ٻڌجي پئي آهي. هڪ چوڪور ٻاريءَ ۾، گلن جي اُڪيرن سان گڏ چوُرسا بہ آهن. هتي هڪ وٿي آهي، شايد ڪنهن لڪت واسطي ڇڏي ويئي هجي. ونگڙ جي ٻي وٿي اوپڙ جي طرز وارن ڇٽن سان پريل آهي. مٿان گل جي تصوير آهي. ان کان پوءِ ونگن جون قطارون آهن. پهرين قطار ۾ چوُرس گل اُڪيريل آهن. ٻي قطار ڏيانڻ وٿان اپري ٿي، جيڪا اڌ گولن تي مشتمل آهي. هندي اڏاوتي طرز وارن مندرن ۾ اهڙي قطار ۾ هنج پکيءَ جون تصويرون اُڪيريل هونديون آهن. پر هتي اهڙي قسم جي ڪابہ تصوير موجود ڪانہ آهي. ساڳيءَ طرح چام نظام الدين جي مقبري (نمبر 71) ۾ موجود ونگ جو قبو آهي. ڪجھ ماٺهو ان ورن واري ونگ کي گجرات جي ڏندائين ونگ[21] سان ڀيٽ ڪن ٿا. پر اهي بنيادي طور بہ جدا شيون آهن. پوئين مثال ۾ گول قسم جون ونگون پاون تي بيٺل هونديون آهن. پر هتي اهي پاوا موجود ڪونہ آهن. موجوده قسم جي ونگ سنڌي ورن جي آهي. ٽئين ونگ اوپڙ واري طرز سان آهي ۽ گول دائري واري پن ول تي مشتمل آهي. انهن ورن جون ونگون وري بہ چوڪُنڊي ٻاري ۾ موجود آهن. ونگ جي نُڪرن تي گول گلن جي تصوير اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اوپڙ جي هڪ ڳتيل طرز واري ڇنسالي پڻ نظر اچي ٿي، جنهن جو نمونو آڪڙي آهي. تيموري دور ۾ ونگن جي نُڪرن تي ڪاشيءَ جي سنجٽ خاص عام ۾ مشهور هئي. ان کان پوءِ موڪري چوڪُنڊي ٻاري آهي، جنهن ۾ اندر گول دائرا آهن، هر هڪ جي وچ تي هڪ نقطو آهي، جيڪي هڪ ٻئي کي ڪپين ٿا. آخري پٽي چوڪُنڊي بيهڪ جي آهي، جيڪا ور وڪڙ شڪل واري گهوڙيءَ وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ اولي جي صورت ۾ اڳتي وڌندي وڃي ٿي. فرش جي سنوت ۽ ٻيڙھ وارن ٻارن کان وني مٿي آڪڙي ورن جون ونگون آهن، جن ۾ گلن جون تصويرون ڇٽيل ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مٿي ڇت جي پرسان ڪنگرن جي قطار آهي. قبي جهڙي محراب جي ڇت تي اوپڙ طرز واري ڇنساليءَ جي جهجهائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. محراب جو هيٺيون حصو اڌ اناس آهي، جنهن ۾ ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ بہ ڇنساليءَ جي اُڪير ٿيل آهي. مٿيون چار ٻاريون ويڪر ۾ هڪ جيتريون آهن. هيٺئين قطار مٿي اوچي آهي، جيڪا محراب جي اڌ ماپ جيتري آهي. انهيءَ قطار ۾ جهالردار ونگ آهي، جنهن ۾ اندر گول گل جي تصوير آهي. هيٺان آڪڙي صورت سان لڙڪندڙ قلو آهي، ڪندن تي گول گلن جون ننڍيون تصويرون اُڪيريل آهن. تنهن کان پوءِ هڪٻئي کي ڪپيندڙ گول دائرن جي قطار آهي. ان کان پوءِ گلن جي اُڪير جي قطار اچي ٿي. مٿيون بہ قطارون سِيڌ ونگ اندر آڪڙي ورن جون اُڪيرون ڏيکارين ٿيون. وچ واريءَ وٿيءَ ۾ اوپڙ طرز جي ڇٽن جي گهٽائي آهي. محراب کي اندرئون سينگارڻ جو طريقو ڄام نظام الدين جي محراب ۾ ليٽيل سنوت جي اُڪير جيان آهي ۽ گجرات جي مسجد واري



تصوير 106 - جان بابا جي مقبري اندر گول دائرن جي هڪ ٻئي کي پائيندڙ ۽ ورن وڪڙن واري اُڪير جي طرز، جيڪا قبي جي وچ تي مٿي نظر اچي رهي آهي.



تصوير 107 - جان بابا جي مقبري اندر ونگ سان خانو، اهڙا خانا ڪنڊ واري محرابيءَ جو ڪم به ڏيندا آهن. انهن محرابن جي تعمير کان پوءِ هر چورس منڊپ، اٺ ڪنڊي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ان اٺ ڪنڊي کي وري آسانيءَ سان سورهن ڪنڊو بہ بڻائي سگهجي ٿو.

## مرزا عيسيٰ ترخان II جو مقبرو

### اڏاوت جي تاريخ

مرزا عيسيٰ خان ترخان II جان بابا جو پٽ هو. هيءُ مرزا غازي بيگ جي وفات 1021هہ/1612ع[24] کان پوءِ مغل گورنر مقرر ٿيو، پر سندس مقرري سنڌ کان ٻاهر عمل ۾ آئي. فقط 1037هہ کان 1038هہ جو وچ وارو عرصو مغل گورنر جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ رهيو. اندازو لڳايو وڃي ٿو، تہ ان عرصي دوران ان مقبري جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو هوندو. مير علي شير قانع ٺٽوي جي حوالي مطابق تہ ان مقبري جڙي راس ٿيڻ ۾ ارڙنهن سال ورتا. مقبري تي تعمير جو خرچ نورائي علائقي جي ڍل مان ڪڍيو ويندو هو، جنهن کي ابن ڏاڏن جي مقبرن جي سارسنڀال جي خرچ واسطي اڳ ۾ ئي مخصوص ڪيو ويو هو. ساڳئي حوالي ۾ ذڪر ٿيل آهي، تہ عمارت جي تعمير لاءِ پٿر بہ هندستان جي ان علائقي مان آندو ويو، جتي مرزا عيسيٰ خان ترخان II گورنر مقرر ٿيل هو. پير حسام الدين راشدي[(25)] ان نُڪتي تي روشني وڌي آهي ۽ بحث بہ ڪيو آهي، تہ عمارت جو پٿر مرزا عيسيٰ خان ترخان II گجرات مان هٿ ڪري موڪليو، جتي هو گهڻو وقت گورنر ٿي رهيو هو. هو وڏيڪ ٻڌائي ٿو، تہ اهي رڳو پٿر ڪونہ هئا، جيڪي هن موڪليا، پر پٿر ڇنڊسالي سان اُڪيرائي گجرات مان روانا ڪيا هئا. انهن اندازي ۽ ڪٽ ۾ ڪو بہ وزن ۽ ڪابہ سچائي ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اڪيسريل پٿر ڦڪا ۽ ڇن جا آهن ۽ هتان جي مڪاني پٿر جي ساخت جهڙا آهن. اهي اهڙي قسم جا عام پٿر آهن، جيڪي مڪلي ٽڪريءَ جي پين جڳهن ۾ بہ ڪم آيل آهن. اڳتي هلي اهو بہ ڏيکاريو ويندو تہ پٿر جي اُڪير جي طرز بہ گجراتي نہ پر سنڌي اصليت جي آهي.



تصوير 108 - مرزا عيسيٰ ترخان II جي مقبري جي رٿابندي ۽ زمين تي نقشو. هن مقبري جي ٻاهران وانگاڙو ڏنل آهي. جنهن ۾ خوبصورت خانا ٺاهيل آهن. مکيہ لنگهہ اوڀر پاسي کان آهي. اتر ۽ ڏکڻ طرف کان بہ بہ لنگهہ آهن جيڪي بند آهن ۽ محراب اولهہ پاسي تعمير ڪيو ويو آهي. مکيہ مقبرو ٿنڀن جي آڌار تي بيٺل آهي، جنهن کي پاسي واريون ديوارون ڏئي تيار ڪيو ويو ٿو ڏسجي. ان کان سواءِ ٿنڀن جي آڌار اڏايل بہ ورانڊا آهن. اڏاوت جو هي فن، گجرات جي اڏاوتي فن سان لاڳاپو رکي ٿو.

اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ ڪي طرزون گجرات جي اڏاوتي فن تان بہ ورتل آهن. جيڪڏهن اسان عمارت جي سٿاءَ جي تفصيل ۾ وينداسون، تہ اسان کي پتو پوندو، تہ اڏاوت جي نقشي جو بنياد پڻ گجراتي طرز تي رکيل آهي. ان جو اهو مطلب آهي، تہ فقط اڏاوتي نقشو ان پاسي کان آيو ۽ ان عمارت کي مرزا جان بابا جي مقبري کان نياري صورت هئي، پر جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي تہ ان عمارت جي رٿا مڪليءَ ٽڪريءَ تي موجود سڀني عمارتن کان جدا ۽ نياري آهي، تہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. پير حسام الدين راشدي، مير علي شير قانع جي حوالي سان بيان ڪيو آهي، تہ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي وفات ڪري مقبرو اڌ ۾ رهجي ويو ۽ نشيمن جا ڪجهہ حصا بہ اڻ پورا هئا. پر حقيقت اها آهي تہ موجوده عمارت ڪٿي بہ اڻ پورائي اهڃاڻ ڪونہ ٿي ڏيکاري.

**رٿ**

مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو (نمبر 108 - خاڪو 6)، ڪوٽن وارن مقبرن جي ورثن ۾ اچي وڃي ٿو. چاڪاڻ تہ مقبري واري جڳهہ، چوڌاري ڏنل ڪوٽ جي وچ تي آهي. اهو مقبرو ٻين مقبرن کان ان ڪري نواڻ رکي ٿو، جو هن مقبري ۾ قبرن مٿان هڪ مڪمل اڏاوت ٿيل آهي. ان معاملي ۾ هيءُ مقبرو، جان بابا جي مقبري جي گهٽو ويجهو اچي پوي ٿو. پر جان بابا جي مقبري جو سٿاءُ هتان جي مشهور معروف چئنيءَ وارن مقبرن تان ورتل آهي. ٻئي طرف مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو سٿاءُ گجراتي اڏاوتي طرز جو آهي، جنهن ۾ وچ واري هم چورس صفي کي چوڌاري ٿلهہ ڏئي، انهن تي قبو بيهاريل آهي ۽ چوڌاري چئني پاسن کان ٿنبدار جهروڪا ۽ ڪٺهڙا آهن. هڪ ٻئي جي مٿان ساڳيا ٻٽا ٿلهہ ڏئي ان عمارت کي جوڙي راس ڪيو ويو. اهي ٿلهہ جڳهہ ۾ چوڌاري ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. ٽئين هڪ جهڙائي اها آهي، تہ ٻنهي ۾ ڇت ۽ ڪٺهڙي جي تري ۾ تراڪڙا اڪيرِيل پٿر استعمال ڪيا ويا آهن. ڇت ڍڪڻ جو هيءُ اهڙو طريقو آهي، جيڪو اسلامي اڏاوتي فن واري دور کان اڳ ۾



تصوير 109 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو هڪ اوچو حصو، جنهن ۾ ٻن پاسن کان اوچو پلويڙو ڏنل آهي. ٽنهين واري ورانڊي ۾ ننڍڙيون قبيون تعمير ڪيون ويون آهن. اتاهون قبو پاڻ ۾ گڏيل ونگن تي بيهاريو ويو آهي.



تصوير 110 – مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي محراب ڪان ٻئي پاسي جيڪڏهن ترڇو ڏسبو، تہ الهنديءَ پٽ ۾ هڪ وڏو ۽ گهرو جارو نظر ايندو. ان ڪان سواءِ پٽ ۾ ونگن سان خانا بہ ڏسڻ ۾ ايندا.

رائج هو ۽ ان طريقي سان منڊپ يا صفي کي ڍڪيو ويندو هو. ڇوٽين هڪ جهڙائي بذات خود مکيہ قبي جي تعمير آهي، جنهن ۾ گڏيل وچڙيل قسم جون ونگون جوڙي اناس کي سورنهن پاسن ۾ بدلايو ويو آهي. پنجين هڪ جهڙائي اها آهي، تہ ڀهرينءَ ڇت تي ڪيترن ويٺوڙن ڍڪن جو سلسلو آهي. ڍڪ ڏيڻ جو هڪ سلسلو ننڍن ڇوڙسن مٿان آهي، جيڪي ڇٽن ٿلهن تي ٺهيل آهن. گهڻن قبن[26] جي صورت ۾ اهڙي قسم جا نمونا گجرات ۾ اختيار ڪيا ويندا هئا. اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي، تہ ان ۾ هڪ اهم ڇٽو فرق موجود آهي. گجرات ۾ مسجدون مقبرن ڪان الڳ تعمير ڪيون ويندِيون هيون. پر هتي ٺٽي ۾ ڪوٽ اندر اولهہ پاسي واريءَ پٽ ۾ ٺي مسجد جوڙائي ويندي هئي. اهڙيءَ ريت مرزا عيسيٰ خان ترخان II جو مقبرو وڏين پٽين اندر سٽاءَ ۾ هر ڇورس ۽ سندس مکيہ لنگهہ اوير ڏانهن ڪان آهي. اوڀارين لنگهہ وانگر، اتر ۽ ڏکڻ پاسي ڪان بہ بند لنگهہ ٺهيل هئا، ۽ اولهہ واري پٽ ۾ محراب جوڙيل آهي. ڪوٽ جي اندرئين پاسي ۽ مکيہ قبي جي ٻاهران، تاج محل، همايون، اڪبر ۽ جهانگير جي مقبرن جيان باغ لاءِ وٿي ڇڏيل هئي، پر ان وٿيءَ کي هتي قبرن سان پريو ويو آهي. موجوده مقبري جي الهنديءَ پٽ سان پراءُ وجهي ان کي مٿي ڪيو ويو آهي. محراب بہ ان ساڳيءَ سنوت تي جوڙيل آهي. ٿي سگهي ٿو، تہ نماز باجماعت پڙهڻ واسطي ائين ڪيو ويو هجي. اتر – الهندي ۽ ڏکڻ – الهندي پاسي جدا ٿلها نظر اچن ٿا، جن تي بہ قبرون موجود آهن. ساڳيءَ ريت اترئين ڦاٽڪ ڪان اندرئين پاسي قبرن لاءِ خاص وٿي ڇڏي ويئي آهي. اتر – اوير واريءَ ڪنڊ تي، عورتن جي قبرن واسطي هڪ هر ڇورس جڳهہ ڇڏيل آهي.

مکيہ قبو هڪ هر ڇورس ٿلهي تي ٺهيل آهي. اندر وڃڻ لاءِ ڇٽن ئي پاسن ڪان ٽہ – ڏاڪي چاڙهي جوڙايل آهي. ان ٿلهي تي قبي جو هر ڇورس منڊپ آهي، جنهن جي ڇٽن پاسن ڪان ٿلهن جون ٻہ قطارون آهن. هر هڪ پاسي ڪان ڏهہ ٿلهہ آهن. اهي اهڙيءَ ترتيب سان جوڙيل آهن جو ٿلهن جي ڇوڪڙي (نمبر 114) جي پاسي جي وچ تي ٽي ونگدار لنگهہ ٺهجي پيا آهن. (پليٽ 41) جيڪي بالا خاني ڏانهن هليا ٿا وڃن. فقط اوير پاسي ڪان، ڀهرينءَ ماڙيءَ تي وڃڻ لاءِ ٻہ پاسا، ٽہ ونگدار لنگهہ تعمير ٿيل آهن. وچ واري قبي جو منڊپ ٿلهن تي بيٺل آهي، جنهن جي چوڌاري وِيهہ ٿُلهہ نظر اچن ٿا. ٻن ٿُلهن جي



تصوير 114 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو، ڏکڻ - اولهه کان بيهي ڏسڻ ۾ ايندڙ منظر، جنهن ۾ ڏکڻ واري لنگهه سان گڏ مٿئين ماڙ به موجود آهي. ان کان سواءِ مقبري جو قبو ۽ ٿنڀن جي آڌار تي بيٺل ورانڊا به واضح نموني سان نظر اچي رهيا آهن. سنه 1054هه / 1644ع

ونگ ۾ پٿر جو چوڪاٺو هنيل آهي، جنهن جون ٻانهيون ۽ سردر اُڪيريل آهن. لنگهه مٿان چوڪُنڊي ٻاريءَ ۾ عربي لکت آهي. اوپر پاسي جيان اتر واري بند لنگهه تي ساڳيو اُڪير وارو نمونو ورجايو ويو آهي (پليٽ 39). فرق رڳو اهو آهي، ته هتي اهڙيون ٻاريون موجود ڪونه آهن. اهڙي قسم جي ونگ جي مٿان اتاهين اڏاوت، ان لنگهه ۽ ڏکڻ واري لنگهه تي ڏسي سگهجي ٿي. ٻاهرئين طرز وارا اڏاوت جا وڏاوڙا (نمبر 112) ٻارين ۽ خانن جون به قطارون ڏيکارين ٿا. ساڳئي قسم جي بناوت اسان ڪٻٽ جي پٽ جي ٻاهرئين پاسي به ڏسون ٿا. محراب (نمبر 110) کي وڏيءَ ونگ جي هيٺان سوڙهي منهن سان هڪ جارو آهي. سندس اندرئين پاسي تي ونگدار ٻارين جي اُڪير ٿيل آهي. هيءَ اڌ قبائين اڏاوت، قبي جي ڪنڊن وارو سچو محراب آهي. چوڪنڊيءَ اڏاوت ۾ ونگن سان هڪ ننڍڙو جارو آهي. ٻنهي پاسن کان سنڌي طرز جا پاوا لڳل آهن. وڏي ونگ به ان چوڪنڊيءَ اڏاوت ۾ ٺهيل آهي (پليٽ 40) اڏاوت جي مهاڙيءَ تي اڀاتري اُڪير ٿيل آهي، جنهن ۾ ڇهه ڪنڊا به آهن، جن اندر اپيءَ طرز تي ننڍن گلن جي ٽُڪ ٿيل آهي. ان اپيءَ طرز جي اُڪير جي مٿان ونگن تي ٻاريون آهن. محراب ۽ سندس سنجڻ ٻئي سنڌي اڏاوتي طرز جا آهن.

## مقبري جو منڊپ

جڏهن اسان ڪوٽ کان لنگهي مقبري ڏانهن اچون ٿا، ته اسان کي هڪ وڏي تفاوت جو احساس ٿئي ٿو (پليٽ 41).



تصوير 115 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اتر - اولهہ پاسي نظر ايندڙ ٿنڀن جي آڏار تي بيٺل هيٺيون ۽ مٿيون وراندو ڏسجي ٿو. ان کان سواءِ مقبري جي اڇي قبي سان گڏ ڇت تي مٿي ننڍڙيون قبيون بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. مٿئين پاسي وارن ٿنڀن جي قطار ۾ اُکيريل هر چورس ٿنڀن تي مٿي تاجن وٽ ماکيءَ جي ماناري جهڙي اُکير ڏسجي ٿي.



تصوير 116 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اٺ ڪنڊي ڍيڍيءَ Drum جي ٻاهرئين پاسي تي نظر ايندڙ خوبصورت اُکير. جنهن ۾ ترخاني قسم جي هڪ مخصوص چٽسالي جي طرز ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

اندرئين پاسي تي اُڪير جا ڇٽ گڏوچڙ نموني آهن. جن مان هڪ تي عام ترخاني آڪڙي طرز واري ڇٽسالي آهي، جيڪا گل ٻوٽي واري اُڪير تائين هلندي وڃي ختم ٿئي ٿي (نمبر 118). ڪن ٻارين ۾ اليڪي، ڪن ۾ غير روايتي وڻ جي طرز اُڪيريل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اندرين ٻارين تي مختلف قسم جي اُڪير ٿيل ڇٽسالي آهي، جيڪا ڏاڍي من موهيندڙ آهي (نمبر 109). عمارت جي اندرين پاسي کان در ۽ دريون سنجڻ جي چوڪُنڊي بيهڪن (Frames) جي وچ ۾ نظر اچن ٿيون. مقبري جي ڪنڊن تي محراب لڳل آهن، تہ جيئن هر چورس منڊپ کي اناس ۾بدلائي سگهجي. انهن جي مٿان گڏيل وچڙيل ونگون آهن. مقبري جي منڊپ جي وچ تي نهيل ٿلهي مٿان نَو قبرون آهن. ٻاهرين ٽن ونگن واري لنگهہ مٿان اوچي چوڪُنڊي اڏاوت (نمبر 114) تي ليٽيل سنوت واريءَ آرائشي طرز ۾ ونديل آهي. هرهڪ ٻاريءَ کي عربي لکت ذريعي الڳ ڪيو ويو آهي. ٿلهن تي بيٺل مٿينءَ ڇت وارو قبو هر چورس کي ڍڪي ٿو. قبي جي اتاهين ڊيڊي (نمبر 116) تي ڏاڪڻ نما چوڙسن واري وٽيءَ سان گلاب جا گل ۽ ڇٽن پنکڙين وارا گل اُڪيريل آهن. وڏي گل واري وڏي مُک طرز واري اُڪير بہ ترخاني اڏاوتن ۾ نظر اچي ٿي. قبو ڇٽن ئي پاسن کان مٿي اوچو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ٿلهن ۽ بالاخانن جي شهتيرن واري اڏاوت وچين ٽن ونگن جي بلڪل آمهون سامهون آهي. بہ ماڙ عمارت جي اڏاوت سبب اوچين ونگن وارو لنگهہ رکيو ويو آهي. ان قسم جي توازن جو اصل، گجرات جي اڏاوتي فني طرز سان تعلق رکي ٿو. مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي اڏاوت ۾ اکيون ٻوٽي گجراتي يادگارن جو هوبهو نقل ڪونہ ڪيو ويو آهي. ان شاندار يادگار جي خيال کي حقيقت جي روپ ڏيڻ ۾ سنڌي آرائشي روايتي اڏاوتي فن جي اصليت ۽ اعليٰ مقام کي چڱيءَ ريت ڏسي، پسي ۽ پرکي سگهجي ٿو.

## نتيجو

ارغون ۽ ترخان دور جون جڳهون، سنڌ جي پٿر جي ڇٽساليءَ واري ڪاريگريءَ ۽ فن کي گهڻو اڳتي کڻي ويون آهن. طغرل بيگ جي مقبري کي ڏسڻ مان معلوم ٿيندو، تہ اهي روايتون مغل دور تائين جاري رهيون. موجوده دور ۾ پراڻي قسم جا ڇٽين وارا مقبرا اسان جو ڌيان ڇڪائين ٿا. ان دور سان لاڳاپيل چوديواريءَ اندر جان بابا جو مقبرو آهي. سندس قبر جي پٿرانهين لوڙهڻ تي نئين قسم جي ڇٽن واري سنجڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. آرائش جون طرزون ڇٽيءَ ريت تي اهو ٻڌائين ٿيون، تہ ارغون ۽ ترخان قبيلا کهڙي پاسي کان رکن ٿا. ساڳين ذريعن قبي ناهڻ جو نئون هنر بہ ڏنو. ان دور ۾ جان بابا جو مقبرو، ٿوري سڌاري کان پوءِ پراڻي روايتي اڏاوتي فن ۽ سنڌي هنر کي ملائي ناهيو ويو. ان جي ڀيٽ ۾ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جو وچيون منڊپ مختلف آهي، جيڪو گجرات جي يادگارن واري اڏاوتي فني ڏانءَ کان متاثر آهي، پر اهو سنڌ جي پٿرن مان سنڌي روايتن پٽاندر ۽ ترخان دور ۾ جوڙيو ويو هو.



تصوير 119 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي ڇت جو هيٺيون پاسو جتي أڪير جي ٻانت جي طرز جي
چٽساليءَ جا ڊگها سلسلا موجود آهن.



پليٽ 46 - پڪسرائين ست چڙهٽي جي تعمير. ست چڙهيٽون معنيٰ ”ست ڏاڪٽيون“ آهي. پر ڏسجي ٿو، تہ هن اڏاوت ۾ ستن بجاءِ اٺ ڏاڪٽيون آهن. سڀ چڙهٽيون ڊهي ڪنا ڪيڙا ٿي ويون آهن پر هن اٺ ڪنڊيءَ جڳهہ جو مڪيہ نقشو اجا بہ محفوظ آهي. ان سان گڏ چئن لنگهن جي مٿئين پاسي ۽ اڏاوت جي چئن ڪندن ۾ چار چار هـُـريون (alcoves) اجا بہ محفوظ آهن. هيءَ تعمير 16 هين صدي عيسويءَ جي وچئين دور سان تعلق رکي ٿي.



پليٽ 47 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جاري جي پڪسرائين مقبري جو اندريون حصو، جنهن جي آڱنڊ ۾ ڪجهہ قبرون ڏسجي رهيون آهن ۽ ونگن وارن خانن سان اولاهين پت ۾ قبائين مسجد بہ تعمير ڪئي وئي آهي. مقبرو، مسجد جي اوچي پيش طاق جي اوٽ ۾ اڇي ويو آهي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جون چمڪدار سرون لڳل آهن. هن تعمير جو تعلق 1050 هہ ۽ 1640ع سان آهي.



پليٽ 48 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري واري اڏ قبائين مسجد ۾ ڪاشيءَ جي سرن جي سونهن ۽ سنجٽ ڪندڙ وارين محرابين مٿان پاڻ ۾ گڏيل وچڙيل پيچيده ونگن جي ترتيب سان آهي. جڏهن تہ ڇت ۾ ڪُنڊري (Zig Zag) جهڙي چٽسالي ڏسجي ٿي.



پليٽ 49 - مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبري جي چوديواري جو منظر، جنهن جي اوڀرپاسي واري پٽ ۾ تعمير ٿيل لنگهه ڏسجي رهيو آهي. مکيہ مقبرو وچ تي آهي، جڏهن تہ کاٻي منڊپ ڏانهن امير محمد سلطان جو مقبرو ۽ زبون ٿيل مسجد نظر اچي رهي آهي. هن تعمير جو تعلق 966 ھ : 1550ع سان آهي.



پليٽ 50 - سلطان ابراهيم جو اٺ ڪندو مقبرو جنهن جي اٺن ئي پاسن کان هريون (alcoves) تعمير ٿيل آهن. وچ تي اوچو ۽ ويڪرن پاسن سان مخروطي قسم جو قبو ڏسجي ٿو. هن جڳہ کي ڪنهن وقت ڪاشيءَ جي نيريءَ سرن سان سينگاريو ويو ٿو ڏسجي.



پليٽ 51 - سلطان ابراهيم جي مقبري ۾ ڪُنڊ واري هڪ هريءَ جو ويجهو منظر جنهن ۾ در جي چوڪاٺ ۾ ڳڙڪين وارو پٿر هنيو ويو آهي. مٿئين پاسي ونگائين دري ڏسجي ٿي. ان ڪان سواءِ هڪ عربي لڪت آهي، جيڪا نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن تي اڇي رنگ سان خطاطي ٿيل آهي ۽ تباهيءَ کان بچي ويل سونهن ۽ سنجڻ بہ آهي، جيڪا وڏي ونگ واري خاني جي نُڪرن ۾ ڏسجي ٿي.



پليٽ 52 - مرزا جاني بيگ جو پڪ سرائون اٺ ڪندو مقبرو، جنهن جي پٿر جي چوديواري جي اندرئين اولاهين پاسي پٿ سان مسجد جوڙي وئي آهي. هن تعمير جو تعلق 1009هه : 1601ع سان ڏسجي ٿو.



پليٽ 55 - ديوان شرفا خان جو پڪسرائون مقبرو، جنهن ۾ هُرين بدران ڪندن تي گول قسم جا منارا تعمير ڪيا ويا آهن. ان ڪان سواءِ ويڪرن پاسن وارو قبو بہ ڏسجي ٿو، جنهن کي هلڪي نيري رنگ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اولهہ پاسي ڪان پٽ ۾ مسجد جي اڏاوت ٿيل آهي. هن اڏاوت جو تعلق 1048هه : 1638ع سان آهي.



پليٽ 53 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جي ٻاهرئين پاسي هڪ هريءَ جو ويجهو منظر، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سرن جا خانا آهن، ڳڙڪين سان هڪ پٿرانهين دري ۽ نيري رنگ جي تر تي اڇي عربي لکت ڏسجي ٿي.



پليٽ 54 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ونگن سان خانا، هڪ ٻئي سان گڏيل وچڙيل ونگن جو هي سلسلو، جن سيني ۾ ڪاشيءَ جي سر جي سونهن واري سنجٽ رکي وئي آهي.



پليٽ 56 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي قبي جو اندريون مٿيون پاسو، جنهن ۾ ونگائن خانن ڪان مٿان ڏنگڙي (Zig Zag) چٽسالي آهي.



پليٽ 57 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي وانگاڙي جي اولاهينءَ پٽ لڳ تعمير ٿيل مسجد جو محراب ڏاڍو چمڪيلو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ونگاوان خانا آهن، جن اندر ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 58 - پڪ سرائين دبگير مسجد، جنهن ۾ اوپر طرف ٽي ونگاوان لنگهه ڏسجن ٿا. سامهون واري پاسي ٻنهي ڏسائن کان مٿي وچڻ لاءِ ڏاڪٽيون ٺهيل آهن. مسجد جو اڳڻ پٽرن سان جڙيل آهي. ڇت تي قبا ٽي ڏسجن ٿا. تعمير جو سال 1588ع آهي.



پليٽ 59 - دبگير مسجد جي وچين لنگهہ جو ويجهو ڏيک، جنهن جي هر هڪ پاسي ونگاوان خانا آهن، جن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 60 - محراب واري وچين قبي جي فرش تي بيهي اتر پاسي نظر ڪبي تہ ونگن جي ۽ ونگائين خانن جي وٽيءَ ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪتب آندي وئي آهي.



پليٽ 61 - دبگير مسجد جو وچيون محراب، جنهن جي سامهون واري پاسي تي پٿر تي ٽيل اُڪير وجي اڏوگابري بڇي آهي. هوا لاءِ پاسي کان ونگن سان دريون رکيون ويون آهن. مٿئين پاسي تي ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڏسجي ٿو.



پليٽ 62 - امير محمد خان جي هڪ قبي تي مشتمل هر چورس ۾ يڪسرائين مسجد. لنگهه اوير پاسي کان اٿس جنهن ۾ اُڪيريل پٿر جو چوڪاٺو لڳل ڏسجي ٿو. هن اڏاوت جي اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي ڪان ڪاشيءَ جي چمڪدار سر ڪتب آندي وئي هي. هن اڏاوت جو تعلق 1039 هه / 1629ع سان آهي.

# باب پنجون

## ارغون ۽ ترخان دور جا يادگار

### (سرن سان جوڙيل اڏاوتون)

**مڪليءَ** جهڙيءَ پٽرانهين جاءِ تي، پٿر جون پٽيون جوڙڻ هڪ فطري ڳالهه آهي. پر اسان ڏسون ٿا، ته سيني حڪمرانن جي دورن ۾ سرن جون جايون به تعمير ڪيون ويون آهن. ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ سرن جي جڳهن ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويو. اسان کي سندن جوڙايل ڪيترين نيون اڏاوتون ملن ٿيون. جيڪي انهن هتي اچي متعارف ڪرايون. انهن مان خاص طور تي، قبن جي اوچائي ۽ اڏاوتي شڪل ۾ نواڻ، اهميت جي جوڳيون ڳالهيون آهن. نئين ڪاريگريءَ ۾ هر چورس ڪمري کي اناس ۾ بدلائڻ لاءِ پٽين کي مٿي اوچائيءَ ۾ چڪي وچڻ جي ضرورت نه ٿي محسوس ٿئي. ڪاريگر ڪي قُبي جي ڊيڊيءَ ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيٺو تي پيو ۽ قبي کي نوڪدار بنائي ٿي ورتائين. قبي جي نوڪدار شڪل تيموري اڏاوتي فني طرز ۾ اڳي ئي گهڻي ترقي ڪري ورتي هئي. پر هتي ٻئو قبو نه ٿو ڏنو وڃي. ان دور ۾ ٻي تبديلي به اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، سا اُٺ پاسائين عمارت آهي. ان معاملي ۾ پٽين جي سڄي اوچائيءَ ۾ دريون يا محراب ڇڏي پٽ جي نهرائپ کي هلڪو ڪيو ويندو هو. هيءَ اڏاوتي طريقو تيموري دور جي اڏاوتن ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ويو هو. جو ان اڏاوت جي طريقي ڪجهه هلڪائيءَ جو تاثر پيدا ٿي ڪيو. اسان ان قسم جي اڏاوت کي مغل دور جي عمارتن ۾ گهڻو تڻو ڏسون ٿا. اهڙي عمارت جوڙائڻ واري ڪاريگري، جڳهن ۾ نزاڪت ۽ نفاست به آندي ۽ اڏاوتي جوڙجڪ ۾ بناوت ۾ ڪمزوري به ڪانه آئي. جڳهن جي اڏاوتي شان ۽ ان سان گڏ شڪل ۽ صورت ۾ خوبصورتي به وڌي، جنهن ۾ روشني، رنگ ۽ رونق به موجود رهي. اهڙيون سڀ خاصيتون تيموري دور جي عمارتن ۾ موجود هيون. مغلن به پنهنجي پنهنجي طبعيت مطابق انهن تان نقل ڪيو. اهو ساڳيو ذريعو آهي، جتان ارغونن ۽ ترخانن سرن جي جڳهن جون اڏاوتي طرزون ۽ نمونا ورتا آهن. انهن جڳهن ۾، ننڍي جي رازن، هتان جي پراڻين روايتن کي پٺي وندبو ۽ ورچيو آهي. ايڪڙ ٻيڪڙ جيڪڏهن پٿر جي اوساري ڪئي ويندي هئي، ته به ان تي پراڻي قسم جي اُڪير واري چٽساليءَ کان سواءِ، ڪاشيءَ جي سر تي آرائش جون نيون طرزون چٽيون ويندڻيون هيون. جڳهن ۾ لڳل رنگين ڪاشيءَ جي سرن جون قطارون نوان نرمل نظارا پيدا ڪري وجهنديون هيون. ڪاريگر گهڻن رنگي ڪاشيءَ جي سرن جا ٽڪرا ملائي گلڪاري وارا ۽ اليڪي وارا نوان نمونا جوڙي وننڊا هئا، جن کي ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾، بنيادن وٽ، ونگدار ٻارين ۾، چوڪُنبي ٻارين ۾، چوڪنڊن جارن ۾، ونگن جي ونگڙن ۽ نُڪرن ۾، ڪنداون محرابن ۾، محرابن ۽ درن، درين ۾ ٿي استعمال ڪيو. ٻيو.ته نهيو، پر خطاطي به ڪاشيءَ جي سرن تي ڪئي ويندي هئي. ڪاشيءَ جي سر ٺاهڻ جو هنر به ان دور ۾ ننڍي ۾ واقف ڪرايو ويو. ان دور کان پوءِ به هيءَ هنر هتي ڏاڍو وڌندو ۽ ويجهندو رهيو. اهڙو هنر ارغونن ۽ ترخانن سان گڏ آيو. جنهن جو جنمي رشتو هرات جي تيموري اڏاوت جي فني طرز سان آهي. ان جو گهڻو تڻو رنگ نيرو ۽ سفيد آهي. واڱڻائي ۽ ڦڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ملي ٿو. چٽساليءَ جون طرزون گهڻو ڪري گل ٻوٽي سان تعلق رکن ٿيون. انهيءَ طرز جو ننڍي سان ۽ سنڌي ڪاشيءَ جي سر سان به گهڻ لاڳاپو آهي.

### شيخ جيئي جو مقبرو

شيخ جيئو، [1] شيخ نعمت الله جو پٽ هو. ملتان جي مشهور بزرگ شيخ بهاؤ الدين زڪريا جي اولاد مان هو. سمجهه ۾ اچي ٿو، ته شيخ نعمت الله سما سلطانن جي ڏينهن ۾ ننڍي آيو. شيخ جيئي جو مقبرو سرن جو نهيل آهي (نمبر 120)



تصوير 120 - شيخ جيئي جي پڪ سرائين ۽ گچ جو ليپو ڏنل مقبري جو ڏاکڻون ٻاهريون پاسو. جنهن جي ڪاچي ويل ڇت ۾ اهڙيءَ طرز جا خانا ۽ هر چورس جارا آهن. در ۾ پٿر جو چوڪاٺو لڳل ڏسجي ٿو. ان سان گڏ هڪ ننڍو ونگائون لنگهه به آهي، جتان گنري ڏاکڻ تائين پهچي سگهجي ٿو. صفا مٿي محرابيءَ جهڙو اڌ - قبو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.



تصوير 121 - ارغون دور جو هڪ گمنام مقبرو، جنهن جي ٻاهرئين پاسي هڪ ٻئي اندر چوڪنڊا خانا جوڙيا ويا آهن. ان کان سواءِ بنيادن کان وٺي وچئين حصي تائين پٿر جي اوساري ڏسجي ٿي. پٽ جي ٻنئين پاسي محراب جي اوچي اڏاوت موجود آهي. هن تعمير جو تعلق 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان آهي.

بيهڪ ۾ هم چورس آهي. هرپاسي جي ماپ 50 فوٽ اٿس. ان عمارت جو ٻاهريون نظارو مڪلي ٽڪريءَ تي سما دور جي تعمير ٿيل مسجد جهڙو آهي. ديوارون ٻاهرئين پاسي گچ سان لنبيل آهن. ناليسَرَ لنب ڪان خالي ڇڏيا ويا آهن. سامهون پٽ ۾ ٻُرڪين جا نشان ڇڏيل آهن ۽ پٽيون پاڙ وٽ موڪريون آهن. مکيہ لنگهہ ونگ سان آهي. منجهس پٿر جو چوڪاٺو پيل آهي. ان عمارت ۾ هيءَ ڇڻ تہ هڪ قسم جي نواڻ آهي، جيڪا پراڻيءَ مسجد ۾ ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. در جو پٿرانهون چوڪاٺو لسو ۽ سادو آهي. در جي وچ تي هيٺ چانئٺ ۾ گول، چنڊ چيروليءَ (Moon Stone) جو نهيل آهي. ٻيو بہ هڪڙو لنگهہ ساڄي پاسي ڏکڻ - اوبر جي ڪنڊ تي متي ڏاکڻ لاءِ آهي. ونگون ڪي سينڊ طرز جون، تہ ڪي اڌ گول آهن. جيڪي سما دور کان اڳ واري عهد سان لاڳاپو رکن ٿيون. جڏهن تہ ان مقبري جي پٽين جي اوچائي سما دور جي ٻين جڳهن جي پٽين کان ڪجهہ سرس آهي. انهن پٽين جي مٿان نهيل اڌ قبيون ۽ ان جون محرابي ونگون اجا تائين بچيون بيٺيون آهن. جيڪي هم چورس منڊپ ڪي اناس ۾ بدلائڻ لاءِ تعمير ڪيون ويون هيون. اولهہ پاسي واريءَ پٽ ۾ هڪ سادو محراب آهي. هيٺ فرش جي سنڌ ۾ هيءَ عمارت سما دور جي پڇاڙي يا ارغون دور جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي. جيڪو سورهينءَ صديءَ جو پهريون اڌ ٿي سگهي ٿو!



تصوير 122 - ارغون دور جي هڪ گمنام مقبري جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو، جنهن وچ تي لنگهہ ڏسڻ اچي ٿو. هن جي هر هڪ پاسي تي هڪ ٻئي مٿان ونگن سان خانا آهن. ونگائين لنگهہ مٿان دري آهي، جيڪا پڪل آهي. هتي وڏيءَ ونگ جي نئين طرز ڏسجي ٿي. هيءَ عمارت 16 هين صدي عيسويءَ جي شروعات سان لاڳاپو رکي ٿي.

## گمنام مقبرو

شيخ جيئي جي مقبري جي اتر طرف، پڪي روڊ جي پاسي سان، سرن جو هڪ مقبرو (نمبر 121) آهي. ونگدار ٻارين ۽ ٻاهرين مهاڙيءَ جي ٻي آرائش سبب گهڻو مشهور آهي ۽ دهليءَ [2] جي لوڌي اڏاوت جي مشهور طرز سان هڪجهڙائپ رکي ٿو. هيءَ هڪ قبي تي ٻڌل هم چورس اڏاوت آهي، جنهن جو هر ٻاهريون پاسو 28 فوٽ 4 انچ آهي. سندس پيڙهہ وارو هيٺيون پاسو پٿر سان اوساريل آهي. مٿس لنب ٿيل ڪانہ آهي. ان جي ٻاهرئين پاسي اُڀن ڪسڪن واري ناليسرن ۽ ونگن وارين پيئل ٻارين جي ڪري اُس ۽ ڇانوري جو مختلف تاثر اڀري ٿو. ان عمارت کي رڳو ڏکڻ پاسي کان ونگ سان لنگهہ آهي (نمبر 122). اوبر ۾ اتر پاسي کان، مٿي پٽ تي دريون رکيل آهن. الهنديءَ پٽ ۾ محراب جوڙيل آهن. لنگهہ ۽ دريون، سرن جي چوڪنڊي هُريءَ جهڙي ٻُهري ۾ لڳل آهن. لنگهہ جي هر هڪ پاسي ونگ سان ٻاري آهي. لنگهہ ۽ درين

اها جڳهه جنهن کي ست ڏاڪڻيون هجن. اهو بہ امڪان آهي تہ انين ڏاڪڻ گند ڪچري يا پنجهوءَ جي پراءَ ۾ لڪل هجي ۽ ست ظاهر هجن. ان ڪري اهوئي نالو پئجي ويو هجيس! اهو بہ ٿي سگهي ٿو. تہ چئن پاسن کان. ڏرتيءَ جي سنوت کان وٺي مٿي ٿلهي تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ کي ست ڏاڪا آهن. مکيہ ونگ واري لنگهہ جي مٿان اوڇيءَ ونگ جي هيٺان هڪ ٻـُهرو آهي (پليٽ 46). موجوده زماني ۾ ٻهري جي نيم قبو ڪِري پيو آهي. هر هڪ هُري/ٻهرو جي ماپ 12 فوٽ 3 انچ x 6 فوٽ 5 انچ آهي. هڪ هر چورس 6 فوٽ 8 انچ رستو اُڪيري ٻـُهري جي ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿئجي ٿو. جنهن جي ماپ 8 فوٽ 4 انچ x 5 فوٽ آهي. آخرڪار هڪ وچ واريءَ منڊپ ۾ پهچجي ٿو. جيڪو شڪل ۽ صورت ۾ اٺاس آهي. سندس هر پاسي جي ماپ 10 فوٽ 4 انچ آهي. چئن ڪندن تي ڪُنڊاوان محراب ٺاهيل آهن. جيڪي فرش جي سنوت تائين هيٺ هليا وڃن ٿا. هر ونگ جي هيٺان لنگهہ آهي. جيڪو ڪندن مليل ڪمرن ڏانهن کُلي ٿو. اهي ڪندن وارا ڪمرا بہ شڪل صورت جي لحاظ کان اٺاس آهن. ونگدار ٽي لنگهہ هر پاسي ڏانهن کلن ٿا. وچئين منڊپ پنهنجي اصلي بناوت ۾ قبي سان ڍڪيل هئي. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪندن وارن ڪمرن مٿان قبيون ٺاهي کين ڍڪيو ويو هو. ان جڳهہ کي اصل ۾ پنج قبائين ڇت پيل هئي. وچيون قبو وڏو هو. باقي چوڏاري چار ننڍا قبا هئا. ٻاهرين مهاڙيءَ کان اٺن ئي پاسن تي سرن جي ٿلهين پٽين اندر گهرا ٻـُهرا بہ ٺهيل هئا ۽ ساڳيو حال هيٺ ايندڙ ڏاڪڻين جو هو.



تصوير 124 - ست چڙهٽي جو ڏکڻ - اولهہ پاسو. جنهن جي مکيہ لنگهہ واري ڏاڪڻ کي ست ڏاڪا آهن. جيڪي وچ تي نظر اچي رهيا آهن. بنيادن وٽ پٿرن جي اوساري ڏسجي ٿي. ڪندن وٽ ٽي محرابي لنگهہ آهن. هن اڏاوت جو واسطو 16 صدي عيسويءَ جي آخري حصي سان آهي.

هيءَ جڳھ، مڪلي ٽڪريءَ تي پنهنجي قسم جي هڪ لاثاني عمارت آهي. جڏهن نهي پوري ٿي هوندي، تہ هڪ اتاهين ۽ شاندار يادگار بڻجي پئي هوندي. ان جي اڏاوت هڪ مٿاهين تلهي تي ڪيل آهي، جنهن تي مٿي وڃڻ لاءِ چئني پاسن کان ستن ڏاڪن واريون ڏاڪڻيون جوڙيون ويون آهن. وچ واريءَ - منڍپ تي اُچو قبو ۽ ڪنڊ وارن ڪمرن تي ننڍا قبا اڏايا ويا آهن. مٿي ڇت تي وڃڻ لاءِ اٺ ڏاڪڻيون آهن. مهاڙيءَ تي گهريون هُريون نهيل آهن. جنهن پٽ ۾ هڪ قسم جي هلڪائي ۽ نفاست پيدا ڪري وڌي آهي. اندرئين پاسي کان چار راهداريون آهن. جيڪي مکيہ وچئين مَنڊپَ (Chamber) ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون ۽ اتان کان وري چار راهداريون ڪُنڊن وارن ڪمرن ڏانهن وڃن ٿيون وڃن. اهڙيءَ ريت اسان کي پنج هوا دار ۽ روشن ڪمرا ملن ٿا، جيڪي قبرن يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ جوڙايا ويا هئا. مقبرن لاءِ اهڙي وَرنَ جا مقبرا هندستان اندر تمام گهڻ ڏنا ويا آهن. مثال طور: تاج محل يا دهليءَ ۾ همايون جو مقبرو آهي. موجوده وقت ۾ وچينءَ منڊپ اندر ڪيترين ئي گچ سان لِتلَ قبرون آهن.



خاڪو 6. مٿيون ست چڙهٽي تعمير جو نقشو آهي، جنهن ۾ پنج قبائين طرز جي نئين قسم جي عمارت ڏسجي ٿي. هن جڳھ جي اڏاوت جو تعلق سورهين صديءَ جي پوئين حصي سان آهي.

جيئن تہ هيءَ جڳھ سرن سان ٺهيل آهي ۽ اندرئين پاسي سونهن وڌائڻ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون استعمال ڪيون ويون آهن (نمبر 125) پر اڄ ڪاشيءَ جي سرن مان ڪي ٿوريون وڃي بچيون آهن. اهي فقط اوڀارين لنگهہ واري ونگ جي نُڪرن ۾ ۽ ڪجھ اوپر - ڏکڻ واري ڪنڊ واري ڪمري ۾ رهجي ويون آهن. ونگ جي نُڪرن واريون وَٽيون سفيد هلڪي نيري رنگ جون آهن. جڏهن تہ ڪاشيءَ جي سرن سان وڻ واري طرز جي گڏوچڙ چترڪاريءَ طرز تي چٽسالي ڪئي ويئي آهي ۽ آڪڙي تصوير جي چوڏاري ٻن ول جي ڇڻ تہ جهالر واري اُٽت ڪئي ويئي آهي. سندس تَہ رُ هلڪو آسماني آهي ۽ وَلِ



تصوير 127 - مرزا جاني بيگ جي مقبري واري چوڏيواري ۾ در جهڙو لنگهه، جنهن تي عربي لکت آهي، جيڪا در جي چوڌاري ڦري اچي ٿي. ان سان گڏ خانن جو هڪ سلسلو آهي. اهڙيءَ ريت هڪ ڇهنبدار ونگ اندر گلن جي طرز واري ڇٽسالي رکيل ڏسجي ٿي.



تصوير 128 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو نقشو، جنهن ۾ اٺ ڪنڊي مقبري کي پٿر جي چوڏيواري وانگاڙو آهي. جنهن کي اوپر کان لنگهه ۽ اولهه پاسي کان پٽ ۾ محراب جوڙيو ويو آهي. هن مقبري کي چار لنگهه آهن. ٽن ڪُندن ۾ ٽي هر ٻينءَ ۽ چوٿينءَ ڪنڊ ۾ ڏاڪڻ جوڙ.ل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو زمانو 1601ع آهي.



تصوير 129 - مرزا جاني بيگ جي مقبري جو اڌ حصو، جنهن ۾ سونهن ۽ سنجٽ لاءِ خانن ۾ ڪاشيءَ جي سر ڪي ڪتب آندو ويو آهي. ڇت ۾ گڏيل وچڙيل ونگون ۽ ڪنڊڙو Zig Zag ڇٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

عيسيٰ خان ترخان II جي رانڪ جي وچ تي آهي. ان جي اڏاوت پراءِ پيل ٿَلهي تي ڪيل آهي ۽ مهاڙيءَ تي پٿر استعمال ڪيو ويو آهي. اندرئين پاسي کان سندس ماپ 75 فوٽ x 69 آهي. ڏگهو پاسو اوڀر کان اولهه طرف آهي. پٽ 2 فوٽ ساڍا 3 انچ ٿُلهي آهي. وانگاڙي (نمبر 131) ۾ اندر احڻ واسطي اوڀر پاسي کان اُتانهون ونگدار لنگهه آهي. ان لنگهه مٿان اوچي چوڪنڊي اڏاوت آهي، جنهن مٿان ڪاشيءَ جي سرن جو استعمال ڪيو ويو هو، پر هاڻي اهي غائب آهن. ان وانگاڙي جي اتر ۽ ڏکڻ وارن پاسن کان بند ونگدار لنگهه آهن. انهن جي هر پاسي ونگن سان چار دريون ۽ اندرئين پاسي هر ڪنڊ وٽ نيم اَٺاس هُري بنايل آهي. اڳڻ جي بدل فرش ۾ ڪلان ڪوٽ مسجد جيان سرن جو چوڻڪو هنيو ويو آهي (ڏسو باب ٻيو). پٽ جي ٻاهرئين پاسي ۾ ٻه ونگن سان ٻاريون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ انهن سان گڏ دريون ٻه آهن. انهن جي مٿان ڪارنس جي سنوت ۾ ليڪو نڪتل آهي. (نمبر 130). اولاهين پٽ جي وچ تي چُوڪنڊ پيش طاق لڳل آهي، جنهن کي عملي طور پنيان واري قبي ڍڪي ڇڏيو آهي. ان پيش طاق جي هر پاسي (پليٽ 47) تي هڪ ٻئي جي مٿان ونگن سان ٻہ ٻہ ٻاريون آهن. ٿورو اڳيرو، وچئين وڏاوڙي ۽ اڌ اَٺَ ڪُنڊي هُريءَ جي وچ ۾ اندران ٻہ جارا ٻہ آهن ۽ ان کان پوءِ سڄي پٽ پوري ٿي وڃي ٿي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو، تہ اڏاوت وقت سڄيءَ اوڀارين مهاڙي ۽ وَٽين کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. اهڙيءَ ريت ونگن جي نُڪرن کي ڪاشيءَ جون سرون هڻي سينگاريو ويو آهي. سرن جو رنگ گڏيل نموني تي آسماني آهي. وچينءَ وڏيءَ ونگ جي مٿان اوچي چوڪنڊي ٻاري آهي. جنهن جي هر چورس مانڊاڻي نشانن جي اُڪير ٿيل آهي. هيءَ وڏي ونگ وارو لنگهه ننڍي ونگ جي ڪليل ٻسُهري ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جيڪو نماز واري ڪمري ڏانهن وڃي ٿو. جيڪو مڪيہ قبي وارو مندپ پڻ آهي. ٻنهي ونگن واري ساڄي ۽ کاٻي پاسي واري وٽي ۽ اندرين ونگ جو ٻاهريون مٿاڇرو تعمير وقت ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هو. نماز وارو ڪمرو (پليٽ 48) سٽاءُ ۾



تصوير 130 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري ۾ اولهه پاسي تعمير ڪيل قبائين مسجد جي محراب جو پٺيون پاسو، جنهن ۾ اٺ ڪنبي ڊيڊي (Drum) جي مٿان مخروطي قسم جو قبو تعمير ڪيو ويو آهي ۽ ڪارنس وٽ ڪنگرين يا ڏنڊڙن جي قطار آهي. هن تعمير جو تعلق 1050هه / 1640ع جي دور سان آهي.



تصوير 131 - مرزا باقي بيگ ازبڪ جي مقبري جي چوديواري جو مجموعي منظر، جنهن ۾ اوڀر پاسي واريءَ پٽ ۾ لنگهه تعمير ڪيو ويو آهي. اولهه پاسي ڪان ديوار ۾ خانا آهن، جيڪا سڄي ڪِري پٽ پيءُ ڀُري وئي آهي.



خاڪو 7. سلطان ابراهيم خان جي پڪ سرائين مقبري جي چوديواري جو نقشو، جنهن جي اوڀر پاسي ونگ سان لنگهہ آهي. چوديواري اندر اولهہ واري ڀت ۾ مسجد جو محراب آهي، جيڪو مٿيءَ جو پراڻ وجهي ٿورو مٿي جوڙيو ويو آهي. وچ تي اٺ ٿنڀي ڇت هيٺان سلطان ابراهيم جي قبر آهي ان جي پرسان هڪ بي ننڍڙي چوديواري آهي، جنهن ۾ امير محمد سلطان جي قبر ٺهيل آهي. هن 1585ع ۾ وفات ڪئي هئي.

چوڙسو آهي. حقيقت ۾ منڊپ اتر ۽ ڏکڻ پاسي ڏانهن وڌيل آهي. محراب اڌ - اٺَ ڪنڊو آهي. سندس مهاڙيءَ تي ونگ سان سينگاريل ٻاريون آهن، جن تي آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن جون قطارون لڳل آهن. انهن ٻارين جي مٿان سرن جو لهر وارو نمونو استعمال ڪيو ويو آهي، جن جا سَنڌا آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرن سان پريا ويا آهن. ڪُنڊن تي اُڀيون محراب دار ونگون آهن. تنهن ڪان پوءِ گڏيل سڌيل ونگن جو هڪ سلسلو آهي، جن جي مٿان اڌ قبي مٿي اُسرندي ٿي وڃي. انهن جي پاسن ۾ بہ هلڪي آسماني رنگ جون ڪاشيءَ جون سرون لهريدار نموني ۾ استعمال ڪيون ويون آهن. مٿي چوٽيءَ تي آسماني رنگ جي پن ول جي طرز تي ڪاشيءَ جي سر استعمال ڪئي وئي آهي. ونگن جي هيٺان بہ آسماني رنگ جي ڪاشيءَ جي سرَ ڪتب آندي وئي آهي. پر مٿان يا ٻاهران اهڙي سر استعمال ڪئي وئي آهي، جنهن جو تَر نيرو ۽ پن ول واري طرز سفيدَ آهي. قبي واري منڊپ جي اترئين ۽ ڏاکڻين پاسي ونگ سان ٻڌل هڪ هڪ دري آهي. پيش طاق جي پٺئين پاسي تي مٿان اپيءِ طرز جو قبو آهي، جنهن جي مٿان ڪنول گل جي نموني تي نيل رکيل آهي. ڊيڊي اٺ ڪُنڊي اٿس. ڇت واري اولي هيٺان ڏنڊڙي لڳل آهي.

هيءَ جڳهہ، پٺين وارين مسجدن جي تعمير ۾ هڪ قدر جوڳو ۽ خاص نوع جو واڌارو آهي. موجوده عمارت جي مهاڙي اپٽرو. تہ مٿي آهي جو قبو تہ ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي ۽ سڄو ڌيان پيش طاق ۾ قُبي جي اندرئين پاسي جي خوبصورتيءَ ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي. هيءَ عملي طور تي هڪ مڪمل مسجد آهي. وچ اڱڻ تي پٿرن جو جوڙيل هڪ ٿَلهو آهي، جنهن تي سينگاريل ٽي پٿر جون قبرون آهن. هڪ قبر مٿان ڇنهبائتو پٿرائون لوڙهٽ نصب ٿيل آهي. سمجهہ ۾ اچي ٿو، تہ اهائي مکيہ قبر آهي.

## سلطان ابراهيم خان جو مقبرو

سلطان ابراهيم، مرزا عيسيٰ ترخان جو پٽ هو ۽ عمر جي شروعاتي دور ۾ وفات ڪري ويو هو. هيءُ مقبرو نواب خليل خان[5] لاءِ منسوب ٿيل هو، جيڪو مرزا باقي بيگ جي وقت ۾ نواب هو. پر هبنين پڙهڻي پير حسام الدين راشديءَ جي ڏنل آهي.[6]

وفات شهزاده عاليمان سلطان ابراهيم بن حضرت سلطنت شعاري، ميرزا محمد عيسيٰ ترخان بهادر
لکت جي تاريخ 16 ربيع الاول 966هه/1559ع آهي.

حقيقت ۾ هيءُ مقبرو، مرزا باقي بيگ جي ڏينهن (1572ع-1584ع) ۾ نهي تيار ٿيو هو. عام بيهڪ ۾ وانگاڙي واري قسم جي مقبرن مان آهي. فرق رڳو اهو آهي، ته هتي وانگاڙي جي وچ تي اناس شڪل تي عمارت آهي، جيئن اسان مرزا جان بابا، ديوان شرفا خان ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II، جا مقبرا ڏسون ٿا. ٺٽي ۾ هيءُ پهرئين دور جو قديم مقبرو آهي. بين مقبرن وارن وانگاڙن ۾ رڳو قبرون هونديون آهن. ترخان دور ۾ ان جڳهه، نئين قسم جي تعمير جو اضافو ڪيو. مکيہ مقبرو چوڪنڊي اڱڻ جي وچ تي آهي. (خاڪو 7). ونگدار لنگهه اوپر پاسي کان اٽس ۽ ماپ 137 فوٽ ساڍا 7 انچ x 87 فوٽ ساڍا 10 انچ آهي. وانگاڙي جون پٽيون سرن جون نهيل آهن، جيڪي هاٽي ڪري پيون آهن، پر پٿرن وارا بنياد اجا سلامت بينا آهن. اڱڻ جو فرش پٿر سان جڙيل آهي. اوپر پاسي وارو ونگدار لنگهه (پليٽ 49) سرن جو نهيل آهي جيڪو اجا بہ محفوظ آهي. پر ان تي لڳل ڪاشيءَ جون سرون ختم ٿي ويون آهن. اصل ۾ اهو لنگهه اُپي ونگ جي مٿان نهيل هڪ چوڪنڊيءَ اڏاوت هينان هو. اولهہ ۾ مسجد آهي، جنهن جي ماپ 33 فوٽ ساڍا 8 انچ x 12 فوٽ اڍائي انچ آهي. مسجد جي اصلي حصي مان بہ ڪو حصو وجي باقي بچيو آهي. مکيہ مقبري ۽ مسجد جي وچ تي امير محمد سلطان جو مقبرو آهي.

هيءُ مقبرو، سرن جو نهيل آهي. بنياد ۾ پٿر ڪتب آندل اٽس. سٿاءُ ۾ اٺَ پاسو آهي. مکيہ چئن پاسن مان هر هڪ پاسو 24 فوٽ ۽ ننڍن پاسن جي ماپ 15 فوٽ آهي. حقيقت ۾ هيءُ هم چورس آهي. پر ان جون ڪنڊون ماريل آهن. جيڪڏهن اها سوچ صحيح آهي، تہ سندس نقشو ست چڙهٽي اڏاوت تان ورتل آهي، فرق فقط ايترو آهي تہ موجوده عمارت ۾ ڪندن وارا ڪمرا ڪونہ آهن. تڏهن بہ موجوده مقبرو اٺ پاسائين شڪل ۾ ٺٽي اندر نئين اڏاوتي قسم جو هڪ اهم واڌارو آهي. بعد ۾ ان مقبري جي نقشي کي ديوان شرفا خان ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي مقبرن جي اڏاوتن ۾ ورجايو ويو آهي. اهي ٺٽي عمارتون عام ۽ اڏاوتي فني طرز جي نقط نگاهہ کان پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. اهي اٺ پاسيون عمارتون ملتان جي عمارتن کان بلڪل مختلف آهن. موجوده عمارت لوڌي دور جي دهلي وارين اٺ ڪندي عمارتن کان بنهہ مختلف آهي، ڇاڪاڻ تہ پوئين قسم جي عمارتن ۾ چوڌاري ونگدار ورانڊو[7] جوڙيو ويندو هو. موجوده طرز جي مقبري سان لاهور ۾ آصف خان جو مقبرو هن سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهڙيءَ ريت اسان چئي سگهون ٿا، تہ اها نئين قسم جي تعميري طرز هتي ترخانن آندي.

مقبري جو مندپ ڏيڍيءَ تائين اناس آهي (پليٽ 50). ان کان پوءِ اپيچي طرز تي قبي جي تعمير شروع ٿئي ٿي. مٿان ڪنول گل جي طرز تي نيل جڙيل آهي. جيڪا هاٽي پڇي پئي آهي. قبي جي ڊيڍي مٿي تمام اُپي آهي. مقبري جي سڄي ٻاهرين مهاڙي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هئي. ستن پاسن کان ونگن تي هُريون آهن. اتر - اولهہ واري پاسي تي مٿي ڇت تي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي. چئن مکيہ پاسن واريون هُريون مٿي ڊگهيون ۽ ڪجهہ موڪريون آهن، جيڪي مستطيل ٻاري اندر آهن. پر ڪندن واريون هُريون ننديون آهن ۽ انهن ننڍين ونگن مٿان ليٽيل سنوت ۾ چوڪنڊي ٻاري آهي. موجوده دور ۾ هن عمارت کي فقط هڪ ڏکڻ کان ٻُنيو آهي، جنهن کي پٿر جو چوڪاٺو هنيو ويو آهي. ٻيا پاسا پٿر جي ڄاري (Grills) سان سينگاريا ويا آهن. دروازي جي مٿينءَ سنوت سان ونگ سان دري جوڙيل آهي. دروازي ۾ دريءَ واري وٿيءَ تي ڪاشيءَ جي سرن جي هڪ پٽي آهي (پليٽ 51)، جنهن ۾ قرآن شريف جا اکر آسماني تَرَ تي سفيد رنگ ۾ لکيا ويا آهن. مٿينءَ دريءَ جي چوڌاري ڪاشيءَ جون سرون لڳل آهن. مکيہ ونگ واري هُريءَ جي نُڪرن تي پن وَلِ جي طرز ۽ عشق پيچان جي ول (Ivy) جو نمونو چِٽيل آهي، جيڪو آڪڙي چٽساليءَ واري اُڪير جي چوڌاري ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪُندن وارين هُرِين جي نُڪرن ۾ بہ ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آيل آهن. قبي جي ڊيڍي کي پٿر جا بہ ٻار ڏنل آهن. هڪ قبي جي شروعاتي ٻارن کان هينان ٻيو ڪنداون محرابن (Squinches) کان ٿورو مٿان آهي. سڄو ٻاهريون مٿاڇرو

ڪاشيءِ جي سرن سان سينگاريو ويو هو. اڄ انهن جا ڪي ٽورا اهڃاڻ وجي باقي بچيا آهن. مٿئين پٿر واري بار تي قرآن شريف جون آيتون خطاطيءِ ۾ اُڪيري لکيل آهن.

قبي جي منڍ جو اندريون پاسو هم چورس آهي ۽ سندس هر پاسي جي ماپ 21 فوٽ آهي. ڪنڊن وٽ ٺاهيل ڪنڊايون محراب (Squinches) چورس شڪل ڪي اناس تا ناهن ۽ مٿي گڏيل وچڙيل ونگون اناس ڪي گول دائري جي شڪل ڏين ٿا، جيڪو قبي جو بنياد بڻجي ٿو. قبي جو اندريون پاسو بہ نيري ڪاشيءِ سان سونهارو بنايو ويو هو. اندر ڪل چار قبرون آهن.

هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي، تہ قبي جي شڪل اپيچي آهي، پر گول ناهي، ڇاڪاڻ تہ ٺٽي ۾ قبي جوڙڻ لاءِ پنهنجا خاص طور طريقا هئا. جيئن تہ هتي ٻئي قبي جي ڪاريگري ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. انڪري قبا ويڪرا ڦوڪيل نظر ڪونہ ٿا اچن. رڳو مغل عمارتون آهن، جيڪي سندن شهنشاهت جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ گول قبن جي صورت ۾ نظر اچن ٿيون.

## مرزا جاني بيگ جو مقبرو

مرزا جاني بيگ مرزا پائنده بيگ جو پٽ ۽ مرزا غازي بيگ جو پيءُ هو. هيءُ ٺٽي جو آخري آزاد حڪمران هو. هن مغل حڪمران اڪبر جي موڪليل فوجي سپهہ سالار عبدالرحيم خان خانان هٿان شڪست کاڌي هئي. بعد ۾ انهيءَ هن کي پنهنجي نوڪريءَ ۾ داخل ڪري صوبيدار مقرر ڪيو. سندس مقبري جي چوديواري جي مسجد واري لکت[8] موجب، هن 20 رجب 1009ھ مطابق 1601ع ۾ وفات ڪئي هئي.

مرزا جاني بيگ جي مقبري واري وانگاڙي جي ماپ 78 فوٽ 6 انچ x 71 فوٽ 9 انچ آهي. وانگاڙي جي پيٽ سادن پٿرن جي جڙيل آهي، جنهن جو ٻنيو اوپر ڪان ۽ محراب اولهہ ڪان آهي. مڪيہ اٺ پاون وارو مقبرو، وانگاڙي جي وچ تي جوڙيل آهي. اوپر واري چوڪُنڊي اُوچي اڏاوت ۾ ونگ وارو ٻنيو نهيل آهي، جنهن ۾ پٿر جو چوڪانو بہ هنيو ويو آهي (نمبر 127). ونگ واري لنگهہ جي وَنگڙَ ۾ چار گل آهن. جن جي چوڌاري عشقِ پيچان جي ول (Ivy) ۽ ٻين ٻوٽن جون ٽاريون چٽيل آهن. ونگ جي نُڪرن تي گڏوچڙ قسم جي اُڪير واري چٽسالي ڪيل آهي. تنهن ڪان پوءِ اُڪيريل چوڪُنڊيون ٻاريون اچن ٿيون. پهرين ٻاريءَ ۾ اندر قرآن شريف جون آيتون سهڻي خطاطيءَ ۾ اُڪيريل آهن. ٻي ٻاريءَ ۾ خوبصورتيءَ لاءِ آرائشي طرز واري ڪوفي خط ۾ اُڪير ٽيل آهي. انهن ڪان پوءِ ٻين ٻارين جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، جن ڪي اليڪي چٽن واري اپي اُڪير هڪ ٻئي ڪان الڳ ڪري بيهاري ٿي. هرهڪ ٻاريءَ ۾ ترخاني طرز جي اُڪير وارا چٽ آهن، جنهن ۾ آڪڙي ونگ اندر گل ٽُڪ ٽيل آهي ۽ هرهڪ نُڪر تي هڪ گل آهي. سڄو نمونو ان دور سان لاڳاپو رکي ٿو. پٿر تي اُڪير اڃاتري ۽ ڪوڪي آهي. اولهہ پاسي ڪان پٿر جو محراب آهي، جيڪو اُوچيءَ ونگ هينان بنايو ويو آهي. ان جي مٿين اڏاوت چوڪنڊي شڪل تي آهي، جنهن جي مٿئين پاسي تي پٿر جي چٽساليءَ واري اُڪير جون ٽي قطارون آهن. جان بابا جي مقبري ۾ ناهيل محراب جيان ان ڪي بہ پاسن تي گهوڙيون هنيون ويون آهن ۽ ٻنهي پاسن ڪان اُڪيريل پٿرن ۾ جارا جوڙيل آهن. سنڌي نموني جيان محراب جي ٻنهي پاسن ڪان پاوا بہ هنيا ويا آهن. محراب جو اندر اڌ اٺ ڪُنڊو آهي. ان جي هر مهاڙيءَ تي آڪڙي ونگ ۾ گل جي تصوير اُڪيريل آهي. ان اڌ قبي جي اندرئين پاسي تي پن ول جي طرز جي ٽُڪ ٽيل آهي. نُڪرن تي گل ٻوٽا چٽيل آهن. چوٽيءَ تي اپريل طرز تي گل جي تصوير جو چٽ آهي.

مقبري جي مکيہ عمارت جي سنڌءَ پٿاندر (نمبر 128) ڏکهي پاسي جي ماپ 25 فوٽ آهي. سٽن پاسن ڪان هُريون ۽ اتر - اولهہ واري پاسي ڪان مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي، اها اڏاوت اٺ ڪنڊي تلهي تي ٽيل آهي. جنهن جي اوچائي 3 فوٽ 3 انچ آهي. مکيہ عمارت ڪان بنياد ڪجهہ وڏا آهن ۽ مٿي وڃڻ لاءِ تي ڏاڪا آهن. هينري ڪزنس[9] جي ڏينهن ۾ مقبري وارو قبو صحيح حالت ۾ هو، پر هاڻي ڍهي چڪو آهي. باقي ڍيڍي ۾ ٻہ منزلون بچيون اٿس. مکيہ ٻُنيي ڪي (پليٽ 52) پٿر جو چوڪانو پڻ هنيو ويو آهي. ان جي مٿان ونگ ۽ جافري واري دري تعمير ٽيل آهي. اهي سڀ هڪ چوڪنڊي چوڪاني

اندر آهن. ٻين پاسن کي پڃري سان دريون آهن. (پليٽ 53). ٻاهريون سڄو پاسو واري وٽيءَ سان ۽ نيري ۽ اڇي رنگ جي ڪاشيءَ جي لِيڪُن سان سينگاريو ويو آهي. جڏهن ان کي ڳاڙهي تر وارين سرن سان ڏنو وڃي ٿو تہ ڏيک ڏاڍو سونهارو پيو ڀاسجي. اهڙيءَ ريت نُڪرن تي بہ نيري ۽ سفيد ڪاشيءَ جي سر استعمال ٿي آهي ۽ سندس طرز پن ول واري آهي.



تصوير 132 - ديوان شرفا خان جي مقبري جي چوديواريءَ جو نقشو، جنهن ۾ اولهہ پاسي کان مسجد جي تعمير ڏيکاري وئي آهي. هن مقبري جي هرڪنڊ تي هري رکڻ بدران گول قسم جا منارا جوڙيا ويا آهن. هن اڏاوت جو دور 1048هـ / 1638ع آهي.



خاڪو 8. ديوان شرفا خان جي قبر جي سامهون پُٺ ۽ پاسي جو نقشو، جيڪو باقي پاسن کان وڌيڪ اوچو آهي. قبر جي سيرانديءَ کان اوچو پٿر لڳل آهي. قبر جي اوساري پٿر جي آهي، جنهن تي ترخاني قسم جي نقش و نگاري ٿيل ڏسجي ٿي. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1048 هـ ۽ 1638ع سان آهي.

هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ سان چوڪنڊي شڪل تي ليڪون ڏئي چٽسالي بنائي ويئي آهي. ساڳي چٽسالي پٽين جي ڪنڊن تي به دهرائي ويئي آهي. پڃري واري دريءَ جي مٿان نُڪرن تي پور وچوٽيءَ هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جون اڀيون ليڪون نڪتل آهن. ان چٽساليءَ مٿان چوڪاٺي واري پاسي قرآن شريف جون آيتون لکيل آهن. ڏهڻ ڪان بچي ويل پاسي مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته اندرئين چوُرس پاڳي تي ۽ ڪُنڊن ۾ لڳل محرابن جي نُڪرن، مٿان وارن گڏيل وچڙيل ونگن ۾ لهريدار ليڪن وارين جاين وٽ ڪاشيءَ جي سرن سان پن وَلَ جي چٽسالي ڪئي ويئي آهي. سڀ ڪان وڏيڪ اهم دروازي جي ٻنهي پاسن تي ونگ سان اڀيون ٻاريون پڃري سان دري يا ليٽيل سنوت ۾ بنيادن وٽ ٻاريون آهن (نمبر 129). اڀيون ٻاريون چوُرسن اندر آهن. ليٽيل سنوت وارين ٻارين ۾ وٽ سان ڪناري آهي. ونگون نيرن اڇن ليڪن سان سينگاريل آهن ۽ اندرئين پاسي تي گڏوچڙ نموني واري چٽسالي ٿيل آهي. ساڳيءَ ريت نُڪرن وٽ آڪڙي نقش جي چوڏاري گل ٻوٽي جي چٽسالي ٿيل آهي. فرش تي ٽي قبرون آهن، جن جا پٿراوان لوڙهت ترخاني اڏاوتي طرز جا آهن. ٻه لوڙهت سنگ مرمر جا آهن، سفيد رنگ ڪانسواءِ ٻيا سمورا رنگ نيري رنگ جا نمونا آهن. جيڪي ڳاڙهي تَرَ هجڻ ڪري ڏاڍو چٽو ۽ پلو ڏيک ڏين ٿا.

## ديوان شرفا خان جو مقبرو

(1048هـ/1638ع)

ان مقبري کي هن باب ۾ ان ڪري آندو ويو آهي، جو ان جو نقشو اڳين ٻن عمارتن جهڙو آهي. هيءُ به وانگاڙي واري قسم جو هڪ مقبرو آهي، جنهن جي مقبري جي مکيہ عمارت وچ تي آهي (نمبر 132). وانگاڙي جي سرن جي پٽ کي وري نئين ريت جوڙيو ويو آهي. فقط اولهندي پٽ پنهنجي اصلي پراڻي شڪل ۾ موجود آهي. موجوده دور ۾ ڏاکڻي پٽ ۾ دروازو ناهيو ويو آهي. (پليٽ 55). اولاهين پٽ سان وچ تي ديوار واري مسجد تعمير ٿيل آهي. وچ تي محراب جو وڏاوِڙو آهي. سندس هرهڪ پاسي کان ونگن سان چار ٻاريون ٺهيل آهن. هڪ ٻاريءَ ۾ ڪيتريون ئي هم چورس ٻاريون آهن (پليٽ 57) هر هڪ ٻاريءَ ۾ ڪاشيءَ جي سرن جون چٽن واريون مختلف طرزون استعمال ڪيل آهن ۽ ڪيترين ڪاشيءَ جي سرن تي اَليڪي چٽسالي وارين شڪلين جي ملاوت به ٿيل آهي. نڪرون هلڪي آسماني ڪاشيءَ سان سينگاريل آهن. چوڪنڊيءَ ٻاريءَ مٿان ڪنارين وچ ۾ هڪ پٽي آهي، جنهن تي ڏاکڻ نموني هم چورس ٻاريون آهن، جن تي گل چٽيل آهي. اهو نمونو چوڪنڊيءَ ٻاري کان هلندو محراب تائين وڃي ٿو. مکيہ محراب جي وچ تي ڪاشيءَ جون چار ٻاريون آهن، جن ۾ سفيد هلڪي نيري ۽ گهاٽي نيري رنگ جي ڪاشي ڪتب آندي ويئي آهي. هيءَ سڄي پٽ واري مسجد ڪاشيءَ جي گهڻن رنگن ۾ چٽي ڳاڙهي تَرَ هجڻ ڪري رنگ ۾ ڪِڙي بيٺي آهي.

مکيہ مقبرو. سرن سان جُڙيل فرش واري ٿلهي تي تعمير ٿيل آهي. ڏسڻ ۾ ان جي بيهڪ هم چورس آهي، چاڪاڻ جو هن جون ڪنڊون اڳين اڏاوتن جيان ماربل نہ آهن. ان جي بدران ڪنڊن تي منارا تعمير ٿيل آهن ۽ مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ به ٺهيل آهي. فقط اهوئي منجهس تفاوت آهي نہ تہ سندس ٻاهرين بيهڪ ۽ ڏيک سلطان ابراهيم خان جي مقبري جهڙوئي آهي. ساڳئي نموني قبي جي ڊيڊي (Drum) به مٿي اُوچي آهي، چوڏاري پٿر جي هسي آهي، نيري ڪاشيءَ جو عام واهپو. قبي جي طرز اُيپچي ۽ نيل پڳل آهي. پٽ تي هلڪي نيري ڪاشيءَ جون ڪجهہ سفيرون لڳل آهن پر اهي به ذري گهٽ ختم ٿي چڪيون آهن. داخل ٿيڻ لاءِ ونگ سان چار ٻُنيا آهن جن مٿان به هڪ وڏي ونگ تعمير ڪئي ويئي آهي. فقط ڏاکڻيءَ ونگ کي پٿر جو چوڪانو لڳل آهي، جنهن جي ٻاريءَ تي قرآني آيتون لکيل آهن. ونگن جي نڪرن کي به ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. قبي جو اندر هم چورس آهي. ڪنڊاون محرابن، ان کي اناس ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. (پليٽ 56). ڇت تي لهريدار طرز واري چترڪاري آهي. سڄي ڇت جي مٿان هلڪي نيري ڪاشيءَ جا پٽا آهن ۽ هيٺ نُڪرن جي مٿان نيريون ٻاريون ڏاڍي سونهن ۽ رونق لايون بيٺيون آهن.

فرش تي ست قبرون آهن. مکيہ قبر جي پٿرائين لوڙهت کي سيرانديءَ کان چوُنو آهي. چوڪنڊي لوڙهت (خاڪو 8)

مٿان پنج ماڙ ٿلهو آهي، هيٺئين تي پن ول جي چترڪاري آهي، ٻئي تي ڏاڪڻ نموني جي هم چورس اُڪير آهي، جن ۾ گل اُڪيريل آهي، ان کان پوءِ گڏوچڙ نموني جا چٽ چٽيل آهن. تنهن کان پوءِ ونگن سان ٻارين جو سلسلو آهي ۽ آخر ۾ ڇٺن پنڪڙين وارو گل اچي ٿو. چوٿنو، هيٺئين پاسي کان چوڪنبو ۽ مٿي گهڻ - پاسو ٿي نانگ جي ڦڻ وانگي بنجي ٿو پوي. اهو ٻنهي پاسن کان اُڪير واري چٽساليءَ سان ڀريل آهي. اندرئين پاسي کان، مٿي گلاب جو گل اٿس ۽ سندس ڇٺن ڪنڊن تي چار گل آهن. هيٺئين پاسي کان ڪلمون ۽ فارسي ۾ تاريخي لکت آهي. پٽرائين لوڙهن جي پاسن کي زنجيريءَ سان ٻارين ۾ ورهايو ويو آهي، جن ۾ قرآني آيتون لکيل آهن.

## دبگير مسجد

دبگير مسجد[10] جي لاءِ چيو ويندو آهي، تہ ان کي خسرو خان چرڪس سن 1588ع ۾ نهرايو هو (پليٽ 58). ان تي اهو نالو ان ڪري پيو، جو دبگيرن جي پاڙي ۾ واقع هئي، موجوده دور ۾ اها شهر کان بلڪل ٻاهران آهي. هيءَ مسجد (خاڪو 9) سنڌاءُ ۾ چوڪنڊي آهي. ٻاهرين ماپ 83 فوٽ x 36 فوٽ 6 انچ سامهون 83 فوٽ 10 انچ آهي. ڏکڻ اوڀر اڱڻ بہ اٿس. سنڌو درياءَ جي اٿل کان بچاءَ لاءِ 1910ع ۾ ان جي اندرئين منڊپ ۽ ٻاهرئين اڱڻ ۾ ڀراءُ وڌو ويو هو. مسجد جا بنياد، پٿر جا اوساريل ۽ تعمير سرن سان ٿيل آهي. سامهونءَ واري اڱڻ جي فرش بندي تراڪڙن پٿرن سان ڪئي ويئي آهي. اندر قبي ۾ بنيادن تي مٿي، ڪاشيءَ جي ٽاڪ ٿيل هئي، پر اڄ اها غائب آهي ۽ ان جي جاءِ تي ڦِڪو پٿر نظر ٿو اچي. اندرئين منڊپ کي اوپر کان ونگن سان ٽي ٻنيا آهن (پليٽ 59) ۽ مٿي وڃڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان ڏاڪڻ نهيل آهي. وچون ٻنيو ٻين کان ڪجهہ موڪرو آهي. پر ان جو مٿيون اولو ۽ در جو چوڪانو ختم ٿي ويا آهن. پاسن وارا ٻئي ٻنيا اوچي ونگ وارين هُرين ۾ ڪلن ٿا. صفا مٿيون اولو اڃا بچيل آهي. ان ۾ سرن جي ڪٽ ۽ ڪور جي ڪاريگري چٽي نظر اچي ٿي، جنهن جي سنڌن کي گهري نيري ڪاشيءَ جي پَٽِنِ سان ملايو ويو آهي. اُچيءَ ونگ جي مٿان ليٽيل سنوت واري ٻاريءَ ۾ ڪاشيءَ تي

خاڪو 9. دبگير مسجد جو نقشو، جنهن جو سامهون وارو پاسو ٽن وڏن ٻارين ۾ ورهايل آهي. مسجدن جي اها ٻاهرين سونهن ۽ سنجڻ وارو نمونو ترخاني مسجدن سان لاڳاپو رکي ٿو. اوپر پاسي کان ڪليل اڱنڌ اٿس. وچئين محراب جي ٻنهي پاسن کان دريون نهيل آهن جن وسيلي مسجد اندر ٿڌي هوا ايندي هئي. مسجد جي اوپر پاسي کان ٻنهي طرفن تي، ڏاڪڻيون نهيل آهن. پر نقشي ۾ فقط هڪ ڏيکاري وئي آهي. هن مسجد جي تعمير ۾ اها ٻي نئين شيءِ آهي. انهيءَ اڏاوت جو لاڳاپو 1588ع سان ڏسجي ٿو.



قرآني آيتون لکيل آهن. جنهن جهڙيون ڪجهہ سرون ڏاڪڻيءَ ونگ جي مٿان بچي ويون آهن. ٻنين جي وچ تي ونگ سان

(نمبر 126) پٽ ۾ اندر پينل ٻاري آهي، جنهن کي ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريو ويو آهي. ان جي ڪنارين کي سرن جي ڪور سان سينگاري سنڌن کي هلڪي نيرين ڪاشيءَ جي سرن سان پريو ويو آهي. ان ڪناري جي ٻاهران گل ٻوٽي واري وَٽ آهي، جنهن ۾ ڪشادا موڙ آهن، جيڪي پنجن پنکڙين واري سفيد گل وٽ ختم ٿي وڃن ٿا. جن جو تر هلڪو نيرو آهي. ٻاريءَ جي اندرئين پاسي ڏندائين ونگ آهي، جنهن جي هيٺ سفيد رنگ ۾ گڏوچڙ قسم جا ولين جا موڙ آهن ۽ گهاٽو نيرو تر اٿس. ان ڪان مٿان مانڊاٽيءَ طرز جي چترڪاري ٿيل آهي. وري هڪ گلدان مان ڪنهن گهاٽيءَ ول جا موڙ نڪرندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ساڄي ۽ کابي پاسي ساڳيءَ ريت ونگن سان ننڍيون ٻاريون نظر اچن ٿيون ۽ منجهس ساڳي قسم جي پن ول واري طرز موجود آهي. انهن جي وچ ۾ وٽيون اڌ گول دائرن وارين چٽن سان پريل آهي ۽ عشق - پيچان جي ول، ور ۽ وڪڙ ڪائيندي ڏيکاري ويئي آهي. اجگر جهڙي چٽن واري هڪ طرز بہ موجود آهي، جيڪا ڪاشيءَ جي سرن جي اصليت ۽ بنياد کي ارغونن ۽ ترخانن ڏانهن اشارو ڪري ٿي. جن پنهنجي ملڪ مان ان هُنر کي هتي آندو.

وچئين مکيہ ونگ جي هيٺئين پاسي تي اصلي سنجت جا ڪجهہ حصا اجا بہ بچيل آهن. اها چڻ هڪ چوڪُنڊي غاليچي وانگي ڪُلي ٿي پوي ۽ جنهن منجهہ چار مختلف ڪنارين واريون چٽساليءَ جون طرزون آهن. خانن واري چوُرسن جن جو رنگ گهاٽو نيرو هلڪو نيرو آهي. بن گڏوچڙ لڙهين جي وچ ۾ سفيد ۽ ڦڪو رنگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. لڙهيءَ جو رنگ سفيد ۽ تر گهاٽو نيرو آهي. بلڪل اندرئين ڪناري تي سفيد پن ول طرز واري چترڪاري آهي ۽ تر هلڪو نيرو اٿس. صفا وچ واري حصي ۾ ستارن جي قطارن واري طرز آهي. ستارن جون ليڪون سفيد ۽ تر آسماني آهي، جن کي ڪاشيءَ جي سرن جي ٽڪرن جي وچ ۾ رکي، هلڪو نيرو ڦڪو رنگ ڏنو ويو آهي.

نماز ادا ڪرڻ وارو اندريون سجو منڊپ (پليٽ 61) وچ تي بہ ونگون ڏئي ٽن پاڳن ۾ ورهايو ويو آهي. وچون پاڳو، جيڪو هم چورس آهي ۽ پاسي وارن حصن کان مٿيرو آهي. اندرين ونگن جا هيٺيان پاسا (پليٽ 60) غاليچي طرز واري ڪاشيءَ سان سينگاريا ويا آهن، پاسن تي ڏوريءَ نموني لڙهيءَ جي چٽسالي ڪيل آهي، جنهن ۾ گهاٽي نيري، هلڪي نيري، سفيد ۽ ڦڪي رنگن جون مختلف ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. منڊپ جو هر حصو ڪاشيءَ جي جهجهيءَ چٽساليءَ سان سينگاريو ويو آهي. وچينءَ منڊپ ۾ وچ تي محراب جي اڏاوت ۾ پٿر جي خوبصورت ٽڪ ٿيل آهي، جنهن جي مٿان بہ ڪاشيءَ جي سنجت ٿيل آهي. محراب جي هر پاسي کان هوا ۽ سهائي لاءِ پٽ جي آرپار دري بنايل آهي. پٿر جي اُڪير چوڪندي چوخانن جي سلسلي جي وچ ۾ آهي. انهن مان هڪ خاني ۾ پن ول جي ڪناريءَ اندر قرآن شريف جون آيتون خاطي ۾ اُڪيريل آهن. صفا اندرين خاني واري ٻاريءَ ۾ ورن وڪڙن واري ڏوريءَ جي طرز واري اُڪير ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ آخر ۾ گلن واري قطار آهي. محراب واري ونگ ۾ ليڪن وارو قبو آهي، ۽ ان جي بلڪل وچ تي پٿر جي چٽسالي واري اُڪير ٿيل آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي گلن جون تصويرون نظر اچن ٿيون. سنڌن طرز لٽڪنڊڙ آهي. ونگ جي نڪرن تي بہ گلن جون تصويرون چٽيل آهن. جن جي چوڌاري وليون آهن. صفا مٿان ليٽيل سنوت واريءَ ٻاريءَ ۾ قرآني آيتون خطاطي ۾ لکيل آهن. ونگڙ ۾ پٿر جي اُڪير کان مٿئين پاسي تي هلڪي نيري ۽ ڦڪي ڪاشيءَ تي گهاٽي نيري رنگ ۾ پنکڙين سان گلن جي چٽسالي ٿيل آهي. ان ڪان مٿي وڏي ونگ آهي، جنهن ۾ سفيد ۽ هلڪي نيري رنگ ۾ پن ول جي چٽسالي آهي. ونگن جي تري جي هيٺان قرآني آيتن جي سفيد لکت آهي، جيڪا چوڌاري ڦري اچي ٿي، ان جو تـَرُ گهاٽو نيرو آهي.

قبو، جيڪو ڪنڊاون محرابن تي بيٺل هو، سو ڊاٽي ڪري ڊهي چڪو آهي. ٻاهرئين پاسي کان ڊيڊي اناس صورت اٿس. ڪنڊن وارن محرابن کي اندرئين پاسي کان ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. پاسي جي منڊپن وارا قبا ننڍا آهن، جيڪي ڪنڊاون محرابن تي بيٺل آهن ۽ سنڌن ڊيڊيون گول آهن. اولهہ ڪان هڪ آرائشي محراب آهي، روشني ۽ هوا لاءِ بہ ڳِتو اٿس. وچ واري منڊپ ۾ اڏيل محراب وٽ پٿر جو اڪريل هڪ سونهارو منبر آهي.

## نتيجو

هتي ڪن چونديل جڳهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ته جيئن ان دور ۾ نون اڏاوتي فني لاڙن ڪي چٽو ڪيو وڃي. ان دور ۾ سر جي نموني ته نئون روپ ڌاريو، پر ڪاشيءَ جي سر ۾ آرائش جو هڪ نئون طريقو به پيش ٿيو. ڪاشيءَ جي سر جو تعلق هرات سان آهي، ان جي شڪل ۽ تعمير جي طرز، اڻ سڌي نموني ايران سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري انهن جڳهن ۽ مغل دور جي تاريخي جڳهن ۾ گهٽي هڪجهڙائي آهي. فرق رڳو اهو آهي، ته مغلن جون اڏاوتون ڳاڙهي پٿر يا سنگ مرمر جون ٺهيل هيون. انهيءَ دور جي ڪيترين سنجٽي طرزن جو ايران تان نقل ڪيو ويو آهي. پر هتان جي اڏاوتي فني طرز جو لاڳاپو تيموري فڪر سان آهي، اهو هڪ ڳڏيل سرچشمو آهي، جتان مغلن به فائدو ورتو. جيتوڻيڪ مغلن ٺٽي ۾ پنهنجي حڪمراني قائم رکي، پر اڏاوتي فن پوءِ به ترخانن وارو قائم ۽ دائم رهيو. هتي اهڙن سڀني تاريخي يادگارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سمورين اڏاوتن ۾ سنڌي طرز جي سر واري مُهر لڳل آهي.



تصوير 132 - الف - دبگير مسجد جي چوڏاري موجوده دور جي تعمير ڪيل پٽ.



پليٽ 63 - ٺٽي جي جامع مسجد، جيڪا دهلي جي شهنشاهه شاهه جهان جي حڪم سان تيار ڪئي وئي هئي. مسجد جي سامهون باغيچو آهي، جنهن لاءِ ٽي لنگهه آهن. هي ٻئي موجوده دور جو واڌارو آهن. سامهون ڦوهارو، پاڻيءَ جي ڪسيءِ راهدارين سان بيد مشڪ جا وڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن اڏاوت جو لاڳاپو 1054هه / 1644ع-1057هه / 1647ع سان آهي.



پليٽ 64 - مسجد جو اوڀاريون ٻاهريون پاسو، جنهن ۾ ٽي ونگاوان لنگهه آهن، جن مان وچيون وڏو آهي. اتان گذري قبي واري مندپ ڏانهن وڃي سگهجي ٿو. پر اهو پاسو هاٿي ڪاٺ جا در هڻي بند ڪيو ويو آهي. سامهون پوئين دور جي هڪ قبر آهي. هر هڪ لنگهه جي پاسي ۾ دريون آهن جن ۾ گِرل (gril) لڳل آهي. هنن سيني ۾ موجوده دور جون چمڪدار ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن.



پليٽ 65 - جامع مسجد جي مکيه دروازي جو اندريون پاسو، جنهن ۾ ڪاٺ جا در لڳل آهن. بنيادن ڪان وٺي وچ واري حصي تائين پٽين تي مينا ڪاري جو ڪم ڏسڻ جهڙو آهي. هن ننڍي قسم جي قبي اندر ۽ هيٺئين پاسي گڏيل وچڙيل ونگن ۾ محرابيءَ جي چٽسائيءَ ۾ موجوده دور جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن.



پليٽ 66 - جامع مسجد جي مڪيہ لنگھ جي ٻنهين پاسي قبائين اڏاوت هيٺان ڪمري واري ڇت ۾ ڪاشيءَ جي سرن جي ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ گڏيل وچڙيل پيچيده قسم جون ونگون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صفا مٿي وچ تي سورج مُکي گل جو چٽ آهي. منظر مان ائين لڳي رهيو آهي ڄڻ آڪاس ۾ تارا ٽم ٽم ڪري رهيا هجن.



پليٽ 67 - جامع مسجد جي ٻئي قبي جي ڪمري جي ڇت، جنهن ۾ موجوده دور جي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. هتي معلوم ٿيندو، تہ پراڻي دور جي چٽسالِيءَ کي ورجايو ويو آهي.ان ڪان سواءِ وچ واري حصي کي اڃين ليڪن سان سجايو ويو آهي.



پليٽ 68 - جامع مسجد اندر واري آڳنڌ جنهن ۾ اولهه اتر ۽ ڏکڻ پاسي وارين ايوانن جي مهاڙين جي چٽسالي ڏسجي رهي آهي. هتان کان اولهه ۾ اوچو مقصوره ڏسجي رهيو آهي. تنهنڪري مسجد جي محراب وارو مکيہ مرڪزي قبو اوٽ ۾ اچي ويو آهي ۽ نظر ڪونہ ٿو اچي.



پليٽ 69 - جامع مسجد جي اندرئين اترئين ايوان جي مهاڙي، جتي ونگايون اڏاوتون ۽ اتر وارو قبائون مرڪزي لنگهہ نظر اچي ٿو. جنهن ۾ سونهن ۽ سنجٽ لاءِ ڪاشيءَ جون سرون ۽ ونگن جي هيٺئين ۽ اندرئين پاسي پٿر جا ڍگها ٽڪر ڪتب آندا ويا آهن. وچ تي گچ سان ٺهيل اچي قبر نندي ماپ جي پلويڙي ڪان متي چٽي نظر اچي ٿي، جنهن جي هيٺان بين جي مقابلي ۾ وڏي ونگ ڏسجي ٿي.



پليٽ 70 - مسجد جي اترئين حصي، ٽنين وسيلي جدا ڪيل پاسي ڪان بيهي جيڪڏهن نهاربو، ته ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل هڪ منظر ڏسڻ لاءِ پڪل ڳاڙهين سرن جي ونگن جو سلسلو نظر ايندو.



پليٽ 71 - محراب جي اولهه پاسي واري مهاڙي، جنهن ۾ ڪاشيءَ جي سر جي استعمال جو ڏانءُ ۽ ڏات جو سدا بهار نظارو موجود آهي، اڌ قبي جهڙي محراب اندر سفيد رنگ جي ليپي جي تر تي Talac tite جو ڪم ٿيل آهي. پٺئين پاسي ڄڙڪين واري دري ڏسجي ٿي.



پليٽ 72 - محراب جي ڪنڊ ۾ هڪ محرابيءَ اندر ڪاشي جي سرن جا خانا ٺاهيا ويا آهن. جيڪي بنيادن ڪان وٺي محرابيءَ جي وچ تائين آهن. اندرئين مٿي پاسي بہ ونگون ٺاهيون ويون آهن.

# باب ڇهون

## مغل دور جا تاريخي يادگار

**تعارف :**

**مرزا** جاني بيگ کان پوءِ ٺٽو، مغل شاهيءَ ۾ شامل ٿي ويو. آخري ترخان حڪمران، شهنشاهه اڪبر آڏو سن 1001ھ مطابق 1593ع تي پيش ٿيو. مرزا جاني بيگ ۽ سندس پٽ مرزا غازي پوءِ بہ ٺٽي جا گورنر رهندا آيا ۽ نائبن معرفت پنهنجو اختيار ۽ اقتدار هلائيندا رهيا. مرزا غازي بيگ جي وفات 1021ھ مطابق 1612ع ۾ ٿي. سندس وفات کان پوءِ دهليءَ دربار طرفان ٻيا گورنر 1 مقرر ٿيندا رهيا، جن جو تعداد سٺيهہ آهي. سندن وچور هيٺينءَ ريت آهي:

| | |
|---|---|
| 1. مرزا رستم پٽ سلطان حسين مرزا | 1021 ھ / 1612ع |
| 2. مرزا مصطفيٰ خان | 1025ھ/1616ع |
| 3. مرزا بايزيد بخاري | 1028 ھ/1619ع |
| 4. نواب شريف الملڪ عرف شريف خان (ان وقت باغي شهزادو خُرم پهتو هو) | 1035ھ/ 1626ع |
| 5. مرزا عيسيٰ خان پٽ مرزا جان بابا | 1037 ھ- 1627ع/ 1038 ھ - 1628ع |
| 6. نواب امير خان، مير ابوالبقا | 1038 ھ/ 1628ع |
| 7. نواب مظفر خان جهانگيري عرف مير عبدالرزاق معموري | |
| 8. سيد ابراهيم خان پٽ سيد بايزيد بخاري (نمبر 3) | |
| 9. نواب مغل خان | 1057 ھ/ 1647ع |
| 10. نواب ظفر خان (اصلي امير سپهر شڪوه پٽ دارا شڪوه هُئو | 1063 ھ/ 1653ع |
| 11. نواب قباد خان | 1069 ھ/ 1659ع |
| 12. نواب لشڪر خان | 1071ھ/ 1660ع |
| 13. نواب غضنفر خان | 1075 ھ/ 1664ع |
| 14. نواب سيد عزت خان عرف عزت پير | 1078 ھ - 1667ع / 1080 ھ- 1669ع |
| | ۽ وري 1084 ھ / 1673ع - 1090 ھ / 1679ع |
| 15. نواب ابو نصرت خان | 1080ھ/1669ع، 1082ھ / 1671ع ۽ وري 1101ھ / 1690ع - 1103ھ / 1691ع |
| 16. نواب سعادت خان | 1082 ھ/ 1671ع - 1084 ھ/ 1673ع |
| 17. نواب خانزاد خان | 1090 ھ/ 1679ع |
| 18. نواب سردار خان | 1095 ھ/ 1684ع |
| 19. نواب مريد خان | 1099 ھ/ 1688ع |
| 20. نواب زبردست خان (ساڳي سال سندس وفات ٿي) | 1101 ھ/ 1689ع |
| 21. نواب حفظ الله خان | 1103 ھ/ 1691ع |
| 22. نواب سعيد خان عرف خانزاد خان | 1113 ھ/ 1701ع |
| 23. مير امين الدين خان حسين | 1114 ھ/ 1702ع |

| | |
|---|---|
| 24. نواب يوسف خان ترمذي | 1115 ھ / 1703ع |
| 25. نواب احمد يار خان | 1116 ھ / 1704ع |
| 26. نواب سعيد خان عرف خان | 1119ھ / 1707ع - 1121 ھ / 1709ع ۽ وري 1125 ھ / 1713ع - 1125 ھ / 1713ع |
| 27. نواب مُـهيم خان | 1121ھ/1709ع / 1123ھ / 1711ع ۽ وري 1123ھ / 1711ع - 1124ھ/1712ع |
| 28. نواب شڪور خان (هن ساڳي سال وفات ڪئي) | 1123 ھ / 1711ع |
| 29. نواب خواجہ محمد خليل خان | 1124 ھ / 1712ع - 1124 ھ / 1712ع |
| 30. مير لطف علي خان (شجاعت خان) | 1125 ھ / 1713ع |
| 31. نواب اعظم خان بن صالح | 1128 ھ / 1716ع |
| 32. نواب مهابت خان پٽ منيم خان | 1132 ھ / 1719ع |
| 33. سلطان محمود خان پٽ مهابت خان | 1135 ھ / 1722ع |
| 34. نواب سيف الله خان | 1137 ھ / 1724ع |
| 35. نواب دلير خان | 1143 ھ / 1730ع |
| 36. نواب همت دلير خان پٽ نواب دلير خان | 1145 ھ / 1732ع |
| 37. نواب صادق علي خان پٽ نواب سيف الله خان | 1149 ھ / 1736ع - 1150 ھ / 1737ع |

آخري مغل گورنر پنهنجي ضابطي واري علائقي مان ڍل اوڳاڙيءَ جو انتظام سنڀالي ڪونہ سگهيو ۽ پنهنجا اختيار خدايار خان عرف ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ڪري ڇڏيا.

## مغل دور جون عمارتون

مغل حڪمرانيءَ جي ڊگهي عرصي دوران ٺٽي ۾ ڪيتريون ئي جايون تعمير ٿيون ۽ مڪلي ٽڪريءَ تي مقبرا پڻ جُڙيا. انهن مان ڪن جو احوال آخري بن بابن ۾ اچي چڪو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي اڏاوتي طرز انهن پراڻين عمارتن جهڙي هئي. انهن عمارتن ۾ جان بابا جو مقبرو يا طغرل بيگ جي ڇٽي ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان II جي رانڪ اچي وڃن ٿا، جيڪي ان دور جي اڏاوت سان لاڳاپو رکن ٿا. سرن جي عمارتن مان، مرزا جاني بيگ، ديوان شرفا خان ۽ مرزا باقي بيگ ازبڪ جا مقبرا مغل دور جي اڏاوت سان لاڳاپو رکن ٿا. مڪلي ٽڪريءَ تي انهن کان سواءِ بيا بہ ان دور سان لاڳاپيل سادن قبن سان مقبرا ۽ مسجدون موجود آهن. اهڙي هڪ عمارت ڇهين نمبر مغل گورنر نواب امير خان جو مقبرو آهي، جنهن تي 1628ع جي تاريخ لڳل آهي. مقبري سان گڏ چوڏاري اولي جي اڏاوت ٿيل آهي. عمارت ۾ چوديواري پڪين سرن مان جوڙيل آهي، جنهن مٿان ڪاشيءَ جي سرن جو گهٽو استعمال ڪيو ويو آهي. شيخ جيئي جي مقبري جي اتر - اولهہ ڏس تي هڪ غير روايتي اڏاوت ميران شاهہ جو مقبرو ۽ ان جي مسجد آهي. عمارت سرن جي نهيل آهي، جنهن مٿان گچ جو ليپو آيل آهي. ان جو نمونو هن ريت آهي. اولهہ ڏانهن مسجد، ان جي لڳو لڳ اوڀر پاسي اڱڻ، جيڪو قبرن سان ڀريو پيو آهي. چوڪنڊي نموني جي ان مسجد جي ڇت جي تجر ڇئن پاڳن ۾ نهيل آهي، مٿانئس نهيل بہ نيلون پڇي پيون آهن. ان مسجد جي اڏاوت ۾ آرائش جي فقط هڪ شيءِ آهي، جيڪا تہ اولهہ پاسي واري محراب جي هرهڪ پاسي کان جافريءَ تي دري نهيل آهي. هيءَ طرز بنگال جي اڏاوتي سنجتي نموني ٿوري ٻئي قسم جي آهي. موجوده مثال ۾ اسان بنگال جيان اولي ڪي گولاين ۾ ڪونہ ٿا ڏسون. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو، تہ هن مسجد جي تعمير بنگال جي تعمير تان ورتل نہ آهي. اها پوئين مغل دور جي ڪنهن تجر جو نمونو هوندي.

## خضري مسجد

ان مسجد جي عمارت شاهي بازار[2] ٺٽي ۾ موجود آهي، جيڪا سرن جي اڏيل ۽ ڪاشيءَ جي سرن سان سينگاريل آهي. محراب تي موجود لڪت موجب هيءَ مسجد نواب عبدالرزاق مظفر خان[3] 1022ھ مطابق 1613ع ۾ گورنر ٿيڻ کان اڳ

۾ تعمير ڪرائي هئي. مسجد پنهنجي سٺاءَ ۾ هم چورس آهي ۽ ان جي هر پاسي جي ماپ 53 فوٽ آهي. چوڌاري اُوچي پٽ جو چوديواريءَ جو وانگاڙو آيل اٿس. آڏو واري اڱڻ جي اوپر - ڏکڻ واريءَ ڪُنڊ کان ونگ تي ننڍي ڳلانڊي هئي، جيڪا بازار ڏانهن کُلي ٿي، مکيہ ہُنيي کان اولهہ پاسي تي ونگن سان ٻاريون آهن. جن کي ڪاشيءَ سان سينگاريو ويو آهي. آرائش ۾ ٽي رنگ ڪتب آندا ويا آهن: گهاٽو نيرو، هلڪو نيرو ۽ سفيد. ڪنارين تي پنَ ول جو گـڏوچڙ چٽُ آهي ۽ نيري ڏوريءَ کي لڙهيءَ وانگر استعمال ڪيو ويو آهي. مرڪز ۾ اپين قطارن جي صورت ۾ مانڊاٽي نموني وارو چٽ ڪتب آندو ويو آهي. اندر واريون مانڊاٽيون سفيد، هلڪي نيري ۽ گهاٽي نيري رنگ جون آهن.

مسجد کي اوپر ڏسا کان اٽاهين مهاڙي آهي. وچون حصو پاسن کان وڏيڪ مٿي وڌيل آهي ۽ ان ڪري منڊپ تي اڏيل ٽي قبا ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. مٿي اٽاهين هُريءَ هيٺان ونگن سان ٺي ٺيا آهن. وچون، پاسن وارن ٻنهين کان وڏو آهي ۽ هر هڪ ونگ مستطيل اڏاوت جي هيٺان آهي. ونگن جي هيٺين پاسي تي ڦڪي پٿر جا وٿين تي ڇهه ٿنيا آهن. وچين ونگ جي نُڪرن تي ڪاشيءَ جي آرائش ٿيل آهي ۽ هيٺان وٿيءَ تي ٻہ ٿنيا لڳل آهن. نُڪرن جي سنجڻ خاص سنڌي نموني تي آهي. هلڪي نيري رنگ جي تـرَ تي، سفيد رنگ ۾ گل ٻوٽي جي طرز جي چٽسالي ڪئي ويئي آهي، جيڪا آڪڙي چٽ جي چوڌاري ڦري ٿي اچي، جڏهن تہ خاڪو سفيد رنگ ۾ ۽ پرائي نيري رنگ جي ٿيل آهي. نماز واري جڳهہ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. وچ وارو ڀاڱو وڏو آهي. ۽اسن واريون ونگون اتر ۽ ڏکڻ طرف آهن. پاسن وارا ننڍا ڪمرا بہ هم چورس آهن. جن مٿان اڌ قبا يا ننڍا قبا يا قبيون تجر جيان اوپر کان اولهہ ڏسا ڏانهن نهيل آهن تہ جن سان ڪمرو ننڍو ۽ هم چورس بنجي پوي ٿو. وچئين هم چورس ڪمري کي، ڪُنڊن تي چڪون ۽ لڏڪٽا هٽي اَٽ - ڪندو بنايو ويو آهي. وڌيڪ چڪون هٽي ان کي اجا بہ گول دائري جي شڪل ۾ آندو ويو آهي، تہ جيئن قبي جي اڏاوت لاءِ بنياد بڻجي سگهي. اهڙيءَ ريت اٺ ڪندي ڊيڊيءَ جي مٿئين پاسي تي قبو تعمير ڪيو ويو آهي. وچ وارو محراب اڌ اَٽ - ڪندو آهي. ان جي ڇت وٽ ماڪيءَ جي ماناري جهڙي چٽسالي آهي. ان جي خاص خوبي اها آهي، تہ درين ۾ هوا اچڻ واسطي ٽي منگهہ جوڙيا ويا آهن. ساڳيءَ ريت پاسن وارن منڊپن ۾ ناهيل محرابن ۾ هڪ هڪ هوائي منگهہ لڳل آهي. هتي جي عمارتن ۾ سنڌي قسم جي هوائي منگهن يا درين رکڻ جي گنجائش رکي ويندي هئي. گهڻو گهميل هوائن وارن علائقن ۾ هيءَ ڳالهہ ضروري هوندي آهي. نماز واري منڊپ ۾ ونگن جي هيٺئين پاسي تي وٿيون رکي ٿنيا هنيا ويا آهن. بنيادن تي ڪيل ڪاشيءَ جي سنجڻ ختم ٿي چڪي آهي. البت مٿئين پاسي تي ڪاشيءَ جي چٽساليءَ جا ڪجهہ نمونا بچيل آهن. ان علائقي ۾ اهڙي قسم جي مسجد، مغل دور جي هڪ اهم ۽ خاص اڏاوت آهي.

## پير پٺي جي پرسان محمد بن قاسم مسجد

هيءَ مسجد، سنڌ جي هن عرب فاتح جي نالي پنيان سڏي ويندي آهي. اها پير پٺي جي سامهون مٿاهينءَ تي اڏيل آهي. مٿس ڪابہ تاريخ لکيل ڪانہ آهي. پر ان جي نموني مان معلوم ائين ٿئي ٿو، تہ سترهين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ۾ تعمير ٿيل آهي. حقيقت اها آهي، تہ اهي بہ مسجدون آهن (نمبر 133) سنڌن اڱڻ بہ ڇڳو ويڪرو آهي. ماپ اولهہ ۽ اوپر 180 فوٽ، اتر ۽ ڏکڻ 162 فوٽ اٿس ۽ مسجد اولاهين پاسي تي واقع آهي. ٻنهي مسجدن مان هڪ بلڪل وچ تي ناهيل ۽ ٻي ڏاکڻي مسجد کي گهڻو پوءِ ان ۾ شامل ڪيل ٿو ڀانئجي. موجوده دور ۾ ٻنهي جي گڏيل مهاڙي اهڙو ڪو سنئو تاثر نٿي ڏئي، تہ ٻئي مسجدون هڪ ئي وقت جڙي راس ٿيون هونديون. پر انهن جا اڏاوتي ڳُڻ بلڪل الڳ قسم جا آهن. اترينءَ مسجد واريءَ مهاڙيءَ کي ونگن سان ٺي ٺيا آهن، جن مان وچ وارو پاسن وارن ٻنهين کان وڏو آهي ۽ ان جي مٿان هڪ اٽاهين ونگ جوڙيل آهي. ان وچئين ونگ جي هر پاسي تي ونگ سان هڪ ٻاري آهي. ان کان ساڄي پاسي تي هڪ ٻئي جي مٿان بہ وڌيڪ ٻاريون آهن. ڏکڻ پاسي واريءَ مسجد کي بہ ونگن سان ٺي ٺيا آهن. هر هڪ ونگ جي مٿان چوڪندي شڪل جي اڏاوت آهي. ان مهاڙيءَ تي ڪي بہ خانن واريون ٻاريون رکيل ڪين آهن. ساڳيءَ ريت ڏاکڻي مسجد جي ٽنهي قبن کي اناس نموني جون ڊيڊيون آهن. ٻنهي مسجدين جو اندريون پاسو خضري مسجد جي اندرئين پاسي جيان آهي، يعني، هر هڪ



تصوير 133 – محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد، جنهن ۾ ٽن قبن واريون ٻه جڳهون شامل آهن. ڏاکڻ ٻنهي مسجدن جي وچ واري حصي ۾ تعمير ڪئي وئي آهي. قبن جي چوڏاري پٽي ڏسجي ٿي. لنگهه ونگ سان آهي، جتان گذري چوديواريءَ اندر پهچي سگهجي ٿو. اها اڏاوت سترهين صدي عيسويءَ جي آخري دور جي آهي.



تصوير 134 – محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد جو پٺيون پاسو، جنهن ۾ محراب واري ٻاهر ڏانهن نڪتل اڏاوت ۾ ونگن سان دريون آهن.



تصوير 135 - محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد جي چوديواريءَ جي اتر - اوڀر پاسي تعمير ڪيل منارو، جيڪو گول ۽ ٻن منزلن تي ٻڌل آهي. صفا مٿان قبي جهڙي شڪل اٿس. هيءَ اڏاوت سترهين صدي عيسويءَ جي پوئين حصي سان لاڳاپيل آهي.



تصوير 136 - محمد بن قاسم جي نالي منسوب مسجد جي مناري ۾ ڪاٺ جون ٻاهر نڪتل جهلون، جي آذار تي جهروڪو بيهاريو ويو آهي. قوي امڪان آهي، تہ ڇاڻايل جهروڪو آذان ڏيڻ لاءِ ڪتب ايندو هجي!

کي ٿي منڊپ آهن. وچيون منڊپ پاسن وارن کان وڏو آهي. اترين مسجد جي ڊيڊيءَ ۾ قبي واسطي، ڪنڊن ۾ محراب جوڙيل آهن. پر ڏاکڻيءَ مسجد ۾ قبي جوڙڻ لاءِ چڪون رکيون ويون آهن. اڳين مسجد جي اولهه واري محراب ۾ خانن واريون ٻاريون جوڙيل آهن، پر پوئين مسجد جو محراب سادو آهي. ٻئي مسجدون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. جتي پاڻ ۾ ملن ٿيون ان جاءِ تي مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ ٺاهي وئي آهي. ٻنهي مسجدن جا محراب پٺين پاسي کان پوئتي نڪتل آهن (نمبر 134)

اڳڻ جي اڏو هڪ پاسي تي اندر اچڻ لاءِ ونگ سان پوئين دور جي ٺهيل هڪ ڀلاڊي آهي. اتر - اوڀر واريءَ ڪنڊ تي، نو ڪانجهو (مٿي سوڙهو ٿيندو ويندڙ) منارو آهي (نمبر 135) جيڪو سرن ۽ گچ سان جوڙيو ويو آهي. مٿي وڃڻ لاءِ پهرئين طبقي تائين ان ۾ اندران ڏاڪڻ جوڙيل آهي ۽ ان کان پوءِ ٻئي طبقي تي پهچڻ لاءِ ٻاهران ڏاڪڻ ٺاهي وئي آهي. پيڙهه وٽ مناري کي سرن ۽ گچ سان هسي جوڙي وئي آهي. ٻئي طبقي تي لِـتَـلَ اولي جي هيٺان گول ڏنڊڙي هٽي ان کي سينگاريو ويو آهي. مٿان چوٽيءَ تي نوڪدار قُـبي ٺهيل آهي، جنهن جي مٿان سادي نيل جو تاج رکيل آهي. مسجد جي اندرئين پاسي بہ ونگ سان ٺهيو آهي. ٺهيي جي بلڪل مٿان ڪاٺ جو جهروڪو لڳل هو، جنهن کي ڪاٺ جي گهوڙين (نمبر 136) جي مدد سان بيهاريو ويو هو. انهن ڪاٺ جي گهوڙين مان هڪ اڃا بہ بچيل آهي. ان جي هيٺان ٺهيون چڪون هنيل آهن. پاسن تي گل بوٽي جي اُڪير واري چٽسالي ٿيل آهي ۽ مٿس ڏوريءَ جي لڙهي جي طرز واري چٽسالي بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻئي طبقي تي روشنيءَ ۽ هوا جي گذر لاءِ دريون رکيل آهن. پهرئينءَ ماڙ تان ٻي ماڙ تي وڃڻ لاءِ ونگ سان لنگهه آهي. جهروڪي جو منهن مسجد ڏانهن آهي. معلوم ٿئي ٿو، تہ ان مناري کي بانگ ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو هوندو. مڪلي ٽڪريءَ تي ڪنهن مٿانهين هنڌ تي ان مناري جي اڏاوت، (جنهن جي هيٺان هڪ وسندي هجي ۽ اها سڪي ويل درياءَ جي ڪناري تي بہ هجي، ) ڏسي محسوس اهو ٿئي ٿو، تہ ان مناري تي چڙهي پهريداريءَ جو ڪم بہ ورتو ويندو هو. مناري جو هيٺيون گهيرو 72 فوٽ ۽ اوچائي 50 فوٽ آهي. نموني ۾ سکر واري مير معصوم شاهہ جي مناري جهڙو[4] آهي، جنهن جي اڏاوت جي شروعات 1003هہ مطابق 1594ع ۾ ڪئي وئي هئي ۽ سن 1027هہ مطابق 1618ع ۾ جڙي راس ٿيو.

## امير محمد خان جي مسجد

مير علي شير قانع[5] جي بيان مطابق هيءَ مسجد، پائي خان محلي ۾، عبدالغني ۽ ملڪ مان جي چوڪ جي وچ تي نواب امير محمد خان جوڙائي هئي. مصنف جي قول مطابق اها اصلي هندن جي پنچائت جي جڳهہ هئي. مسجد جي ٻاهران لڪت موجب،[6] مسجد 1039هہ مطابق 1629ع ۾ جڙي راس ٿي. هيءَ هڪ قبي تي ٻڌل اڏاوت آهي. ٻاهرين ماپ 23 فوٽ 6 انچ ۽ اندرين ماپ 16 فوٽ 3 انچ اٿس. اها سناءَ ۾ هم چورس آهي. لنگهہ اوڀر کان اٿس. ٻاهريون پاسو ڳنل ۽ پوريءَ ماپ تي ڪٽيل ڳاڙهين سرن مان جوڙيو ويو آهي ۽ سنڌن کي نيري ڪاشيءَ سان پريو ويو آهي. سامهون واري مهاڙيءَ ۾ ٽي چوڪنڊيون بيهڪون (Frames) آهن. جن مان پاسي وارين کان وچئين وڏي آهي. انهن سيني ۾ ڪاشيءَ جون ٻاريون سينگاريل هيون، جيڪي هاڻي تباهہ ٿي چڪيون آهن. ٻہ پاسي تي بہ عربي لکتون اڃا بچيل آهن. اتاهين وچين اڏاوت جي اُوچيءَ ونگ جي هيٺان واري لنگهہ ۾ پٿر جو چوڪانو آهي، جنهن جي ٻانهين تي اُڪير سان چٽسالي ڪئي وئي آهي. سردر جي مٿان ونگ جي ونگڙ ۾ هيري - ڪڻ جي آڏين جي طرز واري چٽن جي قطار چٽيل آهي. مسجد جون پٺيون مٿي سنهيون ٿينديون ٿيون وڃن. اولي کان ٿورو هيٺان هلڪي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جي ڏنڊڙي لڳل آهي، قبو اُڀڪرو آهي (پليٽ 62) جيڪو نماز پڙهڻ واري ڪمري کي ڍڪي ٿو. ڊيڊي گول دائري واري آهي. آرائش لاءِ هلڪي نيري ڪاشيءَ جي سر جو عام واهپو ڪيو ويو آهي. ڊيڊي ۽ قبي جي اوسر واري بنيادن جي وچ تي پٿر جا بار هنيا ويا آهن. ڊيڊيءَ تي هيٺئين آرائشي قطار گلدستن تي ٻڌل آهي، جيڪي گهاٽي نيري رنگ ۾ آهن ۽ تہ سفيد اٿن. ان کان مٿينءَ قطار ۾، جيڪا ڪجهہ موڪري آهي، انگريزي T اکر جي طرز تي چٽ اُڪيريل آهي، ڏاکڻ جي نموني تي، رنگ گهاٽو نيرو، تہ رُ سفيد اٿس، جيڪا واري وٽيءَ تي هيٺ مٿي چٽيل آهي. ان کان مٿان هڪ ڳنڍوڄڙ نموني جي طرز واري چٽسالي ڪيل آهي، جنهن ۾ ليڪون هڪ ٻئي کي ڪپين ٿيون. ليڪون سفيد رنگ جون ۽ تہ نيري رنگ جو آهي. اندريون پاسو، ڪنهن

پوئين دور ۾ پيڙهه وارن بارن تائين پراءِ وجهي مٿي ڪيو ويو آهي. جڏهن پوين پيل پراءِ ٿورو هٽايو ويو، تہ هيٺان بارين واري سنجڻ ظاهر ٿي پيئي. بارين واري آرائشي طرز بلڪل نرالي آهي. ان ڇٽسالي ۾ گلن سان جهنجهيل بوٽا، ميوات جا ٿانو ۽ گلدستا ڏيکاريا ويا آهن. اهڙي قسم وارا ڇٽساليءَ جا طرز دهليءَ ۽ آگري جي مغل عمارتن تان ورتل آهن. ڇئن ڪنڊن تي نهيل محرابن کان پوءِ هم چورس ڪمرو اناس ۾ بدلجي وڃي ٿو. مٿي محرابن تائين يا محرابن کان وٺي ڇت تائين سنجڻ اڃا سلامت آهي. مٿي ڇت تي ڏاڳن جي اُٽت جهڙي طرز جي ڇٽسالي آهي ۽ چوٽيءَ تي گل جي تصوير اُڪيريل آهي. هيءَ مغل طرز جي يادگار عمارت، ٺٽي اندر پنهنجي نوعيت جي پهرين عمارت آهي.

## ٺٽي جي جامع مسجد

هيءَ جامع مسجد شهنشاهہ شاهجهان جي حڪم تي جوڙائي ويئي هئي. ان تي ڪيترين ئي فارسي لڪتون موجود[7] آهن، جن مان سندس اڏاوت جي وچور ۽ بعد ۾ مرمت جو پتو پوي ٿو. سڀ کان پهرينءَ لڪت مان ان مسجد جي بنيادن جي تاريخ 1644ع/1054هہ جي سُڌ ملي ٿي. مسجد جي پوري ٿيڻ جي تاريخ 1647ع/1057هہ بيءَ لڪت ۾ ملي ٿي. مسجد جي فرشبندي 1657ع/1068هہ ۾ ٿي. پهرين مرمت سن 1104 هہ مطابق 1692ع ۾ شهنشاهہ اورنگزيب جي زماني ۾ ٿي هئي ۽ ٻيو ڀيرو 1227هہ مطابق 1812ع ۾ مير مراد علي خان ٽالپر جي زماني ۾ ٿي. انگريزن جي دور ۾ ٻہ ڀيرا مرمت ٿي هئي. هڪ ڀيرو سن 1855ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو سن 1894ع ۾. آخري ڀيرو مرمت هلندڙ صدي جي سٺين ڏهاڪي ۾ اوقاف کاتي جي طرفان ٿي. اها مرمت ساري سنياليِ ڪئي ويئي. چوڌاري جيڪو ڪِنُ ڪچرو پيل هو، سو ٻہ ٻاهر پري ڦٽو ڪرايو ويو. آسپاس صحيح نموني سان صفائي ڪرائي اوپر پاسي کان باغ ۾ واڌارو ڪيو ويو. چوڌاري پِٽِ جو وانگاڙو ڏئي ٺن ونگن سان ٺي ٻِڪلاڻديون اڃ وڃ لاءِ پڻ تعمير ڪرايون ويون هيون، جيڪي باغ ڏانهن کليل آهن.

### مسجد ۽ باغ جو نقشو

باغ واريون ونگن سان ٺي ٻِڪلاڻديون، مسجد جي اوپر واري مکيہ دروازي ۽ محراب جي بلڪل سِڌ ۽ سنوت ۾ آهن. نئين باغ واريون ٻِڪلاڻديون (پليٽ 63) مغل طرز تي جوڙيل آهن، جنهن ۾ چوڪُنڊي اڏاوت اندر ونگون جوڙيون ويون آهن. وچئين ونگ وڏي آهي ۽ ان جي مٿين اڏاوت ٻہ پاسن وارين ونگن کان اتانهين آهي. هرهڪ ڇيڙي تي هڪ هم چورس وڏيل اڏاوت آهي، جنهن ۾ هڪ ٻئي جي مٿان ٻن خانن واريون ٻاريون آهن. پٽ سرن جي ڪور ۽ ڪنل ڳاڙهين سرن مان جوڙي ويئي آهي ۽ سنڌن کي سفيد گچ سان پريو ويو آهي. ونگن جون نُڪرون ۽ ونگن مٿان چوڪندي خانن جون ٻاريون پراڻين مسجدن جي طرزن تان ورتل آهن. ڪوشش اها ڪئي ويئي آهي، تہ مسجد جي سامهون چار باغ (پليٽ 64) جي طرز تي باغ بڻايو وڃي، پر ان جو پورو نقل ٿي ڪونہ سگهيو آهي ۽ فوهارن کي پاٽيءَ جي ڪسين جي وچ ۾ نصب ڪيو ويو آهي. چارن جي ٻنهي پاسن تي سرو جا وڻ هنيا ويا آهن. وچئين وڏيءَ ونگ منجهان مسجد جو نظارو ڏاڍو پلو ٿو لڳي.

موجوده مسجد جي زمين (خاڪو 10) جي بيهڪ اڳوٽيءَ ٺٽي جي جامع مسجد واري نقشي کان بلڪل نياري آهي. اسان ان مسجد کي هتي پهريون ڀيرو جامع مسجد واري شڪل ۾ ڏسون ٿا، جنهن کي هڪ چوڪندو وچ وارو اڱڻ، (جنهن جي چوڌاري چبر وغيره لڳل آهي) مُيسر آهي. اولهہ وارو پاسو نماز لاءِ آهي. اوپر پاسي مکيہ لنگهہ آهن، اتر ۽ ڏکڻ ۾ ٻہ وچ تي لنگهہ آهن ۽ پاسن کان مٿان ڍڪيل رستا آهن، جيڪي نماز پڙهڻ واري مندپ ڏانهن وٺي وڃن ٿا. سامهون واري اڱڻ جي ماپ 164 فوٽ x 97 فوٽ آهي ۽ سڄيءَ مسجد جي ماپ 305 فوٽ x 170 فوٽ آهي. ڏکڻ پاسو اولهہ ۽ اوپر پاسي آهي. اوپر ۽ اولهہ وارن ڏکڻ پاسن جي کري هيءَ مسجد، آگري، دهليءَ ۽ لاهور جي مغلن جي مسجدن کان ماڳهين الڳ ۽ هڪ نياري حيثيت رکي ٿي. ٻيو واضح فرق اهو بہ آهي، تہ ٻين مسجدن وانگر ان مسجد جي ڪنڊ ۾ ڪٿي بہ منارو اڏيل نہ آهي. ان مسجد جي عمارت کي مکيہ وڏو قبو آهي، جنهن کي پيش - طاق واري چوڪُنڊي ڍڪي ڇڏيو آهي، پر ان جي پيٽ ۾ ٻين کي ٺي وينوڙا هڪ جيڏا قبا آهن، جيڪي نماز واري مندپ کي ڇانئي ٿا ٻيهن ۽ اڱڻ مان انهن جو چڱيءَ پر نظارو ڪري سگهجي ٿو. اهي اتانهان پيش - طاق، ترخان دور ۾ ڏاڍا مشهور ۽ معروف هئا ۽ اهي تيموري تعمير. (خاص طور



خاڪو 10. شاهجهاني مسجد جو نقشو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ واسطي چوڏسائن ۾ قبا ٺهيل آهن. وضو سارڻ لاءِ پاڻيءَ جو تلاءُ اوڀر پاسي موجود آهي. هن مسجد جي تعمير جو تعلق 1644ع ۽ 1647ع جي وچ واري عرصي سان آهي.



خاڪو 11. شاهجهاني مسجد جي مُهاڙ جو نقشو، جنهن ۾ رکيل چوڪندين ٻارين ۾ ڪاشيءَ جون چمڪندڙ سرون ڪتب آندل آهن. ان ڪان سواءِ گڏيل قسم جي ونگن جي تعمير ۽ قبن جي اندرئين پاسي ستارن جهڙي خوبصورت چٽسالي ٿيل آهي.

سمرقند) جي طرز سان واسطو رکن ٿا. ٺٽي جي اڏاوتي طرز مغلن جي تعمير جي طرز بجاءِ سڌو سمرقند تان ورتل آهي. اها ڳالهه اسان کي تڏهن سمجهه ۾ ايندي، جڏهن اسان کي ياد ايندو، ته اهڙي قسم جي جهان آرا مسجد تن ڏينهن آگري ۾ به اڏائي وئي هئي. فتح پور سيڪريءَ واري جامع مسجد البت ٻئي قسم جي آهي. پر ٺٽي ۾ مکيه فرق قبن هيٺان ايوانن جو آهي. اولهه ڏانهن محراب جي هر پاسي تي ٽي پاڳا آهن، باقي اتر، اولهه ۽ ڏکڻ وارن پاس تي ٻه ٻه پاڳا آهن. هر هڪ پاڳو هڪ لانيري قبي سان ڍڪيل آهي. مسجد جا ٺلهن سان ڇانيل پاسا ۽ قبايون ڇِتيون اهڙي طريقي سان بنايون ويون آهن، جو جيڪڏهن مسجد جي وچئين محراب مان ٻانگ ڏني ويندي، ته مسجد جي هر هڪ پاڳي ۾ هڪ جيتري ٻڌي ويندي. وچ واري محراب جي بلڪل آمهون سامهون اوڀر ڏانهن لنگهه آهي، جنهن جي مٿان هڪ يادگار قبو ناهيل آهي. ان لنگهه جي اندرئين پاسي مٿي وچ لاءِ ڦيريدار ڏاکڻ آهي. ان کان اڃا به اوڀر پاسي هڪ ٻي غير معمولي اڏاوت آهي. اها هڪ دروازي جي واڌو اڏاوت آهي، جنهن جي وچ تي وڏي ۽ اتاهين ونگ جڙيل آهي ۽ هر هڪ پاسي تي ننڍي ونگ سان لنگهه آهي. اهو اضافي لنگهه مسجد جي هر چورس اڳڻ ڏانهن وني ٿو وڃي، جنهن جي وچ تي وضو ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو تلاءُ آهي. عام طور تي وضو ڪرڻ جو انتظام اڳڻ جي وچ تي ڪيو ويندو آهي. پر هتي وضو واري تلاءُ کي اوير پاسي ڏانهن رکيو ويو آهي، شايد اهو هتان جي آبهوا کي نظر ۾ رکي ڪيو ويو آهي.

**سامهون وارو حصو**

اولهه ۽ اوير وارو حصو (خاڪو 11) جيڪو محراب جي سامهون آهي، مختلف قسم جي ڪور ۽ چٽساليءَ جي نمونن سان ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سينگاريو ويو آهي. اوير پاسي کان بنايل اوچو پيش - طاق يا مقصوره ڍيڍيءَ کان ايترو ته مٿي آهي جو قبو نظر ڪونه ٿو اچي. ان جي اندرئين پاسي کي نيري ڪاشيءَ سان پٽا پٽي ٻڌايو ويو آهي، جيڪو چوڪُنڊي ٻاري تائين هليو ٿو وڃي، ۽ جنهن کي نوڪدار يا سِينڊ ونگن وارن درين کان الڳ رکيو ويو آهي. اهي دريون ونگ واري لنگهه ۾ هڪ ٻئي مٿان ناهيل آهن. بنيادن وارن هيٺين ٻارن تي هرونگ جي ڇيڙي تي ٿوريءَ وٿيءَ سان هڪ پائو آهي ۽ مختلف مهاڙين تي ليٽيل سنوت واري رخ تي ٻاريون آهن. ان کان پوءِ وچ تي هڪ منڊپ ٿو اچي، ان کان پوءِ تمام خوبصورت محراب واري قبي اندر پهچجي ٿو. ان کان پوءِ ونگ سان هڪ لنگهه کان گذري پنيون پاسو اولاهين مسجد جي ٺلهن واري پاسي ڏانهن اچجي ٿو. وچ واري ونگ تي جوڙيل گذرگاهه چوڪُنڊي اڏاوت جي هيٺان آهي. ان جي پاسي ۾ ننڍي مستطيل اڏاوت هيٺان ونگ ۾ خانن واريون ٻاريون ناهيل آهن. انهن اڏاوتن تي مٿي، قرآني آيتون لکيل آهن. ڪنڊن وارن محرابن جي سنوت ۾ونگن سان جارين جو سلسلو آهي، جيڪو چورس ڪمري کي اناس ۾ بدلائي ٿو ڇڏي. ان کان پوءِ گڏيل وچڙيل ونگن جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. هيءُ اهو نمونو آهي جيڪو اسان مڪلي ٽڪريءَ جي يادگارن ۾ اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون. جنهن ۾ اناس کي گول دائري جي شڪل ۾ آڻي مٿان قبو تعمير ڪيو ويو آهي، ۽ جنهن مٿان ڪنول جي شڪل تي نيل جوڙي ويئي. ساڳيءَ ريت اوير واري ونگ واري لنگهه جي مٿان به قُبـِـي نهيل آهي، جيڪا ونگ سان نهيل هڪ جاءِ ڏانهن رهبري ڪري ٿي ۽ اهو رستو اڃا به اڳتي قبائين ڪمري ڏانهن وڃي ٿو. جتان کان اهو رستو ساڄي ۽ کاٻي وڃي وضوءَ واري تلاءُ تي ڪُڇي ٿو. پر اهو لنگهه اڄ ڪلهه بند آهي. ٿورو اڳتي اڃا به هڪڙي ٻي قبائين ڪوٺي آهي، جيڪا اوير پاسي واري پهرئين ٺلهن واري پاسي ڏانهن رهنمائي ڪري ٿي. اوير پاسي واري ڇيڙي تي اتر - اوير واري سامهون پاسي جي هر ڇيڙي تي ننڍي قبائين اڏاوت ڏيکارجي ٿي. اڳڻ ۾ موجود وضوءَ جي تلاءُ کان هتي پهچڻ لاءِ ونگ سان هڪ لنگهه ناهيل آهي. محراب جي ڪوٺيءَ جو نمونو گڏيل وچڙيل ونگن ۽ مقصوره ڪانسواءِ مغل تعمير جي طرز تان ورتل آهي. گڏيل وچڙيل ونگن جي طرز هڪ ته قبي جي اڏاوت ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي، ٻيو ته اها خوبصورتيءَ ۾ تمام گهڻي واڌ آڻي ٿي.



تصوير 137 - شاهجهان مسجد جي هڪ قبي جي ڇت، جنهن جي چوڌاري ستارا چمڪندي ڏيکاريا ويا آهن. هن منظر مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ وچ تي هڪ گول نشان آهي، اهو گول نشان سج جو آهي.

## اوڀر پاسي جي مهاڙي

اوڀر پاسي جو نظارو (پليٽ 64) شمشاد ۽ اُپين ڪجين (Botlle Palm) جي وڻن ڪري ورهائجي ويو آهي. وچ تي عام لنگهہ ٺهيل آهي، جنهن ۾ ٽي جدا نمونن جو چوڪنڊي طرز جون اڏاوتون آهن. وچئين اڏاوت پاسي وارين ڪان اتاهين آهي. هر هڪ مٿان قُبي ۽ هيٺان ونگدار لنگهہ آهي. وچ وارو ونگدار لنگهہ جديد دور جي ڪاٺ جي در سان بند ڪيو ويو آهي. ان دروازي ڪان اوڀر ڏانهن هڪ قبر آهي. سمجهہ ۾ اچي ٿو، تہ ڪنهن معمار اُستاد رازي جي آهي. انگريز هاٿي مسجد ڏانهن اچ وڃ بہ نندين لنگهن وسيلي ٿئي ٿي. اتر ۽ اوڀر وارن پاسن ڪان اولي واريءَ پٽ جي اوچائي اچا بہ ڪجهہ نندي آهي ۽ پاسي تي ٽن ونگن سان جاريون آهن. جن مان هر هڪ ۾ پڃرو هنيو ويو آهي. سڄي مهاڙيءَ ۾ نواڻ آندي وئي آهي ۽ پراڻي طرز وارن پراڻن رنگن جو نقل ڪيوويو آهي. وچئين لنگهہ جي اڏاوت ۾، موجوده دور ۾، ڳاڙهيءَ سرڪي سفيد گچ سان اوساريو ويو آهي ۽ ونگن جي سنوت ۾ ڪارنس تي نيري رنگ جون پٽيون هنيون ويون آهن. ڪاشيءَ جو ڪم رڳو ونگن جي نُڪرن ۾ يا انهن جي مٿان ليٽيل سنوت واري طرز جي چٽساليءَ ۾ نظر اچي ٿو. سمجهہ ۾ اچي ٿو، تہ اهو اصلي تعمير ۾ موجود ڪونہ هو. بي حالت ۾ سرن جي سنڌن کي چمڪدار گچ سان پريو ويجي ها، جيئن اسان دبگير مسجد، مرزا جاني بيگ جي مقبري ۽ ديوان شرفا خان جي مقبري ۾ ڏسون ٿا. وچئين وڏي چوڪُنڊي اڏاوت جي هرهڪ پاسي تي جافريءَ سان نندي نيري رنگ جي دري ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا زمين جي سطح جي حساب سان ڪُجهہ هيٺ تي آهي. ليٽيل سنوت واري لَڙهہ ۾ چوڪُنڊي ڪناري آهي، جيڪا ٻنهي ڇيڙن وٽ ڪور جي نموني تي ختم ٿي وڃي ٿي. ان جي وچ ۾ سفيد ڏاڪڻ نما چوُرسن ۾ نيرا ستارا آهن. لهواريون پوروچوٽيون ٽي قطارون، جن ۾ اڻ ڇنا ڦڪا ۽ هلڪا نيرا ٽبڪا ۽ طرزون چٽيل آهن. ونگ جي مٿان آڪڙي قسم جو گل ۽ پن ول جي طرز آهي. سيني ۾ گهاٽو ڪارو نيرو ۽ سفيد رنگ استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيون وٽيون عشق - پيچان ۽ ٻين ولين سان پريون ويون آهن، جن جو رنگ هلڪو نيرو ۽ تَر سفيد آهي. هيٺيان ونگن وارا لنگهہ ساڳيءَ قسم جي سنجڻ سان سينگاريل آهن. پر وچ واري ڀاڱي ۾ گهاٽن رنگن واري طرز واري چترڪاري آهي. پاسن واري لنگهن ۾ ساڳي سنجڻ ورجايل آهي. وچئين اتاهين اڏاوت جي پٺئين پاسي گچ سان لنبيل سفيد قبو آهي، جنهن جي مٿان ڪنول جي گل جهڙي نيل چڙهيل آهي. ڪاٺ جو دروازو ليٽيل سنوت وارين پارين ۾ وندبيل آهي، جن ۾ مختلف چٽساليءَ جون طرزون اُڪيريل آهن.

### وضوءَ جو تلاءُ

حقيقت ۾ پاڻيءَ جو تلاءُ نئين نموني سان نهرايو ويو آهي، جنهن ۾ نڙن (Pipes) رستي پاڻي پهچي ٿو. تلاءَ جي چوڌاري ويهڻ لاءِ ڏِکيون جوڙيون ويون آهن، جيئن وضو ساري سگهجي. هيءَ هم چورس جڳهه، چوڌاري بند ڪئي ويئي آهي. ان جي اولهه کان چار قبيون آهن. اتر ۽ ڏکڻ پاسن کان ٻہ ٻہ قبيون آهن. اوير ڏِسا کان ٽي دريون آهن. اڳ ۾ اصل کان ڏکڻ واري پاسي کان قبائين ڪونيءَ ۾ اچي سگهبو هو، پر هاڻي اهو رستو بند ڪيو ويو آهي. هاڻي انهن قبين ۾ ونگن وارن لنگهن مان داخل ٿبو آهي، جنهن جي نُڪرن تي بي انتها خوبصورت چٽسالي ٿيل آهي، جن ۾ نيري، سفيد ۽ واڱڻائي ڪاشي ڪتب آندي وئي آهي. ڪناريءَ تي ڪارنس وٽ نيري رنگ جون سرون ڪتب آنديون ويون آهن. هرهڪ ونگ مٿان چوَڪندي اڏاوت نظر ايندي، جن ۾ ڳاڙهي رنگ جي سر جو گهٽو استعمال ڏسبو.

### لنگهہ واري قبائين ڪوني

اوير پاسي مکيہ لنگهہ جي پنئين پاسي وچ تي قبيءَ سان هڪ ڪوني جي اڏاوت نظر ايندي (پليٽ 66)، جنهن تائين رسڻ لاءِ هڪ چوَڪندي مندپ مان لنگهي اچڻو پوي ٿو، جنهن جي ٽئن پاسن کان در ڇڏيل آهي. مندپ جي پيٽ ۾ هيٺئين پاسي چوڌاري ڪاشيءَ جون ٽي پوروچوٽ قطارون آهن، جيڪي ٻارين جي صورت ۾ نظر اينديون. انهن ٻارين جي بلڪل وچ تي واڱڻائي رنگ جي هڪ آڪڙي طرز چٽيل آهي، جنهن جي چوڌاري هلڪي نيري رنگ جي پـَنَ وَلِ ڦري اچي ٿي. انهن ٻارين مٿان پٽ تي هلڪي ۽ گهاٽي رنگ جي واري وٽيءَ سان سنجٽ ٿيل آهي. ان طرز واري لنگهہ مٿان جوڙيل ونگ جي ونگڙ ۾ ٻاهر جهڙي چٽسالي ڪئي ويئي آهي. ان کان سواءِ اتر ۽ اوير پاسي جي ونگن وارين جارين ۾ بہ ساڳي نموني جي چٽسالي نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ مٿي واريون ڪناريون اچن ٿيون، جن جي مٿاڇري تي ڳاڙهين سرن جون وچڙيل طرز جون ونگون جوڙيون ويون آهن ۽ وٽين تي نيري رنگ جي ڪاشيءَ جون سرون ڪتب آندل آهن. اهي ونگون پر واري مندپ جي قبي ناهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. قبي جي اندرئين پاسي چوٽيءَ تي گل جي تصوير آهي. باقي رهيل وٽيءَ ۾ نيري ۽ سفيد رنگ جا چمڪندڙ ستارا آهن ۽ تـَرُ واڱڻائي آهي. ان قبيءَ تي ٿيل ڪم ائين لڳي ٿو، تہ ڄڻ اهو ڪاشيءَ جي سر سان واسطو ئي ڪونہ ٿو رکي، حقيقت ۾ چمڪندڙ شيشن جي ٽڪرن جي پيوندڪاري ڪئي ويئي آهي. ان لنگهہ مٿان جوڙيل قبي ۽ ان جي پاسن واريون پٽيون ونگن تي بيٺل آهن. قبي جي ڇت ۾ نيري، سفيد ۽ ڦڪي ڪاشيءَ جي سر جو استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان ۾ سورج مکيءَ جي گل جي چوڌاري گول دائرن جي طرز واري چترڪاري ٿيل آهي. اهي گول دائرا گلن سان بنايا ويا آهن، جن جون پنکڙيون ڪليل آهن، جيڪي چمڪندڙ سفيد ستارن جي شڪل ۾ آهن، تہ انهن جو نيري آسماني رنگ ۾ آهي. شايد انهيءَ جي ڪري سڄو ڏيک ستارن ڀريل نيري آسمان جهڙو لڳندو آهي (پليٽ 66). هن ۾ چمڪندڙ سفيد ونگون بہ آهن، جن ۾ ستارا چِٽيل آهن. ڪنڊن وارن محرابن تي مختلف ورنن جي چٽسالي ٿيل آهي. ان جي مقابلي ۾ هڪ ٻي ڇت (پليٽ 67) آهي، جنهن جي ڇِڪُنِ تي ماکيءَ - ڇَتَنِ تـي سفيد ليڪون نڪتل آهن ۽ مٿان ڳَڌيل وچڙيل ونگن تي، ڦِڪي تـَرَ تي گهاٽي نيري ۽ سفيد رنگ ۾ گل چٽيل آهن. مٿينءَ ڇت تي وچينءَ طرز جي چوڌاري چمڪندڙ ستارن جا گول دائرا آهن. ان جي وچ مرڪز ۾ وَريل ليڪون آهن، جنهن جي چوڌاري پاسن تي ڪيترا گول دائرا آهن، جيڪي اڌ گولن ۾ ختم ٿين ٿا. اڌ گولن جا رنگ ڦڪا ۽ ٽـڪندن جا رنگ نيرا آهن. ڦڪن اڌ گولن ۾ سفيد رنگ ڀريو ويو آهي. ڇت جو ڏيک مختلف قسمن جي سنجٽ وارو آهي، پر چمڪندڙ قبي جو بنيادي تصور ساڳيو آهي.

### مسجد جي نلهن وارا پاسا

